More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالغفور پرگڙي

زندگي جو سفر

رومي، شاهه ۽ اقبال



پیر رومی را رفیق راه ساز
تا خدا بخشد ترا سوز و گداز
اقبال

پير رومي کي توهان پنهنجي رستي جو رهبر بڻايو
ته جيئن الله تعاليٰ اوهان کي سوز ۽ گداز عطا ڪري

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

زندگي جو سفر

رومي، شاهہ ۽ اقبال

طالب، قصر، سُونهن سر، ايءَ رُوميءَ جي رهاڻ:
ڦِريائين وجائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پريَنءَ کي.

شاهہ

نہ اٹھا پھر کوئی رومی عجم کے لالہ زاروں سے
وہی ہے آب و گلِ ساقی وہی تبریز ہے ساقی

اقبال

عبدالغفور پرڳڙي

سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

© عبدالغفور ڀرڳڙي
مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم آهن.
پهرين ڪراچي يونيورسٽي ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر“ ايڊيشن 2000
ٻي تصحيح شده ايڊيشن 2008
لي آئوٽ، ڊيزائن، فائنل ايڊيٽنگ ۽ تصحيح عبدالماجد ڀرڳڙي ”ڪتابت ٽائپسيٽنگ“
Website: www.bhurgri.com
Email: majidbhurgri@gmail.com
ڪتاب جي مضمون لاءِ MB Khursheed ٽائپ فيس استعمال ڪيو ويو آهي.
ISBN 969-8447-09-6

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

انتساب

بسم الله الرحمن الرحيم

هي ڪتاب پنهنجي عالي مرتبت استاد
مرحوم پروفيسر ڊاڪٽر هادي حسن صاحب
(مسلم يونيورسٽي عليگڙهه)
جي خدمت ۾ هڪ نذرانو آهي:
اهو استادِ مڪرم جنهن جي پيرن ۾
ويهي سورن جون سٽون پڙهيم.
استاد اهي جن پاڙهيو ٿي،
جن درس محبت ڪاڙهيو ٿي،
جن سورن ساڻ سيڪاريو ٿي،
سٽون سورن جون سمجهائي ويا.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

فهرست

انساب i

حقائق جي نقاب ڪشائي: ٻئي ڇاپي جو ديباچو v

احوال واقعي: پهرين ڇاپي جو ديباچو viii

1. مؤلاءِ روم 1

2. شاهه عبداللطيف ڀٽائي 29

3. علامه ڊاڪٽر محمد اقبال 57

4. رومي، شاهه ۽ اقبال جو لاڳاپو 85

5. تصوف جو اصل 100

6. انسان ۽ عشق 119

7. عشق رسول ﷺ 157

8. تصوف جو بنياد ۽ ڪي صوفي 178

9. وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود 214

10. توڪل ۽ تقدير 259

11. سماع، رقص ۽ شاعري 283

12. مردِ خدا ۽ رياڪار رهبر 293

13. وطن، وطنيت ۽ قوميت 314

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حقائق جي نقاب ڪشائي:

ٻئي ڇاپي جو ديباچو

درحقيقت تصوف جو سرچشمو قرآن پاڪ، حديث ۽ حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جي پاڪ زندگي آهن، ۽ مسلمان بزرگن ۽ اولياءالله ڪي ئي صوفي سڏيو ويندو آهي، تاهم ان جي حيثيت هن وقت بين الاقوامي تي چڪي آهي. انساني مسئلا، جيڪي هزارين سال پراڻا آهن، تن ڪي فلسفي جي ذريعي ڪو وڏي ۾ وڏو فلاسفر به حل ڪري نه سگهيو آهي. پوءِ به هن حقيقت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ته تصوف جي موضوع تي لکندڙ سيد عبدالقادر جيلاني، ابن العربي، امام غزالي، مؤلانا رومي، جنيد بغدادي ۽ ٻيا ڪيترا مسلمان ٻي بدل عالم ۽ اولياءِ الله تي گذريا آهن، جن جو نقطئه نظر نه تنگ آهي ۽ نه محض فقهي، ۽ هنن جون عالمانه ۽ فاضلانه تحريرون روحاني خواه ديني معاملن تي ڪافي روشني وجهن ٿيون. عام طور تي اهو چيو ٿو وڃي ته دنيا ۾ مادَي پرستي (Materialism) غالب آهي پوءِ به ڪروڙن انسانن روحانيت ڪي نه وساريو آهي. هو ان تلاش ۾ آهن ته انسان ڪيئن پيدا ٿيو؟ هن جي پيدائش جو مقصد ڇا آهي؟ مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيڻو آهي؟ هيءَ ڪائنات، جيڪا هڪ وڏي ترتيب ۽ طريقي سان هلي رهي آهي، ڇا اها پنهنجي ليکي هلي رهي آهي، يا ان جو ڪو هلائيندڙ به آهي؟ ماضي قريب ۾ مرحوم اڪبر الله آبادي چئي ويو هو:

مشرق کو ہے ذوق روحانی　　مغرب میں ہے میل جسمانی
کہا منصور نے خدا ہوں میں　　ڈارون بولے کہ بوزنہ ہوں میں
ہنس کے کہنے لگے میرے اک دوست　　فکرِ ہر کس بقدرِ ہمت اوست

اڪبر مزاحيه هجڻ سان گڏ گهري معنىٰ وارو شعر به سولي ۽ سهڻي طريقي سان ادا ڪندو هيو. پر هاڻي ڏسون ٿا ته مغرب به ذوق روحاني کان وانجهيل ڪونه آهي. مون آمريڪا جي ڪيترن وڏن ڪتاب گهرن ۾ ڏٺو ته اتي تصوف بابت ڪافي ڪتاب مون ڪي نظر آيا ۽ اندازو ٿيم ته اتان جو پڙهيل طبقو تصوف کان گهڻي ڀاڱي متاثر آهي ۽ روحانيت لاءِ اڃايل آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مون کي خاص طور تي مثنوي ۽ مؤلانا رومي بابت ڪيتريون تصنيفون نظر آيون. مثال طور مؤلاءِ روم جي ضخيم ۽ عالمانہ مثنوي، جيڪا 12 سالن ۾ لکي وئي، تنهن جو انگريزي ترجمون جيڪو قابل پروفيسر نڪلسن ڪيو آهي. موصوف ٻيا ڪيترا ڪتاب بہ تصوف تي لکيا آهن. مغرب جي علم ۽ دانش جي حلقن ۾ اها مڃيل حقيقت آهي تہ اڄ ڪلهہ مغرب ۾ جنهن شاعر جو سيني ڪان وڏيڪ مطالعو ڪيو ٿو وڃي سو ڪو مغرب جو شاعر نہ بلڪہ مؤلاناءِ روم آهي. سندن شاعري جا مختلف انگريزي ترجما اتان جي ڪتاب گهرن ۾ اڪثر توهان کي سجايل نظر ايندا.

محترمہ ائني ميري شميل جرمنيءَ جائي هوندي بہ مؤلانا رومي ڪان علاوه شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ علامہ محمد اقبال جي تعليمات بابت ڪافي لکيو آهي. پروفيسر نڪلسن علامہ اقبال جي "اسرار خودي" ۽ "رموز بيخودي" جو بہ ترجمو انگريزي ۾ ڪيو آهي. اهڙي طرح ابن العربي، امام غزالي ۽ ٻين صوفياءِ ڪرام جي ڪتابن جو بہ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. في الحقيقت ان طريقي سان اسلام جو ڦهلاءُ مغرب ۾ ٿي رهيو آهي.

عظيم صوفي شاعرن مؤلاءِ روم، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ علامہ محمد اقبال جي شاعريءَ ۾ تصوف بابت مون ساڳي تعليم ڏٺي آهي ۽ ان بابت پنهنجي ڄاڻ مطابق "زندگي جو سفر" لکيو اٿم. اهو ڪتاب مون پنهنجي پياري دوست مرحوم علي احمد بروهي جي حوالي ڪيو تہ هو ڇپرائي، ڇاڪاڻ تہ هو ڪراچيءَ ۾ رهندو هو ۽ پاڻ بہ سنڌي علم و ادب جو وڏو ڄاڻو هو ۽ انگريزي زبان تي بہ خاصو عبور هيس. اهو ڪتاب هن هڪ پريس جي حوالي ڪيو. منهنجو فرزند عبدالماجد، جيڪو تڏهن انڪم ٽئڪس کاتي ۾ آفيسر هو ۽ ڪراچي ۾ مقرر هو، تنهن مون کي فون ڪئي تہ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي وارن جي بيحد خواهش آهي تہ هيءُ ڪتاب هو "شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر" پاران ڇپرائن. مون چيو تہ ڀل ڇپرائين مگر چڱي طريقي سان. مون ڪتاب جي ڇپائي لاءِ اڳواٽ ڏنل پنج هزار رپيہ بہ واپس ڪونہ ورتا. ڪتاب ڇپجڻ بعد جڏهن ان جي ڪاپي مون ڏانهن موڪلي وئي تہ منهنجا پگهر نڪري ويا. مون ڏٺو تہ ان ۾ بيشمار غلطيون هيون. منهنجي لکيل مسودي ۾ عربي ۽ فارسي جون عبارتون ۽ شعر بہ هئا جن جي ڪتابت ۾ تہ ٻي انداز ڇُڪون هيون ئي، پر سنڌي زبان سان ٽيل جُٽ ۾ بہ ڪا گهٽتائي نہ هئي. مون اختياري وارن جو ڌيان ان ڏانهن ڇڪايو، هنن ڪجهہ تصحيح بہ ڪرائي، مگر اڪثر غلطيون پوءِ بہ قائم رهيون جنهن لاءِ مون کي ڏاڍو افسوس آهي. اهو يونيورسٽي وارن لکايو آهي تہ ڇپائي جا حق ۽ واسطا وٽن آهن پر اهو صحيح نہ آهي. مون حق ۽ واسطا ڪڏهن بہ سندن حوالي نہ ڪيا هئا، ڪين فقط ڪتاب ڇپرائڻ جي اجازت ڏني هئي.

سوچيم تہ ڪتاب ٻيهر ڇپرائجي جو درست صورت ۾ هجي. پتو نہ آهي تہ زندگي ڪيتري آهي، ڪتاب غلط صورت ۾ نہ رهي. دوستن جو بہ اهو ئي اصرار رهيو تہ ڪتاب نئين سر ڇپرايو.

مون وٽ ايترو وقت ڪونہ هو جو ان ۾ درستيون ڪري سگهان. محترم پروفيسر محمديوسف شيخ پرنسپال ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مهرباني ڪري ان کي نظر مان ڪڍيو جنهن لاءِ مان سندس شڪرگذار آهيان.

ڪتاب جي فائينل پروف ريڊنگ، مڪمل ٽائيپ سيٽنگ ۽ لي آؤٽ جو ذمو منهنجي فرزند عبدالماجد ڪنيو جنهن پنهنجي سنڌي ڪمپيوٽنگ جي علم ۽ تجربي کي استعمال ڪندي ان ۾ درستيون

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري، سنواري، سهيڙي هن روپ ۾ آندو. هن جي ڪوشش ڪان بنان هي ڪتاب هن روپ ۾ اڄ توهان جي هٿن ۾ نہ هجي ها. منهنجون ڪيس دعائون آهن.

ڇمار ۽ مصروفيتن جي تقاضا اها هئي تہ هن ڪتاب جي ڇپائي جي ڪم جي سنڀال جيڪڏهن آءٌ پاڻ نہ ٿو ڪري سگهان تہ اهڙي چاڻو ماڻهوءَ جي حوالي ڪيان، جيڪو هر لحاظ ڪان منهنجي قلمي پورهيي جي قدرداني بہ ڪري ۽ انهي ڪم ۾ مون جيتري دلچسپي بہ وٺي. ان لاءِ مون نامور محقق ۽ دانشور ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ کي گذارش ڪئي ۽ هن صاحب علم دوستيءَ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو جنهن لاءِ مان سندس بيحد ٿورائتو آهيان.

سنڌي زبان ۾ ٿورا ڪي ڪتاب ان موضوع بابت آهن ۽ هن ڪتاب ۾ بہ تصوف جي تفصيل ۾ ڪونہ ويو آهيان. ڪنهن حد تائين تصوف بابت مؤلاءِ روم، شاهہ ڀٽائي ۽ علامہ اقبال جي نقطئہ نظر تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ممڪن آهي پڙهندڙن کي ڪتاب ۾ ڪي ڳالهيون ۽ شعر بار بار ورجايل نظر اچن. ان جو هڪ سبب تہ اهو آهي ڪي شعر يا واقعا هڪ ڪان وڌيڪ موضوعن سان لاڳاپيل آهن تنهنڪري انهن جو ورجائڻ ناگزير هو. ٻيو، تہ هي ڪو درسي ڪتاب يا تحقيقاتي مقالو نہ آهي، بلڪ مصنف جي پڙهندڙن سان دوستانہ ماحول ۾ هڪ قسم جي ڪچهري آهي جنهن ۾ مون توهان سان پنهنجون سوچون، پنهنجو مطالعو ۽ پنهنجو تجربو ونڊيو آهي جنهن ۾ اهڙي طرح جو ورجائڻ بہ هڪ فطري انداز آهي.

جيڪڏهن مون ڪان ڪي غلطيون سرزد ٿيون هجن، ۽ يقيناً ٿيون هونديون، تہ پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ اهي نظرانداز ڪندا. هن آفاقي ۽ اهم انساني موضوع بابت جيڪڏهن مون ڪان ڪي لغزشون ٿيون آهن تہ مؤلا ڪريم معاف فرمائيندو. توهان مهربان پڙهندڙن کي گذارش ڪرڻ لاءِ مان حضرت حافظ شيرازيؒ جي لافاني شعر جو سهارو وٺندس.

بپوش گر بخطائے رسی و طعنہ مزن

کہ ہیچ نفسِ بشر خالی از خطا نبود

(منهنجا عيب ڏِسين تہ ڍڪجانءِ، طعنہ زني نہ ڪجانءِ:

ڇو تہ ڪو بہ انسان خطائن کان آجو نہ آهي.)

عبدالغفور پرڳڙي

جون 2008

پرڳڙي منزل، لاڙڪاڻہ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

احوال واقعي:

پھرين ڇاپي جو ديباچو

”زندگيءَ جو سفر“ هڪ اهم ۽ اٽانگو موضوع آهي جنهن سان انصاف ڪرڻ ايترو آسان نه آهي. گهٽي ذهني ڪشمڪش ۽ تامل بعد تصوف جي اهم موضوع تي قلم کنيم. نه صوفي آهيان، نه تصوف جي چاڻ بابت ڪا دعويٰ ڪري سگهان ٿو، نه صاحب علم و عمل آهيان ۽ نه ئي اديب يا اهل قلم. پر الله تو آهر ڇئي هن درياه ۾ گهڙيس، ﴿لَا تَقۡنَطُوا مِن رَّحۡمَةِ اللّٰهِ﴾ ڇئي هن اڻ ڏٺل سفر تي نڪري پيس.

ڪي تران ڪي تار، ڪي سگهان ڪي سگهه.

1944ع کان 1946ع تائين مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه ۾ آءٌ ايم اي ۽ ايل ايل بي جو شاگرد هوس. دوستن جي مشوري تي ايم اي لاءِ فارسي جي شعبي ۾ داخلا ورتم، ۽ اهو ان لاءِ ته فارسي جو پروفيسر ڊاڪٽر هادي حسن صاحب، متس الله پاڪ جون بيشمار رحمتون هجن، نه صرف فارسي جو انتهائي لائق ۽ فائق استاد هو، بلڪه انگريزي زبان جو فصيح ۽ بليغ مقرر، همه گير عالم، مشفق ۽ محبتي انسان به هو. اهڙو خوش اخلاق، خوش گفتار ۽ خوش پوشاڪ انسان وري ڏسڻ ۾ نه آيو. جڏهن ليڪچر ڏيندو هو ته وقت گذرڻ جو احساس ئي ڪونه ٿيندو هو ۽ دل ايئن چوندي هئي ته:

وہ کہیں اور سنا کرے کوئی

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي خون جگر سان شاگردن کي سٽون سورن جون سمجهايون. سندس قول ۽ ڪردار ۾ ماکي واري مِٺاڻ ۽ مُشڪِ خِتن واري خوشبو هئي. ايم اي ۾ اسان تي هڪ پيپر تصوف جو به هو، جنهن ۾ اسان تي عارف جلال الدين روميؒ ۽ محمود شبستريؒ جي اشعار جا ڪتاب نصاب ۾ رکيل هئا. اهڙي طرح علامه ڊاڪٽر محمد اقبال جا ڪتاب ”اسرار خودي“ ۽ ”رموز بيخودي“، جن جو اسلامي فڪر، فلسفي ۽ تصوف سان تعلق آهي، سي به اسان کي پڙهائا هئا. حقيقت اها آهي ته فارسي شاعري دنيا جي بهترين شاعري ليکي ٿي وڃي ۽ ان ۾ تصوف جا اٿملهه خزانا آهن. اهڙي طرح هن موضوع سان ابتدائي آشنائي ٿي. جيتوڻيڪ ان زماني کي اڌ صدي کان زياده عرصو ٿي چڪو آهي، پر جيڪا چٽنگ ان وقت چولي ۾ پئي سا اڄان تائين وساٽي ڪانهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ظاهري طرح سنڌ سان واسطو آهي، مگر سچ پڇو ته هو لائه صحرا ئي رهيو. هن جي شاعري جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ مان اسان ڪو واس نه ورتو. وڌ ۾ وڌ جيڪا خراج عقيدت هن عظيم صوفي شاعر ۽ مفڪر کي پيش ڪئي وئي، سا آهي سندس درگاهه تي دعائون گهرڻ، باس باسڻ، ڳائڻ وڄائڻ، ميلا مچائڻ ۽ سيمينار سجائڻ. جيڪڏهن سندس تعليم اسان جي نس نس ۾ سمايل هجي ها ۽ رڳ رڳ ۾ رچيل هجي ته يقيناً اسان ذهني ۽ فڪري پريشانين، باهمي جنگ جهيڙن ۽ بي اتفاقي، باطني خواه ظاهري بدحاليءَ جو شڪار نه هجون ها. پر سچ اهو آهي ته ڀٽائي گهوٽ سان اسان جي عقيدت رسمي ۽ زباني آهي ۽ نه حقيقي ۽ نه ئي وري روحاني. شاهه صاحب غلط نه فرمايو هو ته:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين؛

نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهه صاحب جو رسالو اسان جي اسڪولي ۽ ڪاليجي نصاب جو لازمي حصو هجڻ ڪپندو هو. ان جو گهرو مطالعو هر پڙهيل سنڌيءَ جو فرض آهي جيئن ته ان ۾ اسان لاءِ بهترين لائحه عمل آهي. بهرحال اسان جي بدبختي آهي جو اها صورت حال هلندي ٿي اچي جو اسان ان بي بها خزاني مان فائدو وٺي نه سگهيا آهيون. مگر نااُميد ٿيڻو ناهي. هڪ دفعو اميد جو دامن هٿان ڇٽو ته پوءِ زندهه رهڻ ناممڪن آهي. دير بيشڪ ٿي آهي پر وقت اڃان نه ويو آهي. اهو ضرور مڃبو ته شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين صاحبن ڪافي محنت ڪري چڱو چوکو لکيو آهي، مگر اهي انفرادي ڪوششون ناڪافي آهن. هن مقصد جي حصول لاءِ هڪ منظم، همه گير ۽ همه وقت جدوجهد جي ضرورت آهي.

جڏهن شاهه صاحب سان ئي اسان انصاف ڪري نه ٿا سگهون ته پوءِ عارف روميؒ ۽ علامه محمد اقبال جي ڪلام ۽ پيغام کي سمجهڻ جو سوال ئي ڪٿي ٿو پيدا ٿئي! البته انگريزن کان اڳ جڏهن فارسي زبان جو دؤر هو، تڏهين مدرسن ۽ مڪتبن ۾ مثنوي بابت ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻ هوندي هئي. مگر اهو دؤر به ڏيڍ صدي اڳ ختم ٿي چڪو آهي. شاهه صاحب ڪلهوڙا دؤر ۾ هو ۽ مٿس فارسي شاعرن، خصوصاً مؤلانا رومي، جو ڪافي اثر هو. علامه محمد اقبال جو ته مؤلانا رومي روحاني مرشد هو. ان لاڳاپي سبب ئي مون اها جرئت ڪئي ته هنن ٽنهي شاعرن جي فڪر ۽ خيالن بابت ڪجهه ڳالهيون قلمبند ڪريان. مون نه صرف هنن ٽن بزرگن بابت عرض رکيو آهي، مگر هن ڪتاب ۾ تصوف جي شروعات، علم ۽ ٻين صوفي بزرگن ۽ مصنفن بابت به ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، مگر موضوع ايترو ته وسيع ۽ محنت طلب آهي جو ان سان انصاف ڪرڻ ڪا سولي ۽ معمولي ڳالهه نه آهي ۽ اها منهنجي وس کان بهرحال ٻاهر آهي.

عمر پوري ٿي وئي، پورو نه هڪ ورق ٿيو.

ابتدا ۾ ئي اهو عرض ڪندو هلان ته تصوف ۽ Mysticism هم معنیٰ لفظ نه آهن. صوفي صرف مسلمانن تائين محدود آهن، ڇاڪاڻ ته تصوف جو بنياد اسلامي تعليمات جي روح تي آهي ۽ نه ان کان ٻاهر. جيتوڻيڪ صوفي عالم ۽ اولياءَ تعصب ۽ تنگ دلي کان بيزار رهيا آهن، پر اها سوچ به تصوف جي همه گيري ۽ محبت جو نتيجو آهي. اسلام کان ٻاهر ڪنهن کي به صوفي ڪونه ڪوٺيو ويندو آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

تصوف ٻڌائي ٿو ته انسان جي منزل رب تعالىٰ جي ذات پاڪ آهي جنهن جي لاءِ عشق جو اٿاٺو پنڌ ڪرڻو آهي ۽ نه دنيا دولت، ڪارخانن ۽ عياشين جو حصول. منزل لاءِ جدوجهد ئي زندگيءَ جو نالو آهي. تنهنڪري هن ڪتاب جو نالو ”زندگي جو سفر“ رکيو اٿم.

تصوف جو مطلب ۽ مقصد مختصر طور پيش ڪرڻ جي جرئت ڪندس، مگر ان جو مطلوب ۽ مقصود حاصل ڪرڻ ۽ ان جي روشني ۽ فيض وٺڻ صرف سچي صوفيءَ جو ئي مقدر آهن. تصوف تي جيڪي سٺا ڪتاب لکيل آهن، تن جي پڙهڻ سان ڪو صوفي ڪونه ٿو ٿئي، پر مقصد آهي ته دلين ۾ جيڪڏهن هڪ خلش، سوز ۽ گداز پيدا ٿي سگهي ته اها به وڏي ڪاميابي آهي. جڏهن دل ۾ عشق ۽ سوز پيدا ٿيندو، تڏهين تصوف جو رستو ڪلندو جيڪو رياضتن، ڪشف ۽ مشاهدن جي ذريعي منزل ڏانهن وڌندو ويندو ۽ ان ۾ ئي ڪاميابيءَ جو راز آهي.

سنڌي زبان ۾ هن موضوع تي ڪو به مڪمل ۽ مبسوط ڪتاب ڪونهي تنهنڪري مون چاهيو ته ان ڪميءَ کي ڪنهن حد تائين پورو ڪريان، جيتوڻيڪ پنهنجي ڪوتاهين ۽ ڪم علمي جو بخوبي احساس اٿم. هيءَ ابتدا منهنجي طرفان ٿي آهي، ڪهڙي خبر ته مون کان پوءِ اهل علم ۽ قلم هن موضوع تي لکن ۽ اهو خال پرين ۽ اهل وطن کي هڪ املهه ۽ قيمتي تحفو پيش ڪري، سنڌي علم و ادب ۾ اهم اضافو ڪن. اهو به عرض ڪندو هلان ته انگريزي ۽ اردو ۾ تصوف بابت ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. عارف رومي ۽ علامه اقبال متعلق به ڪتاب موجود آهن، مگر انهن ۾ شاه صاحب جو فڪر نظرانداز ڪيل آهي. تنهي مفڪرن ۽ شاعرن جي خيالات ۽ تعليمات کي هن ڪتاب ۾ ڪنهن حد تائين پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

مان نه اديب آهيان نه وري علم و ادب سان واسطو اٿم. البته اها چڻنگ جيڪا 1944ع کان چولي ۾ پئي سا اڃان پئي دکي. پر مان خود به سمجهڻ کان قاصر آهيان ته مون کي جرئت ڪيئن عطا ٿي جو اهڙي عالمانه، روحاني ۽ نازڪ موضوع تي قلم کڻان جيڪو سمنڊ کان وڌيڪ گهرو ۽ وسيع آهي، بلڪه ايئن چوڻ وڌيڪ درست ۽ موزون ٿيندو ته ان جي وسعت ۽ گهرائي لامحدود آهن ۽ آءٌ هڪ اٽارو آهيان. جڏهن ابو علي ابن سينا جهڙا حڪيم ۽ فلسفي، جيڪي صدين ۾ ورلي پيدا ٿيندا آهن، سي به روحانيت ۽ تصوف جي دنيا ۾ مجبور ۽ لاچار آهن، اتي منهنجي ڪهڙي حيثيت آهي؟ البته هڪڙي خلش رهي ٿي ته هر انسان جيڪڏهن دنيا جي جهيڙن جهميلن کان ٿورو پاسيرو ٿي، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ۽ ذهن تي زور ڏئي ته هو هڪ مسلسل آواز ۽ ڪشش ضرور محسوس ڪندو، جا ڪيس بي آرام ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندي. انهن ماڻهن جي ترجماني ڪندي حافظ شيرازيؒ خوب فرمايو آهي:

مرا در منزلِ جاناں چہ امن و عیش چوں ہر دم
جرس فریاد می دارد کہ بر بندید محملہا

(مون کي دلبر جي آستان ۾ به عيش ۽ آرام ڪونهي، ڇو جو هر ويل
گهنڊ وڄي يادگيري ٿو ڏيا ريم ته اٺ پلاڻيو جو ڪوچ جو وقت اچي ويو آهي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

منهنجو ڌنڌو وڪالت آهي، صبوح شام ان جي جهڳڙن ۽ پيچيدگين ۾ مصروف آهيان، تنهن ڪري ماحول به سازگار ڪونه هو ۽ وقت به گهڻو ڪونه پئي مليو. مگر شاباش هجي منهنجي دوست محمد بچل تنيي صاحب کي جو مون سان وڪالت ۾ به گڏ رهيو، ۽ جنهن مون کي ڪتاب لکڻ لاءِ همٿايو، آماده ڪيو ۽ مشورا ڏنا. محمد بچل، شاهه لطيف جو شيدائي آهي ۽ اڳ به شاهه سائين تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب Legacy of Bhitai لکيو اٿس. جيڪڏهن اها حوصله افزائي نه ٿئي ها ته شايد هن ڪم لاءِ همت به نه ٿئيم ها، تنهن ڪري تنيي صاحب جو تهه دل شڪرگذار آهيان.

هن ڪتاب جي ابتداء ۾ مؤلاءِ رومؒ، پٽ ڌڻي ۽ علامه اقبال جو مختصر احوال ڏنو اٿم، جيڪو تمام ضروري آهي. ان بعد مختلف مضمون آهن جيڪي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن، تنهن ڪري انهن سيني کي ترتيب وار پڙهڻ مناسب ٿيندو.

اميد اٿم ته منهنجي غلطين، ڪوتاهين ۽ لغزشن کي نظرانداز ڪندا، ڇو ته عارف روميؒ، شاهه صاحب ۽ علامه اقبال تي لکڻ سولو نه آهي ۽ هيءَ طبع آزمائي صرف ان ذات پاڪ جي آسري ۽ اعانت تي ڪئي اٿم، جنهن جي علم ۽ ڪرم جي حد آ نه حساب، هو ئي رهنمائي ڪرڻ وارو آهي. رب تعالىٰ جي ذات پاڪ، ان قادر مطلق ۽ وحدهٗ لا شريڪ لهٗ جو نالو وٺي، پنهنجي ڪمزور قلم کي جگر جي رت ۾ ٻوڙي، هيءُ ڪتاب لکيو اٿم، ۽ هميشه ان معلم الاهي، داعي رباني، مبشر ۽ منذر، رحمت اللعالمين ۽ محبوب رب العالمين، سرور ڪونين ۽ شافعِ محشرﷺ کي ياڏائيندو رهيو آهيان ته هو ئي مون اڻ ڄاڻ جي رهبري ڪرڻ فرمائي.

ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو؛
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم؛
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي.

شاهه

نيازڪيش

عبدالغفور پرڳڙي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

1

مؤلاءِ روم

مؤلانا رومي کي مؤلاءِ روم به ڪوٺيو ويندو آهي. سندس نالو جلال الدين ۽ والد جو نالو بهاؤُالدين ولد هو. مؤلانا رومي بلخ ۾ 1207ع ۾ ڄائو. سندس والد بزرگوار هڪ وڏو صاحبِ دل عالم هو. جڏهن رومي پنجن سالن جو هو ته والد صاحب بلخ مان لڏي سمرقند ويو، مگر وري واپس آيو. پر اتي جي عالمن سازش ڪري وقت جي بادشاهه علاؤالدين خوارزم جا ڪن ڀريا ۽ مؤلانا بهاؤُالدين خلاف ڀڙڪايائونس. حالتن کيس هڪ ڀيرو وري ترڪِ وطن لاءِ مجبور ڪيو ۽ هن جلال الدين سميت، بلخ کي هميشه لاءِ الوداع چئي، اچي ترڪي جي اتر اوڀر ۾ واقع شهر قونيه ۾ دائمي سڪونت اختيار ڪئي. ان وقت مؤلانا رومي جي عمر 12 سال هئي. علماءِ حق کي ڪڏهن علماءِ سُو آرام ڪرڻ ڏنو آهي جو مؤلانا بهاؤُالدين کي بلخ ۾ رهڻ ڏين ها. خاص ڪري جڏهن وقت جو بادشاهه علاؤالدين خوارزم هڪ خوشامد پسند ۽ ڪوتاه نظر حڪمران هو. بهرحال ان ۾ به قدرت طرفان ڪا چڱائي رکيل هئي جنهن جو ذڪر اڳتي هلي ايندو.

مؤلانا جو ديني علوم ۾ استاد سندس والد بزرگوار هو. بهاؤُالدين نه صرف هڪ عالم هيو پر پِير طريقت به هو جنهن جا هزارين مريد ۽ معتقد هئا. قونيه وارن سندس وڏو آدرڀاءُ ڪيو ۽ هو اتي سڪون ۽ عزت سان وقت گهارڻ لڳا.

چون ٿا ته مؤلانا رومي جسم ۾ سنهڙو ۽ ڪڻڪ رنگو هو. قد پورو پُنو هئس، مگر اکيون اندر تي اهڙي نموني سان پيهيل هئس جو جڻڪ ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هجن ۽ انهن ۾ اهڙي ته چمڪ هئي جو ڏانهس ڪو گهوري نهاري نه سگهندو هو. هو پروفيسرن يا وڏن عالمن وارو چوغو (Gown) ۽ ٽوپي پائيندو هو.

ڪردار

هو شروع کان ئي لاثاني ڪردار جو مالڪ هو. ساري عمر تعصب، تنگ دلي ۽ مناظرن کان پري رهيو چو ته مناظرن مان وقت وڃائڻ ۽ منافرت پيدا ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪجھ حاصل نه ٿيندو آهي. مؤلانا سراپا صبر ۽ تحمل هو. ڪنهن کي ڪڏهن به نه رنجايائين. بهاؤُالدين بيشڪ وڏو عالم هو مگر مؤلانا علم جي لحاظ کان پنهنجي والد کان گهڻو اڳتي وڌي ويو. سندس شهرت ۽ عزت ۾ وڏو اضافو اچي ويو. اسلامي علوم ۽ مسائل تي کيس گهرو عبور حاصل هو.

تعصب کان مڪمل طور تي آجو هو ۽ بي معنىٰ اختلافن ۾ اعتبار ڪونه هوس. طبيعت ۾ ڪاوڙ نالي ماتر به ڪونه هئس. چون ٿا ته هڪ دفعي ڪنهن گهري سوچ ۽ فڪر ۾ مستغرق هو ته هڪ نشيئي ٿاٻا کائيندو، لڙهڪندو اچي مؤلانا جي مٿان ڪريو. مؤلانا جا مريد ڪاوڙ مان اٿيا ته هن نشيئيءَ کي جوڳي سيکت ڏجي جنهن سندن پير ۽ مرشد جي فڪر ۾ رخنو وڌو هو ۽ گستاخي جو مرتڪب ٿيو هو. مگر مؤلانا تنبيهه ڪندي کين روڪيو ۽ چيو، ”مون سمجهيو ته هي ٻاهران آيل شخص نشي ۾ آهي، پر هاڻي پنهنجي اکين سان ٿو ڏسان ته نشي ۾ رڳو هو نه پر منهنجا مريد به آهن.“

هن کي انسان لاءِ عزت هوندي هئي، پوءِ چاهي ڪهڙي به مذهب ۽ ملڪ سان واسطو رکندڙ هجي. بحث مباحثا ۽ مناظرا هن جي علمي ۽ طبعي دائري کان دور هئا. هڪ دفعي سراج الدين قونوي نالي هڪ عالم کي خبر پئي ته مؤلانا اسلام جي ٻاهتر فرقن مان ڪنهن سان به اختلاف نه ٿو رکي، جا ڳالهه کيس منطقي طرح ناممڪن لڳي. مولوي سراج الدين پنهنجي هڪ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

دوست عالمن کي چيو ته هو مؤلانا روميءَ کان ان بابت آڏي پڇا ڪري کيس شرمندو ڪري. عالم وٽ وڃي سوال پڇيا پر مؤلانا ترديد نه ڪئي، جنهن تي ان پاڙيتي صاحب کي موقعو مليو ۽ هو جو کيس گهٽ وڌ ڳالهائي ۽ منافق ڪوٺيس. مؤلانا سڀ الزام ۽ نامناسب زبان صبر سان سٺندو ۽ سهندو رهيو، کيس غصو ته نه آيو بلڪه مشڪندو رهيو ۽ سڀ سُٽي آهستگي سان چيائينس، ”تون جيڪي چوين ٿو مان تنهن سان به متفق آهيان.“ بقول شاهه صاحب:

هو چوني تون مَ چئُو، واتان ورائي؛
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي؛
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

روميءَ جي زندگيءَ جا دؤر

مؤلانا روميءَ جي زندگي کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

پهريون حصو 1207ع کان 1244ع تائين جڏهن هو ڄائو ۽ بلخ کان قونيا پهتو جتي مؤلانا جي تعليم ۽ تربيت سندس والد بزرگوار بهاؤُالدين ڪئي. مؤلانا جي قونيه ۾ هڪ وڏي عالم واري حيثيت هئي، کيس خواص توڙي عوام وڏي عزت سان ڏسندا هئا. قونيه ۽ ان جي آسپاس علائقن ۾ سندس ديني علم ۽ دانش جي هاڪ هُئي. خود بادشاهه ۽ امير به اچي سندس واعظ ٻڌندا هئا. عقيدتمند عوام جو ته ڪو حساب ئي ڪونه هو. هن جي علم جو فيض سڀني لاءِ عام هو ۽ سندس دروازا، عوام توڙي خواص غرض هر ڪنهن لاءِ ۽ هر ويل، کليل هوندا هئا. البته بادشاهه ۽ اميرن سان ملڻ جو شوق ڪونه هُئس.

مؤلانا جي زندگيءَ جو ٻيو دؤر 1245ع کان شروع ٿئي ٿو جڏهن وٽس شمس تبريزؒ آيو جنهن سندس زندگي ۾ وڏو ذهني هيجان ۽ انقلاب آڻي مولوي روميءَ مان مؤلاءِ روم بڻايو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مولوی از خود نہ شد مولائے روم

تا غلامِ شمس تبریزی نہ شد

(مولوي رومي تيستائين مؤلاءِ روم نه ٿيو، جيستائين شمس تبريزي جي غلامي اختيار نه ڪيائين.)

هن دؤر ۾ ”ديوان شمس تبريز“ وجود ۾ آيو جو سوز ۽ گداز جي نغمن ۽ غزلن سان پريل آهي. ان ۾ پنجاهه هزار مصرعا آهن.

ٽيون دؤر 1261ع کان 1273ع وارو دؤر آهي جنهن ۾ شهره آفاق مثنوي لکيائين جنهن کي ملان عبدالرحمان جاميؒ جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو عالم، شاعر، صوفي، عاشق رسول ۽ سون ڪتابن جو مصنف هو، تنهن فارسيءَ جو قرآن ڪوٺيو آهي.

مثنوی و مولوی و معنوی

ہست قرآں در زبانِ پہلوی

مثنوي کيس لازوال بڻائي ڇڏيو ۽ تصوف ۾ بلند ترين مقام حاصل ڪيائين. پروفيسر نڪلسن، جنهن مثنوي جو گهرو مطالعو ڪري، ان جي دفترن جو انگريزي ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ مؤلاءِ روم جي زندگي ۽ شاعري بابت مڪمل تبصرو ڪيو اٿئين، تنهن جو چوڻ آهي:

”مثنوي هڪ شاندار، اونهو ۽ خاموش درياهه آهي جو بيشمار خوبصورت نظارا ڏيکاريندو وڃي هڪ بي پايان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.“

سندس ديوان شمس تبريز لاءِ لکي ٿو:

”سندس ديوان هڪ اهڙو پرپور، شوريده وهڪرو آهي جيڪو جبلن جي ويرانن ۾ اڇلون ڏيندو زور سان وهندو رهي ٿو.“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

وقت جون حالتون

اسلامي دنيا ان وقت زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي، ان ڪري اهو ضروري آهي ته ان وقت جي خون آشام حالتن ۽ پسمنظر جو ڪجھ احوال ڏجي.

تيرهن جي انگ کي ڪيترا ماڻھو عام طرح سپاڳ وارو انگ نه سمجهندا آهن. اهو صحيح هجي يا غلط، پر مسلمانن لاءِ تيرهين عيسوي صديءَ جيڪا تباهي ۽ بربادي آندي ان جو مثال تاريخ ۾ ڪو نه ٿو ملي. اها هجري سن جي ستين صدي هئي. اچو ڏسون ته اهي ڪهڙا زلزلا هئا جن اسلامي دنيا کي لوڏي رکيو.

پهرين ٻي هجري صديءَ ۾ مسلمانن جون فتوحات انتها کي وڃي پهتيون. هو مڪه معظمه کان شام، ايران ۽ سنڌ تائين پهتا. سڄي اتر افريقا کي فتح ڪري، اسپين (اندلس) پهچي وڃي يورپ جا دروازا کڙڪايائون. موسىٰ بن نُصير ۽ طارق بن زياد جي رهبري هيٺ 92 هجري ۾ اسپين فتح ڪيائون. 27 شعبان جي رات تي اندلس جي ڪناري تي هڪ هزار نوجوانن جو دستو پهتو، تنهن بعد مسلمانن جا پيا پيڙا ۽ لشڪر پهچندا ويا. جبرالٽر نالو ئي جبل الطارق مان ورتل آهي. هنن ڪناري تي پهچي پنهنجا پيڙا ساڙي ڇڏيا ۽ چيائون ته اسان کي پوئتي موٽڻ جو سوچڻو ئي نه آهي. مسلمانن اسپين ۾ هڪ مهذب ۽ روادار سياسي حڪومت قائم ڪئي، جڏهن ته ان وقت سارو يورپ جهالت ۽ تعصب جي اونداهي ۾ غرق هو. يورپ ۾ سائنس ۽ علوم و فنون جو نالو به ڪو نه هو. قرطبه، غرناطه ۽ ٻين شهرن ۾ علم ۽ سائنس جا مرڪز قائم ڪيا ويا. اسپين جي فتح بعد مسلمان اٽلي ۽ سئٽزرلينڊ ۾ گهڙيا ۽ سسلي فتح ڪيائون. يورپ جا نوجوان هاڻي اسپين جي درسگاهن ۾ ايئن داخلائون وٺڻ لڳا جيئن هينئر مسلمان آمريڪا ۽ يورپ جي يونيورسٽين ۾ وڃي وٺن ٿا. جن مسلمانن سر ترريءَ تي رکي يورپ تي ڪاهيو هو انهن کي اعلىٰ مقصد مدنظر هو. مگر وقت گذرڻ سان مسلمان ان مقصد کي وساري ويٺا ۽ پاڻ ۾ خود غرضين ۽ بي اتفاقيءَ جو شڪار بڻجي ويا. نتيجو اهو ٿيو جو 500 سالن جي حڪومت بعد ٻارهين صدي عيسوي ۾ هنن جي نفاق اسپين کي ٻارهن حڪومتن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ اها

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هئي سندن تباهي جي نشاني ۽ ابتدا. مسلمانن جي پنهنجي مذهبن طرف رواداري جو واضح ثبوت اهو هو جو 500 سالن جي حڪومت جي باوجود عيسائي ۽ عيسائيت اسپين ۾ ختم نه ٿيا. تيرهين عيسوي صدي ۾ مسلمان حڪمرانن جي بي حسي، نفاق ۽ غداريءَ عيسائي طاقتن کي دعوت ڏني، جن متحد ٿي مسلمان حڪومتن کي ختم ڪيو ۽ مسلمانن لاءِ تباهي آندائون. 1266ع ۾ رومن چرچ، مسلم حڪومتن جي خاتمي جو اعلان ڪيو. باقي وڃي غرناطه بچيو جنهن کي 1492ع ۾ عيسائين پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ ڪجهه ئي عرصي ۾ اسلام ۽ مسلمانن جو اسپين مان نالو نشان مٽائي ڇڏيائون. مسلمان جيڪڏهن متحد هجن ها ته شايد اڄ سارو يورپ انهن جو هجي ها.

صليبي جنگيون

اهي جنگيون 1092ع ۾ شروع ٿيون ۽ تقريباً ٻه صديون هليون ۽ 1291ع ۾ پوريون ٿيون. دنيا گواه آهي ۽ خود پنڊت جواهرلال نهرو لکي ٿو ته يورپ کي جيڪا ترقي، تعليم ۽ تهذيب عطا ٿي، سا صليبي جنگين جي طفيل مسلمانن سان رابطي ۾ اچڻ ڪري ٿي. ان زماني ۾ پوپ جي شخصيت ساري يورپ تي حاوي هئي ۽ خود عيسائي بادشاهه به سندس تابع هئا. پوپ جي رهبري هيٺ سڄي يورپ جون طاقتون متحد ٿيون ۽ مسلمانن جي خلاف اعلان جنگ ڪيو ويو ته جيئن عيسائين جون مقدس جايون طاقت جي زور تي مسلمانن کان واپس ورتيون وڃن. عام عيسائين هن جنگ کي پنهنجي مقدس مذهبي جنگ تصور ڪندي اتحاد جو زبردست مظاهرو ڪيو. فلسطين، بيت المقدس ۽ عيسائين جي ٻين مقدس جاين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هنن عظيم جدوجهد ڪئي. يورپ جي هر عيسائي صليبي جنگ کي مقدس تصور ڪندي سر ڌڙ جي بازي لڳائي. هر عيسائي، مرد خواه عورت، ننڍو چاهي وڏو، مذهبي جنون جي جذبي سان سرشار هو ۽ مسلمانن جو رت پاڻيءَ وانگر بيت المقدس جي گلي ڪوچن ۾ وهايو ويو. پر جيئن ته هيءَ جنگون تقريباً ٻن صدين تي محيط رهيون، تنهن ڪري عيسائين ۾ به بي اتفاقي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

نمودار ٿي. حقيقت اها هئي ته هر ڪنهن کي ملڪ گيريءَ جي هوس هئي. مذهب کي آڙ بڻائي ان جو استعمال وڏي ڪاميابيءَ سان ڪيو ويو هو. هنن جو اصلي مقصد هو ته مسلمانن کي صفحئہ هستي تان مٽايو وڃي. پوپ جي طاقت نه صرف مذهبي معاملن تي هئي پر سياسي معاملن تي به هو حاوي هو، پر وقت سان سياست تان هن جي گرفت ڍري ٿيڻ لڳي.

انگلينڊ، فرانس ۽ جرمني جي حڪمرانن پوپ جي هٿ ۾ استعمال ٿيڻ کان انڪار ڪيو. مسلمانن جي اها وڏي خوش قسمتي هئي جو صليبي جنگن دوران الله تعالیٰ هنن ۾ اهي حڪمران پيدا ڪيا جن يورپ جي گڏيل طاقتن کي شڪستن پويان شڪستون ڏنيون. انهن ۾ غازي صلاح الدين ايوبي سڀ کان سر فهرست آهي ۽ تاريخ ۾ سندس نالو روشن اکرن ۾ لکيو ٿو وڃي. هن دجله کان نيل تائين حڪمراني قائم ڪئي. صلاح الدين هڪ بهادر سپاهيءَ سان گڏ، بي مثل سپهه سالارءِ ناقابل يقين حد تائين شاندار ۽ فراخدل انسان به هو، جنهن جا معترف خود عيسائي مورخ به آهن. سلطان صلاح الدين کي صليبي جنگين ۾ اها ڪاميابي حاصل ٿي جا ناقابلِ فراموش آهي. ان ڳالھ جو عيسائي مؤرخ به اعتراف ڪن ٿا ته جڏهن مسلمانن بيت المقدس واپس حاصل ڪيو ته برعڪس ان ڪوس عام جي جيڪو عيسائين ڪيو هو، ڪنهن به قسم جي خونريزي ڪانه ٿي.

منگولن طرفان تباهہ ڪاري

تيرهين عيسوي صديءَ ۾ مسلمانن جي تباهي جيڪا منگولن آندي سا اسلامي تاريخ جو سڀ کان اونداهو ۽ خونين باب آهي جنهن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي. صليبي جنگيون هلي رهيون هيون، جتي مسلمان سڄي يورپ جي متحده طاقت جو مقابلو ڪري رهيا هئا ته ان نازڪ موقعي تي تيرهين صديءَ جي وچ ڌاري تباهيءَ جو هولناڪ طوفان آيو، جنهن جو اڳواڻ چنگيزخان منگول هو. هو قهر الاهي بڻجي اچي مسلمانن مٿان ڪڙڪيو. هڪ طرف

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هئي عيسائين جي يورش ته ٻئي طرف هئي چنگيز خان جي يلغار، جنهن ڇڪيءَ جي ٻن پڙن ۾ مسلمانن کي پيسيو ۽ پيڙهيو پئي ويو.

ان وقت ايران جو بادشاهه علاؤالدين خوارزم هو، جيڪو اصل ۾ ته غلام هو پر قسمت اهڙي ڪا ياوري ڪيس جو غلام مان بادشاهه بڻجي ويو. هو هڪ خودغرض ۽ بدنيت حڪمران هو ۽ بغداد جي خليفي سان به سندس تعلقات ڪشيده هئا. ڪوتاه انديش علاؤالدين منگولن جي طاقت ۽ ارادن جو صحيح اندازو نه لڳايو. هوڏانهن چنگيز خان ايران ۽ ٻين ملڪن تي ڪاهڻ لاءِ زبردست تياري ۾ ڏينهن رات مصروف هو. هن پنهنجا ايلچي ايران موڪليا جن کي علاؤالدين ڪمزور سمجهي مارائي ڇڏيو پر اها درحقيقت هئي چنگيز خان جي قهر کي دعوت ڏيڻ. ايئن ڪري علاؤالدين ڄڻڪ پنهنجي موت جي پرواني تي خود دستخط ڪئي.

چنگيز خان بيشڪ اڻ پڙهيل هو، پر هو وڏو بهادر، غير معمولي منتظم ۽ انتهائي ظالم. منگولن وٽ موت جي سزا ته ڪا سزا ئي نه هوندي هئي. هو شديد ايذاءَ رساني ۽ انساني خون بيدرديءَ سان وهائڻ ۾ نه صرف ڪيپائيندا ڪونه هئا بلڪه ان ۾ کين خوشي ٿيندي هئي. جيڪڏهن هنن وحشين کي ڪٿي شڪست ايندي هئي ته پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ به رحم جي درخواست نه ڪندا هئا. چنگيز خان جو جداجد قتلو خان نالي سردار هو، جنهن لاءِ مشهور هو ته سندس آواز ايئن هو جيئن جبلن ۾ گجگوڙ. سندس هٿ رڇ جي چنبن وانگر طاقتور هوندا هئا ۽ انهن سان ڪنهن به ماڻهو کي ايئن به اڌ ڪري سگهندو هو ڄڻڪ هن کي تلوار ڪاٽيو هجي. هڪ رڍ روزانو کائيندو هو ۽ گهوڙين جو کير جام پيئندو هو. چنگيز خان به قتلو خان جي اولاد مان هو. انهن جي فتوحات ۽ ظلم جا داستان پڙهي ماڻهن جا لڱ ڪانڊارجيو وڃن ٿا. رحم جو لفظ هنن وٽ هو ئي ڪونه. چنگيز هڪ دفعي پنهنجي جرنيلن کان پڇيو ته، ”وڏ ۾ وڏ خوشي ڪهڙي ڳالهه ۾ سمايل آهي؟“ هنن جواب ڏنو، ”خوبصورت گهوڙن تي بهار جي موسم ۾ شڪار لاءِ وڃجي، توهان جي هٿ ۾ سنو باز

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هجي ۽ پوءِ ڏسجي ته ڪيئن ٿو هو پنهنجن دشمنن کي شڪار ڪري.“ چنگيز خان وراڻيو، ”نه، وڏي ۾ وڏي خوشي اها آهي جو دشمنن کي ذليل شڪست ڏجي، هو توهان جي اڳيان هجن، توهان هنن کي پوئتان ڌوڙائيندا وڃو. هنن کي دنيا دولت کان محروم ڪريو ۽ هنن جي زالن ۽ ڌيئرن کي توهان پنهنجن سينن سان لڳايو.“ هيءُ هو تصور خوشيءَ جو، هي هو طريقو زندگيءَ جو، انسان دشمن چنگيز خان وٽ!

چنگيز خان پنهنجي فوج وٺي خوارزم تي ڪاهيو. اتان جي گورنر خوب مقابلو ڪيو، پر آخرڪار شڪست کاڌائين. شهر ۾ قتل عام ڪيو ويو. گورنر جي ڪنن ۽ اکين ۾ رجندڙ چاندي وجهي ان کي بي رحميءَ سان ماريو ويو. ان بعد علم ۽ ثقافت جي مرڪز بخارا ڏانهن پيش قدمي ڪيائون. ٿوري مزاحمت بعد ايشيا جي خوبصورت شهر بخارا تي قبضو ڪري ان کي تباه ڪري ڇڏيائون. ڪتب خانن کي ساڙي گهوڙن جي طنبيلن طور استعمال ڪيو ويو. اهو شهر جتي امام بخاري پيدا ٿيو ۽ سالن جي ڪشٽ ۽ ڪشالن سان تحقيق ڪري حديثون گڏ ڪيائين، اهو شهر جتي شهره آفاق فلسفي ۽ حڪيم ابو علي ابن سينا پنهنجي لازوال علمي ڪماليت ۽ قابليت جا جوهر ڏيکاريا، سو خاڪ ۽ مٽيءَ جي ڍير ۾ مَٽجي ويو. منگولن جڏهن بلخ تي حملو ڪيو ته وقت جي هن عظيم شهر کي نيست و نابود ڪري ڇڏيائون. خدا تعاليٰ جو شان ڏسو جو ڪجهه عرصو اڳ علماءِ سُو مؤلانا بهاؤُالدين کي تنگ ڪيو ۽ مؤلانا بيزار ٿي پنهنجي پٽ جلال الدين ۽ ٻارن ٻچن سوڌو اتان لڏي وڃي قونيه ۾ اقامت پذير ٿيو، ورنه چنگيز جي طوفان ۾ هنن جو بچڻ به مشڪل هو. تڏهن ته چوندا آهن:

عدو شرے برانگیزد کہ خیرِ ما دریں با

(دشمن شر پيدا ڪندو آهي، پر تنهن ۾ به اسان جي ڀلائي هوندي آهي.)

اهي بادشاه پرست علماءِ سُو چنگيز خان جي تلوار جو بک ٿي ويا. سبحان الله، ڪهڙي نموني سان قادر ڪريم مؤلانا روميءَ کي بچايو ۽ ان کان وڏو ڪم ورتائين، ورنه اڄ ”مثنوي روم“ جو وجود به نه هجي ها.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

چنگيز خان جو لشڪر ان بعد سمرقند جي سر سبز ۽ شاداب واديءَ ۾ گهڙي پيو، جتي دنيا جا بهترين ميوا پيدا ٿيندا هئا. هيءُ شهر واپار ۽ وڻجار جو مرڪز هو ۽ هتي هندستان، ايران ۽ تاتار مان سامان ايندو هو. پڻ جون خوبصورت عمارتون ۽ مارڪيٽ هئا، سائنسي تعليم لاءِ شاندار درسگاهه هئي، مگر ظالم منگولن شهر ۾ اها تباهي آندي جو سمرقند تاريخ ۾ وري اپري نه سگهيو. اتان جي اڪثر عوام کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. فتح جي نشي ۾ چور ۽ ڪنور دلين سان معمور منگولن شهرن پوئتان شهر فتح ڪيا. هنن نيشاپور، هرات ۽ مروَ تي قبضو ڪيو. صرف مروَ جي شهر ۾ ئي پنجن لکن ماڻهن جو ڪوس ڪيو ويو. چنگيز جي ڪاه وقت يورپ اڃان اوائلي ۽ پستي جي دؤر ۾ هو، مگر وچ ايشيا ۽ ايران ڪافي ترقي پذيرهئا، پر اتي شيعن ۽ سنين جا تعلقات اهڙا هئا جو هو هڪ ٻئي جي رت لاءِ اڃايل هئا. منگولن ان مان فائدو ورتو ۽ هڪ ڌر هٿان ٻيءَ جو قتل ڪرايو ۽ ائين اهي مسلمان، جن کي اسلام هڪ ٻئي جو ڀاءُ بڻايو هو، محبت ۽ اخوت جو سبق سيکاريو هو، هاڻي هڪ لامذهب، ملحد ۽ انسان دشمن چنگيز جي فوجن هٿان برباد ۽ قتل ڪرايا ويا. مروَ جي جاءِ تي هاڻي تهران جو شهر آباد آهي.

خوارزم سلطنت جنهن ۾ ايران، افغانستان، ترڪستان ۽ بلوچستان جا ڪي حصا به اچي پئي ويا، سا هينئر مڪمل تباه ٿي چڪي هئي. ايران جو سلطان علاؤالدين 1227ع ۾ قتل ٿي ويو. رت جي درياهن وهڻ بعد خوارزم سلطنت بالڪل ئي ختم ٿي وئي. مگر علاؤالدين جي بهادر ۽ غيور فرزند جلال الدين همت نه هاري. هو بي سروساماني جي حالت ۾ به منگول ڪاه جي طوفان بلاخيز جو مقابلو ڪندو رهيو، مگر ڪيستائين؟ شهر شهر ڦرندو رهيو، مدد لاءِ پڪاريندو رهيو، مگر سندس سڀ ڪوششون ناڪام ويون. خود هندستان جي مضبوط شهنشاه التمش به هن مجاهد کي پناه ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو، ”دهليءَ جي فضا عالي جاه لاءِ موزون ناهي.“ ڪير ٿو مصيبت ۾ ڪنهن سان ساٿ ڏئي، پنهنجا به پراوا ٿيو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

وجن. تنهنڪري التمش پنهنجي عافيت ان ۾ سمجهي ته چنگيز خان جهڙي ظالم دشمن سان پلوَ نه اٽڪائي.

سيه بختي ميں کب کوئی کسی کا ساتھ دیتا ہے
اندھیرے میں تو سایہ بھی جدا انسان سے رہتا ہے

غيور ۽ عظيم سپاهي، عالي وقار، بهادر ۽ خود دار شهزادي جلال الدين جو پيڇو منگول فوج ڪيو، مگر هن پاڻ کي منگولن جي سپرد ڪرڻ بجاءِ موت کي ترجيح ڏني. چون ٿا ته گهوڙي سميت هن سنڌونديءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ هميشه لاءِ گم ٿي ويو.

ايترين فتوحات بعد به منگولن جي ظلمن ۽ انسانيت سوز ڪارروائين ۾ ذرو فرق نه آيو، جيستائين هاڻي چنگيز خان فوت ٿي چڪو هو. عراق، آذربائيجان، ڪردستان، جارجيا ۽ آرمينيا کي به پنهنجي خون آشام تلوار جو شڪار بڻايائون. 1251ع ۾ چنگيز خان جي پوٽي هلاڪو خان کي ايران جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن ايران ۾ ايلخان گهراڻي جي حڪومت جو بنياد وڌو.

بغداد جي تباهي

خلافت راشده جي دؤر ۾ مدينه منوره دارالحڪومت هو. بنو اميه دمشق کي ۽ انهن کانپوءِ عباسين بغداد کي خلافت جي گادي بڻايو. دمشق ۽ بغداد ۾ بنواُميه ۽ عباسين وڏي شان ۽ شوڪت، شهنشاهي رعب ۽ دٻدٻي سان حڪومت هلائي ۽ عباسين بغداد کي اهڙي اوج تي پهچايو جو دنيا ۾ ڪو به شهر ان جو مقابلو ڪري نه پئي سگهيو. بنواميه دؤر حڪومت ۾ خلافت جون حدون به وڏي ويون هيون مگر صحرا نشينن مدينه منوره ۾ حڪومت جنهن سادگي، مضبوطي، بهادري، اتحاد، قرباني ۽ خدمت خلق جي جذبي سان هلائي هئي، سا ڳالهه دمشق ۽ بغداد ۾ مفقود هئي. جنهن اعليٰ اسلامي جذبي ۽ انسانيت جي بلند اصولن سان مديني

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پاڪ ۾ حڪومت هلائي وئي ۽ خلافت کي امانت سمجهيو ويو، اهي سڀ اصول ۽ جذبا ختم ٿي ويا. هاڻي ذاتي حڪومت، ملوڪيت ۽ شهنشاهيت جو دؤر هو.

چنگيز خان جا جانشين به ايترا مضبوط ۽ طاقتور نه هئا جيترو چنگيز خان، مگر بغداد جي خلافت جا بنياد اڳ ۾ ئي کوکلا ٿي چڪا هئا. صدين جي ملوڪيت هزارين شهزادا پئدا ڪيا. اميرالمومنين، شهزادا، وزير، وزيرزاده، فوجي سالار سڀ عيش عشرت ۾ غرق ۽ غلطان هئا. عالمن ۾ نه اهو علم هو نه عمل ۽ نه وري اخلاق. هو به باهمي تڪرارن، سازشن، بادشاه پرستي، دنياداري ۽ مناظرن ۾ مصروف هئا. حرم سرا ۾ بيگمات کان علاوه هزارين ڪنيزون، خواجه سرا ۽ غلمان موجود هئا. عورت جي عزت ختم ٿي چڪي هئي. محل سازشن جا مرڪز ۽ عشرت ڪده بڻجي چڪا هئا. اتحاد عنقا هو، فوجي طاقت ختم ٿي چڪي هئي، خلافت جو بنياد واريءَ تي هو ۽ هڪ ئي ڌڪ سان پٽ تي پوڻ واري هئي. جيتوڻيڪ بغداد جي ظاهري چمڪ دمڪ ساڳي هئي، اتي دنيا جا وڏي ۾ وڏا ڪتب خانا ۽ دارالعلوم به هئا، علم ۽ فنون به عروج تي هئا، مگر انهن جا معمار اڳوڻان اميرالمومنين هئا ۽ نه ڪه هاڻوڪا راڳ ۽ رنگ، عياشين ۽ ميخانن جا متوالا حڪمران!

تھے تو آبا وہ تمہارے ہی، مگر تم کیا ہو؟

اهو تاريخي سياه نامو هلاڪو خان جي قسمت ۾ لکيل هو جو جنوري 1258ع ۾ بغداد فتح ڪري ان جي مڪمل تباهي آندائين. هن هڪ هفتي جي گهيري بعد بغداد تي قبضو ڪيو. قبضو ڇا هو قيامت هئي! ڏهه لک ماڻهو قتل ڪيا ويا، ڪتب خانا ۽ ادارا ساڙيا ويا. عربي زبان، جيڪا ان وقت دنيا جي اهم ترين زبان هئي، ان جي اهميت ختم ٿي وئي. منگول جلادن طرفان هيءُ قهري ڪوس ۽ تباهي دنيا جي تاريخ جو ناقابل فراموش اونداهو باب آهن. سنڌي ۾ نه پهاڪو آهي ”بغداد ڪري ڇڏيائين“ يعني ظلم جي انتها ٿي وئي. ايران جي مشهور شاعر شيخ مصلح الدين سعديؒ ان برباديءَ تي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي ناقابل فراموش مرثيه گوئي ڪئي آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آسماں را حق بود گر خوں ببارد برزمیں　　برزوالِ ملک مستعصم امیر المؤمنیں

اے محمد گر قیامت سر بروں آری زخاک　　سر بروں آور قیامت درمیانِ خلق ہیں

(آسمان کي جڳائي ته اميرالمومنين مستعصم بالله جي تباهيءَ تي زمين مٿان رت جا ڳوڙها ڳاڙي.
اي محمد، جي قيامت تي زمين مان سِر ڪڍندين ته پوءِ اچ ئي ڪڍ جو قيامت خلق تي اچي ٿُٺي آهي.)

سعديءَ جون اهي چار تاريخي سٽون وسرڻ جهڙيون نه آهن. اهو بغداد جيڪو دنيا ۾ پنهنجي وقت جو بي مثل باغ هو، اڄ آباديءَ باوجود اجڙيل آهي. عربن جو اوج به 1258ع ۾ ختم ٿيو. اڄ عرب، ڌن دولت باوجود، دنيا جي طاقتور قومن جي صف کان ٻاهر آهن. دنيا دولت جي فراواني باوجود موجوده بغداد اڳين بغداد جو پاچو به نه آهي.

بغداد جي تباهيءَ بعد مسلمانن جا حوصلا بالڪل پست ٿي ويا، نه هنن جي هٿ پيرن ۾ چرڻ جي طاقت رهي نه زبان ۾ ڳالهائڻ جي. قتل ۽ ڪوس ته پنهنجي جاءِ تي، پر عورت ذات جي جيڪا بي حرمتي ڪئي وئي سا انتهائي شرمناڪ هئي. اهي سڀ ظلم مسلمان پنهنجي اکين سان ڏسندا رهيا. منگول سردار اوگاتائي حڪم ڏنو ته مسلمانن جون 7 سالن کان مٿي عمر واريون سڀ ڇوڪريون هڪ هنڌ گڏ ڪيون وڃن. حڪم جي تابعداري ڪندي چار هزار ڇوڪريون قطار ۾ بيهاريائون. سڀ کان خوبصورت ڇوڪريون پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي فوجي عملدارن لاءِ چونڊيائين ۽ باقي ڇوڪرين کي ڇڪلن ۾ موڪلي ڏنائين. انهن مظلوم ڇوڪرين جا والدين، مڙس ۽ پائر بيڪسيءَ سان هي دلدوز منظر ڏسندا رهيا. هن کان وڌيڪ ڪهڙي پستي ۽ ذلت ٿي پئي سگهي؟

منگولن ان کان پوءِ مصر تي چڙهائي ڪئي مگر اتان جي مملوڪ سلطان هنن جو بهادري ۽ بي جگريءَ سان مقابلو ڪري کين تاريخي شڪست ڏني، جو پوءِ اڳتي وڌي نه سگهيا. ان بعد قاهره مسلمانن جو سياسي مرڪز بڻجي ويو.

ياد رهي ته منگولن جي ڪاهن وقت صليبي جنگيون به هلي رهيون هيون. هاڻي عيسائي بادشاهن ۽ اميرن کي موقعو مليو ته منگولن سان ساز باز ڪري، کين پنهنجي عيسائي بڻائين. منگول

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

لامذهب هئا. هنن جون جنگيون بہ مسلمانن خلاف ٿيون هيون. جيڪڏهن منگول عيسائي ٿي وڃن ها تہ مسلم دنيا جو وڏو حصو عيسائين جي هٿ ۾ اچي وڃي ها ۽ پوءِ ان وقت جا زهرِقاتل سان پريل عيسائي، مسلمانن کي ايئن مارين ها جيئن بدل دشمن کي ماريو ويندو آهي. پوءِ تہ دنيا جو وڏو حصو روم جي قبضي ۾ اچي وڃي ها. جنهن ۾ آمو درياه کان وٺي هندستان ۽ بغداد تائين، سمورا ملڪ شامل هجن ها ۽ مسلمان دنيا جي صفحہ هستي تان مٽجي وڃن ها. مگر قدرت کي اهو منظور نہ هو. مسلمانن کي پنهنجي بداعمالين جي ڪافي سزا ملي چڪي هئي تنهنڪري مٿن رحم ڪيائين ۽ عيسائين جا ناپاڪ عزائم ناڪام ٿي ويا. اڻلندو غير متوقع طور اهي منگول خود مسلمان ٿي ويا. تاريخ ۾ اهڙا مثال ورلي ملندا جو فاتح قوم مفتوح قوم جي مذهب کي تباه ڪرڻ جي بجائي ان کي اختيار ڪيو هجي. اسلام جي تلوار ۽ طاقت جي زور تي ڦهلجڻ جي الزام جو انهي کان وڌيڪ مؤثر رد ٻيو ڪهڙو ٿو ٿي سگهي تہ تلوار جي طاقت جن منگولن جي هٿ ۾ هئي انهن ئي مفتوح مسلمانن جو مذهب اختيار ڪيو. هيءَ بہ قدرت جو هڪ ڪرشمو هو، جنهن لاءِ علامہ اقبال چيو آهي:

ہے عیاں یورشِ تاتار کے افسانے سے
پاسباں مل گئے کعبے کو صنم خانے سے

مسلمانن جو چوٿون دشمن حسن بن صباح قُم ايران ۾ پيدا ٿيو. هن جو تعلق اسماعيلي شيعن جي نظاري فرقي سان هو. هن 1090ع ۾ ڪوه البرز ۾ الموت جي قلعي تي قبضو ڪري پاڻ کي اتي مستحڪم ڪيو. 1094ع ۾ مصر جي اسماعيلي حڪومت کان پاڻ کي علحده ڪري ”شيخ الجبال“ جو خطاب ڏنئي، قلعہ الموت جي علائقي ۾ هڪ ننڍي خودمختار رياست قائم ڪري اتان پنهنجي ملحدانہ فرقي جي حرفت، طاقت ۽ سازشن ذريعي تبليغ ۽ ترويج شروع ڪيائين. هن فدائين جي فوج تيار ڪئي، جن کي يقين ڏيارئائين تہ هن جهان ۾ ئي ڪين جنت ملي ويندي. خوبصورت ڇوڪرين جو تہ وٿس شمار ئي ڪو نہ هو. فدائين کي ڀنگ پياري ڪين وادي الموت ۾ ناهيل فردوس برين جي سير ڪرائي گمراه ۽ مسحور ڪيو ويندو هو. انهي خود

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ساخته "جنت" ۾ شراب جون نهرون وهنديون هيون ۽ حورنما حسينائن جا جهرمٽ هوندا هئا. فدائي تنظيم دهشتگرد قاتلن جي تنظيم هُئي جيڪي خنجر ذريعي وار ڪري حَسن جي حڪم تي سندس حريفن کي قتل ڪندا هئا. هن پنهنجي عياريءَ سان اها زبردست خفيه دهشتگرد نتظيم تيار ڪئي، جنهن جي ڪنهن کي پوري ڄاڻ نه هوندي هئي. اولهه ۽ وچ ايشيا ۾ پنهنجا نمائندا موڪليندو هو، جن جي پهچ بادشاهن تائين هوندي هئي. هن ڪيترا ئي نيڪ ۽ عظيم مسلمان مارايا. آخرڪار هن ملحدانه فرقي ۽ دهشتگرد تنظيم جو خاتمو هلاڪو خان هٿان ٿيو جنهن حسن بن صباح جي جانشين جي دؤر ۾ قلعه الموت فتح ڪري هزارين فدائين کي مارائي هن باب جو انت آندو.

صوفي بزرگ ۽ شاعر

تيرهين صديءَ جي هن عظيم فتني ۽ مهيب طوفان جي دؤر ۾ مسلم دنيا اندر عظيم صوفي بزرگ، عالم ۽ شاعر ٿي گذريا. جهڙوڪ محي الدين ابن عربي، شيخ شهاب الدين سهروردي، ابوالحسن شاذلي، مؤلانا جلال الدين رومي، خواجه فريدالدين عطار ۽ شيخ مصلح الدين سعدي، جن جي خيالات نه صرف مسلمانن تي دائمي اثر ڇڏيو بلڪه اهي اڄ به يورپ ۽ آمريڪا جي تعليميافته طبقي جي انهن ماڻهن جي لاءِ مشعل راه آهن جيڪي حق جا متلاشي آهن. هڪ طرف ته مسلمانن لاءِ هن صديءَ ۾ وڏي تباهي آئي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، ٻي طرف قدرت جي طرفان اهڙين بي مثل هستين جي هڪ عظيم عطا ٿي. اهڙا صوفي بزرگ ۽ عالم ڪنهن ٻي صديءَ ۾ مشڪل پيدا ٿيا هوندا.

امام غزالي

امام ابو حامد غزالي يارهين صديءَ ۾ پيدا ٿيو. هو وڏو عالم ۽ صوفي ٿي گذريو آهي. سندس مشهور ڪتاب "احياءَ العلوم الدين" نالي سان آهي. سندس ٻيون به ڪيتريون تصنيفون

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آهن. اسلام چا آهي، تصوف چا آهي ۽ اسلام کي يوناني فلسفي جي آميزش ڪيترو نقصان پهچايو آهي، ان لاءِ امام غزالي هڪ سَنَد آهي. فلسفي بابت به سندس مطالعو گهرو آهي. هن وقت جي حڪمرانن ۽ نام نهاد مولوين جي خوب لاڪ لاٿي. چاهي ها ته هو درباري عالمن وانگر عيش عشرت جي زندگيءَ کي ترجيح ڏئي ها، مگر هن باطل تي حق کي ترجيح ڏني. هن پنهنجي زندگيءَ لاءِ آرام حرام ڪري ڇڏيو. هن حق پرست مصنف، عالم ۽ صوفيءَ خلاف وقت جا علماءَ ايتري قدر ناراض ٿيا جو مٿس ڪفر جون فتوائون ڏنائون. اندلس جي شهر قرطبه جي قاضيءَ فتوىٰ ڏني ته جيڪو شخص غزاليءَ جو ڪتاب ”احياءَ العلوم“ پڙهندو سو ڪافر آهي ۽ موت جي سزا جو مستحق آهي. ان هٿ ٺوڪيل فتوىٰ جي نتيجي ۾ قرطبه ۽ ٻين شهرن ۾ هن لاثاني ڪتاب کي ساڙيو ويو ۽ فرمان جاري ڪيو ويو ته جيڪو به مسلمان اهو ڪتاب پاڻ وٽ رکندو تنهن کي موت جي سزا ڏني ويندي ۽ سندس ملڪيت ضبط ڪئي ويندي. اهو هو قدر اسلام جي ان قابل ترين ۽ حق پرست صوفي عالم جو جنهن جي زندگي، علمي ۽ قلمي خدمات کي دنيا وساري نه ٿي سگهي. جڏهن مسلمانن تي زوال اچڻ وارو هوندو آهي ته اهڙي قسم جا مفتي، قاضي، مولوي، وزير ۽ درباري حڪومت تي حاوي هوندا آهن. اهو ڪم جيڪو امام غزالي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو هو، تنهن کي تيرهين صديءَ ۾ مؤلانا روميءَ اچي سنڀاليو جڏهن مسلم دنيا ۾ تباهي اچي چڪي هئي.

مؤلانا رومي ۽ شمس تبريز

قونيه ۾ مؤلانا رومي جي پايه جو ڪو به اهڙو انسان دوست، حق پرست، صبر ۽ تحمل جو مالڪ ۽ اسلام جو ڄاڻو ڪونه هو. بيشمار مريد ۽ عقيدتمند هيس، وڏو دارالعلوم قائم ڪيائين، زهد ۽ تقوىٰ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. قرآن پاڪ جي تفسير ۽ تشريح ٻڌڻ لاءِ ماڻهو ڪٿان ڪٿان ڪهي اچي سندس واعظ ٻڌندا هئا. مگر اجان مؤلانا روميءَ ۾ ڪا ڪمي رهيل هئي جا قدرت پوري ڪرڻ پئي چاهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مؤلانا تقريباً 37 ورهين جو هو جڏهن 11 آڪٽوبر 1244ع تي شمس تبريز قونيه ۾ اچي پهتو. ان وقت شمس تبريز 60 ورهين جو هو. شمس تبريز جي پراسرار شخصيت مؤلانا روميءَ ۾ اهو انقلاب آندو جنهن جو ڪنهن کي وهم ۽ گمان به ڪونه هو. بازار ۾ مؤلانا روم کي مليو ۽ هڪ اهڙو سوال پڇيائينس جنهن مؤلانا تي حال طاري ڪري ڇڏيو. هاڻي هن جي شخصيت سراسر بدلجي وئي. هر مريد، هر معتقد، هر مٽ مائٽ، هر امير ۽ غريب تعجب ۾ هو ته مؤلانا ڪيئن هيءَ ظاهري زهد ۽ تقويٰ جي زندگي کي الوداع چئي چڪو هو. ڪيڏانهن وئي پيري مريدي، ڪيڏانهن ويا واعظ ته ڪيڏانهن ويا دستار ۽ جبو: ڪاڏي ويون سندس فتوائون، ڪٿي ورد ۽ وظيفا! اهو جيڪو رقص ۽ سماع کان منع ڪندو هو هاڻي خود قونيه جي گلي ڪوچي ۾ بيخود رقصان هو. مذهب جي ظاهردارين کان پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيائين. پاڻ ئي فرمايائين:

جبه و دستار و علم و قیل و قال

جمله در آبِ رواں انداختیم

(جبو، دستار، علم ۽ واعظ، سڀ وهندڙ پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏياسون.)

سلجوقين جي تخت گاهه قونيه جي رهواسين کي خبر ڪانه هئي ته شمس تبريز ڪير هو. هن کي دنيا وارن ته سچا تو ئي ڪونه هو، چيائون هيءُ ته هڪ اڌ چريو انسان آهي. مگر رومي سندس حقيقت کان بي خبر ڪونه هو، جيتوڻيڪ اڳ نه سندن ملاقات ٿي هئي ۽ نه ڪنهن قسم جي سڌي يا اڻ سڌي واقفيت هئي. رومي ظاهري علم ۽ عقل مان ته آشنا هو، مگر اڃان منجهس وڏي ڪمي رهيل هئي. اقبال جي لفظن ۾ اها ڪمي هيءَ هئي:

خرد کی گتھیاں سلجھا چکا میں

میرے مولا مجھے صاحب جنوں کر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شمس تبريز ڪٿان ڪان ڪهي ڪيئن مؤلانا وٽ پهتو هو، اها هئي روميءَ تي عنايت الاهي. جي شمس رومي جي زندگي ۾ طلوع نہ ٿئي ها تہ هو اها مثنوي ڪيئن تصنيف ڪري ها جيڪا جامي جي لفظن ۾ "فارسيءَ ۾ قرآن" هئي؟ هو ڪٿان "مؤلاءِ روم" بڻجي ها، محض مولوي رومي رهجي وڃي ها. ڏسجي ٿو شمس تبريز ڪنهن حڪم الاهي هيٺ ڪا اهم امانت رومي کي سونپڻ آيو هو. رومي جا ڀاڳ ڀلا هئا ۽ بخت ياوري ڪيس جو هڪ درويش خدا مست لنگهي سندس گهر آيو نہ تہ ڪيترا ماڻهو، عالم ۽ فاضل حق جي تلاش ۾ وتندا آهن در در ڀٽڪندا، سفرن جون صعوبتون سهندا، ۽ پوءِ انهن مان بہ ڪن ٿورن کي ئي مقصد حاصل ٿيندو آهي. شمس تبريز مؤلانا روميءَ کي الاهي رازن ۽ رمزن کان آشنا ڪرڻ آيو هو، باطن جي لڪل خزانن جو ڏس ڏيڻ آيو هو، سندس اندر کي اجارڻ آيو هو ۽ قرآن پاڪ جو صحيح مفهوم ۽ معنىٰ سمجهائڻ آيو هو. پر شمس تبريز کي سواءِ سندس مريد ۽ معتقد رومي جي ٻئي ڪنهن بہ ڪو نہ سڃاتو. مؤلانا جا مريد ۽ معتقد بہ سندس هن روش تي ڏاڍا ڏکيا هئا.

شمس تبريز جي مؤلانا سان ملاقات بابت مختلف روايتون آهن ۽ اهي سڀ هتي ڏيڻ ممڪن نہ آهن، مگر منهنجي ناقص عقل ۾ سندس فرزند سلطان جيڪي لکيو آهي، سو شايد وڌيڪ صحيح ۽ معقول آهي، ڇو تہ هو سندس گهر جو فرد هو. البتہ هن ملاقات بابت افلاڪي، جامي ۽ دولت شاهہ سمرقنديءَ جون الڳ الڳ روايتون آهن. مؤلانا جي فرزند سلطان جو مختصر طور اهو بيان آهي تہ جو شخص علوم ۾ لائق ۽ فائق هو ۽ سڀني شيوخ جي رهنمائي جي لائق هو، جنهن جا خود مفتي بہ شاگرد هئا ۽ جنهن جو هر هڪ شاگرد ٻن سوَن ذوالنونن جي برابر هو، تاهم ايڏي عزت ۽ منزلت باوجود هڪ ابدال (رهنما) جي ڳولا ۾ هو.

شمس تبريز هن جو خضر هو، جيڪڏهن ان سان اوهان جي ملاقات ٿئي تہ ٻيو ڪو بہ اهميت جي لائق نہ رهي ها، پر هن جي عظمت اڪثر کان پوشيده هوندي آهي. تڏهن بہ هو انسان ذات جو روح آهن، جيئن جسم اندر روح هوندو آهي. ظاهرداري وارن بزرگن شمس تبريز کي ڪو نہ سڃاتو هو، جيتوڻيڪ ڪوشش بہ ڪئي هئائون، پر الله پاڪ جي عظيم ذات

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

کيس دنيا وارن جي سوچ ۽ سمجهه کان مخفي رکيو. الله تعاليٰ ان لاءِ مؤلانا رومي کي منتخب ڪيو ۽ شمس تبريز کي مؤلانا رومي جي سامهون آندو ۽ مٿس پنهنجي ڪمال مهرباني ڪئي، جيئن هن کي ڪنهن ٻئي جي تلاش جي ضرورت نه پوي ۽ ٻين سڀني سان واسطا ٽوڙي ڇڏي. پنهنجي مرشد شمس تبريز جي عشق ۾ مؤلانا غرق ٿي ويو ۽ پاڻ کي ان ۾ فنا ڪري ڇڏيائين. منطق جون سڀ الجهنون سلجهي ويون، سڀ راز ۽ اسرار ظاهر ٿي پيا. هاڻي مؤلانا اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هو جيڪي ٻيا نه پيا ڏسي سگهن. مؤلانا کيس پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ چيائينس، "هن درويش جي التجا ٻڌ او بادشاهه، جيتوڻيڪ منهنجو گهر تنهنجي لائق نه آهي، پر مان پوري سچائيءَ سان تنهنجو غلام آهيان ۽ جيڪي ڪجهه مون وٽ آهي، يا اڳتي مون وٽ ايندو، سو سڀ تنهنجي مِلڪ آهي."

ايئن ٿو نظر اچي ته ٻئي هڪ ٻئي جي تلاش ۾ هئا ۽ قدرت جو اهو فيصلو هُو ته هو هڪ ٻئي سان ملن. شمس تبريز ان لائق انسان جي تلاش ۾ هو جنهن کي هن اها روحاني عشق جي امانت سپرد ڪرڻ پئي چاهي. ايئن سمجهه ۾ ٿو اچي ته روميءَ جي اندر به شديد طلب هئي، هو هڪ وڏو خال محسوس ڪري رهيو هو. رومي اهو سمجهي ته رهيو هو، مگر خبر نه پئي پيس ته ان درد جو درمان ڇا آهي، ان جو طبيب ڪير آهي ۽ ڪير آهي جو هن کي حق جي راهه تي هلائي! نيٺ هنن سڀني مرضن جو طبيب، سڀني راهن ۽ رستن جو آشنا، خضر خود اچي وٽس پهتو. مؤلا جي ڪمال مهرباني ٿي ۽ شمس تبريز سان روميءَ جي ملاقات ٿي جنهن سندس سڀ اولا لاهي ڇڏيا. هن مست الست هٿان عشق جي پيالي پيئڻ سان سندس دنيا يڪسر بدلجي وئي.

کامان پچان پجران، لچان ۽ لوچان؛
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي، پيان نه ڍاپان؛
جي سمند منهن ڪريان، ته مون سرڪيائي نه ٿئي.

بيشڪ دنيا جا سڀ درياهہ ۽ سمنڊ عاشق جي اڃ اجهائي نہ ٿا سگهن، اها تؤنس صرف الاهي عشق جي پيالي سان اجهامي ٿي. مؤلانا لکيو آهي، ”جڏهن شمس پهريون دفعو مون سان مليو تہ ايئن سمجهيم تہ باهہ جو هڪ زبردست شعلو دل مان پڙڪي نڪتو آهي. مون کي آمرانہ طريقي سان حڪم ڪيائين، ’خاموش ٿي، ڪنهن سان نہ ڳالهاءِ.‘ مون سيني پنهنجن توڙي پراون سان ڳالهائڻ بند ڪيو. منهنجا لفظ منهنجي پوئلڳن جي خوراڪ هئا، منهنجا ويچار منهنجي شاگردن لاءِ ماڪي مثل هئا، اهي پاڻ کي اڃيا بکيا محسوس ڪرڻ لڳا. هنن جي دلين ۾ منهنجي استاد لاءِ نفرت جا جذبا پيدا ٿيا ۽ هو سندس دشمن بڻجي ويا.“ مگر هنن کي سُڌ ڪانہ هئي تہ چو مؤلانا رومي پنهنجي روش بدلائي ڇڏي آهي؛ هن کي پنهنجي پيرِ مُغان جي حڪم جي بنان ڪنهن چون چرا جي تعميل ڪرڻي هئي. بقول حافظ شيرازي:

بہ مے سجادہ رنگیں کن گرت پیرِ مغاں گوید

کہ سالک بے خبر نبود ز راہ و رسم منزلہا

(مصلي کي شراب ۾ ٻوڙ جيڪڏهن توکي مرشد حڪم فرمائي،
ڇاڪاڻ تہ سالڪ کي منزل جي رستي ۽ رسم جي ڄاڻ ڪانہ آهي.)

جڏهن مؤلانا جا هزارين معتقد، مريد، مٽ مائٽ، خود پٽ، دوست ۽ احباب بہ دشمن ٿي بيٺا، تڏهن شمس تبريز قونيہ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويو. مؤلانا کي اها خبر پئي تہ ٻارن وانگر روئڻ ۽ بيحال عاشق وانگر پنهنجي مرشد کي منٿون ڪرڻ لڳو. شمس تبريز جي جدائي تہ مؤلانا لاءِ قيامت هئي. سندس چند شعر هن جي دلي درد ۽ رنج جي ترجماني ڪن ٿا:

اے مہ کہ چرخ زیر وزبر از برائے تست ما را خراب و زیر و زبر میکنی مکن

اے دوزخ و بہشت غلامانِ امرِ تو برما بہشت ہمچو سقر میکنی مکن

(اي چنڊ تو لاءِ تہ آسمان بہ سرگردان آهي، مون کي ڇو ٿو خوار ۽ پريشان ڪرين؟ ايئن نہ ڪر سائين.
دوزخ ۽ بهشت بہ تنهنجي حڪم جا غلام آهن، مون لاءِ بهشت کي دوزخ ٿو بڻائين، ايئن تہ نہ ڪر.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مگر انهن منٿ ۽ ايلازن باوجود شمس باز نه آيو. سورهن مهينن بعد پنهنجي مريد ۽ عاشق روميءَ کي قونيه ۾ ڇڏي پاڻ رمندو هليو. مؤلانا کي خبر پئي ته هو دمشق وچي رهيو آهي. ڏکن جي ڏاڍيل مؤلانا ايلازن منٿ وارا خط ۽ درد ڀريا غزل کيس لکي موڪليا مگر سڀ بيسود. روميءَ کي هن جدائي بيقرار ۽ بيحال بڻائي ڇڏيو. پوءِ اها حالت ڏسي مؤلانا جي واسطيدارن کيس وچي منٿون ميڙون ڪيون ۽ معافي ورتائون ۽ چيائون ته هو پل موٽي اچي، هاڻي هو مخالفت نه ڪندا.

توبه ها مي کنيم رحمت کن　　گر دگر ايں کنيم لعنت کن

توبهٔ ما بکن ز لطف قبول　　گرچه کرديم جرمها ز فضول

(اسان توبه ٿا ڪريون تون رحم ڪر، جي ٻيهر ائين ڪريون ته تون لعنت وجهجانءِ.
مهر ڪري اسان جي توبه قبول ڪر گرچه اسان نالائقي وچان ڏوه ڪيا آهن.)

مؤلانا پنهنجي فرزند سلطان کي دمشق اماڻيو ته وڃي شمس تبريز کي وٺي اچي. آخرڪار هو واپس آيو، مگر پوءِ به مؤلانا جا معتقد باز نه آيا. چون ٿا ته ان سازش ۾ مؤلانا جو پٽ علاؤالدين به شريڪ هو. شمس تبريز مؤلانا سان گڏ ويٺو هو ته کيس ٻاهران سڏ ٿيو. چون ٿا ته جڏهن هو ٻاهر ويو ته ستن ماڻهن مٿس خنجرن سان حملو ڪيو ۽ شهيد ڪيائون. جڏهن کيس خنجر پئي هنيا ويا شمس ان وقت زوردار نعرو هنيو جنهن تي حملہ آور بيهوش ٿي ويا. جڏهن اهي قاتل هوش ۾ آيا ته ڏٺائون ميدان تي جسم ڪونه هو، البته رت جا چند ڦڙا هئا. هيءَ واقعو 1248ع ۾ ٿي گذريو ۽ ان جي تصديق جاميءَ به ڪئي آهي. جڏهن مؤلانا کي هن اندوهناڪ ۽ جگرسوز شهادت جي خبر پئي ته هن کي ان تي اعتبار ئي نه پئي آيو، بلڪه پنهنجي هوش حواس ۾ ئي نه رهيو.

که گفت که آں زندهٔ جاويد بمرد　　که گفت که آفتابِ اُميد بمرد

آں دشمنِ خورشيد برآمد بربام　　دوچشم ببست وگفت خورشيد بمرد

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(ڪير ٿو چوي ته اهو لافاني مري ويو، ڪير ٿو چوي اهو اميد جو آفتاب مري ويو.
سج جو ويري چٽ تي چڙهي، ٻئي اڪيون ٻوٽي چوي ٿو ته سج مري ويو آهي!)

خبر پيس ته پُٽس علاؤالدين به سندس مرشد جي خلاف انهي انتهائي مجرمانه ۽ غليظ سازش ۾ شريڪ هو، تنهنڪري جڏهن مؤلانا جي حياتي ۾ ئي علاؤالدين وفات ڪئي ته ان جي جنازي نماز ۾ به شريڪ نه ٿيو. شمس تبريز پنهنجي اولاد کان به واڌارو پيارو هئس ۽ ان محبت جو اندازو لڳائڻ به مشڪل آهي. هاڻي هو سراپا درد ۽ سوز بڻجي ويو. شمس سان ڪيتري قدر عقيدت ۽ محبت هئس، ان جو اندازو هينئين شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

پيرِ من، و مريدِ من، دردِ من، و دوائے من
فاش گفتم ايں سخن، شمسِ من، و خدائے من
(منهنجو مرشد آ، منهنجو مريد آ، منهنجو درد به آ ته دوا به آ.
وڏي واڪ ٿو چوان ته هو منهنجو سج آ، منهنجو خدا آ.)

هو يڪ جان دو قالب هئا: جسم ڌار ڌار هئن پر جان هڪڙي هئن. عارف رومي پنهنجي مرشد جي ذات ۾ فنا ٿي چڪو هو. بقول امير خسرو:

تو من شدی، من تو شدم، تو جاں شدی، من تن شدم
تاکس نگوید بعد ازیں، من دیگرم تو دیگری
(تون مان ٿي وئين، مان تون ٿي ويس، تون جان ٿي وئين، مان جسم ٿي ويس:
ته جيئن ان بعد ايئن ڪو نه چوي ته مان ڪو ٻيو آهيان ۽ تون ڪو ٻيو!)

هن جي شهادت بعد روميءَ جي درد ۽ سوز ۾ اضافو اچي ويو. هاڻي هو سراپا سوز ۽ گداز هو. درحقيقت رومي 37 ورهين جي ڄمار تائين شاعري بالڪل ڪانه ڪئي هئي، جيستائين شمس تبريز اچي سندس دل ۾ درد جو دونهون نه دکايو هو. عشق هاڻي هن کي شاعر بڻايو ۽ اهڙو عظيم الشان لافاني ۽ لاثاني شاعر بڻايو جو اڄ تائين روميءَ کي تصوف جي دنيا اندر، هر زبان ۾ ۽ دنيا ۾ شاعرن جو شهنشاهه سمجهيو ٿو وڃي. جامي جي لفظن ۾ سندس لافاني

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مثنوي فارسيءَ ۾ قرآن آهي ۽ علامه اقبال جي نظر ۾ عجم اڄ ڏينهن تائين ٻيو ڪو رومي پيدا ڪري نه سگهيو آهي.

نہ اٹھا پھر کوئی رومی عجم کے لالہ زاروں سے
وہی ہے آب و گل ساقی، وہی تبریز ہے ساقی

چوندا آهن ته ڪتابن جي ڍير مان نه بلڪه اولياالله جي صحبت مان وڏو فائدو ۽ فيض نصيب ٿيندو آهي. جيڪڏهن لوه پارس سان لڳي ته اهو به سون ٿيو پوي، ايئن ئي شمس تبريز جي صحبت مؤلانا کي زمين تان کڻي وڃي عرش تي رسايو.

شمس تبريز جي ڳولا ۾ مؤلانا هر طرف ماڻهو ڊوڙايا ۽ اعلان ڪيائين ته جيڪو به حضرت شمس جو ڏس پتو ڏيندو تنهن کي وڏي انعام اڪرام سان نوازيو ويندو، مگر سندس سڀ ڪوششون ناڪام ۽ رائگان ويون. هڪ دفعي پنهنجي مريدن ۽ معتقدن سان ويٺو هو ته وٽس ڪو ماڻهو لنگهي آيو ۽ چيائينس ته قبلا مون شمس تبريز کي دمشق ۾ ڏٺو آهي. ان تي مؤلانا کيس هڪدم پنهنجي چادر اڇلائي ڏني، ان بعد اهو مسافر رمندو رهيو. سندس معتقدن چيو ته سائين اهي ماڻهو ڪوڙ هڻي توهان کي خوش ڪري، انعام وٺيو ٿا وڃن جنهن تي مؤلانا جواب ۾ فرمايو ته، ”بابا مون کي اها خبر هئي ته هو ڪوڙ ٿو ڳالهائي. جي سمجهان ها ته هو سچ ٿو ڳالهائي ته ڇا کيس رڳو اها چادر انعام ۾ ڏيان ها؟ مان ته مٿس سر ساهه صدقي ڪريان ها. پر جڏهن ته هن منهنجي مرشد جو نالو ورتو، پوءِ ڪٿي اهو نسورو ڪوڙ ئي ڇو نه هجي، تڏهن کيس صرف چادر ڏنم.“

شمس تبريز جي جدائي مؤلانا کي غم ۽ اندوهه ۾ بيحال ڪري ڇڏيو. رقص ۽ سماع تي وڌيڪ زور ڏنائين. کيس باز آڻڻ لاءِ علماءَ ۽ دوستن گهڻي ڪوشش ڪئي، پر مؤلانا جي حالت دگرگون ٿيندي رهي. ماڻهو سمجهڻ لڳا ته مؤلانا وڃي ديوانگي جي دروازي تي پهتو آهي، پر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حقيقت اها هئي ته مؤلانا جي ڪايا ئي پلٽجي چڪي هئي، جنهن جي ڪل عاقلن کي به ڪانه هئي.

جس کو جتنا ہوش ہے اتنا ہی وہ بے ہوش ہے

شمس تبريز جي شهادت

هن شهادت بعد مؤلانا جي زندگيءَ جو ٽيون دؤر شروع ٿئي ٿو، جنهن کي تاريخي دؤر تصور ڪيو ٿو وڃي. ان عرصي ۾ مؤلانا شهره آفاق مثنوي لکي تصوف کي صحيح ۽ سليس طريقي سان سمجهايو ۽ قرآن پاڪ ۽ اسلام جي صحيح تعليم ۽ تشريح سان مسلمانن کي اگهور ننڊ مان اٿارڻ جي ڪوشش ڪيائين. يوناني فلسفي جي نارسائي ۽ گمراهيءَ مان مسلمانن کي واقف ڪيائين. تصوف ۽ فلسفي جو فرق کولي ٻڌايائين. شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جي رازن کان آشنا ڪيائين. فارسي شاعريءَ ۾ قصيده خواني کان دور رهيو. هن کي ڪنهن بادشاهه، امير ۽ وزير جي خوشامد منظور ڪانه هئي، نه وري انعام اڪرام جي خواهش هئس. هنن درويشن جي ته دنيا ئي الڳ هوندي آهي. هنن کي بادشاهن جي ڪهڙي پرواهه؟

مبیں حقیر گدایانِ عشق راکیں قوم
شہانِ بے کمر و خسروانِ بے کلہ اند
(عشق جي گداگرن کي حقارت سان نه ڏسو، ڇاڪاڻ ته اهيءَ قوم جا بي تاج بادشاهه آهي.)

هڪ غلط فهميءَ جي صفائي

چيو ٿو وڃي ته حضرت شمس تبريز جي قبر ملتان ۾ آهي، مگر اها قبر رومي جي مرشد شمس تبريز جي نه آهي. مؤلانا روميءَ جي مرشد جو تعلق ستين صدي هجري سان آهي ۽ جنهن شمس تبريز جو مزار ملتان ۾ چيو ٿو وڃي، اهي ڏهين يا رهين صدي هجريءَ سان تعلق ٿا رکن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

چيو ٿو وڃي تہ ملتان وارو شمس اسماعيلي فرقي سان واسطو رکندڙ هو ۽ ان جو داعي بڻجي هندستان آيو هو. ظاهر آهي تہ نالو ڪٿي ساڳيو هجي، پر شخصيتون مختلف آهن.

رومي ۽ صلاح الدين زرڪوب

عشق ۾ مدهوش مؤلانا قونيہ جي گلين ۽ بازارن ۾ رقصان هو تہ اوچتو ئي اوچتو اچي هڪ سوناري جي دڪان تي بيهي رهيو، جتان هلڪي مترڪي جو اهڙو مٺو ۽ مڌر آواز پئي آيو ڄڻڪ ڪو ساز وڄائي رهيو آهي. ساز ۽ سماع تہ مؤلانا جي رڳ رڳ ۾ سمايل هئا، انهن ڇڪي کيس آڻي اتي بيهاريو. سونارو بہ مؤلانا کي متوجہ ڏسي پنهنجي مترڪي کي ان سُر ۾ هلائيندو رهيو. اهو خوش قسمت سونارو صلاح الدين زرڪوب هو، جنهن سان مؤلانا جي دوستي ٿي وئي. ان دوستيءَ روميءَ جي سمورن ڦٽن ۽ داغن لاءِ مرهم جو ڪم ڏنو جي شمس تبريز جي جدائي ۾ پيدا ٿيا هئس. مؤلانا پنهنجي غزل ۾ هن کي ان خزاني سان تشبيهہ ڏني آهي جيڪو کيس ان دڪان تان مليو.

يکي گنجي پديد آمد ازين دُکانِ زرکوبي

زہے صورت، زہے معنیٰ، زہے خوبي، زہے خوبي

(سون چانديءَ جي ورقن واري دڪان تي هڪ خزانو نظرآيو، خوبصورت، خوب معنيٰ، خوب وصفون، خوب وصفون.)

هاڻي مؤلانا کي هڪ سهارو ملي ويو. شمس تبريز تہ الله تعاليٰ طرفان هڪ انتهائي عاليٰ ۽ بالا عنايت هئي، جنهن سندس تقدير ئي بدلائي ڇڏي هئي. مؤلانا کيس ڳوڙهو ئي ڳوليو، جڳهہ جڳهہ رليو، هر شهر ماڻهو موڪليائين، پر هيءُ درويش خدامست تہ خالق حقيقي وٽ پهچي چڪو هو. پر رومي کي امانت ملي چڪي هئي، هن خود آگاهي حاصل ڪئي هئي، پاڻ کي سڃاڻي چڪو هو تہ ڪير آهي. انسان ذات ۽ ڪائنات جي رازن مان واقف ٿي ويو هو. اهو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مسئلو جو صدين کان انسان کي پريشان ڪندو ٿو اچي، سو هن لاءِ حل ٿي چڪو هو. بقول رومي:

حاصلِ عمرم سه سخن بيش نيست

خام بدم، پخته شدم، سوختم

(زندگي جو سمورو قصو صرف ٽن فقرن ۾ ڪوتاه آهي: ڪچو هئس، پڪو ٿيس ۽ جلي ويس.)

اڳي عرض ڪري آيو آهيان ته مؤلانا جي زندگيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون دؤر 1207ع کان 1244ع تائين هو جنهن ۾ هو پڙهيو، علم جي حصول لاءِ محنت ڪندو رهيو، برهان الدين محققي جي شاگردي ۾ علم حاصل ڪيائين، پر ان بعد به هڪ وڏي عالم هجڻ باوجود علمي تحقيق ۽ حصول ۾ مصروف رهيو. سندس دلڪش، پراثر ۽ عالمانه واعظ ساري ملڪ ۾ مشهور ٿي ويا، خود قونيه جو سلطان، امير ۽ وزير به ادب سان اچي سندس علم مان فيض حاصل ڪندا هئا.

ٻيو دؤر سندس 37 سالن جي عمر کان شروع ٿو ٿئي، جڏهن سندس ملاقات مرشد شمس تبريز سان ٿئي ٿي. جبه و دستار کي الوداع چئي رقص ۽ سماع شروع ٿو ڪري. تنهن کان پوءِ صلاح الدين زرڪوبي سان دوستي ٿيس جا 1261ع تائين هلي. ٻنهي صحبتن ۾ فرق اهو هو جو شمس تبريز سندس پير ۽ مرشد هو، صلاح الدين وري سندس مريد هو. مؤلانا 1245ع ۽ 1248ع جي وچ ۾ ”ديوان شمس تبريز“ لکيو جيڪو سندس ڪلام آهي.

مؤلانا اصل ته شاعر ڪونه هو پر عشق کيس شاعر بڻايو هو. اهو ديوان سندس دلي آواز ۽ دلي ماجرا هو، اهو جڻڪ سندس ذاتي تجربو هو. ان کان اڳ مؤلانا جي ڪا شاعري ڪانه ٿي ڏسجي. سندس چوڻ آهي ته هو علم عروض کان ۽ شاعريءَ جي فاعلاتن فاعلات جي ڏنڌي کان واقف به نه آهي، مگر سندس شعر آب حيات کان به بهتر آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

من نہ دانم فاعلاتن فاعلات

شعرِ می گویم بہ از آبِ حیات

(فاعلاتن فاعلات جي ڄاڻ نہ ڪانهيم، پر شعر اُهو ٿو چوان جيڪو آبِ حيات کان بہ بهتر آهي.)

سندس همعصر فخرالدين عراقي ۽ مصلح الدين سعدي جهڙا وڏا صوفي شاعر هئا ۽ انهن بہ قصيده گوئي ڪئي پر مؤلانا ان کان دور رهيو، باوجود ان جي جو هو قونيہ ۾ رهندو هو جتي بادشاه ۽ امير بہ هئا.

مؤلانا رومي هڪ وڏو صوفي بزرگ هو جنهن سا صوفين جو مولويہ طريقو يا سلسلو منسوب آهي. ڏسجي ٿو تہ ان سلسلي جو بنياد هن 1245ع ۽ 1248ع جي وچ ڌاري وڌو هو. اڳتي هلي عارف رومي 1261ع کان پوءِ 1273ع تائين شهره آفاق مثنوي دنيا آڏو پيش ڪئي جنهن ۾ هن تصوف ۽ اسلام جي مفصل مگر آسان ۽ دلنشين شرح ڪري ايندڙ پيڙهين کي هڪ لازوال سوغات ڏني.

مثنوي ۽ حُسام الدين چلپي

مؤلانا جي زندگي جو ٽيون دؤر مثنويءَ وارو هو، جنهن ۾ هن کي حُسامالدين چلپي سان وڏي محبت هئي. هڪ دفعي امير تاج الدين کيس ستر هزار درهم موڪليا جيڪي هن سمورا حُسامالدين ڏي موڪلي ڏنائين، جنهن تي سندس فرزند سلطان سندس توجهہ گهر جي ضرورتن ڏانهن ڇڪائي. مؤلانا چيو، ”منهنجي اکين آڏو جيڪڏهن ڏهہ لک درويش بک مرندا هجن ۽ مون وٽ هٿ ۾ ماني جو هڪ گرهہ هجي، تہ اهو بہ چلپي ڏانهن موڪلي ڏيندس.“

مشهور صوفي شاعر فريدالدين عطار ”منطق الطير“ ۽ حڪيم سنائي ”الهٰي نامہ“ لکيا هئا جيڪي عوام ۾ ڏاڍا مقبول هئا. مؤلانا پنهنجي مريد حُسامالدين چلپي جي چوڻ تي، مثنوي لکي، مگر عطار ۽ سنائي ٻنهي جي شڪر ادائي ڪندي چيائين:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عطار روح بود و سنائی دو چشم ما

ما از پۓ سنائی و عطار آمدیم

(عطار منهنجو روح آهي ۽ سنائي منهنجون ٻه اکيون: مون سنائي ۽ عطار جي ئي پيروي ڪئي آهي.)

مؤلانا رومي مثنوي جا شعر چوندو ويندو هو ۽ حسام الدين لکندو ويندو هو، تان جو اهي دفتر ٻارهن سالن ۾ پورا ٿيا. مثنوي انسان ذات لاءِ تصوف ۽ محبت جو هڪ دائمي ۽ لازوال پيغام آهي. جنهن مثنوي کي سمجهيو تنهن اسلام جي روح کي سمجهيو، تصوف کي سمجهيو ۽ محبت جي معنىٰ سمجهائين. هيءَ لافاني تصنيف دين جو روح آهي، تصوف جو خزانو آهي، حڪمت جي موتين سان مالا مال آهي ۽ علم ۽ عرفان سان ڀرپور آهي. هيءَ الهامي شاعري جو اهو سرچشمو آهي جيڪو ست سؤ سال گذرڻ بعد اڄ به دنيا جي هر حصي ۾ حق جي متلاشين کي سيراب ڪندو ٿو اچي.

مؤلاءِ روم 1273ع ۾ لاڏاڻو ڪيو ۽ وڃي پنهنجي خالقِ حقيقيءَ سان مليو. مگر سندس جاءِ پرڻ وارو ڪو مشڪل ئي هجي. هونءَ ته قونيه ۾ ئي سندس قبر آهي ۽ روزانو هزارين عقيدتمند اتي اچي سندس سلام ڪندا آهن، پر پاڻ فرمايو هئائون:

بعد از وفات تربتِ ما در زمیں مجو

در سینہائے مردمِ عارف مزار ماست

(منهنجي مرڻ بعد منهنجي قبر زمين ۾ نه ڳولجو، منهنجو اصل مزار ته عارفان الاهي جي سينن ۾ آهي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

2

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

سنڌ جي پٽن ۽ بيابانن ۾ 1690ع ڌاري اهو خوبصورت ۽ خوشبودار گل پيدا ٿيو جنهن جي هٻڪار سان جهنگ، جهر، جبل، وستيون ۽ ويرانا سڀ معطر ٿي ويا. اهو گل سائين عبداللطيف ڀٽائي هو. گل ناپائيدار هوندو آهي پر هن بي مثل گل کي الله تعالىٰ اها تہ پائيداري عطا ڪئي جو ان جي هٻڪار اڄ صدين بعد بہ نہ صرف دائم ۽ قائم آهي ۽ سنڌ جي هوائن ۾ رچيل آهي، پر ان کان ٻاهر بہ هن عطربيز خوشبو دنيا کي مسحور ڪري ڇڏيو آهي. سندس ڪلام فيضِ روان آهي. نہ شاهہ صاحب کان اڳ ۽ نہ ئي پوءِ سنڌ جي سرزمين ڪو اهڙو شاعر پيدا ڪري سگهي آهي. سندس مقبوليت جو اندازو لڳائڻ ممڪن ئي نہ آهي. هو نہ صرف مسلمانن ۾ بلڪہ غير مسلمانن ۾ بہ محترم ۽ مقبول آهي، نہ صرف پڙهيل طبقو سندس مداح آهي پر اڻ پڙهيل بہ مٿس عاشق آهن. جيئن شيڪسپيئر کانسواءِ انگلستان جو علم ادب انگريزن وٽ ٻڙي جي برابر آهي، جيئن گوئٽي جهڙي ڏاهي، درويش ۽ عظيم الشان شاعر کي جرمني وارا پنهن سڀني شاعرن کان گهڻو مٿرو سمجهندا آهن، اهڙي طرح شاهہ صاحب جي حيثيت بہ سنڌ ۾ ساڳي، بلڪ وڌيڪ آهي.

شاهہ صاحب بابت تاريخي مواد

رسالي تي پهريائين پهريائين ڪم جرمن باشندي ڊاڪٽر ٽرمپ ڪيو. ان کي سهيڙي سنواري سنڌين جي سامهون رکيائين. ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

دائود پوٽي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، آغا محمد يعقوب ۽ ٻين به ان تي سا راهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. مگر ڏسجي ٿو ته اڪثر ڪري تاريخي حقائق جي اڄان تائين مڪمل ڇنڊڇاڻ ڪانه ٿي آهي، ان جي بجاءِ شاهه صاحب جي ڪرامتن بابت مصنفن گهڻو ڪجهه لکيو آهي. ڪرامتن ۽ معجزن کان انڪار ته نه آهي، مگر اهي نه اسلام جو بنياد آهن نه شاهه صاحب جي تصوف جو بنياد آهن ۽ نه وري ايڏي اهميت سندس افڪار ۽ تعليمات بابت رکن ٿا. اصل ڳالهه ته اُها حقيقت آهي جنهن جي ڪري اِهي ڪرامتون ۽ معجزا ظاهر ٿيا. تحفته الڪرام ۾ مير علي شير قانع ٺٽويءَ شاهه صاحب بابت لکيو آهي. اهو ڪتاب 1768ع ۾ شاهه صاحب جي وفات کان 16 سال پوءِ لکيو ويو. هن ۾ به جيڪي ڪجهه شاهه صاحب متعلق لکيو ويو آهي سو سندس ڪرامتن جو ذڪر آهي. مگر تاريخ جي تقاضا مختلف آهي. هن کان پوءِ مير عبدالحسين سانگيءَ جهڙي اعليٰ اديب ۽ شاعر شاهه سائينءَ تي لکيو آهي، جيڪو شاهه صاحب جي وقت کي وڌيڪ ويجهو هو. هن جي ملاقات اهڙن ماڻهن سان ٿي جن وري انهن خوش قسمتن کي ڏٺو هو جن جي شاهه عبداللطيف سان ملاقات ٿي هئي. ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ جهڙي عالم به لکيو. آغا محمد يعقوب صاحب وڏي جاکوڙ ڪري رسالي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جيڪا وقت جي اهم تقاضا هئي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڏي محنت سان شاهه صاحب جي ڪلام جو صحيح نسخو تيار ڪري ان تي عالمانه ۽ محققانه ڪم ڪيو آهي.

ولادت، حسب نسب، تعليم ۽ شادي

شاهه صاحب 1690ع ڌاري مٽياري ضلع جي هالا تعلقه ۾ هالا حويلي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. تاريخ ۽ مهينو ته مورڳو ڪونه ٿا ملن پر خود ولادت جو سال به مشڪوڪ آهي. 1689ع، 1690ع ۽ 1691ع مان ڪو به سال ٿي سگهي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ جو چوڻ آهي ته شاهه هالا حويليءَ ۾ ڪونه ڄائو هو، پر ڀينءَ پور ۾ پيدا ٿيو جو ديهه سئي قندر تعلقي شهدادپور ۾ آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جيتوڻيڪ شاهہ صاحب جي دؤر کي ايڏو گهڻو وقت ڪونہ گذريو آهي، تاهم ڄمڻ جي وقت ۽ هنڌ بابت بہ شڪ ۽ اختلاف آهن.

سندس والد بزرگوار جو نالو سيد حبيب الله شاهہ هو جو خود بہ ڪنهن روحاني منزل جو مالڪ قادري طريقي جو صوفي ۽ عالم هو. ڪيس وڏي عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو ۽ پيري مريدي جو سلسلو بہ هُئَن. شاهہ عبداللطيف جو شجرو شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري سان لڳي ٿو، جو سندس ننڍ ڏاڏو هو. سندن وڏا هرات کان آيا هئا. پنهنجي فرزند جي ولادت کان ٿورو پوءِ شاهہ حبيب ڪوٽڙيءَ لڏي آيو، مگر هيءَ اها ڪوٽڙي نہ آهي جا حيدرآباد لڳ آهي. اڳين ڳوٺن جو هينئر وجود ڪونهي، البتہ ڀٽ شاهہ، جتي پوءِ شاهہ صاحب لڏي آيو، نہ صرف آباد آهي، مگر خاص ۽ عام لاءِ وڏي زيارتگاهہ بہ آهي.

سندس خواندگي بابت بہ ڪو معتبر تاريخي احوال ميسر ڪونهي. چون ٿا تہ ڪيس آخوند نورمحمد ڀٽيءَ وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو هو. آخوند صاحب جڏهن الف پڙهائي ڇيس پڙهہ ”ب“ تہ شاهہ صاحب صاف انڪار ڪيو ۽ ب پڙهڻ کان نابري واريائين، جنهن تي آخوند صاحب سندس والد صاحب ڏانهن وٺي ويس ۽ سموري ماجرا ٻڌايائينس. والد صاحب کي تہ بي انتها خوشي ٿي: ساري مام کي سمجهي ويو تہ مؤلا سندس فرزند کي چمندي ئي چام ڪيو هو. پُٽ کي پيشانيءَ تي چمي ڏيئي چيائينس تہ بيشڪ تون صحيح ٿو چوين پر دنيوي علم حاصل ڪرڻ بہ تہ ضروري آهي. نيٺ آخوند صاحب وٽ تعليم ورتائين، پر اها خبر نہ ٿي پوي تہ شاهہ صاحب ڪيستائين پڙهيو ۽ ٻئي ڪنهن کان بہ تعليم ورتائين يا نہ. ايترو ضرور آهي تہ هو پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو. قرآن پاڪ، مثنوي مؤلانا روم ۽ شاهہ ڪريم جو رسالو هميشہ وٽس هوندا هئا. ظاهر آهي تہ شاهہ عربي ۽ فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو هوندو. خاص ڪري فارسي تہ مدرسن ۾ پڙهائي ويندي هئي، دفتري زبان هئي ۽ عام ماڻهو ڳالهائيندا هئا. ڏسجي ٿو تہ شاهہ صاحب نہ صرف مؤلانا روميءَ جي مثنويءَ جو گهرو مطالعو ڪيو هوندو پر فارسيءَ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جي ٻين صوفي شاعرن کان به اڻ واقف نه هوندو. ائين صحيح آهي ته شاهه ڪريم جي خيالن جو به مٿس اثر هو، مگر خود شاهه ڪريم جا خيال به مثنويءَ کان متاثر آهن.

شاهه جو رسالو اها گواهي ٿو ڏئي ته شاهه صاحب تصوف ۽ قرآن پاڪ جو گهرو مطالعو ڪيو هو. بهرحال عالم ۽ شاعر ته شاهه کان اڳ ۽ شاهه کان پوءِ به ڪيترا ئي ٿي گذريا آهن، پر شاهه جي ڪلام جو مٽ ڪوئي لکي نه سگهيو آهي. اها الاهي ذات هئي جنهن سان شاهه صاحب جو سينو منور هو. بقول مؤلانا رومي الله تعالىٰ پنهنجي پيارن ٻندن کي اهو علم عطا ڪري ٿو جنهن جي ڪا حد ۽ حساب ڪانهي. انهن لاءِ دارالعلوم ۽ وڏين درسگاهن ۾ وڃڻ ضروري نه آهي. بهرحال اهو غلط آهي ته شاهه صاحب اڻ پڙهيل هو.

اوليا را حق کند علمی نصیب

بے حساب و بے کتاب و بے ادیب

(الله تعالىٰ اوليائن کي جيڪو علم عطا ڪري ٿو، سو بنان حساب، بنان ڪتاب ۽ بنان استاد آهي.)

شاهه صاحب روزي نماز جو پابند، پرهيزگار، موحد ۽ متقي هو. شريعت کان ڪڏهن به منهن ڪونه موڙيو هئائين، پر هو اٺڻ ويهڻ ۾ ٻين ملن مولوين کان مختلف هو. تنهائي پسند ۽ آزاد سوچ وارو انسان هو، مگر مجازي عشق کان هو به محفوظ رهي نه سگهيو. پر اها غلط فهمي نه ٿيڻ کپي ته ان ۾ سندس پاڪدامنيءَ تي ڪو داغ لڳو. سندس اعلىٰ ڪردار تي ڪو آڱر به کڻي نه سگهندو. هن نوجواني جي دؤر ۾ به ڪڏهن اخلاقي قدرن کي هٿان وڃڻ نه ڏنو.

مرزا مغل بيگ جي ڌيءَ وارو واقعو شاه صاحب لاءِ مجازي عشق جي چوٽ هو، جنهن سندس زندگيءَ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. شاهه عبداللطيف کي عشق جي ڪان ايڏو ته گهائل ڪري وڌو جو سندس ننڊ ۽ آرام حرام ٿي ويا ۽ زندگي جو هر لمحو هن لاءِ بارِگران ٿي پيو. نيٺ هن گهر کي ترڪ ڪري ٻيٺن ۽ بيابانن پاسي رخ رکيو. جيستائين سندس زندگيءَ جي عاشقانه تقاضا پوري نه پئي ٿي، هن لاءِ هاڻي کائڻ پيئڻ ۽ جيئڻ جهڙوڪ حرام هو. هڪ ڏينهن هڪ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ٻڪرار ڏنو ته سيد زادي کي پٽن جي واري وڪوڙي وئي هئي، صرف سندس چادر جو پلو ظاهر هو. هن وچي اها ڳالهه سندن والد شاهه حبيب سان ڪئي. پريشان حال پيءُ پنهنجي فرزند دلبند جي ڳولا ۾ وني پڳو ۽ ڏٺائين ته هو واقعي واريءَ ۾ ليٽيو پيو آهي. اتي بيحد ڏکيرو ٿي چيائين:

لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لٽجي.

شاهه صاحب نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ وراڻيو:

پيئي ڪڻي پساهه، پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي.

ڪن جو چوڻ آهي ته مٿين ڳالهه حقيقت کان دور آهي ۽ فرضي آهي، پر عشق جي واردات ۾ اهي ڳالهيون ناممڪن ناهن. سچ چيو اٿن ته عشق ڪڏهن به عقل جي غلامي قبول نه ڪندو آهي. خود مؤلانا روميءَ تي شمس تبريز جي معاملي ۾ جيڪي ٿي گذريو سو به ظاهري طرح عقلمندن وٽ ناقابلِ اعتبار نظر ٿو اچي. اهو عالم جيڪو پنهنجي وقت جي سند هو ۽ بادشاهه به سندس احترام ڪندو هو، سو شمس تبريز سان ملاقات بعد عظيم دارالعلوم ڇڏي، جبو ۽ دستار درياه برد ڪري، قونيه جي گهٽين بازارن اندر رقص ۽ سماع ۾ بيخود ٿي ويو. بعضي سچ، ڏند ڪٿائن کان به وڌيڪ عجيب ۽ غريب نظر ايندو آهي، پوءِ عشق ڪٿي مجازي ئي چو نه ڪٿي هجي. عشق جي ڪري جيڪڏهن بادشاه بادشاهيون ترڪ ڪري سگهن ٿا، حڪمران پنهنجا تخت تاج ڦٽا ڪري يڪتارا هٿن ۾ کڻي محل کان ٻاهر نڪري فقيرن جيان نچندا ۽ ڳائيندا ٿا وتن، ته پوءِ شاهه صاحب بابت هيءُ واقعو به سچو ٿي سگهي ٿو.

عشق آهي نانگ خبر ڪا ڏن کي پوي.

شاهه صاحب کي آرام نه آيو. ڪيس عشق ڪوچه به ڪوچه، خانه به خانه دربدر ڪندو رلائيندو پئي وتيو. ان ۾ به شايد قدرت سندس ڀلائي رکي هئي. هن مائٽن جي اجازت کانسواءِ ٻريٽ منهن ڏنو. ڪفني پائي وچي جوڳين ۽ فقيرن جي صحبت اختيار ڪيائين، انهن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سان گڏجي لاهوت لامڪان، هنگلاج، گرنار، جهوناڳڙهه، جيسلمير، ٿر، ڪڇ، ڪوهستان ۽ ملتان وغيره جا سير سفر ڪيائين. چون ٿا ڪابل ۽ قندار به ويو جتان موٽندي هنگلاج آيو جو اتي جوڳين سان سندس اختلاف ٿي پيا. هنن جي خيال مطابق هن اتان جون ريتون ۽ رسمون پوري طرح ادا نه ڪيون ۽ اتان شاهه واپس ٿيو. ان مان ثابت ٿو ٿئي ته شاهه صاحب وڏو سياح به هو. انهن سڀني جاين جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ به ڪيو اٿائين. واپسيءَ تي ٺٽي ۾ آيو جتي سندس ملاقات مخدوم معين سان ٿي. اها ملاقات دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي ۽ چون ٿا ته شاهه جي ڀٽ تي قيام بعد به اها دوستي قائم رهي ۽ هو هڪ ٻئي ڏانهن ايندا ويندا رهيا.

شاهه هن سفر ۾ ٽي سال گذاريا. ان دؤر ۾ نه ريل گاڏيون هيون، نه بسون هيون ۽ نه وري پڪا رستا، تنهن ڪري لازمي طرح اهو هزارن ميلن جو اٽانگو سفر پيرين پنڌ طئي ڪيو هوندائين. مختلف ماڻهن ۽ قومن سان ملاقاتون ٿيون هونديون، انهن جي ريتن رسمن ۽ عوام جي غريبي حالت جو به مطالعو ڪيو هوندائين. هونءَ به ته الله تعالیٰ فرمايو آهي ته منهنجي زمين جو سير ڪريو جا گوناگون آهي. ڪائنات جي وسعت بي انتها آهي، بيشمار رنگ روپ اٿس. هر چيز ذات الاهي جي وجود جي گواهه آهي، تنهنڪري اهو سفر به اڳتي هلي هن عظيم شاعر لاءِ سودمند ثابت ٿيو هوندو. ان بعد شاهه صاحب وطن وريو. ٽن سالن جو وڇوڙو پيءَ ماءُ لاءِ ڪو معمولي واقعو ڪونه هوندو. هنن کي پنهنجي سباجهي، فرمانبردار ۽ نيڪ پٽ جي جدائي ايئن بيحال ڪري ڇڏيو هو جيئن حضرت يعقوب کي حضرت يوسف جي جدائي. مگر هر ڳالهه ۾ قدرت جي حڪمت هوندي آهي جنهن تائين انسان جي ڪوتاهه نظر جي اڪثر پهچ ڪانه هوندي آهي. والدين جي ته عيد ٿي وئي، خزان بهار ۾ تبديل ٿي وئي، جڏهن پنهنجي پياري پٽ سان مليا. هن ناگهاني خوشيءَ جو اندازو لڳائڻ ئي محال آهي. هاڻي ورهين جي وڇوڙي جا غم لحظي ۾ لهي ويا. شاهه هاڻي عبادت الاهي ۽ والدين جي خدمت چاڪريءَ ۾ مصروف ٿي ويو، جا به الاهي عبادت ۽ اطاعت کان گهٽ نه هئي. شاهه صاحب جي واپسيءَ کان سِگهو پوءِ دَل ذات جي ڏاڙيلن وارو واقعو ٿيو. شاهه صاحب کي جڏهن هن ڏاڙي جي خبر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پئي تہ هن پنهنجو اخلاقي فرض سمجهي، پنهنجي طرفان مغل بيگ کي مدد جي آڇ ڪئي پر مرزا مغل بيگ نفرت ۽ حقارت وچان شاهہ جي آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو. شاهہ صاحب منٿون ڪندي چيس، ”جي آءٌ ان ڪشمڪش ۾ مري وڃان تہ اها ڳالهہ بہ اوهان جي خوشيءَ جو باعث ٿيندي ۽ جي جيئرو موٽيس تہ جڻ پاڙي جي ننگ جي حق ادائي ڪيم.“ پر مغرور مغل اهڙو تہ غلط پيش آيس ۽ دل آزاريءَ ڪيائينس جو شاهہ جي زبان مان بي ساختہ اهي لفظ نڪري ويا:

اٺم آس الله ۾ دَل مارينئي مانَ!
بيگ تنهنجي بيگي، رهندي ڪونڙيءَ ۾ ڪانَ.

چون ٿا تہ ان ڳالهہ ۾ وڏائي آهي، فقير ۽ بزرگ پٽ پاراتا نہ ڏيندا آهن، پر اهو ياد رکڻ کپي تہ الله جي ئي امر سان بندن ۽ درويشن جي زبان مان ڪي ڏکيا لفظ نڪري ويندا آهن. تنهنڪري چوندا آهن تہ انهن کي تڪليف ڏيڻ وڏي غلطي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ان جو اهڙو نتيجو نڪرندو آهي جنهن لاءِ ڪو دوا دارون نہ هوندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ مجبوريءَ جي حالت هيٺ اهي لفظ شاهہ صاحب جي وات مان نڪتا هجن. بهرحال ڏاڙيلن سان مرزا مغل بيگ جو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ هو مارجي ويو. مغل بيگ جي خاندان توڙي پين ماڻهن ائين سمجهيو تہ اهو شاهہ صاحب جي پاراتي جو نتيجو آهي. مرزا وارا مارجي ويا، پوئتان هڪ صغير پٽ هيس. پوءِ مغل خاندان اچي معافي ورتي ۽ شاهہ عبداللطيف کي نياڻيءَ جو سنگ ڏنائون. بيبي صاحبہ جو نالو سيده بيگم هو، جيڪا نهايت نيڪ، حليم طبع ۽ پاڪدامن عورت هئي. پنهنجي مڙس وانگر ديني احڪامن جي پابند، روزي، نماز ۽ قرآن پاڪ سان لنئو لڳل هيس. جهڙو هو شاهہ پاڻ تهڙي هئي سندس بيگم صاحبہ. سندس مريد بہ کيس عزت ۽ ادب وچان تاج المخدرات (پردي وارين عورتن جو تاج) ڪري ڪوٺيندا هئا.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهہ جي تصوير ۽ شباهت

شاه صاحب قد جو پورو پنو، مگر شڪل صورت ۾ سهڻو هو. ڪيس ڏاڙهي بہ ڏاڍي ٿهندي هئي، اکيون ڪاريون هئس ۽ سندس چهري مان دانشمندي ۽ وقار پيا بکندا هئا. مؤلانا روميءَ وانگر اکين ۾ چمڪ هوندي هئس جا سندس سوچ ۽ فڪر جي غمازي ڪندي هئي. مگر ڪٿي بہ سندس ڪا تصوير موجود نہ آهي. ڪن ڪتابن ۾ سندس فرضي يا خيالي تصوير ڏني وئي آهي جا ڏيکاري ٿي تہ هڪ ڏبرو ۽ اڌ اگهاڙو جوگي ويٺو آهي جنهن جي بيان ڪيل شبيهہ مبارڪ سان قطعاً ڪا مشابهت ڪانهي. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪتاب ۾ اها مضحڪہ خيز تصوير ڪانہ ڏني اٿم. اهڙي تصوير ڏيڻ شاهہ صاحب سان وڏي بي انصافي ۽ گستاخي ٿئي ها. اهڙيون غلط تصويرون تہ ڪارٽون جي برابر آهن ۽ هن محسن جي شايان شان نہ آهن، بلڪہ هڪ مذاق آهن.

سياسي دؤر

711ع ۾ محمد بن قاسم هڪ نوجوان عرب جرنيل ۽ شيراز (ايران) جي گورنر سنڌ فتح ڪئي، جنهن ڪان پوءِ لڳاتار 1843ع تائين سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت رهي. ان ڪان پوءِ انگريز آيا. شاهہ صاحب 1690ع ۾ ڄائو هو ۽ ان وقت هندستان تي اورنگزيب عالمگير جي حڪومت هئي. ڪلهوڙن جي حڪومت جو دؤر يار محمد خان ڪلهوڙي جي وقت ۾ 1700ع ڪان شروع ٿيو. اورنگزيب، جو مٿس مهربان هو، تنهن هن کي سنڌ تي حڪومت ڪرڻ جو پروانو ڏنو. مغلن طرفان سنڌ ۾ هو هڪ قسم جو خودمختيار گورنر هو. هي اهو دؤر هو جڏهن يورپ ۾ صنعتي انقلاب اچي رهيو هو. يورپ ان وقت ترقي ڪري رهيو هو ۽ انگلينڊ، فرانس، پرتگال ۽ هالينڊ مان سندن گماشتا واپارين جي صورت ۾ هندستان تي قبضي ڪرڻ لاءِ اچي رهيا هئا. ايشيا ڪافي پوئتي پيل هو، حالتون بدلجي رهيون هيون، مغل سلطنت جي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ديوارن ۾ ڏاريئجي ويا هئا، مگر اورنگزيب عالمگير انکي سنڀاليندو پئي آيو. ڊاڪٽر سورلي جي لفظن ۾:

> سترهين صديءَ جي آخر ڌاري اهو چٽيءَ طرح واضح ٿي ويو هو ته ڏٻرو، ڪهرو، ضدي ۽ سخت بااُصول اورنگزيب، جنهن جي طاقتور هٿ مغل بادشاهت کي پڇڙ پرڻ کان روڪي ورتو هو، گهڻو وقت زنده رهي ڪونه سگهندو. هن انسان جي مضبوط قوت ارادي، قابليت ۽ ذهني صلاحيت کي سلام آهي، جنهن ڍهليءَ جي زوال پذير شهنشاهيت کي بچائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

ڪي متعصب مورخ اورنگزيب تي غلط الزام هڻندا آهن ته هن مغل سلطنت کي ڪمزور ڪيو پر اهو سراسر غلط آهي. هن جي جاءِ تي دارا شڪوه يا سندس ڪو پيو پاءُ هجي ها ته مغل سلطنت پنج سال به نه هلي ها. مگر اورنگزيب عالمگير پنهنجي سخت ڪوشي، دانائي ۽ بهادريءَ سان ان کي پنجاهه سال هلايو ۽ نوي سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. هن مغليه سلطنت کي اڳي کان گهڻو وڌايو، مضبوط ڪيو ۽ زندگي جي آخري دم تائين ان کي قائم رکيائين.

ان زماني ۾ سنڌ ۾ آبپاشي جو ڪو ترقي يافته نظام ڪونه هو، آبادي به سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي ٿيندي هئي ۽ سنڌ جا وڏا شهر به درياه کان پري نه هوندا هئا. مگر سنڌو درياه جو وهڪرو بي لغام هو. مهراڻ جون موجون مستيءَ ۾ اينديون هيون ته ملڪ ٻوڙي ڇڏينديون هيون، درياه جا وهڪرا بدلجي ويندا هئا. سنڌ جي آباديءَ جو دارومدار بهرحال سنڌونديءَ تي هو. ان وقت سنڌ جي آدمشماري ڪروڙن ۾ نه پر اٽڪل ڏهاڪو لک هئي. ڪلهوڙن جي گادي پهريائين خداآباد ۾ هئي پر پوءِ غلام شاهه جي ڏينهنَ ۾ سندن دارالحڪومت حيدرآباد منتقل ٿيو.

شاهه صاحب هڪ طرف ته سيد هو تنهنڪري سرورِ ڪائناتﷺ جي آل هجڻ سبب سندس احترام ڪيو ويندو هو. ٻيو سندس والد بزرگوار به هڪ اهل الله هو جنهن

ڪري سندن پيري مريدي هئي. ٿيون ته شاهه صاحب خود به ولي الله، سڀاجهي طبيعت جو مالڪ، وڏو صوفي بزرگ ۽ اعليٰ شاعر هو ۽ الله تعاليٰ جي مخلوق کي وٽانئس رشد ۽ هدايت نصيب ٿيندي هئي. سنڌ جا ته پاڳ ڀلا هئا جو شاه سائين هن سرزمين تي پيدا ٿيو. نتيجو اهو ٿيو جو ٻين پيرن جا مريد به اچي سندس مريد ٿيا. تنهنڪري انهن جي اثر ۾ ڪمي ۽ روزگار تي لت آئي ۽ هو لازمي طرح سندس دشمن بڻجي ويا. اهي ته پنهنجي جاءِ تي، پر سندس عزيز اقارب به بدترين دشمن بڻجي ويا. سندس مائٽن جي هرگز اها مرضي نه هئي ته سندن خاندان جي هڪ نوجوان جا ايترا مريد ۽ عقيدتمند هجن، ايڏي عزت ۽ احترام هجيس. تنهنڪري هنن جي حسد جي باهه ڀڙڪي اٿي. جيڪڏهن پنهنجو ڪو دشمن ٿئي ته ان جهڙو ڪو دشمن ئي ڪونهي. جيڪڏهن عدالت ۾ پنهنجو عزيز ڪو گواهه بڻجي بيهي رهي ته ان جهڙو نقصان ڏيندڙ ٻيو ڪو شاهد ٿي نه ٿو سگهي. پر سندس سڀني کان طاقتور مخالف هو ميان نورمحمد ڪلهوڙو، جيڪو حڪمران هجڻ سان گڏ پير به هو. پيري ۽ اميري ٻئي هڪ هنڌ اچي جمع ٿيا هئا، تنهنڪري هو شاهه صاحب کان خائف هو. ازانسواءِ درٻاري ملان مولوي، شيخ مشائخ، وزير ۽ امير به حڪمران جا ڪن ڀريندا پئي رهيا. اها ڳالهه ڪنهن کان لڪل نه آهي ته ٺٽي ۾، شاهه ڀٽائيءَ جي زندگي ۾، صوفي شاه عنايت کي مغل گورنر نواب اعظم خان شهيد ڪرايو هو. هن درويش الاهي کي بي گناهه سازشون ڪري مارايو ويو هو جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي ته ڪلهوڙا حڪمران به ملوث هئا. درويش آزاري تاريخ ۾ ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. شهادت واري واقعي وقت شاهه صاحب جي عمر 28 سال هئي ۽ هو شاهه شهيد جي روحاني طاقت کي به ڏسي چڪو هو.

شاهه عبداللطيف به هڪ شمع هدايت هو، جنهن کي ميان نورمحمد ڪلهوڙي وِسائڻ پئي چاهيو. چيو ٿو وڃي ته ميان نورمحمد هڪ معجون جي دٻلي شاهه صاحب کي نذرانو ڪري پيش ڪئي، پر ان ۾ زهر پيل هو. شاهه صاحب دٻلي وٺي درياه ۾ اڇليندي چيو، ”پلا ته سڀ ان مان فيض وٺن.“ اها ڪوشش به ناڪام وئي. چوندا آهن ته غيب جي خبر صرف

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

الله پاڪ کي آهي، پوءِ شاهہ صاحب کي ڪيئن پئي؟ ايئن تہ ميان نورمحمد بہ سمجهيو پئي، پر پنهنجن پيارن کي الله تعالىٰ اهو علم، جڏهن هو چاهي ٿو، عطا ڪري ٿو، ان ۾ تعجب جي ڳالهہ نہ آهي. مؤلانا رومي فرمايو آهي تہ "اولياء را هست قدرت از الله" (اوليائن کي الله پاڪ وٽان طاقت حاصل آهي). البتہ غيب جو مالڪ تہ الله پاڪ آهي. چون ٿا تہ هڪ دفعي نورمحمد جي دعوت تي شاهہ صاحب وٽس ويو. ماني کائڻ بعد جڏهن ميان نورمحمد کان رخصت ياب ٿيو تہ ميان صاحب کيس هڪ پلي گهوڙي سونن سنجن سميت سوکڙي ڪري ڏني. پر ميان جي نيت ۾ فتور هو، ڇو تہ گهوڙي اهڙي ڏنگي هئي جو ڀاڻ تي ڪنهن کي سوار ٿيڻ ئي نہ ڏيندي هئي. پر شاهہ صاحب گهوڙيءَ تي آرام سان سوار ٿي ويٺو ۽ اک ڇنڀ ۾ گهوڙي هوا واري تيز رفتاريءَ سان اکين کان غائب ٿي وئي. شاهہ تہ گهوڙيءَ جو لغام بہ لاهي ڇڏيو. ماڻهن سمجهيو تہ هاڻي شاهہ صاحب جو خير ڪونهي ۽ ميان پنهنجي چال ۾ ڪامياب ٿي ويو. پر جهٽ گهڙي بعد شاهہ صاحب گهوڙيءَ کي خيرسلامتيءَ سان موٽائي آندو، جنهن تي ميان نورمحمد ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ معافي طلبيائين. جڏهن شاهہ صاحب کان پڇيو ويو تہ گهوڙيءَ جو لغام ڇو لاهي ڇڏيو هئائين، تہ ان جي جواب ۾ چيائين تہ واڳ ڌڻيءَ جي وس ۾ آهي، هر انسان جي زندگي جي واڳ بہ هن جي ئي هٿ ۾ آهي، پوءِ خواه مخواه ڇو گهوڙيءَ کي لغام ڏجي.

دشمن چہ کند چوں مہرباں باشد دوست
(دشمن ڇا ڪندو جي مؤلا مهربان آهي.)

اهو ميان نورمحمد جو ڪالهہ تائين سندس دشمن هو، اڄ قدرت هن کي سندس دوست بڻائي ڇڏيو. کيس مؤلانا رومي جي مثنوي جو سهڻو قلمي نسخو تحفي طور ڏنائين، ڇاڪاڻ تہ شاهہ صاحب تي مؤلانا روميءَ جي روحاني خيالن جو گهرو اثر هو جيڪو سندس رسالي مان ظاهر آهي.

هڪ روايت مطابق پٽ شاهہ تي "گلان" اچي ڳايو هو، جنهن تي شاهہ صاحب کيس دعا ڪئي هئي ۽ چيائين تہ، "گلان تو مان گل جمندو." ان بعد گلان جي شادي ميان نورمحمد سان ٿي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

۽ ڪيس ان مان غلام شاهه ڄائو. سنڌ جي تاريخ ۾ غلام شاهه نالي وارو حڪمران ٿي گذريو آهي. سمجهيو ٿو وڃي ته شاهه صاحب جي دعا سبب هنن پنهنجي پٽ جو نالو غلام شاهه رکيو، ورنه ڪنهن به ڪلهوڙي حڪمران جي نالي پوئٽان شاهه جو لفظ ڪونهي. البته سنڌ ۾ سيدن جي نالي پوئٽان شاهه جو لفظ هوندو آهي.

شاهه ڀٽائيءَ جو واسطو روزمره جي سياست يا وقتي مسئلن سان ڪونه هوندو هو. هن پنهنجن مريدن، معتقدن ۽ عوام کي اسلام ۽ تصوف سيکاريو. هن جا رستا ۽ طريقا عام مولوين ۽ فقيهن وارا ڪونه هئا، بلڪه هو هڪ صوفي عالم ۽ ولي الله هو. هن دائمي حقيقتن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ نه عارضي ڳالهين ڏانهن. تعصب جو ته وٽس نالو نشان به ڪونه هو. هڪ دفعي ڪنهن پڇيس ته، ”سائين اوهان سني آهيو يا شيعا؟“ جواب ۾ چيائين ته، ”ٻنهي جي وچ ۾ آهيان.“ چيائونس ته، ”ٻنهي جي وچ ۾ ڪي ڪين آهي.“ فرمايائين ته، ”آهيان به اهو ڪي ڪين!“ جيئن مؤلانا رومي فرقه وارانه اختلافن ۾ نه پوندو هو، ائين شاهه صاحب به انهن اختلافن کان پري رهندو هو. مناظرن ۽ بحثن کان هميشه پري هو. البته هو سني هو ۽ طريقو صوفين وارو هيس. اهل بيت سان بيحد حب هين. شيخ يا مرشد سنين ۽ صوفين ۾ هوندا آهن ۽ نه شيعن ۾. فراخدلي ڪنهن ۾ آهي يا نه آهي ان جو مدار فرقي تي نه آهي بلڪه هڪ انسان تي آهي. سچي انسان جي محبت ساري انسان ذات سان آهي پوءِ چاهي ڪهڙي به عقيدي يا مذهب جو هجي.

پٽ وسائڻ

شاه صاحب پنهنجو گهڻو وقت رب تعاليٰ جي عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندو هو. هيءُ تنهائي پسند درويش علم ۾ به گوهرِ يڪتا هو. عربي ۽ فارسيءَ تي به عبور هيس. قرآن پاڪ، حديث شريف، صوفي بزرگن ۽ شاعرن جي ڪلام ۽ فڪر خاص طور مؤلاءِ روم جي مثنوي سان نه گهڻي محبت هيس. اڪثر وقت الاهي ذڪر ۽ فڪر ۾ گذارڻ لڳو. سرورِ ڪائنات رحمت اللعالمين ﷺ جي ذات گرامي لاءِ نه بي انتها محبت ۽ عشق هيس، جنهن عشق جي نتيجي ۾

وڃي معرفت ۽ حقيقت جو اعلىٰ مقام حاصل ڪيائين. هن کي حضور سائينﷺ لاءِ ايئن عقيدت ۽ محبت هئي جيئن حضرت اويس قرني کي هئي.

شاهہ صاحب جو سڀ کان ويجهو استاد ۽ مرشد سندس والد بزرگوار شاهہ حبيب ئي هو، جنهن پنهنجي لائق فرزند جي دنيوي ۽ روحاني تربيت ڪئي هئي ۽ ڪوشش ڪري هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هيس. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب کي وقت جي وڏن عالمن ۽ درويشن جي صحبت نصيب ٿي ۽ خدا مست درويشن جي درگاهن ۽ خانقاهن تي بہ ويندا رهيا.

جڏهن مريدن ۽ عقيدتمندن جو حلقو گهڻو وسيع ٿي ويو تہ مناسب ڄاتائون تہ ڪوٽڙيءَ مان لڏي وڃي ڀٽ تي رهجي، جنهن جي پرسان ڪراڙ ڍنڍ آهي. اها ڀٽ، جتي شاهہ صاحب جن وڃڻ جو ارادو ڪيو، سا هالن کان بہ اڍائي ميل فاصلي تي آهي. ڀٽ تي پنهنجي والدين لاءِ حويلي تعمير ڪرايائين، جماعت لاءِ هڪ مسجد نهرايائين، هڪ منهہ نهرايائين ۽ فقيرن جي رهائش لاءِ ڪين زمين ڏنائين. شاهہ اهو سمورو ڪم پنهنجي نگراني هيٺ ڪرائي رهيو هو.

اڃان ان تعمير ۾ ئي مصروف هو تہ والد طرفان جلد واپس ورڻ لاءِ پيغام پهتس جو پاڻ شديد ناچاق هئا. شاهہ سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي هڪدم اوڏانهن روانو ٿيو، مگر سندس پهچڻ کان اڳ ۾ سيد حبيب شاهہ انتقال ڪري ويو. اهو سن 1742ع هو. هن بعد شاهہ عبداللطيف ڪوٽڙي کي هميشہ لاءِ الوداع چئي اچي ڀٽ وسائي، ان ڪري ئي کيس شاهہ ڀٽائي جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. ڪجهہ وقت تہ پنهنجي والد بزرگوار جي وفات حسرت آيات تي غمن ۾ غلطان رهيو، پر نيٺ پاڻ سنڀاليائين.

هن لاءِ ڀٽ قلبي سڪون واري جڳهہ ثابت ٿي. اعلىٰ اخلاق، صبر، محبت ۽ روحاني طاقت کيس هڪ مقناطيسي شخصيت بڻائي ڇڏيو، جنهن هزارن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي آندو ۽ اهي ڀٽون جتي ڪنهن وقت سج پئي واڪا ڪندي هئي، هاڻي اتي هڪ روحاني

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مرڪز قائم ٿيو ۽ هزارن ماڻهن هدايت ۽ روحاني تسڪين لاءِ ڀٽ تي اچڻ شروع ڪيو. شاهه صاحب کي سماع جو ڏاڍو شوق هوندو هو، جيتوڻيڪ عالمن ۽ ڪن صوفي مسلڪن وٽ سماع جي ممانعت آهي. دور دراز فاصلن کان ڳائڻا سندس محفل ۾ ايندا هئا. جيتوڻيڪ شاهه صاحب شريعت جو پابند هو، تاهم راڳ سندس طبيعت ۾ اهڙو رچي ويو هو جو ان کانسواءِ رهي نه پئي سگهيو. سندس مشهور خليفو تمر فقير هو ۽ ٻيو هيو محمود شاهه جنهن لاءِ شاهه صاحب کي گهڻي عزت ۽ محبت هئي. محمود شاهه به سڀ ڪجهه ترڪ ڪري، شاهه صاحب جي محبت ۾ اچي ڀٽ واسي ٿيو هو ۽ صبوح شام سندس خدمت ۾ بسر ڪندو هو. ٻيا به ڪيترا خاص مريد، معتقد ۽ فقير ڀٽ تي رهندا هئا جن سان گهڻو پيار هيس. انهن مان هڪ ميون هاشم علوي هو جو لڪيڙه جو ڪم هلائيندو هو.

راڳ جو طريقو اهو هو جو جمعي جي رات شاهه حبيب جي روضي تي ڳايو ويندو هو ۽ اهو سلسلو هميشه لاءِ قائم ڪيو ويو. تمر فقير راڳ جي معاملن ۾ اڳواڻ هو. اهو راڳ سفلي جذبات کي اپارڻ لاءِ ڪونه هو، مگر محبوب حقيقيءَ لاءِ سوز ۽ درد پيدا ڪرڻ جو ذريعو هو. اهو ڀٽ تي رهائش جو زمانو هو، جڏهن شاهه جو ڪلام وجود ۾ آيو. پاڻ نه ويهي ڪونه لکيو هئائين. اها ڪيس قدرت طرفان ڏات هئي ۽ خودبخود آمد هئي جو شاهه صاحب شعر چوندو ويندو هو ۽ سندس پيارا مريد فقير تمر ۽ فقير هاشم ان الهامي شعر کي لکندا ويندا هئا. هنن شاهه جي ڪلام کي سهيڙيو ۽ هڪ خوبصورت گلدستي تيار ڪرڻ جو سامان گڏ ڪيائون.

شاهه جو رسالو

هي اهو رسالو آهي جنهن شاهه کي، سنڌ کي ۽ سنڌي زبان کي لافاني بڻائي ڇڏيو. سنڌ جي سرزمين اڃان تائين ٻيو شاهه پيدا ڪونه ڪيو آهي. بيشڪ صوفين جي هن خطي شاهه عنايت شهيد، شاهه ڪريم بلڙي واري، سچل سرمست ۽ ٻين وڏن شاعرن کي جنم ڏنو،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مگر شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ سان ٻين جي شاعريءَ جي مشابهت ڪرڻ نامناسب آهي. شاهہ جي ڪلام جون خوبيون هونئن تہ بيشمار آهن پر انهن منجهان چند جو ذڪر مختصراً هتي ڪجي ٿو.

شاهہ صاحب جي ڏينهنَ ۾ فارسي زبان مروج هئي. ان وقت گهڻا عالم، اديب ۽ شاعر فارسي يا عربيءَ ۾ لکندا هئا، ڇو تہ دفترن ۽ درسگاهن جي زبان فارسي هئي ۽ ڪيترا ماڻهو اها زبان ڳالهائيندا هئا. مگر شاهہ صاحب جو شعر سنڌيءَ ۾ آهي. اهڙي اعليٰ پايي جي شاعري سنڌ توڙي هند اندر ڪنهن بہ ٻي زبان ۾ ڪانہ هئي. شاهہ صاحب جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جي سونهن آهي.

شاهہ جي سنڌي ڪلام جي اهميت ڏسندي، ان کي جرمني جي عالم ڊاڪٽر ٽرمپ ترتيب ڏني، ڊاڪٽر سورلي ڪلام تي عالمانہ ڪتاب لکيو ۽ ڪيترا شعر انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. علامہ آءِ آءِ قاضي، ايلسا قاضي، ۽ جي الانا بہ ڪافي اشعار انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا. آغا محمد يعقوب تہ پنهنجي جگر جو خون ڏيئي مڪمل رسالي جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪيو. مرزا قليچ بيگ رسالو مرتب ڪري ان تي ڪافي ڪم ڪيو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، ڊاڪٽر دائود پوٽي جي مدد سان، رسالي جي معنيٰ ۽ شرح ڪافي تفصيل سان لکي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رسالي جي صحيح ترتيب، معنيٰ ۽ تشريح تي سالهاسال محنت ڪئي آهي. اهڙي طرح ٻين ڪيترن صاحبن جهڙوڪ مير عبدالحسين سانگي، ڏيارام، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شاهواڻي ۽ ٻين صاحبن شاهہ سائين تي لکيو آهي. شيخ اياز اردو ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي. عبدالماجد ڀرڳڙي شاه جي رسالي کي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ ذريعي ورلڊ وائيڊ ويب تي شايع ڪري سڄي دنيا آڏو آندو آهي. مگر اڃان بہ گهڻو ڪجهہ رهيل آهي. هن سمنڊ ۾ ڪيترا موتي ۽ مرجان آهن جن لاءِ غواصي ڪرڻ ضروري آهي. ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر کي اها اهميت نہ ملي آهي ۽ نہ ملندي، پوءِ ڪٿي پاڻ کي ڇا بہ سڏائين.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهہ صاحب جيتوڻيڪ سنڌي مسلمان هو، ۽ سنڌ سان محبت بہ هئس، جنهن جو اظهار رسالي ۾ بہ ڪيو اٿائين ۽ محب وطن بہ هو، پر بنيادي طرح هو آفاقي شاعر هو. هن جي تعليمات جو دائرو صرف سنڌ نہ بلڪہ ساري دنيا هئي. هو رڳو سنڌين کي مخاطب نہ آهي، بلڪہ سندس پيغام پوري انسان ذات لاءِ آهي. جيڪڏهن سندس پيغام تي عمل ڪيو وڃي تہ سنڌ، پاڪستان ۽ دنياءِ اسلام، بلڪہ ساري دنيا ۾ سڪون ۽ آرام هجي. ڪو جنگ جهيڙو نہ هجي ۽ الاهي اصول ۽ قانون خودبخود مروج ٿي وڃن.

شاهہ جي تصوف ۽ فڪر جو بنياد اسلام ۽ قرآن پاڪ تي آهي، مؤلاءِ روم جي مثنوي تي آهي. سڀني غير مسلمان عالمن قبول ڪيو آهي تہ شاهہ جي شاعري نج اسلامي تصوف آهي. ڊاڪٽر سورلي، ڊاڪٽرگربخشاڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي، جن شاهہ جي ڪلام تي وڏو ڪم ڪيو آهي، سي ڪلم ڪلا هن حقيقت کي تسليم ڪن ٿا تہ شاهہ صاحب هڪ عظيم آفاقي شاعر ۽ تصوف جو وڏو علمبردار هو. تصوف اسلام جو روح آهي جنهن ۾ تعصب ۽ مردم آزاري جي ڪا گنجائش ڪانهي.

باوجود مٿين چاٽايل حقيقت جي، يا ائين چوڻ بهتر ٿيندو ان جي ڪري ئي، شاهہ صاحب نہ رڳو مسلمانن ۾ بلڪہ هندن ۾ بہ مقبول آهي. سنڌ اڄ ڏينهن تائين شاهہ صاحب جهڙو عوامي ۽ مقبول شاعر پيدا ڪونہ ڪيو آهي. مسلمان هجن خواه هندو، پڙهيل هجن يا اڻ پڙهيل، هو سڀني جو محبوب شاعر آهي. سنڌ کان ٻاهر بہ هن جا سلامي آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ، ڊاڪٽر سورلي ۽ ڊاڪٽر ائني ميري شمل جهڙا يورپي عالم ۽ اديب بہ سندس عظمت جي گواهي ڏين ٿا . هو لافاني آهي، لاثاني آهي، جنهنجي ڪلام کي ڳوٺن ۽ ڳلين ۾ اڻ پڙهيل بہ پيا ڳائين. هندن بہ مٿس لکڻ ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. آخر ان جو سبب ڪهڙو آهي ؟

حقيقت اها آهي تہ شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ غير مسلم شخصيتن کي بہ ڪونہ وساريو آهي. لِيلا چنيسر، مومل راڻو، ٻيجل، راءِ ڏياچ، سورٺ سڀ غير مسلم هئا . دنيا انهن کي وساري چڪي هئي، خود سنڌي هندو بہ انهن کان ناآشنا ٿي چڪا هئا . تن کي شاهہ صاحب اچي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

زنده ڪيو. شاهہ جي رسالي ۾ هندستاني سُر آهن، هندن جون لوڪ ڪهاڻيون سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهن، تنهنڪري هندو بہ خوش هئا. ڪنهن هندو شاعر سنڌي هندن جي اها خدمت ڪانہ ڪئي هئي ۽ نہ وري ڪو ان جو اهل ئي هو. ان کان علاوه راڳن جا سر ۽ راڳڻيون بہ مقامي ۽ هندستاني هيون، جن بہ هندن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. شاهہ صاحب کي سماع جو وڏو شوق هو ۽ هندن ۾ راڳ عبادت آهي، تنهنڪري هندن شاهہ صاحب کي پنهنجي ويجهو سمجهيو. مگر اها ڳالهہ ياد رکڻ کپي تہ هندو لوڪ ڪهاڻين ۾ بہ شاهہ صاحب روحاني رنگ پيدا ڪيو، اسلامي تصوف جا اصول ۽ نڪتا بيان ڪيا ۽ ڪڏهن بہ بنيادي مقصد تان نہ هٽيو. ازانسوءِ هو وحدت الوجود جو زبردست حامي هو، جنهن کي هندن ويدانت جي ويجهو سمجهيو.

شاهہ جا سُر، سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين سان واسطو رکن ٿا؛ انهن ۾ ليلا مجنون، شيرين فرهاد، وامق عذرا جا قصا ڪونہ آهن. ڪانياواڙ جو واسطو بہ سنڌ سان رهيو آهي. البتہ سر ڪيڏارو ڪربلا جي قضئي بابت آهي. حضرت امام عالي مقام جو اسلام ۾ وڏو درجو آهي ۽ حضور پاڪ ﷺ جن جا ڏوهٽا هئا. سواءِ عراق ۽ ڪربلا جي، باقي قصن جو تعلق اهڙن ملڪن سان آهي جيڪي شاهہ صاحب خود پيرين پنڌ گهميا هئا. ٽن سالن جو تڪليفده سفر ڪيو هئائين، اتان جي ماڻهن جي سياسي، مذهبي، سماجي ۽ معاشي حالتن جو ڪيس گهرو مطالعو هو. اتان جي جهنگن، جبلن، آبادين ۽ برن پٽن کي ڏٺو هئائين. ڪيس قدرت مشاهدي جي زبردست قوت عطا ڪئي هئي. هو حافظ شيرازيءَ وانگر محض شيراز جي حدن اندر قيد نہ رهيو هو جو شيراز کان ٻاهر جو پتو نہ هجيس، تنهنڪري سنڌس شاعري هڪ طرف تہ زبردست مشاهدي جي گواهي ٿي ڏئي تہ ٻئي طرف واقعن جي صحت تي بہ حقيقت جي مهر ٿي هڻي. سنڌ جي ٻي ڪنهن بہ شاعر جي شاعري هن قسم جي نہ آهي.

شاهہ جو ڪلام موسيقيءَ سان ڀريل آهي، اها بہ مقامي ۽ هندستاني موسيقي آهي جنهن سان هندن خواه مسلمانن جو واسطو آهي. اهڙي موسيقي مشڪل سان ڪنهن شاعر جي

شعر ۾ ملي ٿي. تنهنڪري پڙهيل خواه اڻ پڙهيل سنڌيءَ جي زبان تي شاهه جو شعر هوندو ئي آهي. جيڪڏهن ڪا سنجيده محفل هوندي ۽ ڳائڻ وارو سريلو هوندو ته سامعين يڪ ئي يڪ هن کي شاهه جي ڪلام ڳائڻ جي فرمائش ڪندا. هڪ ته شاعري پياري ۽ تصوف جي رمزن سان ڀرپور ۽ ٻيو ته اها موسيقي سان ڀرپور، تنهنڪري ان جو ڳائڻ وڄائڻ هڪ وجد واري ڪيفيت ۽ ماحول پيدا ٿو ڪري! شاهه جي شاعري ان تهذيب ۽ تمدن جي به انتهائي ڪامياب عڪاسي ٿي ڪري جنهن ۾ هو صدين کان پلبا پئي آيا آهن. هندو شاعر ڪشن چند ليکراج شاهه صاحب کي شاعرن جو آسمان ٿو ڪوٺي. ڪيڏو نه پيارو شعر اٿس:

اي زمينِ سنڌ جنت آشيان،	سيل انجم ٿي تنهنجي ريگِ روان:
هو جهان ۾ شاعرن جو بادشاهه،	آسمانِ علم جو تابنده ماهه:
ڳولي جنهن کي ساري عالم جي نگاهه،	آه! دنيا ۾ نه اڄ سو شاهه آهه:
انقلابِ گنبدِ گردون آ،	آسمان زيرِ زمين مدفون آ.

حقيقت حال ته اها آهي ته سنڌ جي سموري شاعري هڪ طرف ۽ شاهه جي شاعري ٻي طرف، هن سان ڪنهن جو مقابلي ئي نه آهي.

حسنِ یوسف دمِ عیسیٰ ید بیضا داری
آنچہ خوباں ہمہ دارند تو تنہاداری

(تو ۾ يوسف وارو حسن، عيسيٰ واري عطاءِ زندگي ۽ موسيٰ وارا معجزا موجود آهن. جيڪي ڪجهه سڀني معشوقن وٽ آهي، تو اڪيلي وٽ موجود آهي.)

وڏن وڏن شاعرن بادشاهن، وزيرن ۽ اميرن جي شان ۾ قصيده خواني ڪئي. قصيده معنيٰ بيجا تعريف يا اجائي خوشامد. اهي شاعر قصيدا ٺاهي وڃي بادشاهن ۽ اميرن وٽ دربار ۾ پيش ڪندا هئا. پوءِ انهن شاعرن کي سندن حيثيت ۽ قصيدي ۾ ڪيل تعريف ۽ هنر مطابق انعام يا معاوضو ملندو هو. هيءُ باقاعده فن ٿي ويو هو ۽ جيڪو وڏو شاعر قصيدو ٺاهي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بادشاه جي خدمت ۾ پيش نہ ڪندو هو، تنهن کي ناپسنديده سمجهيو ويندو هو. مگر شاهہ صاحب کي ڪٿي هئي فرصت، ڪٿي هئي اها طبيعت جو دنيوي بادشاهن جي ويهي اجائي تعريف ڪري ۽ انهن جي خوشامد ۾ ويهي پنا ڪارا ڪري. بعضي بعضي تہ اهڙن عظيم شاعرن کي ان بي رخيءَ لاءِ ڳري قيمت بہ ادا ڪرڻي پوندي هئي. هن موضوع تي وڌيڪ تفصيل سان ٻئي باب ۾ عرض ڪبو، مگر هينئر ايترو چوڻ ضروري آهي تہ شاهہ عبداللطيف ڪنهن بہ امير ڪبير يا بادشاهہ جي ڪا خوشامد ڪانہ ڪئي. ڪا قصيده خواني ڪانہ ڪيائين ۽ نہ ڪي وڃي حڪمرانن جي دربار ۾ ويهندو هو. هن کي تہ ”پرين ڪجو پانهنجو“ جي پريشاني لڳل هئي. هن جيڪڏهن پنهنجي رسالي ۾ تعريف ڪئي آهي تہ ٻنهي جهانن جي خالق ۽ مالڪ جي، هن جا نغما ڳايا اٿس ۽ سندس وحدانيت جا گيت ڳايا اٿئين. هن ڪڏهين بہ ڪلهوڙن ۽ مغل شهنشاهن جي ثنا ۾ شاعري ڪانہ ڪئي. ها البتہ اهو فخر اٿس تہ هو رحمت اللعالمين ۽ محبوب رب العالمين حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جو دربان بہ آهي، خادم بہ آهي تہ غلام بہ. رسالي ۾ خوب دل تي سندن تعريف ڪئي اٿئين. اهو تہ بادشاهيءَ جو دؤر هو، عوام رعيت هئا پر هن جمهوري دؤر ۾ بہ شاعر هجي، نثرنويس هجي يا خطيب، بدقسمتيءَ سان انهن جي اڪثريت ۾ اجان تائين اهو پراڻو جذبو ڪارفرما آهي. خوشامد جو انعام تہ اجان تائين ملي ٿو، رڳو خوشامد جي طور طريقن ۾ وقت پٽاندر تبديليون آيون آهن. انساني فطرت بهرحال ساڳي آهي ۽ رهندي.

شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ انتهائي دلڪش، دلپذير ۽ عاشقانہ موضوع منتخب ڪيا آهن. فلسفي يا تصوف کي سمجهڻ يا سمجهائڻ ايڏو آسان نہ آهي، تنهنڪري شاعر جو اهو ڪمال آهي جو اهڙي ڏکئي موضوع کي سولو ۽ سلوڻو بڻائي ٿو جو هر ڪو ان کي دلچسپي سان پڙهي ٿو. هيءَ مقناطيسي خوبي ٿورن شاعرن ۾ موجود هوندي آهي. شاهہ صاحب عشقيہ موضوع ۾ اهڙي خوبيءَ سان الاهي رمزون ۽ باطني حقيقتون پيش ٿو ڪري جو اهي سمجهڻ گهڻو آسان ٿيو پون. شاهہ جي رسالي ۾ پيار ئي پيار آهي: محبوب جي تعريف آهي: فراق جي صدمن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جو بيان آهي: مهر ۽ وفا جون موجون، عزم ۽ همت جا پهاڙ آهن. لفظن جي چونڊ نه اهڙي لاجواب اٿس جو سندس ڪنهن به شعر ۾ ڪنهن لفظ جي جاءِ تي ٻيو لفظ استعمال ڪري ان جي ظاهري يا معنوي حسن ۾ واڌارو آڻڻ ناممڪن آهي. پنهنجي لاثاني محبوب جي تعريف ڪندي چوي ٿو:

نا ز منجهان نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پند؛ پونءِ پڙ بسم الله چئي، راه چمي ٿي رند؛
اپيون گهٽي ادب سين، حورون حيرت مند؛ سائينءَ جو سوڳند، ساجن سپڪان سهڻو.

ٻي هنڌ تعريف ڪري ٿو:

چوڏهينءَ چنڊ تون اڀرين، سهسين ڪرين سينگار؛
پلڪ پريان جي نه پڙين، جي حيلن ڪرئين هزار؛
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.

محبوب جو فراق عاشق کي ڪيئن بيحال ڪري ٿو:

محب منهنجا سپرين، آڻيندءِ الله؛
توکي سا ريندي ساهه، اکنديو آهون ڪري.

عاشقن جون اکيون پنهنجي محبوب کانسواءِ ٻئي کي ڏسڻ به برداشت نه ٿيون ڪن.

اپريندي ئي سج، پرين جي نه پسنديون؛
ڪڏي ٻيئي ڏج، اکڙيون ڪانگن کي.

هڪ عورت سسئي جي همت کي جس هجي جو محبوب خاطر ڪنهن به مصيبت جي پرواه ڪانه اٿس.

جبل ماري جک، جو آڏو آريچن کي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اهي ڪيڏا نہ پيارا عاشقانہ شعر آهن جي صرف شاهہ جو ئي حصو آهن. دل چوي ٿي تہ سندس ڪلامِ ورد زبان هجي ۽ ڪڏهن بہ دل ۽ دماغ تان نہ ميسارجي. اهي شعر مجازي خواه حقيقي عشق ٻنهي جي لاجواب ترجماني ڪن ٿا.

شاهہ جي ڪلام لاءِ ڪيترو لکي ڪيترو لکندس، نہ قلم ان ۾ ٿڪجي ٿو، نہ وري سندس ڪلام جون اڻ ڳڻ خوبيون بيان ڪري سگهجن ٿيون. بقول شيخ سعدي:

نہ حسنش غايتي دارد نہ سعدي را سخن پاياں
بميرد تشنہ مستسقي و دريا هم چناں باقي
(نہ سندس حسن جي ڪا حد آهي ۽ نہ وري سعدي جي ڪلام جي پڇاڙي،
اُلي وارو اڃايل پاڻي پيئندي پيئندي مري ويندو پر درياه کُٽڻ وارو نہ آهي.)

شاهہ جي ڪلام جي ضخامت وڌائڻ

اها ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ شاهہ صاحب جا رهيل شعر هٿ ڪجن ۽ انهن کي بہ رسالي ۾ شامل ڪيو وڃي. ظاهري طرح تہ هيءَ ڪوشش تعريف جوڳي نظر ٿي اچي، پر ان ۾ لڪل خطرا آهن. شاهہ جي رسالي ۾ اڳ ئي ڪن ٻين شاعرن جا بيت اچي ويا آهن، جن کي ان مان ڪڍڻ مناسب ٿيندو. شاهہ جي ڪلام جا انيڪ نسخا آهن ۽ اهي بيتن جي لحاظ کان ۽ پڙهڻيءَ جي لحاظ کان هڪ ٻئي سان مطابقت نہ ٿا رکن. ڪن صاحبن تہ سُرن جا سُر ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيا آهن تہ اهو ڪلام شاهہ صاحب جو نہ آهي، پر ان لاءِ ڪي بہ سبب ڄاڻايا نہ اٿئون. هنن حالتن هيٺ سنڌي ادبي بورڊ علامہ عمر بن محمد دائود پوٽي جي حوالي اهو ڪم ڪيو هو تہ سڀني نسخن جو مطالعو ڪري هڪ صحيح نسخو تيار ڪري، پر افسوس جو ڊاڪٽر صاحب جي حياتيءَ وفا نہ ڪئي ۽ ڪم اڌورو رهجي ويو.

منهنجي ناقص خيال ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صحيح نسخي تيار ڪرڻ جو اهل آهي ۽ هن اهو تيار ڪيو آهي، پر ڪي حضرات آهن جي چون ٿا تہ فلاڻا فلاڻا بيت آهن جي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهہ صاحب جا آهن مگر رسالي ۾ موجود نہ آهن، تنهنڪري انهن کي شاهہ جي رسالي ۾ جاءِ ڏني وڃي. هيءَ ڪم انتهائي خبرداري سان قابل محقق کي ڪرڻو پوندو. مان هڪ مثال عرض ڪندس تہ حضور پاڪ ﷺ جن جي حديث گڏ ڪرڻ جو ڪم ٻي هجري صديءَ ۾ شروع ڪيو ويو هو. قرآن پاڪ بعد رسول پاڪ ﷺ جن جون حديثون سڀ کان وڌيڪ اهميت رکن ٿيون ۽ آنحضرت ﷺ جن فرمايو هو تہ جنهن سندن مبارڪ نالي سان ڪا ڪوڙي حديث منسوب ڪئي تہ ان جي جاءِ جهنم هوندي. اهو تہ ٻي صديءَ وارو ابتدائي دؤر هو ۽ حضور پاڪ ﷺ جن شديد تاڪيد ۽ چتاءُ ڏنو هو. مگر جڏهن امام بخاري حديث گڏ ڪرڻ لاءِ مسلسل سورنهن سال پنڌ ڪيا، جبل ۽ بيابان لتا ڙيائين، عالمن وٽ پهتو، ايران، عراق، شام، مصر ۽ حجاز جي صحرانوردي ڪري شيخن سان مليو تہ ڇهہ لک حديثون گڏ ڪيائين. مگر تحقيق بعد صرف 7275 حديثن کي درست قرار ڏنائين. جيڪڏهن تحقيق جي اهڙي پختي ڪسوٽيءَ تي نون بيتن کي محقق ويهي پرکيندا تہ ان نئين ذخيري مان بہ ٿورا ڪي بيت صحيح نڪري سگهن ٿا، پوءِ چاهي اهو ذخيرو ڪيترو بہ نيڪ نيتي سان گڏ ڪيو ويو هجي. مقصد شاهہ صاحب جي رسالي جي ضخامت وڌائڻ نہ آهي، پر ملڪ ۽ دنيا آڏو شاهہ جي صحيح ڪلام پيش ڪرڻ جو آهي. هن معاملي ۾ سنڌ حڪومت جي لاپرواهي مجرمانہ آهي.

شاهہ ڪريم جي روضي جي تعمير

شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو تڙ ڏاڏو هوس جنهن سان شاهہ صاحب کي گهري عقيدت هئي، تنهنڪري سنڌس روضو تعمير ڪرايائين ۽ ان جي پر ۾ اهڙي ئي عاليشان مسجد بہ نهرايائين. ان مان پتو پوي ٿو تہ شاهہ صاحب ڪيترو روزي نماز جو پابند هو. اهو اڳ ۾ اچي چڪو آهي تہ شاهہ ڪريم جو رسالو بہ هميشہ پاڻ سان هوندو هئس ۽ ان مان ڪيترا بيت ياد هوندا هئس.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بزرگن سان ملاقاتون

شاھہ عبداللطيف جون پنهنجن ڪيترن ئي همعصر صوفين، ولين ۽ بزرگن سان ملاقاتون ٿيون، جن جو ڪنهن قدر احوال عرض رکجي ٿو.

جڏهن شاھہ صاحب ڀٽ ۾ اقامت پذير هو تڏهن لنواريءَ جي بزرگ حضرت خواجہ محمد زمان (1712ع -1774ع) ڏانهن زيارت لاءِ ويو. اهو خواجہ صاحب هو جنهن وٽان حضرت عبدالرحيم گرهوڙي کي فيض حاصل ٿيو ۽ هو صاحب ڪرامت بڻيو ۽ اڳتي هلي بت پرستيءَ خلاف جهاد ڪندي شهيد ٿيو. خواجہ صاحب هڪ بي مثال عالم، عارف بالله ۽ شاعر بہ هو. شاھہ صاحب سڪ مان پنڌ ڪري وڃي وٽس لنواري شريف پهتو ۽ خواجہ کي پنهنجي آمد جو اطلاع ڪري، اندر اچڻ لاءِ اجازت گهريائين. نوڪرجڏهن اطلاع ڪيو تہ خواجہ صاحب خود ئي فرمايو، ”سيد صاحب کي وڃي چئُج تہ ٿورو ترسو، اسان پاڻ اوهان جي ملاقات لاءِ اچون ٿا.“ شاھہ صاحب نوڪر کان پڇيو تہ خواجہ صاحب ڇا ڪري رهيا هئا، هن جواب ڏنو تہ ماٺ ۾ ويٺا هئا. پوءِ نوڪر کي چيائين تہ هل اندر ٿا هلون، جڏهن اندر پهتا تہ هيءُ بيت پڙهيائين:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جنين هيناٺون ڪنڌ، آءٌ نہ جيئندي ان ري.

حضرت خواجہ صاحب جواب ۾ فرمايو:

ڪين آهين، ڪين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا، ”لا“ سين سڀ لهراءِ،
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهہ پريان جي ڳجھ جي.

ان تي شاھہ صاحب جواب ڏنو:

قلم وهي ويو ڪانهن، سرتيون! ڪنهن سياڳ لئه؛
انگ اکيئي لکئو، اُت نه پهچي بانهن؛
ڪنهنکي ڏيان ڏانهن، ته پرينءَ مان سين هيئن ڪئو.

خواجه صاحب وراڻيو:

ويهه وجي وٽ تن، قلم جن جي هٿ ۾؛
ميٽئو انگ اکيون، واري ٻئو لکن؛
پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسين پرينءَ کي.

گفتگو ٻه مام ۾ ۽ بيتن ۾ ڪيائون، پر هن مان سلطان الاوليا حضرت خواجه صاحب جي اعلىٰ منزل ۽ مقام جو پتو پوي ٿو. اهو بيت شاهه صاحب جي رسالي ۾ به آيل آهي. هن گفتگوءَ بعد شاهه صاحب پڇيو ته، ”فنا ڇا آهي، ان جي ڪا ڪل آهي؟“ فرمايائون ته ”فنا ڪان اڳ ڇا آهي؟“ جنهن تي شاهه صاحب عرض ڪيو ته، ”مان اوهان جو مريد ٿيڻ چاهيان ٿو.“ خواجه صاحب جواب ڏنو، ”سماع ۽ ڳانو اسان جي طريقي ۾ منع ۽ حرام آهن.“ سيد صاحب چيو، ”ساري عمر سماع ۽ سرود ۾ صرف ڪئي اٿم، انهن کي ترڪ ڪرڻ هينئر مون لاءِ ممڪن ناهي.“ پوءِ به ٻنهي درويشن پاڻ ۾ ڪافي روح رهاڻ ڪئي، ان کان پوءِ موڪلائي واپس پٽ وريو. واپسيءَ وقت خواجه صاحب کيس خلافت جي گودڙي ڏڪائي. چون ٿا ته شاهه صاحب وصيت ڪئي هئي ته، ”منهنجو ڪفن هن گودڙيءَ مان ڪجو.“ وفات بعد سندس وصيت جي تعميل ڪئي وئي. شاهه صاحب ايتري قدر ته خواجه صاحب جن کان متاثر ٿيو هو جو هميشه هيٺيون بيت بزرگن جي شان ۾ پڙهندو رهندو هو:

مون سي ڏٺا ماءِ! جنين ڏٺو پرينءَ کي؛
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

مخدوم محمد معين ٺٽوي سان ته سندس گهڻيون ملاقاتون ٿيون. سندن دوستي جوانيءَ جي دؤر کان شروع ٿي هئي. مخدوم معين وڏو عارف الاهي ۽ عالم هو. مخدوم صاحب ۽ شاهه

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

صاحب لاءِ چيو ٿو وڃي تہ ٻئي اويسيہ طريقي جا هئا. اهو طريقو جيڪو سرور ڪائنات ﷺ جي عاشق صادق اويس قرنيءَ وارو هو. چون ٿا تہ اهل مماتي وارن کان بہ فيض ملي سگهندو آهي ۽ حضرت اويس قرنيءَ کي اهو فيض رسول پاڪ ﷺ کان عطا ٿيو. گرچہ ان ذات پاڪ سان ظاهري دنيا ۾ ملاقات ڪانہ ٿي هئس. مؤلانا جاميءَ جي لکت مطابق روحاني ولايت لاءِ اهو شرط ڪونهي تہ ڪو ظاهري مرشد ونجي. مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي تحرير مطابق اهل مماتي کان فيض حاصل ڪرڻ عقلاً ۽ شرعاً جائز آهي. اهو دستور ڪن ٻين درويشن پڻ اختيار ڪيو هو. شاهہ صاحب کي حضور پاڪ ﷺ سان بي انتها عشق هو. اها پاڪ هستي جنهن وٽ فيض جا درياءَ وهندڙ هئا. انهن وٽان ئي مٿس علم ۽ عرفان جي عنايت ٿي.

جهوڪ جي حضرت شاهہ عنايت شهيد سان بہ سندس ملاقات ٿي هئي. جڏهن مغلن ۽ ڪلهوڙن گڏجي سازش ڪري کيس شهيد ڪيو تہ ان وقت شاهہ صاحب جي جواني هئي. هن شهادت تي کيس ڏاڍو ڏک ٿيو. حق وارن کي ڪڏهن حڪمرانن ۽ دنيا دارن سنو آهي؛ هميشہ کين تڪليفون ڏيندا آيا آهن ۽ کين شهيد ڪرايو اٿون. شاهہ صاحب هن واقعي تي هميشہ هيٺيون بيت پڙهندو هو:

اڄ نہ اوطاقن ۾، ٿا طالب تنوارين؛
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين؛
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

حضرت سچل سائين جي ڏاڏي ميان صاحبڏني سان بہ درازن ۾ شاهہ صاحب جي ملاقات ٿي. هو بہ صاحبِ دل بزرگ هو. سچل سائين ان وقت پنجن سالن جو هو جڏهن شاهہ ڀٽائي کيس درازن ۾ ڏٺو هو. تيز روحاني نگاهن سان کيس سڃاڻي ورتائين ۽ فرمايائين، "جيڪو ڪُنو اسان چاڙهيو آهي، تنهنجو ڍڪڻ هي لاهيندو." واقعي ٿيو بہ ائين. شاهہ صاحب جن رازن ۽ رمزن جو ڍڪيل زبان ۾ ذڪر ڪيو هو، انهن کي سرمست اڇي آشڪار ڪيو. شاهہ جي شاعريءَ خلاف تہ عالم ۽ فقيهہ بہ اعتراض ڪري نہ پئي سگهيا. هن اهڙي تہ سهڻي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

نموني سان حقيقتن کي پيش ڪيو هو جو ان جي خلاف ڪو به ڪجهه نه سگهيو. مگر سچل سرمست شريعت جي صاحبن کي چئلينج ڏيندي وڏي واڪي چيو.

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي؛
مان جو ئي آهيان، سو ئي آهيان.

مخدوم عبدالرحمان کهڙائي(ضلع خيرپور) کي ميان نور محمد ڪلهوڙي 1145 هجري ۾ شهيد ڪرايو هو. سندس فرزند مخدوم محمدي هو. شاهه صاحب هڪ دفعي کهڙا ڳوٺ جي ٻاهران اچي لٿو ته مخدوم محمدي چوَرائي موڪليس ته اسان وٽ قيام پذير ٿيو، جنهن تي شاهه صاحب لکي موڪليس:

اڄ نه آيس آنءُ، صبح ايندس سپرين؛
توتي جنهن جو نانءُ، سو ڪٽي بار کهين جا.

حضرت شاهه صاحب کي جيڪا حضور سائينءَ ﷺ سان عقيدت هئي سا مٿين بيت مان ظاهر آهي. مخدوم صاحب جو اسم گرامي به ساڳيو هو. شاهه صاحب ٻئي ڏينهن مخدوم صاحب وٽ پهتو. ساڻس گڏ ڳائڻ وارا فقير ۽ ساز به هئا. ميزبان صاحبِ شريعت بزرگ هو، تنهنڪري شاهه صاحب کان ان باري ۾ پڇيائين، جنهن وراڻيو، ”اسان جي مجبوري آهي جو راڳ اسان جي روحاني خوراڪ بڻجي چڪو آهي.“ مخدوم صاحب چيو ته، ”هتي بنا ساز جي پل راڳ ٿئي ۽ پل بڌو.“ شاهه صاحب قبول ڪيو ۽ ساز ڪوٺيءَ ۾ رکي ڇڏيائين. رات جو نماز پڙهڻ کان پوءِ جڏهن فقيرن وڏي سوز سان ڳائڻ شروع ڪيو ته ساز ڪمري اندر پاڻمرادو وڄڻ لڳا. اهو حال ڏسي مخدوم صاحب چيو ته هيءَ هڪ نرالي حالت آهي ۽ شاهه صاحب بي ميار آهي. پوءِ هفتو کن شاهه صاحب اتي رهيو ۽ ٻئي بزرگ پاڻ ۾ رهاڻيون ڪندا رهيا. مخدوم صاحب هڪ اهل الله هو ۽ سندس تعلق به اويسي طريقي سان هو. هن مان ظاهر آهي ته شاهه صاحب واري راڳ جو روحانيت سان تعلق هو ۽ نه دنيوي راحتن، مزي ۽ عيش سان.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهہ صاحب جي وفات

پٽ تي رهائش بعد شاهہ صاحب گهڻو وقت گوشہ نشينيءَ ۾ گذاريندو هو ۽ الاهي ذڪر ۽ فڪر ۾ مصروف هوندو هو. هيءَ خاموشيءَ واري جڳهہ هئي؛ پرسان ڍنڍ هئي ۽ ڪجهہ ساوڪ هئي. هتي سندس ڪي خاص فقير رهندا هئا، جي سندس وفادار پوئلڳ ۽ مريد هئا ۽ هر ڪو پنهنجي سونپيل ڪم ۾ پورو هوندو هو. پٽ ۾ ڇهڪ شاهہ صاحب جي هڪ نندڙي مگر آلودگي کان پاڪ پنهنجي ڌار دنيا هئي. شاهہ سائين 14 صفر 1165 هجري (1752ع) تي وصال ڪيو. ڪيس بظاهر تہ ڪو بہ عارضو ڪونہ هو. پاڻ چادر ويڙهي مراقبي ۾ مصروف ٿي ويو ۽ فقيرن کي سماع جو اشارو ڏنائين. ڪافي وقت اهو سماع ۽ سرود هليا، نيٺ بند ڪيائون. وجي جو فقير ڏسن تہ شاهہ صاحب جو روح هن خاڪي جسم مان پرواز ڪري وڃي پنهنجي رب وٽ رسيو آهي، جنهن سان روز ازل واعدو ڪري آيو هو. پاڻ ئي تہ فرمايو هئائون:

السٽ بربڪم، جڏهن ڪن پيوم؛
قالوا بلىٰ قلب سين، تڏهين تت چيوم؛
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

ان وقت هن عاشق رسولﷺ جي عمر 63 ورهيہ هئي؛ اها ئي عمر جنهن ۾ حضور پاڪﷺ جن هن دنيا مان برقعو مٽيو هو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي، سنڌ جي حڪمران، شاهہ صاحب جو عاليشان مقبرو ٺهرايو. ان بعد مير نصير خان مقبري ۽ مسجد جي سهڻي نموني مرمت ڪرائي ۽ سندس سوٽ مير محمد خان قُبي ۾ چانديءَ جو دروازو وجهرايو جو اڄ تائين موجود آهي. سندس مرقد منور تي روزانو سوين ماڻهو ايندا آهن. 14 صفر تي ساليانو عرس ٿيندو آهي جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. ادبي ميلو بہ ٿيندو آهي ۽ ثقافتي رنگ بہ هوندو آهي. هر روز ۽ خاص ڪري جمعي جي رات صوفيانہ ۽ عاشقانہ ڪلام ڳايو ويندو آهي جو زندگي ۾ بہ سندس خوراڪ هو. سنڌ جي هن عظيم صوفيءَ شاعر تي اسان جيترو بہ فخر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪريون گهٽ آهي. ظاهري طرح تہ فقير هو، اٽڻ ويهڻ، لباس پهرڻ، کائڻ پيئڻ ۽ عوام سان پيش اچڻ جو طريقو تہ فقيراڻو هئس، پر سندس درجو ۽ عزت شهنشاهن کان بہ مٿي آهي.

ساري رات سبحان، جاڳي ڪيو جن ياد؛
ان جي عبداللطيف چئي، مٿيءَ لڌو مان؛
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آڳهہ ان جي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

3

علامہ ڈاڪٽر محمد اقبال

محمد اقبال 1876ع ۾ پنجاب جي شهر سيالڪوٽ ۾ ڄائو، پر ڪن جو چوڻ آهي ته سندس جنم 22 فيبروري 1873ع تي ٿيو. هو اصل ۾ ڪشميري برهمڻ هو، پر سندس خاندان 18 صديءَ جي شروع ۾ مسلمان ٿيو. پاڻ ئي فخر سان چوي ٿو:

مرا بنگر کہ در ہندوستاں دیگر نمی بینی
برہمن زادہ رمزِ آشنائے روم وتبریزاست

(مون کي ڏس، جو هندستان ۾ مون جهڙو ٻيو ڪو نه ڏسندين:
هي برهمڻ زادو رومي ۽ شمس تبريز جي رمزن جو ڄاڻو آهي.)

اقبال جي ڄمڻ وقت سندس والد شيخ نورمحمد خواب ۾ ڏٺو ته هڪ ڪبوتر اڏامي اچي سندس جهوليءَ ۾ ويٺو، جنهن کي هن هڪ نيڪ نشاني يا شگون تصور ڪندي سرڪاري نوڪري ڇڏي ڏني ۽ پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيائين ته جيئن رزق حلال ڪمائي ۽ ان مان پنهنجي پٽ جي پرورش ڪري، ورنه حرام جي ڪمائيءَ جو اولاد تي به غلط اثر پوي ٿو. مؤلانا رومي فرمايو آهي:

علم و حکمت آید از نانِ حلال
سوز و رقت آید از نانِ حلال

(حلال جي روزي مان علم ۽ حڪمت پيدا ٿين ٿا. سوز ۽ گريه به حلال جي رزق مان حاصل ٿين ٿا.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اقبال کي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليائون، جتي هن اسڪالرشپ به حاصل ڪئي. مشهور آهي ته هو جڏهن ڏهن ٻارنهن سالن جو هو ته هڪ دفعي اسڪول ۾ ڪجهه دير سان آيو. استاد پڇيس ته، "اقبال، چو دير سان آيو آهين؟" جنهن تي هن ڏاڍو موزون ۽ مزيدار جواب ڏيندي چيو، "سائين، اقبال دير سان ئي ايندو آهي." اقبال جي معنىٰ آهي قسمت يا عزت جي بلندي، جنهن تي رسڻ لاءِ وقت لڳندو آهي. استاد اهو جواب ٻڌي حيران ٿي ويو ته ڇا شاگرد جي عمر آهي ۽ ڇا سندس جواب! اڳتي هلي ڳالهه سچي ثابت ٿي، هيءَ ڄڻ پيش گوئي هئي.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد اسڪاٽ مشن ڪاليج سيالڪوٽ ۾ داخلا ورتائين، جتي کيس سيد مير حسن نالي هڪ عالم ۽ فاضل استاد مليو. مير حسن عربي ۽ فارسي زبانن تي وڏي دسترس رکندو هو ۽ هن نيڪ عالم پنهنجي شاگرد تي ڪافي توجهه ڏني، جنهن مان اقبال گهڻو ڪجهه پرايو. اقبال به ساري عمر هن احسان کي نه وساريو، پنهنجي عالم استاد جو احسان به لاٿائين ۽ پنهنجي اشعار ۾ به سندس ذڪر ڪيائين. اقبال جي شاعريءَ جي شروعات سيالڪوٽ ڪاليج کان ٿي، مگر اهو سندس شروعاتي دؤر هو.

اقبال لاهور ۾

بي اي جي پهرئين سال پاس ڪرڻ بعد اقبال لاهور ۾ گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جتي هن فلسفي جو موضوع پنهنجي لاءِ منتخب ڪيو. 1897ع ۾ هن امتيازي حيثيت سان بي اي پاس ڪئي، جنهن ۾ به سونا ٻلا (Medals) کيس انعام ۾ ڏنا ويا. انگريزيءَ ۽ عربي ۾ صلاحيتن رکڻ سبب کيس اسڪالرشپ به ملي. مشهور و معروف پروفيسر ٿامس آرنلڊ عليگڙهه جي ايم اي او ڪاليج ۾ استاد هو ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف هو. آرنلڊ "تبليغ اسلام" (Preaching of Islam) جي نالي سان هڪ اهم ڪتاب لکيو جنهن جو سنڌيءَ سميت ڪيترين زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ثابت ڪيو آهي ته اسلام جو تلوار جي زور تي ڦهلجڻ جو الزام بالڪل غلط آهي. حقيقتاً اسلام جي اعلىٰ اخلاق، محبت، تعليم ۽ تبليغ سبب غير مسلمانن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اسلام اختيار ڪيو. هن جي قابليت ۽ علميت ايتري ته وسيع هئي جو عليڳڙه ۾ مشهورعالم، مصنف ۽ شاعر علامه شبلي نعماني به ڪانئس صلاح مشورا وٺندو هو. اقبال جي اها خوش قسمتي چئجي جو اهڙو لائق ۽ فائق استاد عليڳڙه ڇڏي گورنمينٽ ڪاليج لاهور آيو. خوش قسمت اقبال به سندس شاگرد هو. اڳتي هلي استاد ۽ شاگرد جو رشتو دوستيءَ ۾ تبديل ٿيو، ڇو ته اقبال به غيرمعمولي قابليت جو مالڪ هو. 1899ع ۾ هن فلسفي ۾ ايم اي وڏي امتياز سان پاس ڪئي. غيرمعمولي ۽ شفيق استادن جو ملڻ ۽ انهن مان فائدو ۽ فيض حاصل ڪرڻ به شاگرد جي وڏي خوش قسمتي ۽ اهليت جي علامت هوندي آهي. اقبال جو واقعي ڀاڳ ڀلو هو جو کيس مير حسن ۽ پروفيسر ٿامس آرنلڊ جهڙا عالم استاد مليا. اقبال کي پروفيسر آرنلڊ لاءِ به بيحد احترام هو ۽ پنهنجي مڪرم استاد جي وفات تي گهري غم جو اظهار ڪندي چيائين:

نخل میری آرزوؤں کا ہرا ہونے کو تھا　　آہ کیا جانے کوئی میں کیا سے کیا ہونے کو تھا
ابرِ رحمت دامنِ گلزارِ من برچید و رفت　　اند کے بر غنچہ ہائے آرزو بارید و رفت

اڻويهين صديءَ جي آخر ڌاري لاهور ۾ هڪ وڏو مشاعرو ٿيو، جنهن ۾ اقبال به پنهنجا شعر پڙهيا. پهريون دفعو لاهور جي علمي ادبي حلقن محسوس ڪيو ته اقبال مستقبل جو غيرمعمولي شاعر ثابت ٿيندو. ان موقعي تي سندس مشهور شعر هو:

موتی سمجھ کے شانِ کریمی نے چن لئے
قطرے گرے جو تھے میرے عرقِ انفعال کے

ايم اي پاس ڪرڻ بعد اقبال کي لاهور گورنمينٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. علم ادب، شعر، فلسفي ۽ اسلاميات سان ته اڳيئي گهرو لڳاءُ هئس، هاڻي معلم ٿيڻ بعد ته هن جِي علم ڪانسواءِ ٻي ڪا مشغولي ڪانه هئي ۽ شاعري جي ته قدرت وٽان کيس ڏات مليل هئي. پنهنجي ان ڪيفيت ۾ ايندو هو ته بي ساخته سندس زبان مان شعرن جا گل پيا ڇڻندا هئا. لاهور جي علمي ۽ ادبي فضا به هن لاءِ موزون هئي. هيءُ شهر ڪراچي جي برعڪس

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

گڏيل هندستان ۾ پنهنجي علمي ادبي ذوق لاءِ مشهور هو ۽ ڪيترا بلند پايه عالم ۽ اديب اتي ٿي گذريا آهن. اڄ به پاڪستان جي شهرن منجهان لاهور ۾ ئي سڀ کان وڌيڪ ۽ وڏا ڪتب خانا، ڪتاب گهر ۽ اشاعتي مرڪز آهن. اقبال هن علمي ماحول ۾ ويٺي ويٺي شعر چوندو ويندو هو ۽ سندس شاگرد لکندا ويندا هئا. 1899ع ۾ جڏهن سندس نوجوانيءَ جو دؤر هو ته انجمن حمايت اسلام جي هڪ جلسي ۾ هڪ نظم پڙهيائين، جنهن سندس شاعريءَ واري شهرت کي ٻوبالا ڪري ڇڏيو.

رند کهتا ہے ولی مجھ کو، ولی رند مجھے سن کے ان دونوں کی تقریر کو حیران ہوں میں

زاہدِ تنگ نظر نے مجھے کافر جانا اور کافر یہ سمجھتا ہے مسلمان ہوں میں

هن خوبصورت نظم ته جابجا کيس مشهور ڪري ڇڏيو. شاعريءَ ۾ اقبال هندستان جي مشهور شاعر داغ دهلويءَ جو شاگرد هو ۽ پنهنجا شعر پوسٽ جي ذريعي کيس اصلاح لاءِ موڪليندو هو. پر ٿوري ئي وقت ۾ جناب داغ محسوس ڪيو ته اقبال مستقبل جو مشهور شاعر ٿيڻو آهي. سندس شعرن ۾ اها پختگي ڏٺائين جو کيس چوڻو پيو ته انهن ۾ اصلاح جي ضرورت ئي ڪانهي. اقبال کي ان تي فخر هو جو داغ جهڙو سموري هندستان جو مشهور شاعر سندس استاد هو. ڏسو ته ڪيئن قدرت اقبال جي اقبال لاءِ موقعا ميسر ڪندي وئي. چوندا آهن ته ماءُ پيءُ ته ڌرتيءَ تي اولاد کي پيدا ڪندا آهن، مگر استاد پنهنجن شاگردن کي زمين تان کڻي آسمان تي پهچائي ٿو. اقبال ان جو جيئرو جاڳندو مثال هو. هن پنهنجي استاد تي فخر ڪندي چيو.

نسیم و تشنہ ہی اقبال کچھ اس پر نہیں نازاں
مجھے بھی فخر ہے شاگردیء داغ سخنداں کا

ان بعد ڏسون ٿا ته اقبال اورينٽل ڪاليج لاهور ۾ فلسفي ۽ تاريخ جو پروفيسر ٿيو. مگر ٿوري وقت بعد وري گورنمينٽ ڪاليج لاهور آيو، جتي کيس انگريزي ۽ فلسفي جو اسسٽنٽ

پروفيسر مقرر ڪيو ويو. ان حيثيت ۾ نہ صرف ڪاليج جي چوڏيواريءَ اندر بلڪہ ان ڪان ٻاهر بہ هو چمڪيو ۽ علم الاقتصاديات بابت ڪتاب لکيائين. هن جوانيءَ ۾ ئي اهڙو نالو ڪڍيو جو علامہ شبلي نعماني ڪانئس متاثر ٿي چيو، ”جڏهن آزاد ۽ حالي جون جايون خالي ٿينديون تہ ماڻهو اقبال ڏانهن واجهائيندا.“ حالي ۽ اڪبر اللہ آبادي بہ ڪيس وڏي عزت ۽ پيار سان ڏسندا هئا.

اقبال جي زندگيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائڻو پوندو جيڪي سندس ذهني ارتقا سان واسطو رکن ٿا. پهريون 1905ع تائين جڏهن هو لاهور ۾ هو: مذهبي ماحول ۾ رهڻ باوجود بہ هو قوميت پرستيءَ جو قائل هو. ٻيو 1905ع کان 1908ع تائين جنهن دؤران هو يورپ ويو، اتان جي قابل استادن ۽ فلاسفرن جي صحبت ۾ رهيو ۽ يورپ جي مختلف يونيورسٽين مان ڊاڪٽريٽ ۽ وڪالت جون ڊگريون حاصل ڪري اتان جي معاشري، فلسفي ۽ سياست جو پڻ گهرو اڀياس ڪيائين. ٽيون دؤر اهو آهي جڏهن هو يورپ کان هندستان موٽي آيو ۽ سندس نظريا بدلجي چڪا هئا. سندس سوچ ساڳي نہ رهي هئي: زندگي جي تجربي، گهري فڪر ۽ مطالعي، آفاقي نگاهن ۽ عالمي مفڪرن جي صحبت هن جي زندگيءَ ۾ عظيم انقلاب آڻي ڇڏيو.

يورپ ڏانهن روانگي

اقبال کي علم جي اها اڃ هئي جو ايم اي ۾ امتيازي حيثيت حاصل ڪرڻ، سونا تمغا انعام ملڻ، پروفيسر ٿيڻ ۽ لاهور جي خوشگوار علمي ادبي ماحول باوجود لهي نہ سگهي. ايشيا هاڻي پوئتي پئجي چڪو هو ۽ يورپ علمي ۽ عملي لحاظ کان وڏي عروج تي پهچي چڪو هو. ان علمي تشنگي کيس يورپ وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو، تنهنڪري سيپٽمبر 1905ع ۾ انگلينڊ روانو ٿي ويو.

چلی ہے لے کے وطن کے نگار خانے سے
علم کی لذت کشاں کشاں مجھ کو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ظاهر آهي ته اقبال جو يورپ ڏانهن ڪو تفريحي سفر ڪونه هو، هو علم جي حصول ۽ الاهي ڪائنات جي مطالعي لاءِ ويو هو. هيءَ ڪائنات وسيع آهي ۽ هندستان ته ان جو هڪ ننڍڙو حصو آهي. اقبال لنڊن ۾ رهائش دوران اسلامي موضوعات تي ڇهه مکيه ليڪچر ڏنا جيڪي ڪافي اهم هئا ۽ لنڊن جي اخبارن ۾ شايع ٿيا. پهريون ليڪچر هن "اسلام جا ڪي پهلو" تي في البديهه ڪئڪسٽن هال ۾ ڏنو ۽ اهو لنڊن جي اهم اخبارن ڊيلي ٽيليگراف، ٽائيمس، مارننگ پوسٽ ۽ ٻين اخبارن ۾ اکر به اکر ڇپيائون.

اقبال ٽي سال ڪئمبرج يونيوسٽي ۾ رهي تحقيقي ڪم ڪيو ۽ مشهور فلسفي پروفيسر مئڪ ٽيگرٽ جي ليڪچرن مان فائدو ورتائين ۽ يونيورسٽي کيس فلسفي جي اعلىٰ ڊگري ڏني. هن Development of Metaphysics جي نالي سان ڪتاب لکيو، جنهن لاءِ جرمنيءَ جي مشهور ميونخ يونيورسٽيءَ کيس فارسيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني. هن ڪتاب جو ترجمو اردوءَ ۾ "فلسفه عجم" جي نالي سان ڇپيو ويو آهي. جرمنيءَ مان واپسي بعد وري انگلستان آيو ۽ اتي قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين. لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس ۽ پالٽڪس ۾ به هن تعليم حاصل ڪئي. ٽي مهينا لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ عربيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. لنڊن ۾ سندس واقفيت ڪيترن ئي اهم شخصيتن سان ٿي، جنهن ۾ مشرقي علوم جو ماهر پروفيسر ڊاڪٽر نڪلسن به هو. پروفيسر موصوف مؤلانا روميءَ جي ضخيم ۽ انتهائي اهم صوفيانه تصنيف مثنوي جو ترجمو ڪيو هو ۽ مؤلاءِ روم جي زندگي ۽ صوفيانه خيالات تي وڏو اهم ڪم سرانجام ڏنائين. هن لائق پروفيسر اقبال جي "اسرار خودي" جو به انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. پروفيسر نڪلسن جون خدمتون ناقابل فراموش آهن.

اقبال تي يورپ جو اثر

اقبال لڳاتار ٽي سال يورپ ۾ رهيو، اتان جي سياست، فلسفي علوم، فنون ۽ سائنسي ترقيءَ کان آگاه به ٿيو ۽ متاثر به، مگر اتان جي کوکلي تهذيب، مادي ترقي ۽ تنگ نظريءَ واري

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سياست ۽ فلسفو مٿس اثرانداز نه ٿي سگهيا. هن جي نگاهن ۾ اسلام جي وسعت نظري، عالمي برادري ۽ اسلامي تصوف ئي نجات جو واحد رستو هئا جيتوڻيڪ يورپ ظاهري طرح وڏي ترقي ڪئي هئي. هنن پنهنجي ادارن جي تعمير ڪئي هئي، اتي صنعت وڏي عروج تي هئي، مگر ان ترقيءَ باوجود بلند انساني اقدار ختم ٿي چڪا هئا، انسان ذات جي لاءِ همدردي جو نالو به ڪونه هو، ذهني سڪون ختم ۽ سارو معاشرو پريشانيءَ ۾ مبتلا هو، بس هاڻي هو واپاري ۽ سودخور بڻجي چڪا هئا ۽ سائنسي ترقي انهن لاءِ رحمت بجاءِ زحمت ثابت ٿي رهي هئي. قوميت پرستي،ماديت ۽ خود غرضيءَ يورپ لاءِ زهر قاتل جو ڪم پئي ڏنو. ترقي باوجود يورپ اهڙي مرض ۾ مبتلا هو، جو ڪنهن کي به اتي سڪون جو ساهه ڪونه هو، جڏهن هر ڪو نفسانفسيءَ ۾ مبتلا هجي. هن جي ذهن ۾ يورپ خلاف هڪ روحاني ۽ ذهني رد عمل پيدا ٿيو. مغربي تهذيب خلاف بغاوت ڪندي اقبال ان کي خودڪشي جي برابر سمجهيو.

دیارِ مغرب کے رہنے والو خدا کی بستی دکاں نہیں ہے
کھرا جسے تم سمجھ رہے ہو وہ اب زرِ کم عیار ہوگا
تمہاری تہذیب اپنے خنجر سے آپ خودکشی کرے گی
جو شاخِ نازک پہ آشیانہ بنے گا ناپائیدار ہوگا

مگر اقبال مشرق ۽ خصوصاً مسلمانن جي بي عملي، باهمي ضد، منافرت، جهيڙن جهڳڙن، فرقه واريت، تنگ نظري ۽ جهالت کان به واقف هو. هن جي نظرن ۾ هاڻي شاعري بيڪار هئي، ڇو ته يورپ ۾ اهي شاعريون، مشاعرا، گل ۽ بلبل جا قصا ختم ٿي چڪا هئا. جيڪڏهن يورپ ۾ بنيادي خاميون هيون ته ان ۾ ڪي خوبيون به هيون، جن کي اقبال نظرانداز نه پئي ڪري سگهيو. هن جي نظر ۾ شاعري محض ذهني عياشي هئي، جيڪا عملي قوتن کي مفلوج ڪري ڇڏي ٿي. اقبال شاعري ترڪ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ پنهنجي هڪ دوست سر عبدالقادر شيخ، مدير (ايڊيٽر) مخزن، ڏانهن لکيائين:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مدیر مخزن سے جا کے اقبال کوئی میراپیام کہہ دے

جو کام کر رہی ہیں قومیں، انہیں مذاقِ سخن نہیں ہے

علامه اقبال جو چوڻ هو ته جيڪي قومون باعمل آهن، تن کي شعر جو شوق ڪونهي، تنهنڪري ڪيس شاعري ترڪ ڪرڻ ڪپي. مگر شيخ عبدالقادر ساڻس متفق نه ٿيو ۽ چيائينس ته تنهنجي شاعري شمع پرواني واري شاعري ناهي، جنهن کي فضول ڪونجي، ان جي برڪس اها قوم کي بيدار ڪرڻ لاءِ صور اسرافيل آهي، تنهنڪري ان کي ترڪ ڪرڻ انتهائي نامناسب ٿيندو. نيٺ اهو معاملو وڃي اقبال جي استاد محترم پروفيسر آرنلڊ وٽ پهتو، جنهن شيخ عبدالقادر سان اتفاق ڪيو ۽ ائين اقبال شاعري ترڪ ڪرڻ جو ارادو مٽيو.

اقبال ڊاڪٽر محمد اقبال ٿي هندستان واپس آيو

هاڻي اچو ته مختصر طرح ڊاڪٽر اقبال جي پهرئين دؤر جي شاعري تي نظر وجهجي. سندس پهرئين دؤر واري شاعري هندستاني قوميت ۽ وطن پرستي واري شاعري هئي، تنهنڪري هو قوم پرست حلقن ۾ به ڪافي مقبول هو. اسان کي سندس اها شاعري ”بانگ درا“ ۾ ملندي. اقبال کي پنهنجي وطن هندستان سان بيحد محبت هئي ۽ انهي جي محبت ۾ جيڪو ترانو لکيائين اهو هندستان جي هر طبقي ۾ مقبول ٿيو. منهنجي نظر ۾ شايد ئي ڪنهن هندستاني شاعر پنهنجي ديس لاءِ ايڏو پيارو گيت ڳايو هجي. جڏهن اقبال پنهنجا نظم ترنم سان مشاعري يا محفل ۾ پڙهندو هو ته سامعين تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي:

سارے جہاں سے اچھا ہندوستاں ہمارا   ہم بلبلیں ہیں اس کی وہ گلستاں ہمارا

اقبال کوئی محرم اپنا نہیں جہاں میں   معلوم کیا کسی کو دردِ نہاں ہمارا

ان وقت هندستان انگريزن جو غلام هو جن هزارن ميلن کان اچي هندستان کي مفتوح بڻائي، هن جي دولت ۽ تهذيب تي ڌاڙو هنيو ۽ هندستانين کي غلام بڻائي مٿائن ظلم ڪيا.

جنهن به هن غلاميءَ کي للڪاريو تنهن کي يا ته پنهنجي وطن ۾ ئي قيدي بڻايو ويو يا گوليءَ جو نشانو بڻايو ويو. هن صورتحال کي برداشت ڪرڻ اقبال جي وس کان ٻاهر هو تنهنڪري هن وطن جي ڪسمپرسي تي روئي ڏنو.

رلاتا ہے ترا نظارہ اے ہندوستاں مجھ کو
کہ عبرت خیز ہے تیرا فسانہ سب فسانوں میں

هو انهن غلام هندستانين کي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري جيڪي يا ته اگهور ننڊ ۾ هئا يا وري انگريزن جي خوشامد ڪرڻ ۾ پورا هئا. انسان جي حيثيت ۾ هو انگريزن جو به مخالف نه هو، مگر هندستان جي بربادي هن کي ڪنهن به صورت ۾ منظور نه هئي، ان ڪري اقبال پڪاري ٿو:

وطن کی فکر کر ناداں مصیبت آنے والی ہے
تری بربادیوں کے مشورے ہیں آسمانوں میں

هو هڪ محب وطن هو جنهن کي غلامي ڪنهن صورت ۾ قبول نه هئي. مگر هن قسم جي شاعري 1905ع تائين هلي سگهي. هندستان جي محدود سرزمين کان ٻاهر نڪتو ته سندس نظر ۽ فڪر ۾ وسعت پيدا ٿي. فلسفي ۽ تاريخ تي ڪيس عبور حاصل ٿيو. علمي لحاظ کان هو مشرقي خواه مغربي علوم جو ماهر هو. هن مسلم ملڪن جو تنزل، مسلمانن جي تباهي ۽ يورپ جو عروج ڏٺو ۽ ان جي سببن جو گهرو مطالعو ڪيائين. هو ڪو سطحي دانشور ۽ عام شاعر نه هو، هن دنيا جي مسلم خواه غير مسلم مفڪرن کي به پڙهيو ۽ پرکيو هو، هندستان جي بدلجندڙ سياسي حالتن ۽ هندستاني مسلمانن جي اونداهي مستقبل تي به دورانديشانه نظر وڌي هئائين. هن کي زندگيءَ جي مقصد ۽ ڪنهن نظريي جي تلاش هئي جو ڪيس ملي ويو. هن جي نظر ۾ اسلام ۽ تصوف ئي هن درد جو درمان هئا، بشرطيڪ ان تي عمل ڪيو وڃي. جيڪڏهن هندستان انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ٿئي ته به ڇا؟ جيستائين زندگيءَ جو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مقصد متعين نہ هوندو تہ انسان پيو گمراهيءَ ۾ ڀٽڪندو. هاڻي هن جو فڪر ۽ فيصلو پختو ٿي چڪو هو. امام غزاليءَ جيان هن احياءِ اسلام لاءِ پاڻ کي وقف ڪيو. جيتوڻيڪ 1905ع کان 1908ع تائين ڏکو عرصو ڪونہ هو، پر هن جي دل ۽ دماغ ۾ جيڪو انقلاب آيو، سو مرندي دم تائين قائم رهيو، بلڪہ باقي زندگي ۾ روز بروز پختو ٿيندو ويو. هندستان جي آزاديءَ سان گڏ هن پنهنجو استعداد ۽ صلاحيتون دنياءِ اسلام خاطر وقف ڪيون. مسلم قوم کي ۽ خاص طرح نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. هاڻي سندس اهو ئي گيت، نغمو ۽ قومي ترانو هو:

چين و عرب ہمارا، ہندوستاں ہمارا مسلم ہیں ہم، وطن ہے سارا جہاں ہمارا
توحید کی امانت، سینوں میں ہے ہمارے آساں نہیں مٹانا، نام و نشاں ہمارا
اے گلستانِ اندلس! وہ دن ہیں یاد تجھ کو تھا تیری ڈالیوں پر، جب آشیاں ہمارا
باطل سے دبنے والے اے آسماں نہیں ہم سو بار کر چکا ہے، تو امتحاں ہمارا
سالارِ کارواں ہے، میرِ حجاز اپنا اس نام سے ہے باقی، آرامِ جاں ہمارا

هونئن تہ وطن هر ڪنهن کي پيارو آهي، مگر درويش خدا مست جي دنيا الله تعالیٰ جي ساري ڪائنات آهي. هو نفس جي چار ۾ گرفتار نہ آهي جو ڪيس هزارين ايڪڙ زمين، صنعتون، بيشمار دولت، واپار ۽ محلن جي طلب هجي. اقبال سرڪارِ دو عالم ﷺ کي پنهنجو سالار ۽ رهبرِ اعظم ٿو سمجهي، اهو انسانِ ڪامل جنهن دنيا ۾ عظيم انقلاب آندو. هن کي اسپين (اندلس) بہ ياد آهي، جتي ست سو سال مسلمانن جي حڪومت رهي هئي، يورپ کي علم ۽ تهذيب جي روشني ڏني هئائون. اقبال قرطبہ جي مسجد ۾ وڃي نماز بہ پڙهي، جتي ڪنهن کي نماز پڙهڻ جي عام اجازت ڪانہ هئي. هن جي دل ڪڙهي رهي هئي تہ ڪيئن مسلمانن الاهي معلم جو سبق وساري پاڻ کي خوار ۽ ذليل ڪيو هو.

هاڻي اقبال محدود وطنيت ۽ قوميت خلاف جهاد شروع ڪيو. ايئن نه آهي ته وطن هن کي پيارو نه هو، پر وطنيت ۽ قوميت جو فلسفو انسان جي عالمي برادريءَ واري بنيادي اصول جي خلاف هو جڏهن ته اسلام ته عالمگير سطح تي انسانن جي برابري جو سبق پڙهائي ڏنو.

ان تازه خداؤں میں بڑا سب سے وطن ہے
جو پیرہن ہے اس کا وہ مذہب کا کفن ہے

حضور نبي سائينﷺ کي به ته وطن پيارو هو، مگر وطن پرستن ۽ خدا پرستن ۾ فرق آهي. اسلام ته عرب ۽ عجم، ڪاري ۽ گوري، سرمائيدار ۽ غريب جو فرق مٽائڻ آيو هو. بهتر انسان اهو آهي جنهن جو ڪردار بهتر آهي، تنهنڪري انسان کي قومين ۾ ورهائڻ انسان ذات جي توهين آهي.

اقوام میں مخلوقِ خدا بٹتی ہے اس سے
قومیتِ اسلام کی جڑ کٹتی ہے اس سے

بهرحال هن موضوع تي وڌيڪ روشني اڳتي وڌي ويندي. هاڻي علامه اقبال جي مخالفت پوري هندستان ۾ شروع ٿي وئي. ڪي هن کي ڪٽر مسلمان ڪوٺڻ لڳا، ڪي پنجابي چوڌري چوڻ لڳا، ڪي ٽوڊي سڏڻ لڳا. مطلب ته هر ڪنهن پنهنجو راڳ شروع ڪيو. مگر اقبال انهن سڀني طعنن ۽ ملامتن کان بي نياز هو. سندس هڪ دوست شاعر پنڊت آنند نارائڻ مُلا پنهنجي ڏک جو اظهار هن ريت ڪيو:

ہندی ہونے پر کل تک جسے ناز تھا وہ حجازی بن بیٹھا
اپنی محفل کا رند پرانا آج نمازی بن بیٹھا
محمل میں چھپا ہے قیس حزیں دیوانہ کوئی صحرا میں نہیں
پیغامِ جنوں جو لایا تھا اقبال وہ اب دنیا میں نہیں

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اقبال جي شاعري اردو ۾ به آهي ته فارسيءَ ۾ به. افغانن خواهه مغلن جي زماني ۾ سرڪاري زبان فارسي هئي، عام ماڻهو به فارسي ڳالهائيندا هئا. عالم ۽ اديب به فارسيءَ ۾ لکندا به هئا ۽ شاعري به ڪندا هئا. حقيقت ۾ اردو ته مسلم حڪومتن جي زوال واري زماني جي زبان آهي. اردوءَ جا وڏا شاعر جهڙوڪ مير، غالب، حاليؔ ۽ اڪبر ان زوال واري دؤر جي پيدائش آهن. ان دؤر جو آخرين وڏي ۾ وڏو اردوءَ جو شاعر اقبال ئي هو. حالي ۽ اڪبر به قومي شاعري تي ڪافي توجهه ڏني، هندستان جي مسلمانن کي بيدار ڪرڻ ۽ سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اجان گهڻي ضرورت هئي، جيڪا اچي اقبال پوري ڪئي.

علامه پنهنجو پيغام نه صرف هندستان کي پهچائڻ پئي چاهيو پر ان کان ٻاهر به ساڳئي مقصدِ حيات لاءِ پهچائڻ پئي گهريو. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ به ڪنهن حد تائين فارسي پاڙهي ويندي هئي، جيتوڻيڪ هن زبان جو اهو زور هاڻي انگريزن جي ڏينهن ۾ ڪونه هو. افغانستان ۽ ايران ۾ به فارسي هلي ٿي ۽ خود وچ ايشيا ۾ ان جو عام استعمال ٿئي ٿو. انهن سببن ڪري علامه اقبال هي زبان ڪتب آندي جنهن تي کيس مڪمل عبور حاصل هو. ان کان علاوه شاعريءَ ۾ فارسي زبان سان مقابلو ٻي زبان مشڪل ئي ڪري سگهي ٿي. ان ۾ هر صنف جا بلند پايه شاعر پيدا ٿيا پوءِ چاهي اها شاعري رزميه هجي، صوفيانه هجي، مثنوي هجي، غزل هجن، رباعيون هجن، قصيده هجن، مرثيه هجن خواه اخلاقيات، مطلب ته هر نموني جي شاعريءَ ۾ ڪمال آهي. انهي ۾ شاعرانه زبان جي لفظن جو به وڏو خزانو آهي. فارسيءَ ۾ جيڪي وڏا شاعر ۽ عالم ٿي گذريا آهن، انهن جي تصنيفن جا ترجما انگريزيءَ ۾ ٿي چڪا آهن. مثال طور مثنوي روم، شاهنامه فردوسي، ديوان حافظ، عمر خيام وغيره جا انگريزي ترجما موجود آهن. تصوف جي دنيا ۾ بيشڪ روميءَ جي شاعري پيغمبرانه آهي ۽ سندس حيثيت شهنشاه واري آهي، مگر هن کان علاوه به فارسيءَ ۾ عطار، سنائي، محمود شبستري، سعدي، خسرو، عراقي، جامي، ۽ حافظ جهڙا عظيم شاعر ٿي گذريا آهن. حالانڪه اسلامي تصوف

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جو بنياد عربستان هو، پر ايران جي سرزمين تصوف لاءِ ڏاڍي زرخيز هئي جنهن تصوف جي گلستان ۾ خوبصورت ۽ خوشبودار گل پيدا ڪيا جن جي هيڪار اڄ ڏينهن تائين هلندي ٿي اچي. علامه اقبال تي مشهور پروفيسر نڪلسن جو به اثر هو، جنهن نه صرف مثنويءَ جو ترجمو ڪيو بلڪه هو عارف رومي جو وڏو شارح ۽ مفسر به آهي. هنن مڙني سيبن ڪري علامه پنهنجي شاعري لاءِ فارسيءَ جو انتخاب ڪيو ۽ اردوءَ کي الوداع چيائين. مٿس نه صرف مؤلانا روميءَ جو رنگ غالب آهي، بلڪه ڪيس پنهنجو روحاني رهبر ۽ مرشد به ڪوٺي ٿو، هڪ هنڌ چوي ٿو:

پیر رومی خاک را اکسیر کرد
از غبارم جلوہا تعمیر کرد

(پير رومي منهنجي خاڪ کي ڪيميا بڻايو، منهنجي دز مان جلوا تعمير ڪيائين.)

سندس سوانح نويس ۽ معتقد فقير سيد وحيدالدين لکي ٿو ته ڪيس هڪ دفعي علامه چيو: ”مون ٻڌو آهي ته حضرت داتا گنج بخش هجويري جي درگاه تي هڪ روشن ضمير درويش آيل آهي، هل ته وٽس هلون. مون کي ڪانئس اهو سوال پڇڻو آهي ته جڏهن الله تعاليٰ جو مسلمانن سان واعدو آهي ته هو مسلمانن کي دنيا جي قومن ۾ سرفراز ۽ سربلند ڪندو ته پوءِ اڄ ڪلهه مسلمان چو ايترا پست ۽ ذليل ٿي ويا آهن.“ علامه وچڙ ۾ سستي ڪئي ۽ نه وڃي سگهيو. ٻئي ڏينهن تي ساڻس هڪ درويش صفت انسان ملڻ آيو ۽ سڏائڻ تي اندر گهڙي آيو، اچي سامهون ويهي رهيس. علامه پڇيس ته، ”ڇا توهانکي مونسان ڳالهائڻو آهي.“ درويش وراڻيو، ”ها، مان تنهنجي سوال جو جواب ڏيڻ آيو آهيان.“ ان بعد مؤلانا روميءَ جو هيٺيون شعر پڙهايائين:

گفت رومی ہر بنائے کہنہ کہ آباداں کنند
تو ندانی اول آں بنیاد را ویراں کنند

(روميءَ چيو ته هر پراڻي جاءِ جنهن جي ازسر نو تعمير ڪرڻي آهي،
توکي خبر نه آهي ته پهريائين ان کي ڍاهي زمين دوز ڪبو آهي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شعر ٻڌي اقبال سوچ ۾ پئجي ويو ۽ جڏهن ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺائين ته اهو درويش وڃي چڪو هو. نوڪر کي هن جي پويان ڊوڙايائين مگر هو ڄڻ غائب ٿي ويو!

خوديءَ جي فلسفي تي علامه اقبال فارسيءَ ۾ ”اسرار خودي“ ۽ ”رموز بيخودي“ لکيا آهن، جن جو ترجمو پروفيسر نڪلسن انگريزي ۾ ڪيو آهي. علامه اقبال مغربي ۽ مشرقي علوم ۽ تحريڪن تي گهري نظر رکڻ وارو مفڪر هو: هو هڪ سطحي سوچ وارو انسان ڪونه هو. اسلام جي روح کان بخوبي آشنا هو، پر هو نه ته مولوي هو، نه وري هن جي تعليم ڪنهن ديني دارالعلوم ۾ ٿي هئي. تاهم هن اسلام جو گهرو مطالعو ۽ غور و فڪر ڪيو هو: انهي قسم جو غور و فڪر جنهنجي هڪ گهڙي، نبي سائينﷺ جي فرمان موجب، ستر ورهين جي عبادت کان افضل آهي! هو فارسي ۽ عربي جو به ڄاڻو هو ۽ ساڳئي وقت مغرب جي سياسي ۽ معاشي تحريڪن ۽ انهن جي تهذيب کان به چڱيءَ طرح واقف ۽ انهن جي محرڪات ۽ نتيجن کان بخوبي باخبر هو. هو جبه و دستار ۽ قيل وقال وارو مولوي نه هو، بلڪه علماءِ سُو ۽ نيم ملائن کان بيزار هو جن نه اسلام کي سمجهيو هو ۽ نه وري قبلو ۽ عمل ٿي درست هين. اهڙن نام نهاد عالمن اسلام کي صحيح طريقي سان مسلم عوام ۽ نوجوان نسل وٽ پيش ئي ڪونه ڪيو هو. تنهنڪري جابجا هنن خلاف نڪته چين آهي ۽ سندس خيال ۾ هي طبقو ئي مسلمانن ۾ اسلام جي نالي ۾ باهمي جهيڙا، فساد ۽ تفرقه بازيءَ لاءِ ذميوار آهي ۽ انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ناس ڪيو اٿس. اهڙن مولوين کان ته هو ڪافرن کي گهڻو بهتر ٿو سمجهي. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

دينِ کافر فکر و تدبير و جهاد
دينِ ملا في سبيل الله فساد

(ڪافر جو مذهب آهي سوچ، تدبير ۽ جهاد. ملان جو مذهب آهي الله جي نالي ۾ فساد ڦهلائڻ.)

علامہ اقبال جون تصنيفون

اردو شاعري

- بانگِ درا
- بالِ جبرئيل
- ضربِ ڪليم
- ارمغانِ حجاز (اردو ۽ فارسي)

فارسي شاعري

- اسرارِ خودي
- رموزِ بيخودي
- زبورِ عجم
- جاويد نامہ
- پس چہ بايد ڪرد
- پيامِ مشرق

نثري ۽ انگريزي تصنيفات

- Development of Metaphysics in Persia
  هن ڪتاب جو اردو ترجمو "فلفسہءِ عجم" جي نالي سان ڪيل آهي.
- Reconstruction of Religious Thought in Islam
- علم الاقتصاد

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

علامہ اقبال جي سوچ ۽ نظريا

علامہ اقبال جي شاعري ملت اسلاميہ جي بيداري ۽ هن جديد دؤر ۾ مسلمانن جي نشاة ثانيہ لاءِ اهم ترين ڪوشش آهي. ساڳي وقت هن زندگي جي اهم ۽ بنيادي مسئلن کي بہ نہ وساريو آهي، جيڪي انسان جي دل ۽ دماغ کي هميشہ جهنجهوڙيندا رهن ٿا.

چيست عالم؟ چيست آدم؟ چيست حق؟
(ڪائنات ڇا آهي؟ انسان ڇا آهي؟ سچ ڇا آهي؟)

انهن اهم سوالن جو جواب بہ هن پنهنجي مفڪرانہ شاعريءَ ۾ ڏنو آهي، جنهن جو تفصيل ”اسرارِ خودي“ ۽ ”رموزِ بيخودي“ ۾ آهي. علامہ اقبال ۽ سندس شاعري تي بہ اسلام جي نام نهاد مفتين ڪفر جون فتوائون ڏنيون، تڏهن تہ چيو هئائين:

زاہدِ تنگ نظر نے مجھے کافر جانا
اور کافر یہ سمجھتا ہے مسلمان ہوں میں

پنهنجي عقيدي متعلق لکيائين:

”ديني عقيدن ۾ مان پنهنجي وڏن جو پيروڪار آهيان، نظري اعتبار سان فقهي معاملن ۾ غيرمقلد آهيان، عملي اعتبار سان حضرت امام ابوحنيفہ جو مقلد آهيان.“

هن مان ظاهر آهي تہ فقيهي نقطئہ نظر سان غيرمقلد هو. هو مؤلانا روميءَ جي تصوف کي عين اسلام سمجهندو هو. صوفي بزرگ فقيهن کان مختلف هوندا آهن، ڇو تہ فقيهہ لفظن کان ٻاهر نڪري نہ سگهندا آهن ۽ انهن ۾ اڙيل هوندا آهن، پر صوفي وڃي اسلام جي روح تي پهچي ٿو.

اهو نامناسب نہ ٿيندو جيڪڏهن عرض ڪجي تہ علامہ صاحب هڪ سنڌي عالم مؤلانا علي محمد ڪاڪيپوٽہ تعلقہ ڳڙهي ياسين کان بہ عرب صوفين ۽ فلسفين جي تعليم بابت استفادو ڪيو هو. علامہ جيتوڻيڪ عربي ڄاڻندو هو، مگر مؤلانا علي محمد مرحوم ديوبند

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مدرسه جو ذهين ترين شاگرد هو ۽ هڪ روايتي مولوي ڪونه هو. ڇهه مهينا علامه صاحب سان گڏ رهيو ۽ اهڙو تصديق نامو به علامه طرفان مليل هئس جو مون ڏٺو هو.

ڊاڪٽر اقبال هڪ ايڊووڪيٽ

بيشڪ مشرقي خواهه مغربي علوم تي ڊاڪٽر محمد اقبال وڏي دسترس رکندڙ هو. شاعري، فلسفي تصوف ۽ علم ادب ۾ هندستان نه ڇا بلڪه ٻاهرين ملڪن ۾ به مشهور هو، ان لحاظ کان هو بين الاقوامي شخصيت جو مالڪ هو. هو بجا طور تي شاعرِ مشرق ۽ وڏو مفڪر هو ۽ انگريزيءَ تي به عبور هئس. جيڪڏهن چاهي ها ته وڪالت ۾ وڏو نالو ڪڍي ها ۽ هندستان جي چوٽيءَ جي وڪيلن ۾ سندس شمار ٿئي ها، پر هن فقير کي نه پئسي سان پيار هو نه ئي وڪالت سان لڳاءُ. هن جا مقصد جليل هئا ۽ گهرجون قليل. هن کي نه وڏن بنگلن جو شوق هو نه سٺي فرنيچر جو ذوق. هو فقيرانه طبيعت جو مالڪ هو، ڪيس سرمايه دار يا دولتمند ٿيڻ جي ڪا هوس ڪانه هئي. هن جي دولت خاني واري دولت ڪتاب ۽ چند موڙا هئا، جتي علمي ادبي ذوق وارا دوست اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ حقي جا ڪش پيا هلندا هئا. هن جي ضرورت صرف اها هئي جو پنهنجو ۽ پنهنجي عيال جو گذارو ان مان ٿئي. هڪ هنڌ پاڻ ئي چيو اٿائين:

فقیر راہِ نشیں است و دل غنی دارد

(اقبال خاڪ نشين فقير آهي پر سندس دل شاهوڪار آهي.)

جڏهن ضرورت پوندي هئس ته ڪيس ڪندو هو، ورنه هو علم ادب، شعر ۽ فڪر ۾ محو هوندو هو. هڪ لڳان پٽه جي هاءِ ڪورٽ ۾ قانوني راءِ ڏيڻ لاءِ ڪيس گهرايو ويو، ان ڪيس ۾ ٻنهي طرفن کان هندستان جا ناميارا وڪيل ڪيس جي پيروي ڪري رهيا هئا. هڪ طرف کان ڪلڪتي جو مشهور وڪيل سي آر داس هو ته ٻئي طرف کان موتي لال نهرو (جواهرلال نهرو جو پيءُ، الله آباد جو ويٺل) وڪالت ڪري رهيو هو. ڊاڪٽر اقبال جي

روزانو في هڪ هزار رپيه هئي. جيڪڏهن چاهي ها ته ان نقطي جي مطالعي ۽ وضاحت لاءِ ڪافي ڏينهن ونئي پئي سگهيو ۽ اوترو ئي ڪمائي ها ۽ ان لاءِ اهي وڪيل به راضي هئا جي ڪورٽ ۾ ڌرين جي نمائندگي ڪري رهيا هئا. مگر اقبال اهڙن طريقن کي ناپسند ڪندو هو، تنهنڪري ٻئي ڏينهن تي وري ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي راءِ ڏنئي، ان ڏينهن ئي لاهور روانو ٿيو. سندس همعصر بئريسٽر محمدعلي جناح، جيڪو رات ڏينهن پنهنجي وڪالت ۽ سياست جي جنگين ۾ مصروف هو، تنهن وڪالت مان ايترو ڪمايو جو سياست ۾ پئسي جي ڪمي محسوس نه ڪيائين. هوڏانهن ڊاڪٽر محمد اقبال هو، جو غيرمعمولي قابليت باوجود وڪالت کان بيگانو ۽ شعر و شاعري ۾ يگانو هو. هن کي وڪالت سان نالي ماتر دلچسپي هئي، البته ادبي افق تي وڏي آب تاب سان چمڪيو. لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سر شادي لال کان جڏهن پڇيو ويو ته هو اقبال کي سڃاڻي؟ هن جواب ڏنو، ”اسان کيس شاعر جي حيثيت ۾ سڃاڻون ٿا ۽ نه ڪه قانوندان جي حيثيت ۾.“

سر جو خطاب

ڊاڪٽر صاحب کي غيرمعمولي علمي خدمتن ۽ قابليت جي صلي ۾ سر جو خطاب مليو. هن اهو خطاب گهري ڪونه ورتو هو مگر حڪومت طرفان ئي آڇيو ويو هو. ان وقت پنجاب جو گورنر سر ايڊورڊ مئڪلاگن علم ادب ۾ وڏي دلچسپي رکندو هو، تنهن جي سفارش تي انگريز حڪومت کيس اهو خطاب ڏنو. مگر علامه اقبال ان خطاب قبول ڪرڻ کان اڳ ۾ کين چيو ته سندس استاد مولوي ميرحسن صاحب کي شمس العلماءُ جو خطاب ڏنو وڃي، جنهن بعد ئي هو سر جو لقب قبوليندو. چنانچه سندس استاد کي به شمس العلماءُ جو خطاب ڏنو ويو ۽ کيس سر جو. سندس اعزاز ۾ ان موقعي تي وڏي پارٽي ڏني وئي. مگر ڪي ماڻهو ان ۾ خوش نه هئا ته حريت ۽ آزادي جو درس ڏيندڙ ۽ اسلام جو مفسر اقبال انگريزن کان اهو خطاب وٺي، ڇو ته اهو لقب ڪو سندس عزت ۾ اضافو ڪونه هو بلڪه گهٽتائي هئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

لو مدرسۂ علم ہوا قصرِ حکومت افسوس کہ علامہ سے سر ہوگئے اقبال
پہلے تو سرِ ملت بیضا کے تھے وہ تاج اب اور سنو تاج کے سر ہوگئے اقبال
کہتا تھا یہ کل ٹھنڈی سڑک پر کوئی گستاخ سرکار کی دہلیز پہ سر ہوگئے اقبال

هيءُ هو غريب مسلم عوام جو رد عمل!

پنجاب قانون ساز ڪائونسل ۾

لاهور ۾ علامہ محمد اقبال ڪافي مقبول هو. پنجاب قانون ساز ڪائونسل جون چونڊون 1926ع ۾ ٿي رهيون هيون، ڪيس دوستن احبابن ڪائونسل ۾ ويهڻ لاءِ زور ڀريو. اقبال جي سياسي فهم ۽ فراست ۾ ته ڪو به شڪ ڪونه هو. هندستان ۾ مسلمانن جي مستقبل جي ڪيس گهٽي ڳڻتي هئي. هو ڏسي رهيو هو ته سياسي، تعليمي، سماجي ۽ معاشي ميدان خواه تنظيم ۾ مسلمان ڏاڍو پوئتي ۽ پست هئا، پر سياسي هنگامہ آرائي کان دور رهندو هو ۽ طبعاً سياسي جوڙ توڙ کان پري ڀڄندو هو. تنهنڪري ڊاڪٽر صاحب گهڻا ئي عذر ڏنا مگر دوستن ايترو مجبور ڪيس جو ڪين ٽاري نہ سگهيو. سندس مقابلي ۾ ملڪ محمددين بيٺو جو پئسي وارو به هو ته برادريءَ وارو به. ڊاڪٽر صاحب جي بيپناهہ مقبوليت سبب سندس ورڪر، جلسا ۽ جلوس سڀ مفت ۾ هئا. عوام جو رخ به ڏانهس هيو، نتيجي ۾ 5675 ووٽ ڊاڪٽر صاحب کي مليا ۽ 2498 ووٽ سندس مخالف کي مليا. اهڙي طرح ڊاڪٽر صاحب جي وڏي ڪاميابي رهي.

ڊاڪٽر محمد اقبال اسيمبليءَ ۾ ٽي سال ميمبر رهيو، ان عرصي ۾ هن ڪافي تجويزون ڏنيون ۽ تقريرون ڪيون. هڪ دفعي بجيٽ ۾ ٽئڪس وڌايا ويا جنهن تي ڪافي گوڙ ٿيو. واسطيدار وزير تقرير ڪندي چيو ته، "گورنمينٽ وٽ ڪا ڪيميا ته ڪانهي جو پئسي ڪانسواءِ خرچ جو پورائو ڪري سگهي." جنهن تي ڊاڪٽر صاحب هڪدم جواب ۾ چيو،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

”جيستائين عوام جو رت ۽ پگهر گورنمينٽ وٽ آهي ته ان کي ڪنهن ڪيميا جي ضرورت ڪانهي.“

علامه صاحب اسيمبلي جي ٻئي ميعاد لاءِ نه بيٺو، چاڪاڻ ته هن طبعاً پاڻ کي اسيمبلين لاءِ موزون ڪونه ٿي سمجهيو. هن جو ذهني لاڙو ۽ طبعي رجحان علم ادب ۽ تصنيفات ڏانهن هو، تنهنڪري شهرين جي زور پرڻ باوجود، هن بيهڻ کان انڪار ڪيو. درحقيقت هن کي سڪون ۽ يڪسوئي جي طلب هئي، تنهنڪري گوڙ گهمسان کان دور رهڻ پئي چاهيائين.

مدراس ۾ ليڪچرن جو سلسلو

علامه محمد اقبال کي 1928ع جي آخر ۾ مدراس مان دعوت آئي ته هو اسلام تي ليڪچر ڏئي. علامه صاحب مدراس ويو ۽ ٽي ڏينهن اتي رهيو ۽ ان موضوع تي هن عالمانه تقريرون ڪيون، جيڪي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيون. هو جنوري 1929ع ۾ بنگلور ويو، اتي ليڪچر ڏنائين. هن کي ميسور جي مهاراجا وٽان به دعوت نامون مليو، تنهنڪري اوڏاهين ويو. ميسور يونيورسٽي جي هڪ هندو پروفيسر ڳالهائيندي چيو، ”لک دفعا مسلمان اقبال کي پنهنجي ملڪيت سمجهن، پر هو اسان سڀني جو آهي؛ هو هڪ طبقي يا مذهب جي ڪا خلاصي ملڪيت ناهي. جيڪڏهن مسلمانن کي فخر آهي ته هو سندن مذهب جو هڪ فرد آهي، ته پوءِ اسان کي ان لاءِ گهٽ فخر نه آهي ته هو هندستاني آهي.“ هن مان ظاهر هو ته علامه اقبال هڪ غيرمتعصب انسان هو، جيئن هڪ سچي مسلمان کي ٿيڻ کپي. ڊاڪٽر صاحب مهاراجا ميسور سان ملڻ بعد حيدرآباد دڪن ويو جتي 18 جنوري 1929ع تي هن نظام آف حيدرآباد سان ملاقات ڪئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس جي صدارت

ڊسمبر 1930ع ۾ يو پي جي شهر الله آباد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس ٿي گذريو، جنهن جي صدارت علامه ڊاڪٽر محمد اقبال ڪئي. علامه صاحب سياسي هنگامن کان دور هو، مگر هندستان ۾ هن جهڙو نه ڪو شاعر هو ۽ نه وري ملت اسلاميه جو ڪو مفڪر. سندس تصنيفات کيس دنيا ۾ مشهور ڪري ڇڏيو هو. هن جو پيغام مسلمانن لاءِ به هو ته انسان ذات لاءِ به. هو ڏسي رهيو هو ته ساري دنيا ۾ مسلمانن جي پائمالي ٿي رهي هئي ۽ هندستان ۾ به سندن وجود خطري ۾ هو جنهن لاءِ ڪين چتاءُ ڏنو هئائين. علامه وچولي درجي سان واسطو رکندڙ، سادگي پسند مسلم مفڪر هو. هن کي هميشه مسلمانن جي وجود جو فڪر هو ته سندن مستقبل ان ملڪ ۾ ڇا ٿيڻو آهي، جتي هو هڪ هزار سال حڪومت ڪري چڪا آهن. سندس چوڻ مطابق مسلمانن جي رت ۽ هڏن تي انگريزن هندستان ۾ پنهنجي شهنشاهيت جو بنياد وڌو هو.

هن اجلاس ۾ علامه صاحب جيڪا اهم ترين ڳالهه چئي سا اها هئي ته، ”اتر اولهه هندستان ۾، جتي مسلمانن جي اڪثريت آهي، اتي مسلمانن جي هڪ جدا مملڪت ٺاهي وڃي. اها مسلمانن جي تقدير آهي.“ انهي آڌار تي چيو ٿو وڃي ته 1930ع ۾ علامه پاڪستان جو تصور مسلمانن کي ڏنو. مگر منهنجي ناقص خيال مطابق مسلمانن جي جدا مملڪت جو تصور اڳيئي هندستان جي سياسي افق تي نمودار ٿي چڪو هو. بيشڪ علامه صاحب پنهنجي شاعريءَ ذريعي مسلمانن ۾ زبردست بيداري پيدا ڪئي ۽ آزاديءَ جو درس ڪين ڏنو، مگر علحده مملڪت جو تصور اڳ ئي موجود هو. ڊسمبر 1928ع ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ محمدعلي جناح اهي تاريخي الفاظ چيا هئا:

> ”اسان [هندو ۽ مسلمان] هن سرزمين جا فرزند آهيون، اسان کي گڏ رهڻو آهي، اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي، پوءِ ڪٿي اسان جا ڪهڙا به اختلاف هجن. اڇو ته هنن تلخين کي زياده نه وڌايون، جيڪڏهن اسان ۾ ڪو به ٺاهه ٿي نه ٿو سگهي ته پوءِ ان حقيقت کي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

به تسليم ڪريون ۽ اسان دوستن وانگر هڪ ٻئي کان جدا ٿيون. اعتبار ڪريو ته هندستان ڪڏهن به ترقي ڪري نه سگهندو، جيستائين مسلمان ۽ هندو متحد نه ٿيا آهن. ڪو به منطق، ڪو به فلسفو ۽ ڪو به اجائي جهيڳڙي وارو موقف، هن ٿاهه جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي نه ٿو سگهي. هن کان وڌيڪ مون لاءِ ڪا به ٻي خوشيءَ جي ڳالهه ڪانهي، جو هندو مسلمان متحد ٿين.“

محمدعلي جناح جو چوڻ هو ته پاڪستان جو تصور ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو تصور نه آهي. هن تقرير ۾ مسٽر جناح ٺاهه نه ٿيڻ جي صورت ۾ علحدگي جو اشارو ڏيئي ڇڏيو هو.

مسٽر جناح جي 1928ع واري هن تقرير مان ظاهر آهي ته جيڪڏهن هندو مسلمان نهي نه سگهندا ته پوءِ ان جو علاج علحدگي آهي. ان کان اڳ، ڀائي پرمانند 1923ع ۾ ۽ لالا لجپتراءِ 1924ع ۾ اظهار ڪري چڪا هئا ته هندن ۽ مسلمانن جو گڏ رهڻ ممڪن ناهي، تنهنڪري هندو هندستان ۽ مسلم هندستان ٺهڻ کپن. هو ٻئي مهاتما گانڌيءَ جا پيارا دوست ۽ ڪانگريسي ليڊر هئا.

بهرحال علامه صاحب جي تقرير مسلمانن تي واضح ڪري ڇڏيو ته مسلمانن لاءِ علحده مملڪت کانسوءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. اڄ ڏينهن تائين حڪومت طرفان ۽ ڪن طبقن طرفان اهو تاثر ڏنو ٿو وڃي ته پاڪستان جو تصور ئي علامه اقبال ڏنو، مگر اها حقيقت ناهي، جيتوڻيڪ هن جون خدمتون ناقابلِ فراموش آهن.

ٻي گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت

علامه ڊاڪٽر محمد اقبال برطانيه حڪومت جي دعوت تي 1931ع ۾ ٻي گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي جا لنڊن ۾ منعقد ٿي. ان ڪانفرنس ۾ سڀئي هندستان جا ليڊر قائداعظم محمدعلي جناح ۽ مهاتما گانڌيءَ سميت شريڪ ٿيا هئا. علامه صاحب هن ڪانفرنس ۾ هز هائينيس آغاخان ۽ قائد اعظم سان گڏجي ڪم ڪيو. مسلمانن جي حقن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

۾ هندو مسلم اتحاد لاءِ هن گهڻي ڪوشش ڪئي پر ان ۾ ڪامياب ٿيڻ ڪانه هئي ڇو ته مهاتما گانڌي، ڊاڪٽر مونجي ۽ سندس ساٿين ائين نه پئي چاهيو. ڪانفرنس آخر ناڪام ٿي وئي. اڪثر ۾ اهم موقعن تي فرقه پرست ڊاڪٽر مونجي ئي گانڌي جي جو ذهني رهنما رهيو. اهي هندستان ۾ مسلمانن جي رهڻ لاءِ جاءِ تنگ ڪندا ٿي ويا.

عشق رسول ﷺ

ڊاڪٽر اقبال کي جيڪو آنحضرت محمد مصطفىٰ ﷺ لاءِ عشق هو، ان جا مثال گهٽ ملندا. عشق مصطفوي ۾ هو مستغرق هو. سندس رهبر ۽ سندس آقا حضور ﷺ جن جي ذات پاڪ ئي هئي. آخري عمر ۾ ته اهو حال هو جو حضور ﷺ جن جو ڪو نالو ڪٺندو هو ته اکڙين مان آب جاري ٿي ويندو هئس. سيد المرسلين ﷺ جي شان ۾ گستاخي برداشت ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به تيار ڪونه هوندو هو. چوندو هو ته يا الله منهنجي عمر 63 سالن کان نه وڌاءِ چاڪاڻ ته حضور جن جو وصال 63 سالن جي ڄمار ۾ ٿيو هو. 1937ع ۾ مؤلانا سيد حسين احمد مدني، ديوبند دارالعلوم جي مهتمم، ڪانگريس جي همنوائي ڪندي بيان ڏنو ته قومون وطن مان ٺهن ٿيون. ان وقت ڊاڪٽر صاحب بيمار هو مگر حسين احمد جي هن بيان جو پنهنجي اشعار ۾ اهو جواب ڏنائين جو اڄ تائين پڙهيل طبقي کي ياد آهي ۽ زبان زد عام آهي. ان جواب مؤلانا حسين احمد جهڙي عالم کي پريشان ڪري ڇڏيو. علامه اقبال کيس تنبيهه ڪندي چيو:

به مصطفیٰ برساں خویش را که دیں همه اوست
اگر باو نرسیدی تمام بولهبی ست

(پاڻ کي مصطفىٰ ﷺ وٽ پهچاءِ جو هو سراسر دين آهي. جي اتي نه پهتين ته پوءِ سڄو سارو ابولهب آهين.)

مؤلانا ابوالاعلىٰ مودوديءَ جي تحرير مطابق جيترو علامه اقبال سرتاپا عشقِ رسول ﷺ ۾ مستغرق هو، اوترو ڪوئي عالمِ دين به ڪونه هو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سياست ۾ ڪردار

ڊاڪٽر صاحب هنگامه خيز سياست ۾ ته اچڻ ڪڏهن به پسند نه ڪيو، پر سچ اهو آهي ته سندس سياسي سوچ هندستان جي ڪنهن به وڏي سياستدان کان گهٽ ڪانه هئي. ملتِ اسلاميه ۽ هندستاني مسلمانن جو فڪر جهڙو ڪيس دامن گير هو، اهڙا ڪي به چار سياستدان ئي دنياءِ اسلام ۾ هئا. هن نوجوانن کي اسلامي انقلاب جي راهه ڏيکاري؛ مولوين کي اسلام جي روح کان آشنا ۽ آگاهه ڪيو. باقي جيتري قدر عملي زندگيءَ جو تعلق آهي، ان لاءِ هو پاڻ به ڪسر نفسي وچان قبول ڪري ٿو:

اقبال بڑا اپدیشک ہے من باتوں میں موہ لیتا ہے
گفتار کا وہ غازی تو بنا کردار کا غازی بن نہ سکا

سياست ۾ هندستان جي رهبريءَ لاءِ ساري هندستان جي ڏهه ڪروڙ مسلمانن ۾ هڪڙي شخصيت سندس نظر ۾ هئي، پر اها پنجاب جي سرزمين جي نه هئي. جيڪڏهن هن ۾ پنجابيت ۽ صوبائي تعصب هجي ها ته ڪنهن پنجابي سرمائيدار، زميندار يا انگريزن جي لاڏلي کي چوندي ها، پوءِ اهو سر محمد شفيع هجي ها، سر فضل حسين هجي ها، سر سڪندر حيات هجي ها يا ڪو بيو. پر هن جي نظر ان سياسي فرهاد تي پئي جيڪو پنجاب جو نه بلڪه سنڌ جو باشندو هو ۽ نه وري انگريزن جو خطاب يافته سر ئي هو. هن جي دور رس نگاهه وڃي محمدعلي جناح تي پئي جنهن ڏانهن 21 جون 1937ع تي خط لکيائين:

> ”مون کي خبر آهي ته توهان مصروف انسان آهيو پر مون کي معاف ڪندا جو وقتاً فوقتاً اوهان ڏانهن لکي رهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته هندستان ۾ توهين اڪيلا ئي مسلمان آهيو جنهن ڏانهن قوم کي ايندڙ طوفان مان سلامتي سان پار پهچڻ لاءِ رهبري واسطي نهارڻ جو حق آهي.“

علامه کي مسٽر جناح جي نه خوشامد جي ضرورت هئي، نه ڪنهن ذاتي فائدي وٺڻ جي خواهش. هونءَ به اها هڪ مڃيل تاريخي حقيقت آهي ته مسٽر جناح کي ڪو به ماڻهو ذاتي

ڪم ڪونہ چوندو هو. اقبال تہ ڪيس چڱيءَ طرح سڃاڻيندو هو ۽ هن صوفي منش انسان کي مسٽر جناح جي خوشامد ڪرڻ لاءِ ڪو بہ سبب ڪونہ هو. مگر ساري هندستان جي مسلم ليڊرن کي جاچڻ پرکڻ ۽ وڏي غور و خوض بعد هو ان نتيجي تي پهتو هو تہ ڪروڙن ۾ هيءَ واحد مسلمان هو جو مسلم قوم جي رهبري ڪرڻ جو اهل ۽ انهن کي طوفان بلاخيز مان بچائڻ جي صلاحيت رکندڙ هو. شايد هن لاءِ ئي اقبال فرمايو هو:

جس سے جگر لالہ میں ٹھنڈک ہو وہ شبنم
دریاؤں کے دل جس سے دہل جائیں وہ طوفاں

جڏهن علامہ صاحب قائداعظم کي مٿيون خط لکيو هو، پاڻ تڏهن ڪافي بيمار هو ۽ علاج ڪرائي رهيو هو ۽ پوءِ ان بيماريءَ ۾ ئي وفات ڪيائين. هي خط ڄڻڪ علامہ طرفان مسلمانن جي قائد کي هڪ قسم جي سياسي وصيت هئي ۽ پارت هئي تہ تو کي مسلمانن جي ٻيڙيءَ جي ناکئي جا فرض سنڀالڻا آهن جو سندن ٻيڙي وچ سير ۾ طوفان ۾ اچي ڦاٿي هئي.

1936ع ۾ جڏهن قائداعظم آل انڊيا مسلم ليگ پارليامينٽري بورڊ جي ميٽنگ لاهور ۾ سڏائي هئي، ان ۾ بہ علامہ اقبال شريڪ ٿيو هو. جيتوڻيڪ چون ٿا تہ کيس گلي جي سرطان (ڪئنسر) جي بيماري هئي، تاهم جيستائين سسيءَ ۾ ساهہ هئس تہ قائداعظم جو مڪمل ساٿ ڏيندو آيو. ياد رهي تہ ان وقت پنجاب جا چوڌري ۽ سرمايہ دار سڀ مسلم ليگ جي خلاف هئا. هو پنجاب جي صوبائي مسلم ليگ جو صدر هو، مگر سر سڪندر حيات خان جي خلاف هو. علامہ صاحب کي سڪندر حيات سان ڪو ذاتي بغض، ضد يا شڪايت ڪانہ هئي، پر سڪندر حيات اندروني طرح مسلم ليگ جي خلاف هو: پارٽيءَ ۾ رهي، ان تي قبضو ڪري، ان کي بقول علامہ اقبال مارڻ پئي چاهيائين. هن اها ساري حقيقت قائداعظم ڏانهن لکي موڪلي هئي. قائد کي علامہ صاحب جي اعليٰ ۽ مخلص شخصيت تي مڪمل يقين هو ۽ کيس پنهنجي دوست ۽ رهبر واري حيثيت ڏيندو هو. جيستائين علامہ صاحب زنده هو، صوبائي مسلم ليگ جو صدر رهيو ۽ قائداعظم جي قيادت تي بہ پورو پورو يقين هئس.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بيماري دوا ۽ دعا

علامہ کي گردي جي بيماري هوندي هئي. چون ٿا تہ اها سندس والد صاحب کان ورثي ۾ ملي هئس. هيءَ تڪليف گهڻا سال رهيس. هڪ دفعي سندس وڃڻ امرتسر ٿيو، اتي بہ تڪليف ٿيس. هن کي خبر پئي تہ حضرت غوث علي شاه پاڻيپتي نالي بزرگ جو خليفو جناب گل حسن صاحب آيل آهي جنهن لاءِ اها ڳالهہ مشهور هئي تہ وٽس گردي جي بيماريءَ لاءِ مجرب نسخو آهي. چنانچہ علامہ صاحب وٽس ويو ۽ حقيقت حال بيان ڪيائينس. گل حسن صاحب چيو تہ وٽس علاج تہ مجرب آهي مگر دوا تيار ڪرڻ ۾ مهينو بہ لڳي ويندا. ان جواب علامہ کي مايوس ڪري ڇڏيو چو تہ کيس ڪافي تڪليف هئي. گل حسن صاحب چيو تہ بيماريءَ جو علاج دعا سان بہ ٿي سگهي ٿو. پوءِ هو خاموش ٿي ويو ۽ سندس چهرو جيڪو سفيديءَ مائل هو، آهستي آهستي ڳاڙهو ٿيندو ويو، تان جو سندس چهرو ٽاندي وانگر ڳاڙهو ٿي ويو. ڪجهہ وقت بعد اصلي صورت ۾ آيو ۽ فرمايائين تہ توهان پل وڃو، الله پاڪ خير ڪندو. ان بعد علامہ صاحب ريل ذريعي لاهور روانو ٿيو. رستي ۾ کيس سخت پيشاب لڳو، تنهنڪري گاڏيءَ جي غسل خاني ۾ وڃي پيشاب ڪيائين. سندس چوڻ مطابق ايترو تہ پيشاب آيس جو ساري عمر ۾ ڪنهن بہ وقت ايترو ڪونہ آيو هوس. ان کان پوءِ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيائين، تڪليف ويندي رهي ۽ پوءِ ڪيترا ئي سال گردي جي تڪليف وري ڪانہ ٿيس.

درحقيقت علامہ کي 24-1923ع کان گردي جي بيماري هئي. وقت گذرڻ سان بيماريون بہ وڌنديون ويون. پيرن ۽ آڱوٺي ۾ سور شروع ٿيو، گلي جي بيماري بہ ٿيس ۽ ڳالهائڻ ۾ بہ تڪليف ٿيندي هئس. 1935ع ۾ ڀوپال وڃي برقي علاج ڪرايائين مگر فائدو ڪونہ پيو. ان کان علاوه دمہ جي تڪليف ۽ قلب جو عارضو ٿي پيس. کيس مرض وڪوڙي ويا. علامہ لاهور جي حڪيم محمدحسن قريشي کان بہ علاج ڪرائيندو هو مگر گهڻو ڪري حڪيم عبدالوهاب نابينا دهليءَ واري جي علاج هيٺ رهيو. فائدو بہ ٿيندو هو مگر بيمارين مان مڪمل ڇوٽڪارو ڪونہ مليو. تاهم علامہ پنهنجي حال مطابق شاعري ڪندو رهيو. سندس آخري

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪتاب ”ارمغانِ حجاز“ آهي جو سندس وفات بعد ڇپيو. ڪيس بيماريءَ جي شدت جو احساس به هو ۽ اها به خبر هئس ته هيءَ زندگي فاني آهي ۽ هيءَ فاني دنيا نيٺ ڇڏڻي آهي. هڪ هنڌ ”ارمغانِ حجاز“ ۾ چيو اٿائين:

سرورِ رفتہ باز آید کہ ناید نسیمی از حجاز آید کہ ناید
سر آمد روزگارِ ایں فقیری دگر دانائے راز آید کہ ناید

(اها گذريل خوشي موٽي اچي يا نه اچي، اها خوشبودار ٿڌي هوا حجاز مان اچي يا نه اچي؛
هن فقير جي زندگي جا ڏينهڙا ته اچي پُنا آهن، هاڻي ٻيو رازن جو ڄاڻو اچي يا نه اچي.)

ٻي هنڌ چيو هئائين:

چوں رختِ خویش بر بستم ازیں خاک همه گفتند با ما آشنا بود
ولیکن کس ندانست ایں مسافر چه گفت و با که گفت و از کجا بود

(جڏهن هن دنيا مان سامان سفر ڪٽي روانو ٿيس، سڀني چيو ته هو منهنجا دوست هئا.
مگر ڪنهن به هن مسافر کي نه سڃاتو ته هن ڇا چيو، ڪنهن کي چيائين ۽ ڪٿان آيو هو.)

سندس دوست ڪائنس روزانو پڇڻ ايندا هئا. علامه کين چوندو هو ته آخر هن جهان مان سڀني کي لاڏاڻو ڪرڻو آهي، ڪيس موت جو خوف ڪونهي ۽ خوشيءَ سان استقبال ڪندو. اهو شعر پڙهندو هو:

نشانِ مردِ مومن با تو گویم
چو مرگ آید تبسم برلبِ اوست

(اچ ته مرد مومن جي علامت توکي ٻڌايان: موت وقت سندس لب تي مُرڪ هوندي آ.)

هي صاحبِ علم ۽ عرفان ۽ عظيم مفڪر 21 اپريل 1938ع تي سوا پنجين بجي صبح جو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

اِنّاَلِلّٰهِ وَاِنّاَ اِلَيْه رَاجِعُوْنَ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سندس وفات تي قائداعظم محمدعلي جناح کي وڏو صدمو رسيو، جنهن چيو، ”اقبال منهنجو دوست، رهبر ۽ فلاسفر هو ۽ جڏهن مسلم ليگ تمام ڏکئي دؤر مان گذري رهي هئي ته هو پهاڙ جيان اڏول بيٺو هو.“

مؤلانا ابوالڪلام آزاد ڏک جو اظهار ڪندي چيو:

اهو ڪيترو نه اندوهناڪ آهي جو اڄ اقبال اسان وٽ موجود ناهي. جديد هندستان هن کان وڏو شاعر پيدا ڪري نه ٿو سگهي. موجوده فارسي ادب ۾ به سندس شاعري پنهنجو مقام رکي ٿي. هيءُ نه صرف هندستان جو نقصان آهي، بلڪه ساري مشرق جو. ذاتي طرح مون پنهنجو پراڻو دوست وڃايو آهي.

بنگالي دانشور، مفڪر ۽ ادب جي ميدان ۾ نوبل انعام يافته مصنف رابندرناٿ ٽئگور هينئين ريت پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو:

سر محمد اقبال جي وفات اهو خال پيدا ڪيو آهي، جو هڪ زخم ڪاري وانگر چِٽڻ لاءِ تمام وڏي مدت وٺندو. دنيا اندر هندستان جي جاءِ تمام ننڍڙي آهي، ان جو موڪلائي وڃڻ اسان لاءِ ناقابل برداشت آهي.

اهڙي طرح مسز سروجني نئڊو، سرتيج بهادر سپرو، سڀاش چندر بوس ۽ ڪيترين اعلىٰ شخصيتن هن شاعرِمشرق کي خراج تحسين پيش ڪيو. حقيت اها آهي ته اقبال جي جڳهه اڄ ڏينهن تائين پرجي نه سگهي آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

4

رومي، شاهه ۽ اقبال جو لاڳاپو

جيڪڏهن ڪو مون کان اهو پڇي ته هنن ٽنهي شاعرن جو انتخاب ڪيئن ۽ ڇو ڪيو اٿم، جڏهن ته ٽنهي جو واسطو جداجدا خطن، جدا جدا دؤرن ۽ جدا جدا ٻولين سان آهي، ته جواب ۾ منهنجو عرض اهو ئي ٿيندو ته هنن ٽنهي عظيم شاعرن جي شاعري هڪڙي ئي رشتي سان منسلڪ آهي ۽ اهو آهي تصوف، جيڪو قلب ۽ نظر جي بيمارين لاءِ هڪ ترياق، انسان ذات ۽ ڪائنات جي مسئلن جو صحيح حل، ۽ نفرت ۽ تعصب جي بيمارين جو واحد علاج آهي. سندن شاعري قلب جي صفائي ڪري، نگاهه ۽ دل ۾ پاڪيزگي ۽ سوز پيدا ڪري ٿي. اها هن دنيا جي فلاح جو رستو ڏيکاري ٿي ته عقبيٰ جي عافيت جو به. هنن جي شاعري زندگي جي سفر ۾ رهنمائي ڪري ٿي.

دنيا جا بنيادي مسئلا ابتداءِ آفرينش کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ساڳيا آهن. ڀوءِ ڀل ته ملڪ جدا هجن، دؤر جدا هجن، رنگ ۽ نسل مختلف هجن، تهذيب ۽ تمدن ۾ فرق هجن، سياست، ثقافت ۽ اقتصاديات جا بدليل حالات هجن، انهن سڀني جو علاج الاهي محبت ۾ آهي، ۽ ان محبت کان انسان ذات جي محبت کي ڌار ڪري نه ٿو سگهجي. اها محبت ئي انسان کي لوڀ، لالچ، گندگين ۽ غلاظت کان پاڪ ڪري ٿي. هنن ٽنهي عظيم شاعرن جو ساڳيو فڪر، پيغام ۽ طريقو آهي، تنهنڪري مون هنن روحاني رهنمائن کي ڪتاب جي موضوع لاءِ منتخب ڪيو آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هزارن سالن جي هن پراڻي دنيا ۾ هزارين شاعر، صوفي، ولي، عالم، فلسفي ۽ رشي پيدا ٿيا، هر ڪنهن کي اعليٰ مقام حاصل آهي، مون کي هر ڪنهن لاءِ عزت ۽ احترام آهي، پر هن ڪتاب لاءِ جن شاعرن ۽ مفڪرن جو انتخاب ڪيو اٿم، ان لاءِ سبب تفصيل سان هيٺ عرض رکان ٿو:

ٿنهي شاعرن جي شاعري جو بنياد ۽ مرڪزي نقطهٔ نظر اسلام آهي. الله پاڪ جي ذات کي قادر مطلق لاشريڪ ۽ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي رحمت اللعالمين ۽ محبوب رب العالمين ۽ سالارِ ڪاروان سمجهن ٿا ۽ ان حقيقت ۾ ئي دنيا جي نجات تصور ڪن ٿا.

چوندا آهن ته خيالن جي هڪ جهڙائيءَ جو تعلق زمان ۽ مڪان سان نه آهي، ان جو واسطو دل ۽ دماغ سان آهي. سرورِ ڪائنات ﷺ مڪه معظم جا باشندا هئا، ساڳي سرزمين تي ابوجهل ۽ ابولهب به موجود هئا، زبان به ساڳي هئي، تهذيب ۽ تمدن به عربستان جو ساڳيو هو، مال ۽ متاع تي به جهيڳڙو ڪونه هو، تنهن هوندي به هو آنحضرت ﷺ جن جا جاني دشمن هئا. ان جي برعڪس ڏورانهن ديسن جي ماڻهن قرآن پاڪ جي تعليمات ۽ اسلامي اصولن کان متاثر ٿي، حضرت پاڪ ﷺ جن جي هٿ تي بيعت ڪري اسلام قبول ڪيو ۽ سندن جان نثار بڻجي ويا.

حسن ز بصره بلال از حبش صهيب از روم
ز خاکِ مکه ابوجهل ايں چه بوالعجبی ست

(حسن بصري مان، بلال حبش مان ۽ صهيب روم مان،
عجب آهي جو مڪي جي مٽيءَ مان ابوجهل آهي [دشمن آهي].)

حسن، بلال ۽ صهيب جيڪي فاصلي جي لحاظ کان بالڪل ڏورانهان هئا، سي حضور ﷺ جن مٿان قربان ويندا هئا، پر مڪي پاڪ جا وياڪل ابوجهل پارا سندس زندگيءَ جا دشمن هئا. انهن حقيقتن کي مدِنظر رکندي شاهه صاحب فرمايو هو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين.

مؤلانا رومي به ساڳيوئي خيال پنهنجي لفظن ۾ ظاهر ڪيو آهي:

هم دلی از همزبانی بهتر است
(همدلي همزباني کان بهتر آهي.)

هو زبان کان وڌيڪ اهميت دل کي ڏين ٿا. ابو جهل ۽ ابولهب جي زبان ساڳي هئي، قبيلو ساڳيو هو، مگر دلي طرح نبي پاڪ کان ڪوهين ڏور هئا. عارف رومي جي زبان فارسي هئي، شاهه صاحب جي زبان سنڌي هئي ۽ علامه اقبال جي پنجابي هئي، ٻوليون ته سندن مختلف هيون، پر دل جي ٻولي ساڳي هئي، بنيادي خيال هڪ جهڙا هئا. تنهي جو سرچشمو قرآن پاڪ ۽ آنحضرت ﷺ جن جو اسوه حسنه هو. عاشق رسول ﷺ ۽ صوفي شاعر مؤلانا جامي مؤلانا روم لاءِ ڪيڏو نه سچ چيو آهي ته مثنوي در حقيقت فارسي زبان ۾ قرآن حڪيم آهي:

مثنوی و مولوی و معنوی
هست قرآں در زبانِ پهلوی

شاهه صاحب به پنهنجي شاعريءَ لاءِ ساڳيوئي اظهار ڪيو آهي ته سندس بيتن کي عام بيت ڪري نه سمجهو، پر اهي آيتون آهن جيڪي مؤلا پاڪ سان ملائڻ جو ذريعو آهن.

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين؛
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

جيتوڻيڪ مؤلانا رومي تيرهين صدي عيسويءَ ۾، ڀٽ ڌڻي سترهين صدي جي آخر ۾ ۽ علامه اقبال اڻويهين صديءَ ۾ پيدا ٿيا. هڪ ٻئي کي ڏٺو به ڪونه هئائون، تاهم سندن شاعريءَ ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي آهي. گرچه هو ڪنهن جا مقلد ڪونه هئا، تاهم هنن جو پاڻ ۾ وڏو ذهني ۽ روحاني لاڳاپو نظر اچي ٿو. عارف رومي بيشڪ دنيا جو وڏي ۾ وڏو صوفي شاعر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ٿي گذريو آهي، ان هوندي به مشهور صوفي شاعرن جهڙوڪ سنائي ۽ فريدالدين عطار کي سا راهي ٿو:

عطار روح بود و سنائی دو چشم ما

ما از پئے سنائی و عطار آمدیم

(عطا ر منهنجو روح آهي ۽ سنائي منهنجون به اکيون: مون سنائي ۽ عطا ر جي ئي پيروي ڪئي آهي.)

مؤلانا رومي ٻنهي صوفي شاعرن جي عظمت جو مداح آهي ۽ انهن مان استفادو به حاصل ڪيو هوندائين، پر انهن جي تقليد ڪانه ڪئي هئائين. انهن ٻنهي شاعرن جي سا راهه ڪرڻ سان مؤلانا جي عظمت تي ڪو به اثر نه ٿو پوي بلڪه اضافو ٿو ٿئي. شاهه عبداللطيف جو يقيني طور مؤلانا سان روحاني رشتو هو، جيتوڻيڪ وقت ۾ صدين جو فرق ۽ فاصلي ۾ سَوَن ڪوهن جي دوري آهي، پر اهي "ڏور به اوڏا سپرين" آهن. اهي بزرگ زمان ۽ مڪان جي پابندين کان مٿي آهن ۽ انهن جا محتاج نه آهن. شاهه صاحب ڪيترن ئي هنڌن تي رسالي ۾ مؤلانا روميءَ جو ذڪر فرمايو آهي ۽ ٻئي ڪنهن به سنڌي، هندي يا ايراني شاعر جو نالو ڪونه آندو اٿائين.

طالب ڪٿر سُونهن سر، ايءَ رُوميءَ جي رهاڻ:

ڦهريائين وڃائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پرينءَ کي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو، "انهن بزرگن جو اثر، خاص ڪري روميءَ جو، شاهه جي صوفياڻي شعر تي گهڻي قدر معلوم ٿئي ٿو. مگر شاهه ڪنهن جي تقليد نه ڪئي آهي."

ڊاڪٽر سورلي به ساڳي حقيقت جو اظهار ڪري ٿو ته شاهه صاحب جي شاعري، مؤلانا روميءَ جي خيالن کان متاثر آهي. اهڙي طرح ڪلياڻ آڏواڻي جو خيال آهي:

جيتوڻيڪ روميءَ لاءِ بيحد عزت ۽ محبت هئي، رومي ئي آهي جنهنجو نالو پنهنجي شعر ۾ آندو اٿس، پر هن جي فيلسوفيءَ کي به سنڌي لباس پهريو اٿس.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڊاڪٽر بلوچ ان عقيدت جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

پنهنجي پاڻ هن تربيت واري دؤر ۾ شاهه لطيف خاص طرح مثنوي کي سمجهڻ طرف گهڻو ڌيان ڏنو..... ميين شاهه ڪريم جي سوانح ۾ تلقين طرف توجهه ڪندي، ڪيس مثنويءَ جي اهميت ۽ عظمت جو پتو پيو، ڇاڪاڻ جو ميين شاهه ڪريم کي مؤلانا روميءَ جي مثنوي توڙي سندس ديوان مان بيت ياد هئا..... مثنويءَ سان شاهه صاحب جي شغف جي ايتري ته مشهوري ٿي جو وقت جي حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙي مثنويءَ جو سهڻو قلمي نسخو شاهه صاحب ڏانهن تحفي طور موڪليو.

البته شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ان راءِ سان اتفاق نه ٿو ڪري ۽ فرمائي ٿو:

پر مون کي ڪل ونندي آهي جڏهن ڪي اديب جهڙوڪ ڊاڪٽر ٽرمپ، مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر سارلي چوندا آهن ته شاهه تي رومي، حافظ ۽ جاميءَ جو گهڻو ۽ گهاٽو اثر آهي. اها دعویٰ سراسر غلط آهي. شاهه جيڪڏهن ڪنهن جي پيروي ڪئي آهي ته سنڌ جي قديم بزرگن جهڙوڪ قاضي قاضن، شاهه ڪريم، لطف الله قادري، شاهه عنايت رضوي ۽ ميين عيسیٰ جي ڪئي آهي.

ٻئي هنڌ ڊاڪٽر صاحب چوي ٿو:

شاهه جو مقابلو جلال الدين رومي سان ڪرڻ ئي عبث آهي. رومي اهو شاعرِ يڪتا ۽ بي مثال آهي جنهن جي باري ۾ چيو ويندو آهي ته هو ٻين شاعرن تي عقاب وانگر اڏامي ٿو.

ڏسجي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب جي راءِ درست نه آهي، خود ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي مضمون ۾ رومي ۽ شاهه جا اهي شعر ڏنا آهن جن ۾ خيالن جي وڏي هم آهنگي آهي. ٻين سڀني عالمن جيڪي پنهنجي راين جو اظهار ڪيو آهي سو به سندن مطالعي جو نتيجو آهي. اهو هرگز مقصد نه آهي ته شاهه جو روميءَ سان مقابلو ڪيو وڃي، مقابلي ڪرڻ جو تصور ئي احمقانه ٿيندو. اهو صحيح آهي ته عارف رومي صوفي شاعرن ۾ سڀني کان مٿاهين جڳهه والاري

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ٿو، پر شاهه صاحب به پنهنجو مٽ پاڻ هو، آفاقي شاعر هو جنهن جي شاعريءَ ۾ اعلىٰ درجي جون خوبيون آهن. تقريباً ڏيڍ سؤ سال اڳ جڏهن انگريزن هندستان جي ٻولين ۽ انهن ۾ موجود ادب تي تحقيق ڪئي ته ان نتيجي تي پهتا ته طبعزاد (original) ادب جيترو سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ آهي اهڙو سموري هندستان جي ڪنهن به ٻي ٻوليءَ ۾ ڪونهي. وري سنڌي ادب ۾ شاهه صاحب جي ڪلام جي جيڪا حيثيت آهي سا به مڃيل آهي. ان آڌار تي ۽ هوندي به، ايئن چوڻ ۾ ڪو واڌاءُ ڪونهي ته سموري هندستان اندر ڪنهن به زبان ۾ شاهه جهڙو عظيم صوفي شاعر پيدا ڪونه ٿيو آهي.

اها حقيقت آهي ته:

(الف) شاهه صاحب سان هميشه عارف روميءَ جي مثنوي ساڻ هوندي هئي، ظاهر آهي ته اهو سندس پسنديده ڪتاب هو ۽ يقيناً ان جو گهرو مطالعو ڪيو هوندائين ۽ محض تبرڪ طور ان کي پاڻ سان ڪونه کنيو وتندو هو.

(ب) ڪنهن به شخص کي اها شئي سوکڙي طور پيش ڪئي ويندي آهي جا هن کي گهڻو پسند هوندي آهي. ميان نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو حڪمران هو ۽ ڪا به وڏي قيمتي سوغات ڏيئي پئي سگهيو. هن مثنوي جو سهڻو قلمي نسخو ان ڪري پيش ڪيو هو جو شاهه صاحب کي ان سان گهڻو شغف هو.

(ج) شاهه ڪريمؒ وڏو شاعر به هو، شاهه صاحب جو تڙ ڏاڏو به هو. شاهه صاحب کي شاهه ڪريمؒ سان بيحد محبت هئي، تاهم هن جو اسم گرامي به پنهنجي ڪلام ۾ نه ڏنو اٿائين پر صرف ۽ صرف عارف روميءَ جو نالو پئي دهرايو اٿائين، جنهن مان مٿس روميءَ جي اثر جي صاف نشاندهي ٿئي ٿي. خود شاهه ڪريمؒ به رومي جي مثنوي ۽ ديوان کان ايترو متاثر هو جو انهن مان ڪيترا بيت ياد هئس.

(د) روميءَ جي مثنوي ۽ شاهه جي رسالي ۾ ڪيترا بيت اهڙا ملندا جن جي معنىٰ ۽ مفهوم هڪ جهڙو آهي، گرچه ان مان اهو مطلب هرگز نه آهي ته شاهه صاحب ڪنهن جي نقالي ڪئي آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اها ڳالهه خود شاهه جي عظمت جي شاهد آهي ته مٿس سڀ کان گهڻو اثر مؤلاءِ روم جو هو، جنهن کي ساري دنيا تصوف جو وڏي ۾ وڏو شاعر تسليم ڪري ٿي.

هوڏانهن علامه ڊاڪٽر محمد اقبال پنهنجي ڪلام ۾ روميءَ کي جا بجا پنهنجو مرشد ۽ پير سڏي ٿو. پنهنجي تصنيفات ۾ هن عارف رومي کان ڪيترا سوال پڇيا آهن، جيڪي اهم مسئلن سان واسطو رکن ٿا ۽ انهن جا جواب به علامه اقبال خود ئي مثنويءَ مان پيش ٿو ڪري. اقبال اعتراف ٿو ڪري ته هو مؤلانا روميءَ کان فيضياب ٿيو آهي.

پیر رومی خاک را اکسیر کرد

از غبارم جلوہا تعمیر کرد

(پير رومي مٽي کي ڪيميا بڻايو، منهنجي مٽيءَ مان جلوا تعمير ڪيائين.)

ٻي هنڌ لکي ٿو:

مرشدِ رومی حکیمِ پاک زاد

سرِ مرگ و زندگی بر ما نہاد

(پاڪ سرشت واري ڏاهي مرشد رومي، اسان کي موت ۽ زندگي جي راز کان آگاه ڪيو.)

علامه ڪنهن ڪنهن وقت سوچ ۾ ايڏو غرق هوندو هو جو هن کي آسپاس جي خبر ئي ڪانه هوندي هئي. جيئن سندس عمر ۾ اضافو ٿيندو ويو تيئن اها ڪيفيت به وڌندي ويئي. هڪ دفعي پنهنجي نوڪر علي بخش کي سڏي چيائين، "هاڻي هاڻي مون وٽان مؤلانا رومي اٿي ويو آهي، ڪيس سڏي وٺ!" علي بخش ٻاهر وڃي ڏٺو ته ڪو به ماڻهو ڪونه هو ۽ موٽي اچي علامه کي جواب ڏنائين، پر علامه پنهنجن خيالن ۾ ايڏو ته گم هو جو ان کي نه ٻڌائين نه ڪجهه پڇيائين. بهر حال ان ۾ ڪي ٻه رايا ٿي ڪونه ٿا سگهن ته علامه جو روحاني ۽ فڪري رهبر مؤلانا رومیؒ هو ۽ سندس شاعري ان کان ئي متاثر آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جيتوڻيڪ ساري دنيا شاعر پيدا ڪيا آهن، تاهم مشرق ۾ شاعري ۽ شاعرن جي وڏي پذيرائي ٿيندي رهي آهي؛ خاص ڪري ايران، هند ۽ سنڌ ته انهن جو مرڪز آهن. شايد هتان جي ماڻهن جون طبيعتون فطري طرح شاعريءَ ڏانهن گهڻو مائل آهن.

علم ادب ۾ ٻن نظرين وارا ماڻهو آهن: هڪڙا چون ٿا ادب براءِ ادب آهي، اهو ادب پيدا ڪرڻ کپي جنهن ۾ انساني دل ۽ دماغ کي راحت ۽ لطف اچي، پوءِ اهو پل حقيقت جي دنيا کان دور ئي ڇو نه هجي. ٻين لفظن ۾ ان کي ذهني عياشي ڪوٺجي ته به غلط نه ٿيندو. ٻي طبقي جو نظريو آهي ادب براءِ زندگي، جنهن جو مطلب آهي ته ان ادب (پوءِ چاهي اهو نثر هجي يا نظم) جي تخليق ڪئي وڃي جيڪو زندگي ٺاهڻ ۽ سنوارڻ جي ڪم اچي، اهو لٽريچر هجي جو انسان جي رهنمائي ڪري ۽ زندگيءَ جي حقائق متعلق آگاهي عطا ڪري ۽ جنهن ۾ مقصديت هجي. رومي، شاهه ۽ اقبال پنهنجيون زندگيون انسان ذات کي صراط مستقيم تي لڳائڻ لاءِ صرف ڪيون آهن. هنن وٽ عياشي ۽ تضيع اوقات جو سوال ئي ڪونهي.

جنين دؤر درد جو، سبق سور پڙهن؛
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالعه ڪن؛
پنو سو پَسن، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ کي.

ڪيستائين گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانه جا بيمقصد نغما ڳائيندا رهنداسون ۽ پست پيل قوم کي اجان به پستيءَ ڏانهن گهليندا رهنداسون؟ ڪيستائين ڪردار ۽ اخلاق جي تعمير بجاءِ بڇڙاين، براين، ضمير فروشي ۽ قوم فروشيءَ ۾ پاڻ کي مبتلا ڪنداسون؟ اسان جي هنن ٽنهي شاعرن بيمقصد شاعري نه ڪئي آهي. هو اسان کي فرش تان کڻي عرش جي بلندين تي پهچائڻ گهرن ٿا. هنن ڪائنات جي رازن ۽ قدرت جي رمزن جي نقاب ڪشائي ڪئي آهي. هنن اسان کي بلند اخلاقي، بهادري، انسانيت ۽ الاهي معرفت جا سبق سيکاريا آهن؛ فردن ۽ قومن جي ترقي تنزل جا اهڃاڻ، اسباب ۽ علاج ٻڌايا اٿن. رومي جي مثنوي کي فارسيءَ جو قرآن سڏيو ويو آهي ۽ پاڻ به فرمايائون ته اسان قرآن پاڪ مان مغز ڪڍي ورتو ۽ هڏا ڪتن جي حوالي ڪيا آهن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ماز قرآں بر گزیدیم مغز را
استخواں پیشِ سگاں انداختیم
(اسان قرآن مان مغز کي الڳ ڪري، هڏا ڪتن جي آڏو ڦٽا ڪيا آهن.)

شاهه پنهنجي بيتن کي آيتون ڪوٺيو آهي، سندس مقصد به عين اهو آهي جو روميءَ جو آهي. هنن ٽنهي شاعرن، شاعريءَ جي ويس ۾ پيغمبري ڪئي آهي. مؤلانا غلام قادر گرامي اقبال لاءِ چيو آهي:

در دیدۂ معنی نگراں حضرتِ اقبال
پیغمبری کرد و پیغمبر نتواں بود
(حقيقي معنيٰ ۾ ڏسجي ته حضرت اقبال پيغمبري ڪئي آهي مگر کيس پيغمبر سڏي نه ٿو سگهجي.)

پيغمبر آخري زمان ته حضرت محمد رسول پاڪ ﷺ هئا ۽ اسان جا ٽيئي شاعر سندس عاشق ۽ پيروڪار هئا. اقبال پنهنجي شاعريءَ کي ابدي زندگي جو پيغام ڪوٺي ٿو، يا ته اها جبريل جو نغمو آهي يا صورِ اسرافيل آهي جا مردن کي قبرن مان اٿا ريندي:

وہ شعر کہ حیات ابدی ہے
یا نغمۂ جبریل ہے یا بانگِ اسرافیل

اقبال نه آنحضرت ﷺ وٽ فريادي آهي:

من اے میرِ امم داد از تو خواہم
مرا یاراں غزل خوانی شمر دند
(اي امتين جا سردار ﷺ توکان انصاف گهران ٿو، منهنجي يارن منهنجو شمار غزل خوانن ۾ ڪيو آهي.)

ان ۾ تر جيترو به شڪ نه آهي ته سندن شاعري براءِ زندگي آهي، پر اها دل ۽ دماغ تي بوجهه نه آهي بلڪه هڪ اعليٰ سرور ۽ سوز آهي جو عام شاعريءَ ۾ ملڻ محال آ. هيءَ شاعري عوام جي ذهن تي خشڪ واعظ وارو بار نه آهي، ذهن کي ٿڪائيندڙ ۽ منجهائيندڙ

نہ آهي. شاهہ جي ڪلام ڪي ئي ڏسو تہ ان ۾ ڪيڏيون نہ شاعراڻيون خوبيون آهن، پاڪيزگي آهي، سوز ۽ گداز آهي، لفظن جي لاجواب چونڊ آهي، لطافت آهي، بي مثال نغمو آهي، جنهن جو مثال ٻئي ڪنهن سنڌي زبان جي شاعر وٽ ڪونهي. ڪو سنو ڳائڻو جڏهن ان کي ڳائي ٿو تہ ٻڌندڙ وجد ۾ اچيو ٿا وڃن. جيڪڏهن سنڌس شاعري محض هڪ خشڪ نصيحت ۽ واعظ هجي ها تہ ان کي ڪو بہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هجي ها. اها صوفيانہ ۽ عاشقانہ شاعري زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ ڪردار کي بلندين تي پهچائڻ سان گڏ انساني طبيعت ۽ سماعت کي بہ تازگي بخشي ٿي. هن ۾ سوز بہ آهي تہ سرور بہ آهي. جيڪڏهن عارف روميءَ جا غزل ڏسو تہ اهي چڙهڪ تيز وهندڙ، ڳائيندڙ، مسحورڪن ۽ خوبصورت آبشار آهن.

”ادب براءِ ادب“ جي نقطئہ نظر مان ڪو فائدو ڪونهي، اٽلندو ان جا غلط اثرات پيدا ٿين ٿا ۽ قوم مان عملي قوت کي ختم ڪري ڇڏين ٿا. مثال طور:

مے دو سالہ معشوق چاردہ سالہ
ہمیں بس است مرا صحبت صغیر وکبیر

(شراب بہ سال پراڻو ۽ معشوق چوڏهن سالن جو، اسان لاءِ ننڍي ۽ وڏي اها صحبت ڪافي آهي.)

رات دن گردش میں ہیں سات آسماں
ہو رہے گا کچھ نہ کچھ گھبرائیں کیا

اهي اشعار جيتوڻيڪ وڏن شاعرن جا آهن ۽ انهن لاءِ عزت آهي، سامعين اهي شعر ٻڌي واه واه ڪندا ۽ سبحان الله بہ چوندا، مگر ان مان فائدو ڪنهن کي ڪونہ پوندو، بلڪہ ڪچن ۽ ناپختہ ذهنن تي غلط اثر پوندا ۽ عملي قوتون بري طرح متاثر ٿينديون. ظاهر آهي تہ ادب متعلق بہ ٿنهي شاعرن جو نظريو ساڳيو آهي ۽ سندن شاعري زندگيءَ لاءِ آب حيات آهي.

عارف رومي ۽ شاه صاحب روحاني رمزن ۽ حقيقتن کي قصن، ڪهاڻين ۽ تشبيهن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مؤلانا رومي تہ ڪيترين آکاڻيون جانورن ۽ پکين

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جون به بيان ڪيون آهن. ڪيترن ماڻهن، نبين، اولياڻن، الله جي منڪرن جا قصا به بيان ڪيا آهن، پر انهن کي تاريخي نقطهءِ نظر سان ڏسڻ يا پرکڻ غلطي آهي.

اهڙي طرح شاهه صاحب وري لوڪ ڪهاڻيون ۽ عاشقانه داستان پنهنجي رسالي ۾ ڏنا آهن. ڏنو وڃي ته اهي مڪمل به نه آهن، پر اڄ ڏينهن تائين اهو اعتراض ڪونه واريو ويو آهي ته شاهه جا بيان ڪيل قصا مڪمل نه آهن يا تاريخي لحاظ کان ناقص آهن ۽ سندن صحت مشڪوڪ آهي. اهو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته رومي هجي يا شاهه، ٻنهي اهي قصا ۽ ڪهاڻيون ماڻهن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي مثنوي يا ڪلام ۾ پيش نه ڪيون آهن، انهن ۾ درحقيقت انساني زندگي سنوارڻ لاءِ، زندگي جي اصل مقصد حاصل ڪرڻ خاطر سولي ۽ عام فهم زبان ۽ دلنشين طريقي سان حڪمت جا موتي پيش ڪيا آهن ته جيئن هر ڪو پنهنجي سوچ، سمجهه، مطالعي ۽ محنت مطابق انهن مان سبق حاصل ڪري. جيڪڏهن انهن جي ٻاهرين رنگ روپ کي ڏٺو ويو ۽ اندر پيهي انهن جي ڪلام کي پرکيو نه ويو ته ان مان گهڻو هٿ حاصل نه ٿيندو. سپن جي اندران موتي ڪڍڻا آهن. شاهه صاف چيو آهي ته منهنجي بيتن کي عام بيت يا شاعري تصور نه ڪريو، اهي حقيقت ۾ قرآني آيتون آهن، جيڪي توهان جي من کي محبوب سان ملائينديون.

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين؛
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

يا بس صرف اکر الف جو پڙهو، پيو سڀ وساريو.

اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار؛
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

حضرت عبدالرحيم گرهوڙي به ساڳي ڳالهه شاهه صاحب لاءِ ڪئي جا جامي مؤلاءِ روم لاءِ فرمائي هئي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آهي عبداللطيف تي، رضامند رحمان؛
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.

اهڙي طرح اقبال به اهو ٿو چوي ته سندس مثنوي جو مقصد شاعري ۽ بت گري نه آهي.

شاعری زیں مثنوی مقصود نیست
بت پرستی بت گری مقصود نیست
(هن مثنوي جو مقصد نه شاعري آهي، نه ئي بت پرستي يا بت گري آهي.)

هنن مفڪرن اسان کي زندگيءَ جي صحيح راه ڏسي آهي، ورنه هن دنيا جي ڪاڪ ۾ ته ويهڻ واٽون آهن. هڪڙي لحظي لاءِ به انسان غافل ٿيو ته، جو دم غافل سو دم ڪافر مصداق، ڏاڍي ڪٺان جو ڪٺي وڃي پوندو جو ڳوليو به نه لڀندو.

یک لحظہ غافل شدم
صد سال راہم دور شد
(هڪ لحظو غافل ٿيس، ته سو سال پري اڇلجي ويس.)

نه انساني اقتدار، حسن، خزانن ۽ نه ئي دنيوي طاقت ۽ زندگي کي ڪا بقا آهي. نه هيءَ ظاهري تونگري، دنيا دولت، عيش عشرت، محل ۽ عشرت ڪده حقيقت ۾ ڪا حيثيت رکن ٿا. انهن دنياوي خزانن ۽ فاني سجاوٽن جي بي ثباتي متعلق شاعر چيو آهي:

سب ٹھاٹھ پڑا رہ جائے گا
جب لاد چلے گا بنجارا

درويش خدا مست ۽ عشاق الاهي دنيوي مال متاع کي ڪجهه به نه ٿا سمجهن. هنن وٽ ته اهو خزانو آهي، اهو سامان آهي، جنهن جو مارڪيٽ هر هنڌ آهي. بقول شاهه سائين وکر اهو ئي وهائجي جو پئي پراڻو نه ٿئي ۽ ان جو ذرو به زيان نه ٿئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مٿي عرض ڪري آيو آهيان تہ مؤلانا روميءَ مثنوي ۾ بيشمار قصا بيان ڪيا آهن. هڪ قصي ۾ حضرت يحيىٰ عليہ السلام جي والده محترمہ ۽ حضرت بيبي مريمؑ جو مڪالمو لکيو اٿائين، جنهن تي ڪنهن اعتراض ورتو تہ روميءَ اها جڙتو ڪهاڻي گهڙي گناهہ ڪيو اٿائين، تنهنڪري ان کي مثنوي مان ڪڍي ڇڏي. مؤلانا فرمايو تہ ديني، روحاني ۽ اخلاقي تعليم ۾ جيڪي قصا بيان ڪيا اٿم اهي تاريخي واقعات نہ آهن، اهي قصا بصيرت وارن لاءِ سبق آموز آهن، البتہ بي بصيرت ۽ گمراہ رڳو انهن تي اعتراضن جي پرمار ڪندا ۽ انهن قصن ۾ جيڪي قيمتي سبق پوشيده آهن انهن مان ڪجهہ بہ نہ سڪندا ۽ ڪو بہ فائدو نہ پرائيندا. مؤلانا هن مڪالمي بابت چيو تہ عالمِ روحاني ۾ زمان ۽ مڪان جو سوال ڪونهي. اهو سوال پيدا ڪونہ ٿو ٿئي تہ حضرت يحيىٰ جي والده ڪٿي ۽ ڪڏهن پيدا ٿي ۽ بيبي مريمؑ ڪهڙي صديءَ ۾ ڄائي ۽ ڪٿي؟ مگر توهانجي انهن تفصيلات سان غرض ئي ڪهڙي آهي؟ مؤلانا درحقيقت قصن جو بهانو بڻائي، تشبيهون ڏيئي، ڪي حڪمت جون ڳالهيون ٻڌائڻ ٿو چاهي، جنهن تي ڪج بحث جو اعتراض آهي تہ انهن جي تاريخي صحت مشڪوڪ آهي. مثنوي ۾ مؤلانا فرمائي ٿو:

ابلہاں گويند ايں افسانہ را

خط بکش زيرا دروغ است و خطا

(نادان هن لاءِ چون ٿا تہ اهو فرضي قصو مثنوي مان ڪڍي ڇڏ ڇو تہ اهو سراسر ڪوڙ ۽ خطا آهي.)

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو نام نهاد محقق چوي تہ سسئيءَ جا ڪپڙا پُنهونءَ ڪونہ ڌوتا هئا ۽ نڪي وري پُنهونءَ پوئتان سسئي ان رستي وئي هئي، نہ وري مارئي کي عمر زوريءَ کنيو هو ۽ ڪوٽ ۾ بند ڪيو هئائين، پر جي بند ڪري ها تہ زبردستي بہ ڪري سگهي ها. مارئيءَ کي پاڻ چو ڪٽي ها، سپاهي موڪلي زوريءَ گهرائي وٺي ها يا اهي سڀ ڳالهيون من گهڙت آهن، انهن جي سچائيءَ لاءِ ڪا ثابتي ڪانهي وغيره وغيره. پر اهڙي قسم جا سوال سراسر اجايا آهن ڇو تہ شاهہ صاحب جو مقصد انهن قصن ذريعي سسئي يا مارئي جي تاريخ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

لکڻ نه هو بلڪه عارف رومي وانگر ڪجهه پيو ئي هو. هو انسان کي پستي مان ڪڍي انسانيت جي معراج تي پهچائڻ چاهي ٿو ۽ هنن قصن کي ان لاءِ هڪ ذريعو بڻايو اٿس، جيئن عام ماڻهو دلچسپي سان پڙهن ۽ ان سوز مان سبق وٺن.

عارف روميءَ کي اهو احساس به آهي ته تشبيهون ڪٽي ڪهڙيون به ڏجن، تنهن هوندي به انهن جي ذريعي عرفان الاهي پوري طرح بيان ڪرڻ ممڪن نه آهي. هن کي پنهنجي مجبوري ۽ ڪوتاهيءَ جو شديد احساس آهي ۽ مڃي ٿو ته الله پاڪ اسان جي وهم ۽ قيل قال کان گهڻو پري آهي.

اے بروں از وہم و قیل وقالِ من
خاک بر فرقِ من و تمثیلِ من
(الله تعالي اسان جي وهم ۽ گمان کان گهڻو پري آهي؛ ذوڙ پوي اسان جي فرق ۽ پيٽ تي.)

اهڙي طرح هدايت لاءِ قرآن پاڪ ۾ به قصا آهن، مگر انهن کي تاريخ جي ڪسوٽي تي ڪڏهن به جاچڻو نه آهي. هر شئي کي پرکڻ جي پنهنجي ڪسوٽي هوندي آهي. سون کي پرکڻ لاءِ پلاڪ لوه کي جاچڻ وارو چقمق استعمال ڪبو آهي؟

عارف رومي ۽ شاهه صاحب خالص صوفي شاعر ٿي گذريا آهن. تصوف جي شاعريءَ ۾ رومي جي حيثيت ته مسلمه آهي ئي، پر منهنجي ناقص خيال ۾ سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شاهه جهڙو پيو ڪو شاعر ڪونه ٿي گذريو آهي. هو واقعي شاعرن جو شاهه هو ۽ دنيا جي عظيم صوفي شاعرن جي پهرين صف ۾ سنڌس جاءِ آهي.

روميءَ جي مثنوي ۽ شاهه جو رسالو دائمي ڪتاب آهن جن تي اسان بجا طور فخر ڪري سگهون ٿا. علامه صاحب جي شاعريءَ لاءِ ايئن چوڻو پوندو ته اها صوفيانه به آهي، فلسفيانه به آهي ته حريت ۽ آزادي جو آواز به آهي. علامه وقتي مسئلن تي به توجه ڏني آهي، چو ته انهن جو دائمي حل به بهرحال آفاقي اصولن ۾ آهي. علامه اقبال مسلمانن کي پستيءَ مان ڪڍي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عروج تي اَٽڻ پئي چاهيو. اقبال جي دؤر ۾ جمهوريت ۽ آزاديءَ جي جنگ هئي، وقت جا مسئلا به مختلف هئا. مگر رومي ۽ شاهه جي وقتن ۾ ذاتي بادشاهيون هيون: انهن ٻنهي انسان ذات جي دائمي مسئلن ڏانهن توجهه ڏني، جنهن ۾ بالواسطه وقتي مسئلن جو حل به آهي. علامه موصوف دائمي خواه وقتي مسائل ٻنهي بابت پنهنجي ڪلام ۾ ذڪر ڪيو آهي. بهرحال شاهه صاحب ۽ علامه اقبال تي عارف روميءَ جو گهرو اثر آهي، جنهن جو اعتراف هنن پاڻ ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو مون ٽنهي مفڪرن جي فڪر، فلسفي ۽ تصوف جي باري ۾ هن هڪ ئي ڪتاب ۾ لکيو آهي.

آخر ۾ اهو ورجائيندس ته انهن ٽنهي هستين جي شاعري، فڪر ۽ تصوف ۾ عشق جو رنگ غالب آهي. مؤلاءِ روم کي پنهنجي مرشد شمس تبريز جي عشق ۽ فراق ئي شاعر بڻايو. شاهه جي شاعري کٽي ڏسو ته سڀ الاهي رمزون عشق جي قصن جي تمثيلي پسمنظر ذريعي سمجهايون اٿن. اقبال، جنهن کي عام طور تي قومي شاعري لاءِ سڃاتو ويندو آهي، تنهن وٽ ته دين ۽ تصوف جو بنياد ئي عشق آهي ۽ سندس فتویٰ آهي ته جيڪو عشق کان عاري آهي سو مسلمان ئي نه آهي.

اگر ہے عشق تو ہے کفر بھی مسلمانی

نہ ہو تو مردِ مسلمان بھی کافر و زندیق

حقيقت به اها آهي ته عشق، جيڪو ڪائنات جي تخليق جو سبب آهي، ۽ تصوف جي راه تي هلڻ لاءِ شرط اول آهي، اهو هر شئي تي محيط ۽ غالب آهي ۽ اسانجي انهن ٽنهي شاعرن جي شاعري ۽ فڪر جو اهم ترين لاڳاپو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

5

تصوف جو اصل

تصوف لفظ ڇا مان نڪتل آهي ۽ ان جي استعمال جي شروعات ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي تنهن تي به اختلاف رهيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته عربي لفظ ”صفا“ مان نڪتل آهي، ڪن جو خيال آهي ته ”اهل الصفا“ مان اهو لفظ ورتل آهي. پر اڪثريت جو ان تي اتفاق راءِ آهي ته ”تصوف“ عربي لفظ ”صوف“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ”اُن“. فارسي ۾ ان کي ”پشمينه“ چوندا آهن. صوفي سادگي پسند هوندا هئا ۽ عيش عشرت، وڏائي، ٺاٺ ۽ نفرت کان پري هئا. اڳي به درويش اُن مان ٺهيل لباس پائيندا هئا. خود حضور اڪرم ﷺ جن ۽ اصحاب سڳورن ۽ سندن جانشينن رهڻ، کائڻ، پيئڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ ۾ بيحد سادگيءَ کان ڪم ورتو. پر خلافت راشده بعد اها طرز زندگي به ختم ٿيڻ لڳي. صوفين جي درحقيقت دنياداري ۽ عياشي واري زندگي کان بغاوت هئي. کُهري اوني لباس کي سادگيءَ جي نشاني سمجهيو ويندو هو تنهن ڪري اهو استعمال ڪندا هئا.

اهو ”تصوف“ جو لفظ بقول مؤلانا جامي پهريائين پهريائين ابو هاشم شامي استعمال ڪيو جنهن سن 777 عيسوي ۾ وفات ڪئي. شروعاتي دؤر جي صوفين ۾ حسن بصري، يحيىٰ بن معاذ، ابراهيم اذهم، دائود طائي، فُضيل بن عياض، بيبي رابعه بصري ۽ سفيان ثوري کي شمار ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري ايئن چئي سگهجي ٿو ته ٻي صدي هجريءَ ۾ ان لفظ جي استعمال جو آغاز ٿيو.

تصوف ڇا آهي؟

تصوف ڇا آهي، ان جي تعريف ڇا آهي، معنىٰ ڇا آهي ۽ مقصد ڇا آهي؟ تصوف جي ڇا متفقہ مڃيل تعريف آهي جنهن کي هر صوفي قبول ڪري؟ ان جو فيصلو اڄان تائين ڪونہ ٿي سگهيو آهي. عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ان کي جدا جدا نمونن سان بيان ڪيو ويو آهي، هر ڪنهن وڏي صوفيءَ ان کي مختلف طريقي سان بيان ڪيو آهي، توڙي جو انهن ۾ بنيادي اختلاف ڪونہ آهن.

مثلاً مؤلانا رومي حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ هاٿيءَ واري قصي کان ڪم ورتو آهي. هڪ هاٿي جيڪو بالڪل اونداهي ڪمري ۾ آهي، جتي هٿ نہ ڏسي گوڏي کي، اتي جيڪو هاٿيءَ جي سونڊ کي هٿ ٿو لائي تہ ان کي پاڻيءَ جو پائيپ ٿو سمجهي، جيڪو ان جي ڪنن کي هٿ ٿو لائي، تہ ان کي پکو ٿو ڪوني، جيڪو ٽنگن کي هٿ ٿو لائي، سو ٿنڀو ٿو سڏي، جيڪو ان جي پٺيءَ کي هٿ ٿو لائي، سو تخت ٿو چوي، شايد ساڳيو ئي حال تصوف جي سڃاڻپ جو آهي. جنهن جيڪي ڪجهہ ڏٺو آهي ۽ سمجهيو آهي، سوئي بيان ڪري ٿو.

بزرگن تصوف ۽ صوفين متعلق جيڪي فرمايو آهي اهو غور ڪرڻ وٽان آهي:

جيڪي ڪجهہ صوفيءَ مٿان گذري ٿو، ان جي خبر صرف الله کي آهي. هن کي صرف الله تعالىٰ جي ذات مان ئي هئڻ گهرجي ۽ هڪ معنىٰ ۾ صرف الله تعالىٰ ئي ڪيس سڃاڻي ٿو.

تصوف ڪن قانونن ۽ سائنس جو مجموعو ناهي پر هڪ اخلاقي طريقہ ڪار آهي..... يعني توهان پاڻ کي الاهي راه تي هلايو ۽ اهو الاهي اخلاق نڪو ڪن خاص قوانين سان حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ وري سائنس ذريعي.

تصوف اهو آهي تہ جيڪي ڪجهہ دماغ ۾ اٿوَ سو ڪڍي ڇڏيو، جيڪي ڪجهہ هٿ ۾ اٿوَ اهو سڀ ڏيئي ڇڏيو ۽ جيڪا توهان کي تڪليف اچي ان کان منهن نہ موڙيو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بهر حال صوفي حق جي تلاش ۾ آهي، جنهن ۾ غور و فڪر، رياضتون، تڪليفون، خود سپردگي ۽ مشاهدا به اچي وڃن ٿا. هن ۾ نه تنگ دلي آهي نه تعصب آهي، صوفي وسيع نظرن سان ڪائنات ۽ انسان ذات کي ڏسي ٿو، هو لفظن جي ظاهري معنىٰ ۾ اڙجڻ بجاءِ حقيقتن جي تهہ ۾ وڃي حق کي ڳولي ٿو. سادن لفظن ۾ تصوف اهو ڪسب آهي جنهن وسيلي انسان پنهنجي اصل، يعني حق تعالىٰ، تائين رسِي ان جو مشاهدو ماڻي ٿو.

تصوف اسلام جو باطني پهلو

صوفين جو چوڻ آهي تہ تصوف اسلام جو باطني پهلو يا اندروني معنىٰ آهي. هو ان حد تائين وڃن ٿا تہ حضور پاڪ ﷺ جن ئي سڀ کان وڏا ۽ پهريان صوفي هئا. جيتوڻيڪ ان وقت تصوف جو نالو مروج ڪونہ هو ۽ نہ ان وقت نالي جي ضرورت ئي هئي، پر پاڻ ﷺ سڀني صوفياءِ ڪرام جا مرشد هئا. دنيا ۽ اسلام جي مجيل فلسفِي، مفڪر، صوفي ۽ اسلام جي وڏي ۾ وڏي عالم امام غزالي به ان جي زبردست حمايت ۾ ڪافي ڪجهہ لکيو آهي، جنهن ۾ سندس اهم ۽ ضخيم ڪتاب ”احياءَ العلوم الدين“ سڀ کان مکيہ جاءِ والاري ٿو. تنهنڪري تصوف نج اسلامي فڪر آهي ۽ نہ ڪنهن ملاوٽ ۽ اوڌر جو نتيجو. صوفيءَ جو مقصود، محبوب ۽ مطلوب الله ئي آهي. هن جو مرڻ جيئڻ، عبادت ۽ رياضت صرف رب پاڪ لاءِ آهن. هو ماسوا الله کان تعلق ٽوڙي پنهنجي مؤلا جو ٿي وڃي ٿو ۽ شافع محشر حضرت محمد ﷺ سندس هادي، رهبر ۽ رهنما آهي.

بنيادي آيتون، حديثون ۽ روايتون

صوفي بزرگ قرآن پاڪ، حديث ۽ بزرگن جي روايتن مان ڪيترا حوالا ڏين ٿا، جن تي تصوف جو بنياد آهي. انهن تي غور و فڪر سان تصوف جي حقيقت جو ڪجهہ اندازو ٿي سگهي ٿو جن مان ڪي حوالاهيٺ عرض رکجن ٿا.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

- ﴿وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ﴾

(اي حبيب) اسان تنهنجو ئي ذڪر بلند ڪيو. قرآن 94:4

- ﴿اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْا بَلٰى﴾

(الله تعاليٰ پُڇين) ”ڇا مان اوهان جو رب نہ آهيان.“ (روحن) وراڻيو ”بيشڪ.“ قرآن 7:172

- كُلُ شَيءٍ يَرجَعُ اِلى اَصْلِهٖ

سڀ ڪا شئي پنهنجي اصل ڏي موٽي ٿي. (حديث نبوي)

- ﴿قُل لَّن يُصِيبَنَا اِلاَ مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا﴾

چئونَ تہ ڪا بہ مصيبت اسان کي نہ رسندي سواءِ انهيءَ جي جيڪا الله تعاليٰ اسان جي نصيب ۾ لکي آهي. قرآن 9:51

- ﴿وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ﴾

اسين انسان کي سندس ساهہ واري رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون. قرآن 50:16

- ﴿وَفِي اَنفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُونَ﴾

اوهان جي اندر ئي آهن (ڏٺي جون نشانيون) پوءِ ڇو نہ ٿا جاچي ڏسو؟ قرآن 51:21

- ﴿اَللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيطًا﴾

الله تعاليٰ سڀني شين تي محيط آهي. قرآن 4:126

- ﴿وَلاَ خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلاَ هُمْ يَحْزَنُونَ﴾

۽ نہ کين ڪو خوف آهي نہ ئي ڪو ڏک رسندن. قرآن 2:62

- وَحْدَهٗ لَاشَرِيكَ لَهٗ

هو هڪ آهي، سندس ڪو بہ شريڪ ڪونهي. (ڪلمہ مبارڪ)

- ﴿وَتُعِزُّ مَن تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَن تَشَاءُ﴾

جنهن کي چاهين تون عزت ڏئين جنهن کي گهرين تہ ذليل ڪرين. قرآن 3:26

- ﴿فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوا لِي وَلَا تَكْفُرُونِ﴾

توهان مونکي ياد ڪريو تہ مان ضرور توهان کي ياد ڪندس. منهنجي مڙني رحمتن جو شڪر بجا آڻيو ۽ انڪار نہ ڪريو. قرآن 2:152

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

- ﴿لَا تَقْنَطُوا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ﴾

  الله پاڪ جي رحمت مان اميد نہ لاهيو. قرآن 39:53

- ﴿لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا﴾

  الله ڪنهن بہ انسان کي سندس سهڻ جي سگهہ کان وڌيڪ تڪليف نہ ٿو ڏئي. قرآن 2:286

- ﴿يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ﴾

  الله جي لاءِ پاڻ کي پتوڙين ٿا . قرآن 5:54

- ﴿وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى﴾

  جڏهن (اي پيغمبر ﷺ) توهان پٿريون اڇلايون تہ اهي توهان نہ بلڪہ الله اڇلايون. (هن ۾ هينئن آيت ۾ الله تعالىٰ پنهنجي محبوب محمد ﷺ جي هٿ کي پنهنجو هٿ سڏيو آهي.) قرآن 8:17

- ﴿اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ وَمَنْ اَوْفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيْهُ اللّٰهَ فَسَيُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا﴾

  اي نبي ﷺ جيڪي ماڻهو توهان سان بيعت ڪري رهيا آهن اهي درحقيقت الله سان بيعت ڪري رهيا آهن. انهن جي هٿن تي الله جو هٿ آهي. قرآن 48:10

- ﴿وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ﴾

  اسان جنن ۽ انسانن کي صرف ان لاءِ خلقيو آهي تہ هو مون کي سڃاڻن. قرآن 51:56

- ﴿اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ﴾

  يقيناً الله تعالىٰ وٽ وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو پرهيزگار آهي. قرآن 49:13

- ﴿كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ﴾

  هر ڏينهن الله جو (نئون) جلوو آهي. قرآن 55:29

- ﴿قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ﴾

  (اي منهنجا محبوب) انهن کي چئو جي توهان الله سان محبت ٿا ڪريو تہ منهنجي تابعداري ڪريو; پوءِ الله بہ انهن سان محبت ڪرڻ فرمائيندو. قرآن 3:31

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

- ﴿وَمَا اَرۡسَلۡنَاكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعَالَمِيۡنَ﴾

اسان توهان کي سڀني جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي. قرآن 21:107

- ﴿مَّن يُطِعِ الرَّسُولَ فَقَدۡ اَطَاعَ اللهَ وَمَن تَوَلّىٰ فَمَا اَرۡسَلۡنَاكَ عَلَيۡهِمۡ حَفِيظًا﴾

جنهن رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪئي تنهن الله جي فرمانبرداري ڪئي. قرآن 4:80

- ﴿اِنِّي جَاعِلٌ فِي الۡاَرۡضِ خَلِيفَةً﴾

بيشڪ مان زمين تي پنهنجو خليفو موڪلڻ وارو آهيان. قرآن 2:30

- ﴿كُلُّ نَفۡسٍ ذَائِقَةُ الۡمَوۡتِ﴾

هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. قرآن 3:185

- ﴿اَللهُ نُورُ السَّمٰوَاتِ وَالۡاَرۡضِ﴾

الله تعالىٰ زمين ۽ آسمانن کي منور ڪندڙ آهي. قرآن 24:35

- ﴿وَمَا يَنطِقُ عَنِ الۡهَوىٰ﴾

۽ سندن (سرور ڪائنات جو) ڳالهائڻ ذاتي انا ۽ هوس وڃان نه آهي. قرآن 53:3

- كُنت كنزاً مخفياً احببت ان اعرف فخلقت الخلق لاعراف

مان هڪ لڪل خزانو هيس، مون ۾ چاهه ٿي ته مان سڃاتو وڃان، تنهنڪري مون مخلوق کي خلقيو. (حديث قدسي)

- الدنيا سجن اللمؤمن و جنة الڪافر

هيءَ دنيا مومن لاءِ قيدخانو ۽ ڪافر لاءِ جنت آهي. (حديث نبوي)

- موتو اقبل ان تموتوا

مرڻ کان اڳ توهان مري وڃو، يعني پنهنجي نفساني خواهشات کي الله تعالىٰ ۽ رسول پاڪ جي حڪمن جي تابع ڪريو. (حديث نبوي)

- تخلقوا باخلاق الله

الله تعالىٰ جون صفتون پاڻ ۾ پيدا ڪريو. (حديث نبوي)

- لولاک لما خلقت افلاک

اي محمد ﷺ جي توکي پيدا نه ڪريان ها ته هي ڪائنات به پيدا نه ڪريان ها . (حديث قدسي)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

- لولاک لما خلقت الجنة و لولاک لما خلقت النا ر

اي محمد ﷺ جي توکي پيدا نہ ڪريان ها تہ جنت ۽ دوزخ بہ پيدا نہ ڪريان ها. (حديث قدسي)

- لولاک لما خلقت الدنيا

اي محمد ﷺ جي توکي پيدا نہ ڪيان ها تہ دنيا بہ پيدا نہ ڪريان ها. (حديث قدسي)

- اِنَ اللہ جَمِيل وَ يُحِبُّ الجَمال

بي شڪ اللہ سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند فرمائي ٿو. (حديث نبوي)

- ان اولياء اللہ لايموتون بل ينقلون من دا ر الیٰ دا ر

بيشڪ اللہ جا دوست مرندا نہ آهن بلڪہ اهي رڳو هڪ گهر کان ٻي گهر منتقل ٿيندا آهن. (حديث نبوي)

- مَن عرف نفسہٗ فقد عرف ربہٗ

جنهن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. (حديث نبوي)

- الانسان سري وانا سره

انسان منهنجو (اللہ جو) ڳجهہ آهي ۽ مان سندس ڳجهہ آهيان. (حديث قدسي)

- لامقصود في الدارين الا هو

سواءِ اللہ پاڪ جي ٻنهي جهانن ۾ ڪو بہ مقصود ڪونهي. (حديث نبوي)

- من لاشيخ له شيخ الشيطان (صوفين جو قول)

جنهن کي ڪو مرشد ناهي تنهن جو مرشد شيطان آهي.

تصوف ۽ ويدانت

ڪن جو چوڻ آهي تہ تصوف تي ويدانت جو گهرو اثر آهي. اهو تاثر خاص ڪري يورپ جا صاحب لوڪ ڏين ٿا تہ ٻنهي ۾ ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي آهي، تنهنڪري تصوف تي ويدانت جو اثر آهي. پر جيڪڏهن تاريخ جي روشنيءَ ۾ جاچيو ويندو تہ اها راءِ درست ثابت نہ ٿيندي. ايئن تہ دنيا جي سڀني مذهبن ۾ ڪي ڳالهيون هڪ جهڙيون آهن يا هڪ ٻي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سان مماثلت رکن ٿيون. ان حقيقت کان ڪير به انڪار نه ٿو ڪري ته الله تعالىٰ طرفان دنيا جي هر خطي ۾، هر وقت پيغمبر پئي آيا ۽ انهن جيڪي ڪجهه چيو، سو سڀ صحيح هو، مگر وقت گذرڻ سان ان پيغام ۾ تحريف ٿيندي رهي. رسول پاڪ ﷺ نبي آخر زمان آهن، هو ساري دنيا جا رهبر آهن ۽ قرآن پاڪ آخرين ڪتاب هدايت آهي جنهن جي رکوالي جي ذميداري به الله تعالىٰ پاڻ کنئي آهي، تنهنڪري ڪو به ايئن چئي نه ٿو سگهي ته ان ۾ هڪ لفظ جي به ڦير گهير ٿي آهي. اسلام الله پاڪ طرفان انسان ذات لاءِ زندگي جو هڪ مڪمل ڪوڊ ۽ لائحه عمل آهي، جنهن کي ويدانت يا يوناني فلسفي جي مدد اضافي يا آميزش جي ڪا ضرورت ڪانهي.

ڪائنات جو اهم ترين ۽ منجهائيندڙ مسئلو آهي ته زندگيءَ جو سفر ڇا آهي؟ تاريخي طرح جاچبو ته نوشيروان جي ڏينهن ۾ ايران ۽ هندستان وچ خيالن جي ڏي وٺ ڪنهن حد تائين ٿي، پر اها ايتري نه هئي جو تصوف جو فڪر ان کان متاثر ٿئي. تصوف اصل عربستان جي پيداوار آهي. عربستان ۽ ايران هڪ ٻئي سان لڳو لڳ آهن، مگر انهن جو فڪري ربط پاڻ ۾ نه هجڻ جي برابر هو. حضرت عمر جي ڏينهن ۾ ايران فتح ٿيو ۽ ايراني اسلامي تعليم کان متاثر ٿي مسلمان ٿيا. اهو ڪو به چئي نه سگهندو ته تلوار جي زور تي اسلام ايران ۾ پکڙيو. اهو اسلام جو فيض ۽ فڪر هو جو ايران جي متمدن قوم مسلمان ٿي ۽ ان بعد انهن جو ذهني ربط ۽ واسطو شروع ٿيو. ڪنهن وقت ته ايرانين جو بغداد جي خلافت هلائڻ ۾ وڏو هٿ هو ۽ ايران جي برمڪي خاندان بغداد تي حاوي هو. تصوف جي شروعات ۽ ان جي خيالات ۽ علم جو بنياد عربستان مان پيو. محاسبي، حضرت جنيد بغدادي، شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي، جنهن کي وحدت الوجود جو منبع سمجهيو ٿو وڃي، تن جو تعلق به اتان جي سرزمين سان هو. خود حجة الاسلام حضرت امام غزالي جو واسطو عرب ملڪن ۽ بغداد سان رهيو. گرچه هو ايران جو شهر طوس ۾ ڄائو هو، پر سندس نوي فيصد تصنيفات عربيءَ ۾ آهن. هنن جو گهرو اثر ايران جي عالمن ۽ شاعرن تي پيو، جتي سنائي، عطار، جلال الدين رومي، فخرالدين عراقي، ڪمال الدين

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرماني، مؤلانا جامي، محمود شبستري، شمس الدين حافظ، مصلح الدين سعدي ۽ ٻيا ڪيترائي شهره آفاق صوفي عالم ۽ شاعر پيدا ٿيا. صوفيانه خيالن جو اثر هندستان ۾ پهتو جتي حضرت داتا گنج بخش، حضرت خواجه معين الدين چشتي، حضرت فريدالدين گنج شڪر، خواجه نظام الدين اولياء، امير خسرو، امام رباني مجدد الف ثاني، حضرت بلهي شاهه، سلطان باهو، بهاؤالدين زڪريا، شاهه ولي الله ۽ ٻين صاحب دل صوفي بزرگن جي طفيل هندستان ۾ اسلام پکڙيو. سنڌ ته صوفين جي سرزمين هئي جنهن تصوف جا سهڻا ۽ سڳنڌ گل پيدا ڪيا. حضرت شاهه ڪريم، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شاهه عنايت صوفي ۽ سچل سرمست پارا اعلىٰ پايي جا صوفي ۽ شاعر هتي پيدا ٿيا، تنهنڪري توهان ڏسندا ته هر ٻي ريا ۽ اعلىٰ پايي جي مصنف ايئن ئي لکيو آهي ته تصوف، اسلام ۽ حضور پاڪ ﷺ جن جي باطني ۽ اصلي تعليم جو ئي نچوڙ آهي.

بعد از خدا بزرگ توئی بس قصہ مختصر
(الله پاڪ کان پوءِ تون ئي عظيم آهين بس قصو ئي ڪوتاه آ.)

تصوف ۽ فلسفو

انساني زندگي ڇا آهي؟ ڪيئن وجود ۾ آئي؟ مقصد ڪهڙو اٿس؟ سندس ابتدا ڇا آهي ۽ انتها ڇا؟ هن ڪائنات جو سلسلو ڪيئن آهي، ڇا آهي؟ هيءَ سوال جيترا اهم آهن، اوترا ئي منجهائيندڙ آهن. هڪ داناءُ چيو ته مان هر سوال جو جواب ڏيئي سگهان ٿو، سواءِ ان سوال جي ته تون ڪير آهين؟ هزارن سالن کان هنن مسئلن تي بحث هلندڙ آهي، مگر هن اهنجي ۽ الجهيل گجهارت کي سلجهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. بقول فارسي شاعر ڪليم:

ماز آغاز و انجام جہاں بے خبریم
صفحۂ اول و آخر ایں کہنہ کتاب افتادہ است

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(اسان هن ڪائنات جي شروعات ۽ پڇاڙي ڪان بي خبر آهيون
چاڪاڻ ته هن جهوني ڪتاب جا پهريان ۽ پويان ورق ڦاٽل آهن.)

سقراط، ارسطو ۽ افلاطون جا نالا ڪنهن نه ٻڌا آهن. اهي عيسوي سن ڪان به اڳ پيدا ٿيا. دنيا جي هنن دانائن به پنهنجي عقل ۽ دماغ ذريعي هن منجهيل مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان بعد ابن رشد، ابوعلي ابن سينا، گوئٽي، ڪانٽ ۽ هيگل جهڙا مشهور فلسفي ۽ سائنسدان هن زماني ۾ آيا. هرڪنهن پنهنجا رايا ڏنا ۽ ضخيم ڪتاب لکيا. دنيا جون وڏيون وڏيون لائبريريون فلسفي جي دفترن سان ڀريون پيون آهن، پر انهن وٽ ڪو اهڙو حل ڪونهي جو انساني ذهن کي مطمئن ڪري سگهي. سر آئزڪ نيوٽن، مشهور انگريز سائنسدان، رياضي دان ۽ فلسفِي هو جنهن انساني عقل جي مجبوري ۽ بيوسيءَ کي ڏسندي چيو ته مان علم جي سمنڊ جي ڪناري تي اجان ٻارن وانگر ڪوڏيون ميڙي رهيو آهيان. هيءَ عقلي جنگ جهيڙو، جنهن تي فلسفي جو بنياد آهي، ان کي دنيا جا فلسفي اجان تائين حل ڪرڻ کان قاصر رهيا آهن. مشهور عالم ۽ صوفي عارف رومي فلسفين کي تنبيهه ٿو ڪري ته سندن علم ڪهڙي ڪم جو آهي، فخر ڇا تي اٿن، جڏهن ته نه کين پنهنجي خبر آهي نه وري اها سُڌ اٿن ته هو آهن ڪير ۽ آيا ڪٿان آهن!

فلسفی گشتی و آگہ نیستی خود کجا و از کجا و کیستی

از خود آگہ چوں نئی اے بے شعور پس نباید بر چنیں علمت غرور

(فلسفي ته ٿئين پر توکي اها خبر نه ڪانهي، نه تون پاڻ ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين ۽ ڇا آهين.
اي بيخبر جڏهن تون پنهنجو پاڻ کي ئي نه ٿو سڃاڻين، ته پوءِ اهڙي علم تي ڀڙين ڪيئن ٿو؟)

شاهه عبداللطيف جي خيال ۾ فلسفين جا انساني زندگي ۽ ڪائنات بابت پاڻ ۾ ئي ايئن اختلاف آهن جيئن انڌن جا مثل هاٿيءَ تي. جيڪو جنهن عضوي کي هٿ لائيندو، تنهن بابت ئي بيان ڪندو. مگر اصل حقيقت کان آگاهه نه آهن. اها حقيقت صرف اکين وارن کي معلوم آهي جيڪي سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مئي هاڻيءَ تي مامرو، اچي ڪيو اندن؛ مناڙين هش سين، اکئين ڪين پسن؛
في الحقيقت فيل کي سڄا سڄاڻين؛ سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

صوفي حضرات ڪائنات جي رازن جو حل مختلف طريقي سان پيش ڪن ٿا. هو چون ٿا ته محدود، ظني ۽ ظاهري علم سان ۽ عقلي دليلن سان اهو بنيادي ۽ ڳوڙهو مسئلو حل ٿيڻ جو نه آهي. عقل وارا ته خود الله تعاليٰ جي وجود کي ڪڏهن ثابت ٿا ڪن ته ڪڏهن انڪاري آهن. ڪين ذات باري تعاليٰ جي وجود جو ٻه مڪمل ۽ مضبوط يقين ڪونهي. دنيوي عقل لاءِ ايئن چئجي ته چڻ انڌي جي لٺ آهي. ڪائنات جي رازن کي صوفين جي عقيدي مطابق باطني علوم، ڪشف، وجدان، مشاهدي ۽ الهام جي ذريعي پروڙي سگهجي ٿو. ايئن هرگز نه آهي ته اهي صوفي بزرگ ظاهري علوم کان وانجهيل آهن، پر هنن جو منطقي علم ۽ ناقص عقل ۾ اعتبار ڪونهي. هنن جو چوڻ آهي ته انساني عقل ظاهري طور وسيع هجڻ باوجود محدود آهي، تنهنڪري ڪائنات جي رازن کي فلسفي منڪشف ڪري نه سگهندا. ٿورن لفظن ۾ ايئن چئجي ته فلسفو انساني عقل جي پيداوار آهي ۽ تصوف روحانيت ۽ باطني علم جي. اڪبرالله آبادي خوب چيو آهي:

صديوں فلاسفہ کی چناں و چنیں رہی
لیکن خدا کی بات جہاں تھی وہیں رہی

تصوف، سماج ۽ ادب

تصوف ۽ صوفيانه علم، خصوصاً شاعريءَ جو معاشري تي گهرو ۽ وڏو فائديمند اثر پيو. جن لاءِ مختصراً هينئين طرح چئي سگهجي ٿو.

ايراني شاعري خاص طرح تي قصيدن لاءِ مشهور آهي ۽ خود هندستان اندر ٻه فارسي خواه اردو شاعريءَ ۾ قصيده خواني عام ٿي چڪي هئي. تصوف جو مقصد ئي اهو هو ته حڪمرانن جي غلط ڪارين، عياشين ۽ ظلمن جي تائيد نه ڪجي، انهن جي خوشامد نه

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪجي ۽ سندس دربار ۾ نه ٿجي. هنن جو محبوب ۽ مقصود الله پاڪ جي ذات آهي. مؤلانا جلال الدين روميءَ قونيه جي شهر ۾ رهندو هو، جتي سلجوق بادشاهه جي گادي هئي ۽ ان دؤر ۾ منگولن وڏا ڪوس ڪيا هئا. پر عارف رومي نه بادشاهه جي، نه وزير جي ۽ نه ڪنهن امير ڪبير جي خوشامد ڪئي ۽ نه قصيدا لکيا. اهڙي طرح شاهه ڪريم، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، بلهي شاهه، سلطان باهو ۽ خواجه غلام فريد ڪنهن بادشاهه ۽ دنيادار جي تعريف ۾ گيت ڪونه ڳايا؛ پنهنجي الله کي، پنهنجي خالق کي ئي سڀ ڪجهه سمجهيائون. ان جو اثر نه صرف ادب تي پيو، پرماڻهن جي طبيعتن تي به گهڻو اثر پيو. هنن ۾خودداري، انساني طاقت جي فنا ۽ قدرت جي همه گير ۽ لافاني طاقت جي بقا جو احساس پيدا ٿيو.

صوفيانه شاعري جي اثر هيٺ بازاري ۽ بيحيائي واري زبان جو استعمال گهڻو گهٽجي ويو ۽ شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ پياري، مهذب ۽ شرافت واري زبان استعمال ڪرڻ لڳا. مثال طور سائين ڀٽائي جي رسالي کي وٺو جيڪو عاشقانه شاعريءَ سان ڀرپور آهي. رسالي جي زبان مٺي مگر گندگي ۽ آلودگي کان پاڪ ۽ اعليٰ ترين ادبي معيار جو بهترين نمونو آهي، ڇو ته تصوف جو مقصد اعليٰ ۽ ارفع هوندو آهي. صوفين جو مقصد ۽ منشا زندگي ۽ ڪائنات جي رازن جي پروڙ ۽ رباني حقيقت آهي. اخلاق ۽ بلند انساني معيار کي بگاڙڻ جي هو خلاف رهيا آهن. اهڙي طرح مؤلاءِ روم هجي، علامه اقبال يا ڪو ٻيو سچو صوفي شاعر، انهن جو شعر غلط زبان کان سراسر پاڪ آهي.

صوفيانه شاعريءَ ۾ اهڙا بيشمار لفظ آهن جن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي بلند بڻايو ويو آهي، ورنه ان کان اڳ معاشري ۾ اهي ڪريل لفظ ليکيا ويندا هئا. مثال طور اڳي ئي پيرِ مغان، ساقي، شراب، باده، ميخانه، مينا، مطرب ۽ ٻيا ڪيترا لفظ خراب معنيٰ ۾ ورتا ويندا هئا. چٽڪ گار هجن؛ پر صوفيانه ادب ۾ انهن جو استعمال بلند و بالا اخلاقي ۽ روحاني مفهوم ۾ ٿيڻ لڳو. اهڙن لفظن کي نفرت بجاءِ عزت جي نگاهه سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ لڳا. تنهنڪري زبان کي پاڪيزگي عطا ٿي ۽ علم ادب ۾ هڪ انقلاب اچي ويو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

تصوف ۾ ڪٽرپڻو، نفرت، نفاق ۽ اجايو بحث حرام آهن. نام نهاد مولوين ته اسلام کي به فُرقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ خود مولوي به هڪ ٻئي جي خلاف ڪفر جون فتوائون جاري ڪندا رهن ٿا. علماءِ سُو ته قوم جي محسنن، وڏن صوفي بزرگن ۽ عُلماءِ حق کي به نه بخشيو: انهن کي وڏيون تڪليفون ڏنائون، بلڪ حڪمرانن کي گمراهه ڪري بزرگن ۽ ڀلارن کي شهيد به ڪرايائون. مگر صوفي انسان کي انسان ڪري سمجهندا آهن، بلڪ بني نوع انسان کي هڪ جسم وانگر سمجهندا رهيا آهن، ڇو ته انسان ڪٺي ڪهڙي به مذهب جو هجي، الله تعاليٰ کي پيارو آهي. شيخ سعدي ڪيڏو نه درست چئي ويو آهي.

بني آدم اعضائے يکديگراند
(انسان هڪ ٻئي جا عضوا آهي.)

سچن صوفين کي ڪڏهن به نفرت نه هوندي آهي، سڀني انسانن کي عزت ۽ محبت جي نگاهه سان ڏسندا آهن، جيڪا به الله پاڪ جي ذات خاطر هوندي آهي. گناهه لاءِ نفرت اٿن، پر گنهگار لاءِ نفرت بجاءِ همدردي اٿن. پاڻ کي ڪڏهن اعليٰ ۽ بالا، بزرگ ۽ برتر نه سمجهندا آهن، بلڪ زهد، تقويٰ، رياضتن ۽ ڪشف باوجود هنن ۾ نهٺائيءَ نماڻائي هوندي آهي. انسان ذات کي آزارڻ هنن وٽ وڏو گناهه آهي. سچو صوفي هميشه فراخدل ۽ انسان ذات جو دوست هوندو آهي ۽ هو انسان کي خودداريءَ جو سبق ڏيندو آهي ته جيئن انسان انسان جي آڏو نه جهڪي، ان جي پوڄا ۽ پرستش نه ڪري، بلڪ پنهنجي حقيقي خالق ۽ مالڪ جو بندو بڻجي. جيڪڏهن تصوف تي مسلمان عمل ڪن ها ته ڪيترن مسلم ملڪن جون سرزمينون رت سان رنگين ۽ نفرتن سان سنگين نه هجن ها.

اڪثر صوفي پنهنجي ذڪر ۽ فڪر ۾ محو ۽ مصروف هوندا آهن، هنن وٽ وقت ئي نه هوندو آهي جو پاڻ کي اجاين بحث مباحثن ۽ مناظرن ۾ الجهائين. ڪنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سندن شعار نه آهي ۽ نه ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ سندن مذهب آهي. شاهه صاحب فرمايو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هو چوَني تون مَ چئو، واتان ورائي؛
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي؛
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

بقول حافظ شيرازي هڪ رند صوفيءَ جو رستو نياز ۽ نوڙت وارو آهي ۽ نه غرور وارو.

زاہد غرور داشت سلامت نہ بُرد راہ
رند از رہِ نیاز بہ دارالسلام رفت

(زاهد وڏائي جي ڪري سلامتيءَ سان پار نه پيو، رند نياز نوڙت جو رستو وٺي وڃي بهشت رسيو.)

قرآن پاڪ ۾ به الله تعالىٰ فرمايو آهي ﴿وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصَّابِرِيْنَ﴾ (۽ الله تعالىٰ صبر ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي.) ٻي هنڌ آيل آهي﴿وَاللّٰهُ مَعَ الصَّابِرِيْنَ﴾ (۽ الله پاڪ صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي.) جڏهن ڪائناتن جو مالڪ صبر وارن سان آهي ۽ انهن سان محبت فرمائيندو آهي ته پوءِ هنن کي ڪهڙو ڊپ ڊاءُ آهي. مؤلانا محمدعلي جوهر ڪيڏو نه سهڻو چيو آهي:

کیا ڈر ہے جو ہو ساری خدائی بھی مخالف
کافی ہے اگر ایک خدا میرے لئے ہے

صوفين ادب ۽ زبان ۾ ڪيترن لفظن جو خوشگوار اضافو ڪيو آهي. مثال طور سالڪ، حال، قال جي لفظن جو عام استعمال ڪڏهن به ڪونه هوندو هو. صوفيانه شاعري ۽ گفتگو ۾ اهي لفظ عام مروج ٿي ويا ۽ زبان جي ذخيري ۾ اضافو آيو. صوفيانه شاعريءَ روحاني ۽ دلي ڪيفيت جو اهڙو ڀرپور، دلڪش ۽ وجد آور اضافو ڪيو ويو جو ان کان اڳ ادب ۾ ناپيد هو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

صوفين جا مکيہ سلسلا

سڀني صوفي سلسلن جي ابتدا نبي پاڪ ﷺ جي ذات اقدس سان ٿئي ٿي، ۽ پوءِ بزرگن ۽ اوليائن جو نہ ٽٽندڙ سلسلو آهي، جن جي وساطت سان اهي طريقا هلندا ٿا رهن. ان هدايت جي زنجير جي ڪا بہ ڪڙي ڪٽل نہ ٿيندي آهي ورنہ ان سلسلي يا طريقي جي صداقت مشڪوڪ ٿي ٿئي. هر سلسلي ۾ ڪي اهڙا بزرگ بہ آيا آهن، جن پنهنجي سلسلي ۾ حالتن، وقت ۽ سالڪن جي ضرورتن کي مدنظر رکندي، ڪي خاص طريقا وضع ڪيا. جيئن ڪنهن بزرگ فرمايو آهي تہ حقيقتن جو بيان ٿي چڪو آهي ۽ ڪا بہ نئين ڳالهہ چوڻ لاءِ ڪا نہ رهي آهي، ضرورت هميشه ان ڳالهہ جي رهي آهي تہ انهن حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ وقت، حالات ۽ سالڪن جي سوچ مطابق نئيون ڪنجيون وضع ڪيون وڃن. پوءِ بزرگن اهڙا نوان طريقا ۽ نئيون ڪنجيون انهن ازلي حقيقتن کي پروڙڻ لاءِ وضع ڪيون ۽ انهن جي نالي سان اهي سلسلا مشهور ٿيا.

قادري طريقو

جنهن جو باني حضرت سيد عبدالقادر جيلاني (1077ع-1166ع) هو.

سهروردي طريقو

جنهن جو باني حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي (1144ع-1234ع) هو.

شاذلي طريقو

جنهن جو باني حضرت ابوالحسن شاذلي (1196ع-1258ع) هو. هيءُ سلسلو اتر آفريقا ۾ گهڻو مقبول آهي.

مولوي طريقو

جنهن جي ابتدا حضرت مؤلانا جلال الدين رومي (1207ع-1273ع) ڪئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

چشتي طريقو

جو گڏيل هندستان ۾ رائج ٿيو، ان جو باني حضرت معين الدين چشتي (1141ع-1230ع) هو. هندستان جي شهر اجمير شريف ۾ سندن وڏي درگاهه آهي.

نقشبندي طريقو

جنهن جو باني حضرت بهاءالدين اويسي نقشبند بخاري (1318ع-1389ع) هو.

موجوده دؤر ۾ صوفي

اهو دؤر جنهن ۾صوفي بزرگن، عالمن، شاعرن ۽ مصنفن جو دنيا ۾ وڏو ڏاڪو هو، هيئنر ختم ٿي چڪو آهي. اهو ابن عربي، مؤلانا رومي ۽ امام غزاليءَ جو دؤر هو، جنهن کي تصوف جي اوج جو دؤر ڪوٺي سگهجي ٿو. ان بعد بيا به بزرگ پيدا ٿيا جن هن شمع کي روشن رکيو، پر موجوده دؤر لاءِ اهو ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي جيتوڻيڪ دنيا صوفي بزرگن ۽ صوفيانه خيالن کان خالي نه آهي، پر بازار ۾ وکر به اهو ۽ اوترو هوندو آهي جيتري طلب هوندي آهي. هن زوال جا انيڪ سبب آهن.

موجوده دؤر ۾ اهو علمي عروج نه رهيو آهي، ايشيا جا درسگاهه ۽ دارالعلوم يا ته منجي ويا آهن، يا جي باقي رهيل آهن ته اهي ڪافي پوئتي پيل آهن. جهڙي طرح ايشيا جي سياست ڪمزور ٿي وئي آهي، تهڙي طرح علمي ادارا به ڪافي زوال پذير آهن، خاص ڪري ديني دارالعلومن ۾ وڏو انحطاط آهي. بقول اقبال:

اٹھا میں مدرسہ و خانقاہ سے نمناک
نہ زندگی، نہ محبت، نہ معرفت، نہ نگاہ

جڏهن تصوف جو عروج هو ۽ يوناني فلسفين جي فڪر واري حملي کي صوفي عالمن پسپا ڪري ڇڏيو، ان وقت ديني درسگاهون ۽ خانقاهون به عروج تي هيون. امام غزالي ۽ عارف

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

رومي نه صرف وڏا صوفي بزرگ هئا، مگر ساڳئي وقت يوناني فلسفي جا به وڏا ڄاڻو هئا. مگر اڄ هنن جي جاءِ تي ڪانوَن ڪانگيرا ڪيا آهن؛ بلبل جي آشيانن تي چبرن جو قبضو آهي؛ جوهرين جي جاءِ اچي لوها رن والاري آهي.

جتي هنج هئا، اتي ڪانوَن ڪانگيرا ڪيا؛
ويچارا "وليداد" چئي، ولر ڪري ويا؛
اچي ال پيا، انهن اوطاقن ۾.

صحيح صوفي بزرگن ۽ مشائخن جي جاءِ هاڻي نام نهاد صوفين ۽ پيشه ور پيرن اچي والاري آهي جن وٽ نه اخلاقي پابندي آهي، نه اسلامي احڪام جي فرمانبرداري ۽ نه وري ڪردار جي بلندي! ڪيڏانهن ويا اهي ذڪر، فڪر، عبادتون ۽ رياضتون! ڪيترا صاحبان ته ڍونگ ۽ فريب جي ذريعي ڪوڙا نعرا هڻي، رنگيل اصطلاح استعمال ڪري، ڪوڙيون ۽ غليظ دعوائون ڪري ماڻهن کي گمراهه ڪن ٿا. تنهنڪري عام ماڻهو، جن ۾ تصوف جو رجحان هو ۽ صوفين لاءِ بيحد عزت هئي، هاڻي بد دل ٿي چڪا آهن. اخلاق ۽ روحانيت جيڪي تصوف جو بنياد هئا، هنن نام نهاد صوفين ۾ بنهه ڪو نه آهن. گيڙو ڪپڙن پائڻ ۽ مٿي ڪوڙائڻ سان ڪو صوفي نه ٿو ٿي سگهي.

نه هرکه سر بتراشد قلندری دارد
(مٿو ڪوڙائي ڪو قلندر نه ٿو بڻجي سگهي!)

اولياءَ الله جي جاءِ تي سندن اولاد گدي نشين ٿئي ٿي. زمين، مال ۽ ملڪيت ته اولاد کي ملندا، مگر معرفت ۽ ولايت ته ڪو ورثو نه آهي جو انهن کي ملي سگهي. نتيجو اهو آهي جو بزرگن جون خانقاهون خالي آهن ۽ سندن وارث مرثيه خوان آهن.

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وندين جي؛
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نه سار؛
ڪٽين ڪٽ لهار، هاڻي انهيءَ پيٽين.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ماده پرست مغرب ۾ دنياداري جا ڪيترا چڱا ڪم ٿيا. سائنس، فلسفي، علم و ادب ۽ دنيوي تعليم ۾ هو آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. سياسي طاقت سموري انهن جي هٿن ۾ اچي وئي، پر اتي روحانيت مفقود ٿي وئي. مشرق وارن به انهن جي پوئواري ڪئي، تاهم سائنس ۽ ٻين علمن ۾ ٻي ڀرئي رهيا. اها حقيقت مسلمانن سان خاص طور وڌيڪ لاڳو آهي. اسان وٽ به نام نهاد پير ۽ مشائخ به ماده پرستي جو شڪار بڻجي عيش پرستين، ملڪيتن جي حصول، ۽ دنيوي آرام ۾ مصروف ۽ مست ٿي ويا. اسيمبلين ۽ وزارت جي چشڪن انهن کي الاهي ذڪر ۽ فڪر جي بجاءِ دنيوي راحتن ۽ جاه پرستي ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو. اهي صوفي بزرگ، جيڪي بادشاهن جي پري کان به سلامي نه پريندا هئا، تن جا پونئيرا وقت جي حاڪمن جو جهڪي جهڪي نوڙي نوڙي سلام ڪرڻ لڳا. اهي درويش خدا مست جيڪي ساري رات سبحان کي ياد ڪندا هئا ۽ ان جي در تي ٻاڏائيندا ۽ روئيندا هئا، انهن جا 'وارث' راتين جون راتيون شراب و ڪباب جي نشي ۾ بدمست ٿي عيش پرستيءَ ۾ غرق ٿي ويا. انهن جا خليفا ۽ گلم جا توبچي چون ٿا ته، "سائين! ڪِنو پاڻي به ته ٻاهه وِسائيندو آهي." ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته آب حيات جي جاءِ گندي ۽ غليظ پاڻي ورتي آهي، جنهن جي پيئڻ سان انسان جي تباهي ۽ ذلت لازمي آهي. مغرب ظاهري چمڪ دمڪ، انساني آزادي ۽ دنيوي ترقيءَ باوجود دلي سڪون ۽ اطمينان کان محروم آهي. اسان وٽ نه رڳو ماده پرستي، عياشي ۽ بيشمار بدعنوانيون آهن، پر گڏوگڏ فريب، ڪوڙ، منافقي ۽ اخلاقي جرائم به اوج تي آهن. تصوف اسان جي معاشري ۾ اصلاح آڻي سگهي ٿو، مگر اهي سچا صوفي ڪٿان اچن؟ اڪثريت ته هن گمراهيءَ جي موذيءَ مرض ۾ مبتلا آهي سا ٻين کي راهه ڪٿان سُجهائيندي!

اڄ مشرق مغرب کان به وڌيڪ خرابين جو شڪار آهي. روحانيت رڳو وڃي نالي ماتر رهي آهي. انهن صوفي بزرگن ۽ روحاني رهبرن جون خانقاهون اندروني طرح اجڙي چڪيون آهن. اڄ اسان کي اهڙن انسانن جي شديد ضرورت آهي، جن لاءِ شاعر تڙپندي چيو هو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

زین همرهانِ سست عناصر دلم گرفت
شیرِ خدا و رستمِ دستانم آرزوست

(هنن هيٺئين همراهن کان منهنجي دل بيزار آهي، مون کي شير خدا ۽ رستم جهڙن جي تمنا آهي.)

پر اهڙا انسان ڪٿان ايندا؟ اڄ جي دؤر ۾ جي سچا رهبر نه ٿا لڀن ته ان جو اصل ۽ بنيادي سبب سچن طالبن ۽ سالڪن جي اڻهوند آهي. شاهه صاحب جو چوڻ آهي ته توهان ۾ سچي طلب آهي ته رهبر به مؤلا پاڻ ملائيندو. توهان پنهنجي ڪوشش ڪيو، باقي رب تي ڇڏيو.

پاڻهي ايندءِ هوت، تون پڻ ٿج اڳيري؛
متان چوئي بلوچ، ته ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

6

انسان ۽ عشق

حق تعاليٰ انسانن کي پيدا ڪرڻ جو مقصد هن ريت بيان فرمائي ٿو:

﴿وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنسَ اِلَّا لِيَعْبُدُونِ﴾
(اسان جنن ۽ انسانن کي صرف عبادت لاءِ خلقيو آهي. قرآن 51:56)

عبادت ڪرڻ لاءِ ته الله تعاليٰ جا ملائڪ به موجود آهن، پر حقيقت اها آهي ته ان انسان جي عبادت گذاريءَ جو اندازو، مفهوم ۽ مطلب ٻئي مخلوق جي عبادت گذاريءَ کان نرالو ۽ مٿڀرو آهي. حضرت ابن عباسؓ جن لاءِ پاڻ ﷺ دعا ڪئي ته کين قرآن پاڪ جي تفسير جو علم عطا ڪيو وڃي، تن جي سمجهاڻي آهي ته هتي "ليعبدون" جي معنيٰ آهي "ليعرفون". ان لحاظ کان آيت جي معنيٰ ٿيندي: "اسان جنن ۽ انسان کي صرف (الله جي) عرفان لاءِ خلقيو آهي." هاڻي جڏهن هن آيت کي ان حديث قدسي سان ملائي پڙهنداسين، جنهن ۾ چيل آهي ته الله پاڪ هي ڪائنات پنهنجي سڃاڻپ لاءِ خلقي آهي، ته پوءِ واضح ٿي پوندو ته الله تعاليٰ انسان کي پنهنجي عرفان حاصل ڪرڻ لاءِ خلقيو آهي. ذات پاڪ انسان کي پنهنجي بهترين مخلوق ڪري پيدا ڪيو آهي، ملائڪن کان به مٿي، البت اها ڳالهه پنهنجي جڳهه تي آهي ته هو زندگيءَ جي سفر ۾ صفا هيٺ به ڪري سگهي ٿو. ان حقيقت جو اظهار هينئن لفظن ۾ ڪيو ويو آهي:

﴿لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنسَانَ فِيْ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ۝ ثُمَّ رَدَدْنَاهُ اَسْفَلَ سَافِلِيْنَ﴾
(بيشڪ انسان کي تمام سهڻي نموني پيدا ڪيوسون، وري سڀني هيٺاهين کان هيٺ موٽايوسونس. قرآن 95:4,5)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بندگيءَ جي مقصد جي عارف رومي وضاحت ڪندي فرمائي ٿو:

گر تو خواہی خرمی و زندگی بندگی کن، بندگی کن، بندگی
زندگی مقصود بہر بندگی ست زندگی بے بندگی شرمندگی ست

(جيڪڏهن تون خوشي ۽ زندگي چاهين ٿو، بندگي ڪر بندگي ڪر بندگي.
زندگي جو مقصد ئي بندگي آهي، بندگي کانسواءِ زندگي شرمندگي آهي.)

بهتر مخلوق هجڻ سبب الله پاڪ انسان کي زمين تي پنهنجو نائب مقرر ڪيو.

﴿اِنِّي جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيفَةً﴾
(اسان زمين تي پنهنجو نائب مقرر ڪندا سون. قرآن 2:30)

فرشتن کان انسان جو درجو بلند آهي. فرشتن عرض ڪيو ته "يا الله اهو انسان زمين تي وڃي فتنو فساد ڦهلائيندو، اسان ئي تنهنجي عبادت لاءِ ڪافي آهيون!" الله فرمايو ته "توهان کان وڌيڪ مون کي ڄاڻ آهي." مؤلانا حالي چوي ٿو:

فرشتوں سے بہتر ہے انسان بننا
مگر اس میں لگتی ہے محنت زیادہ

عبادت رڳو پنج وقت نماز جو نالو نه آهي، بلڪه الله تعالىٰ جا عاشق پنهنجي هر گهڙي عبادت ۾ گذاريندا آهن، ڇو ته انسان ڄائو ئي عبادت ڪرڻ لاءِ آهي. عبادت آهي الله پاڪ جي ذات ۾ مستغرق ٿيڻ. شاهه فرمائي ٿو:

سا سٽ نه سارين، الف جنهن جي اڳ ۾؛
ناحق نهارين، پنا پيا پرينءَ لئي.

درحقيقت انسان جي ساري زندگي عبادت آهي جيڪڏهن هو اها الاهي منشا مطابق بسر ڪري.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عبادت جو تصور

هڪ دفعي حضرت ابوهريره کي رسول پاڪ ﷺ جن فرمايو، نماز ۾ سجدا ائين نه ڏيو جيئن ڪڪڙ ٺونگا هڻندا آهن. درحقيقت مومنن لاءِ نماز معراج آهي. (الصلواة معراج المومنين. حديث نبوي) ڪڪڙن جي ٺونگن واري نماز ته مومن لاءِ معراج ٿي نه ٿي سگهي! جنهن نماز منجهه زبان تي ته الله جو نالو پر دل ۽ دماغ ۾ زماني جا سڀ وهم ۽ وسوسا اچي گڏ ٿين، يا اهڙي نماز جا رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پڙهي وڃي، سا ڪهڙي ڪم جي! الله تعالىٰ دلين جو مالڪ آهي، منافق ۽ رياڪار جي ادائن کي چڱيءَ طرح پرکي ٿو. حضرت سعدي فرمايو آهي:

کليدِ دوزخ است آں نماز
که درپيش مردم گزاري نماز

(اهڙي نماز دوزخ جي ڪنجي آهي، جيڪا ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پڙهي وڃي.)

حافظ شيرازي ته اهڙي نماز ۽ واعظ وارن مولوين ۽ عالمن کان مورڳو بيزار آهي.

واعظاں کايں جلوه در محراب و منبر ميکنند
چوں به خلوت ميروند آں کارِ ديگر ميکنند

(محراب ۽ منبر تي هڪڙيون ڳالهيون ٿا ڪن، پر جڏهن خلوت يا اڪيلائي ۾ آهن ته ڪم ئي ٻيا اٿن.)

پلا اهڙي نماز الله تعالىٰ وٽ ڪيئن قبول پئجي سگهي ٿي؟ شاهه صاحب نمازي هو، رياضتن ۾ سندس زندگي گذري، مگر سندس چوڻ آهي:

روزا ۽ نماز، اِيءُ پڻ چڱو ڪم؛
او ڪو بيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

پرينءَ کي ڏٺهين پسبو جڏهن نماز اها هوندي جنهن لاءِ فرمايل آهي ته نماز مومن لاءِ معراج آهي. اها معراج واري نماز ڪهڙي آهي، ان لاءِ شاهه صاحب فرمايو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود؛
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئُو.

وجود وڃائڻ بعد، پاڻ کي مٽائڻ بعد، جيڪا مڪمل محويت سان نماز ٿيندي ان جو شان ۽ درجو ئي ٻيو آهي. اقبال اهڙي محويت واري نماز کي ”درد جگر“ سڏي ٿو. هي اهو درجو آهي جتي انسان پنهنجو پاڻ وڃائي، الله پاڪ جي وحدانيت جي چسڪي چکي ٿو.

و ليکن بندگی استغفرالله
يہ دردِ سر نہيں دردِ جگر ہے

عام طرح جيڪا نماز ادا ڪئي ٿي وڃي ان لاءِ اقبال جو چوڻ آهي:

تيری نماز بے حضور تيرا امام بے حضور
ايسی نماز سے گذر ايسے امام سے گذر

علامه صاحب جو چوڻ آهي ته مسلمان مسجدون ته گهڻيون ٺهرائين ٿا، انهن کي سينگارين به ٿا، وڏو اهتمام به ٿا ڪن، مگر دل جي صفائي ڏانهن ڌيان مڙيوئي ڪو آهي. اسان جا اعمال اهي ئي گندا ۽ غليظ آهن. اهو دانا بينا سڀ ڪجهه ڏسي ٿو، اسان جون سيه ڪاريون ان کان لڪي نه ٿيون سگهن. هن سان پلا ڪهڙي ٺڳي ڪري سگهجي ٿي!

مسجد تو بنا دی شب بھر ميں ايمان کی حرارت والوں نے
من اپنا پرانا پاپی ہے برسوں ميں نمازی بن نہ سکا

عارف رومي وٽ عبادت جو جيڪو تصور آهي، اهو پڙهي چئي سگهجي ٿو ته نماز انهي کي ئي چئبو آهي. نماز ۾ هو پاڻ کي ۽ دنيا کي سراسر وساري، الاهي محبت ۽ سوز ۾ مستغرق ٿئي ٿو. شال اهڙي نماز نصيب ٿئي. اهي منزلون ته عشق وارن جون آهن. هي منزل فنا

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

في الله واري آهي، جنهن ۾ عاشق پاڻ کي ۽ ساري ڪائنات کي وساري، سراسر الله تعاليٰ جي ذات ۾ مستغرق آهي.

چو نمازِ شام هرکس بنهد چراغ و خوانے — منم و خیال یارے غم و نوحه و فغانے
چو وضو ز اشک سازم بود آتشِ نمازم — درِ مسجدم بسوزد چو در رسد اذانے
عجباً نمازِ مستاں تو بگو درست هست آں — که نه داند او زمانے نه شناسد او مکانے
عجباً دو رکعت است ایں عجباً چهارم است ایں — عجباً چه سوره خواندم چو نداشتم زبانے
درِ حق چگونه کوبم که نه دست ماند نے دل — دل و دست چوں تو بردی بده اے خدا امانے
بخدا خبر ندارم چو نماز می گذارم — که تمام شد رکوعی که امام شد فلانے

(سنجهي جي نماز کان پوءِ جڏهن هر ڪو شمعون ٻاري دسترخوان ٿو سجائي، تڏهن مان پنهنجي يار جي ياد ۾ غم و زاري ۾ مصروف ٿو ٿيان. ڳوڙهن سان وضو ڪري جڏهن نماز لاءِ ٿو بيهان ته اها آتش ڀڙڪو وجهي. جڏهن بانگ ٿي اچي ته منهنجي مسجد جي در کي باهه ٿي وڪوڙي وجهي.
عجب آ مستن جي نماز! ڀلا ٻڌاءِ ته اها درست به آهي؟ نه ڪين وقت جي خبر آ ۽ نه جاءِ جو پتو اٿن! ٻه رڪعتون ته عجيب آهن پر چار اڃان به وڌيڪ عجيب. زبان ته اٿم ئي ڪانه، ته پوءِ تعجب اٿم ته هي سورتون ڪيئن ٿو پڙهان؟ دل جو دروازو ڪيئن کڙڪايان جڏهن ته نه هٿ اٿم نه دل! اي دوست جڏهن دل ۽ هٿ پنهنجي وس ڪيا اٿئي ته پوءِ هاڻي سنڀال به تون ئي مون کي.
بخدا ڪا سڌ نه اٿم ته ڪيئن نماز پڙهيم، ڪڏهن رڪوع پورو ٿيو يا ڪنهن امامت ڪئي!)

جيڪي عشق جي درجي وارا مٿاهان صوفي اولياء الله آهن، انهن جي اها ئي نماز آهي، باقي جيڪي الله پاڪ سان به پورا ٿيڻ چاهين ٿا ۽ شيطان سان به پورا، تن جي نماز نماز نه آهي. بقول اقبال:

جو میں سر بہ سجدہ ہوا کبھی تو زمیں سے آنے لگی صدا
تیرا دل تو ہے صنم آشنا تجھے کیا ملے گا نماز میں

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن حضرت عليؓ کان پڇيائون، ”چا تو خدا تعاليٰ کي ڏٺو آ؟“ وراڻيائون، ”سندس عبادت ڪيئن ڪريان ها، جيڪڏهن ڏسي نه سگهان ها؟“ درحقيقت اها آهي الهامي يا باطني روشني جنهن کي حق اليقين ڪونجي ٿو، جنهن سان دل الله پاڪ کي ڏسي ٿي. اها ان ذات پاڪ جي روشني آهي جنهن جي وسيلي ڪيس ڏسي سگهجي ٿو، ورنه ڏسڻ ممڪن نه آهي. ”سچ کي سچ جي روشني سان ئي ڏسي سگهجي ٿو.“

عبادت جو واسطو دل يا قلب سان آهي، نه ته مسجدن جو ان ڪانسواءِ ڪو تقدس ٿي نه ٿو سگهي. مسجدون سرن ۽ پٿرن ۽ گاري جون نهيل آهن، انهن جي تقدس جي حفاظت صرف پاڪ دليون ڪري سگهن ٿيون. هڪ طرف مسجدون نهرائڻ ٻئي طرف انسانن جي دلين کي آزارڻ، هڪ اهڙو عمل آهي جنهن مان نه صرف ڪو ثواب نه ٿو ملي بلڪه اهو الٽو عذاب الاهي جو سبب بڻجيو وڃي. مؤلانا فرمائي ٿو:

ابلہاں تعظیمِ مسجد می کنند — در جفائے اہل دل جد می کنند
آں مجاز است ایں حقیقت اے خراں — نیست مسجد جز درونِ سروراں
تا دلِ اہل دلے نامد بہ درد — ہیچ قومی را خدا رسوا نکرد

(نادان انسان مسجد جي تعظيم ته ڪن ٿا، پر اهلِ دل مٿان ظلم ڪرڻ ۾ ڪونه ٿا گهٻرائين.
اي گڏهو، مسجد ظاهري روپ آهي ۽ اهل دل حقيقي روح آهن ۽ اصل مسجد ته سندن دلين ۾ آهي.
جيستائين مرد خدا جي دل کي رنجايو نه ويو آهي، تيستائين خدا ڪنهن به قوم کي خوار نه ڪيو آهي.)

مؤلانا مٿين شعرن ۾ دين ۽ تصوف جا وڏا اهم ۽ بنيادي نڪتا بيان ڪيا آهن. قدرت طرفان قوم تي قهر تڏهن نازل ٿيندو آهي جڏهن الله جي نيڪ بندن تي ظلم ڪيو ويندو آهن. عبادت ۾ سچي عبديت ۽ محبت جي ضرورت آهي، عبادت چند مسجدن ٺاهڻ ۽ بک ڪاٽڻ جو نالو نه آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

دل بدست آور که حج اکبر است   از هزاراں کعبہ یک دل بہتر است
کعبہ بنگاہِ خلیلِ آذرست   دل گذرگاہِ جلیلِ اکبرست

(دلين کي فتح ڪرڻ جو اهو ئي حج اڪبر آهي، هزار ڪعبن کان هڪ دل بهتر آهي.
ڪعبو بيشڪ حضرت خليل الله جو گهر آهي، پر دل الله تعاليٰ جو رهگذر آهي.)

هڪ اڻ پڙهيل انسان جي عبادت، جيڪا هو دل جي گهراين ۽ محبت سان ڪري ٿو، سا عالم جي انهي عبادت کان گهڻو بلند آهي جنهن ۾ اهو سوز ۽ اها محويت ۽ محبت ڪانهي. عارف رومي هڪ ٻڪرار جو مثال ڏيندي مثنويءَ ۾ بيان ٿو ڪري ته ڪيئن هڪ ٻڪرار جهنگ ۾ الله پاڪ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ٿو، جنهن تي حضرت موسيٰ عليه السلام ڪاوڙجيس ٿو. مگر الله تعاليٰ کي ان ٻڪرار جي ادا ايڏي پسند آئي جو مورڳو حضرت موسيٰ ڪليم الله کي تنبيهه ڪئي ٿي وڃي.

تو کجائی تا شوم من چاکرت   چارقت دوزم کنم شانہ سرت
تو کجائی تا کہ خدمتہا کنم   جامہ ات را دوزم و بخیہ کنم
اے خدا بر تو فدایت جانِ من   جملہ فرزنداں و خان و مانِ من
گر بدانم خانۂ تو من مدام   شیر و روغن آرمت ہر صبح و شام
اے فدائی تو ہمہ بز ہائے من   وی بیادت ہی ہی و ہیہائے من

(تون ڪٿي آهين ته مان اچي تنهنجي چاڪري ڪيان، تنهنجا ڪپڙا سبان ۽ وارن کي ڦڻي ڏيانءِ.
تون ڪٿي آهين ته مان تنهنجي خدمت ڪريان، تنهنجا ڪپڙا سبان ۽ بخيو ڏيان.
اي خدا تو مٿان منهنجي جان ته قربان آ، پر منهنجا سڀ ٻچا ۽ گهر ٻار به قربان آهن.
جيڪڏهن مون کي تنهنجي گهر جي خبر هجي، ته توکي صبوح شام کير مکڻ پهچايان.
تو مٿان سڀ رڍون قربان ڪيان، تنهنجي ياد ۾ رڙئان رڙان ۽ ماتم ڪريان.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام ٻڪرار جون ڳالهيون ٻڌيون ته مٿس ڏمريو ۽ چيائينس، ”تنهنجو دماغ خراب ٿيو آهي يا ڪافر آهين جو الله پاڪ جي شان ۾ اهڙي بڪواس ڪري رهيو آهين! حق تعالىٰ ته بي نياز آهي ۽ ڪنهن جي خدمت جو محتاج ناهي.“

گفت موسىٰ ہائے خیرہ سر شدی　　خود مسلماں ناشدی کافر شدی
ایں چہ ژاژست ایں چہ کفراست وفشار　　پنبہ را اندر دہانِ خود فشار

(موسىٰ چيو ته افسوس جو تون پاڳل ٿي وئين، تون مسلمان نه ٿئين بلڪ ڪافر ٿي وئين.
هيءَ ڇا بڪواس آ، ڇا ڪفر ۽ بيهودگي آ! پنهنجي وات کي ٻنجو ڏيئي بند ڪر.)

الله تعالىٰ جي نبي ڪليم الله کان جڏهن اهو ٻڌائين، ته ٻڪرار پريشان ٿي ويو ته مون اهڙي ته خطا ڪئي آهي جو خدا پاڪ جو پيغمبر به مون تي ناراض ٿيو آهي. پوءِ ته پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيندو، دانهون ڪندو برپٽ منهن ڪيائين. الله تعالىٰ حضرت موسىٰ کي تنبيهه ڪئي ته تو هيءُ ڇا ڪيو؟ ان تنبيهه جا چند اشعار مثنويءَ مان پيش ڪندس جن ۾ مؤلانا دين ۽ عبادت جو روح، حقيقت ۽ اصول بيان فرمايا آهن. اهي سون ورنا لفظ دل سان هنڊائڻ وٽان آهن، تنگ نظري ۽ تعصب ٽوڙڻ لاءِ حڪمت ۽ دانش جا ماڻڪ موتي آهن.

وحی آمد سوئے موسیٰ از خدا　　بندۂ ما را ز ما کردی جدا
تو برائے وصل کردن آمدی　　نے برائے فصل کردن آمدی
ہر کسی را سیرتی بنہادہ ام　　ہر کسی را اصطلاحی دادہ ام
ہندواں را اصطلاحِ ہند مدح　　سندیاں را اصطلاحِ سند مدح
من نگردم پاک از تسبیحشان　　پاک ہم ایشاں شوند و در فشان
خون شہیداں راز آب اولےٰ تراست　　ایں خطا از ثواب اولےٰ تراست
ملتِ عشق از ہمہ دینہا جداست　　عاشقاں را ملت و مذہب خداست

(الله تعالىٰ طرفان موسىٰ ڏي وحي آئي، تو ته اسان جي بندي کي اسان کان جدا ڪري ڇڏيو.
تون منهنجي بندن کي مون سان ملائڻ لاءِ آيو آهين، يا تون جدائي وجهڻ لاءِ آيو آهين!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اسان هر ڪنهن جي پنهنجي فطرت ٺاهي آهي، هر ڪنهن کي پنهنجو اصطلاح (طريقو) ڏنو ويو آهي.
هندين لاءِ هند جو اصطلاح درست آهي، سنڌين لاءِ سنڌ جو اصطلاح درست آهي.
مان انهن جي تسبيح سان پاڪ نه ٿو ٿيان، اهيئي پاڪ ۽ موتين جا مالڪ ٿين ٿا.
شهيدن جي رت پاڻيءَ کان افضل آهي، هيءَ معصوم خطا سؤ ثوابن کان وڌيڪ افضل آهي.
عشق جو مذهب سڀني مذهبن کان الڳ آهي، عاشق جو مذهب ۽ ملت خدا آهي.)

ڪاش جيڪڏهن اسان مؤلاءِ روم جي هدايتن تي عمل پيرا ٿيون ته اهي سماج ۽ قوم لاءِ آب حيات آهن. جيڪي هن ٻڪرار الله سائين لاءِ پئي چيو سا هڪ محبت پريل عبادت هئي، جيڪا رسمي سجدن کان گهڻو بهتر آهي. مؤلانا پنهنجي شاعري لاءِ ڪيڏو نه صحيح چئي ويو آهي:

من نه دانم فاعلاتن فاعلات
شعر مي گويم به از آبِ حيات
(مان فاعلاتن فاعلات مان ڪجهه به نه ڄاڻان، پر منهنجو شعر آب حيات کان بهتر آهي.)

عارف روميءَ جو چوڻ آهي ته مان شعر جي فن، علم عروض، قافيه، رديف بابت ڄاڻ نه ٿو رکان، جيڪي عام شاعر ابتدا ۾ ئي سکندا آهن، پر منهنجو شعر ان فني شعر کان مٿاهين حيثيت رکي ٿو. مؤلانا 37 سالن جي عمر تائين ته شاعري ڪئي ئي ڪانه هئي، پر پوءِ حضرت شمس تبريز جي عشق اچي شاعري سيکاريس. هيءَ خداداد ڏات هئي، جيئن شاهه صاحب کي عطا ٿي، ان ۾ ڪو سندن استاد ڪونه هو.

عبادت جو انعام

عبادت جو مقصد بهشت حاصل ڪرڻ ۽ دوزخ کان بچڻ نه آهي، پر الله تعالىٰ جي خوشنودي ۽ سندس قُرب حاصل ڪرڻ آهي. شاهه صاحب هن حقيقت جو اظهار هينئين لفظن ۾ ڪيو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيهي ڪام ڪاپڙي، ٿا اهڙي روش رون؛
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن؛
نڪو ڪم ڪفر سين، نڪي مسلماني من؛
اُيا ايئن چون، ته پرين ڪجو پانهنجو.

الله پاڪ جي ولين جو چوڻ آهي ته بهشت ۽ دوزخ جو بيان ماڻهن کي سمجهائڻ جو هڪ مجازي طريقو آهي، نه ته الله پاڪ جي خوشنودي ئي بهشت آهي ۽ ناراضپو دوزخ.[1]

انسان مجاز جو قائل پئي رهيو آهي، تنهنڪري بت پئي گهڙيا اٿئين، ورنه انهن بتن ۾ نه فائدي ڏيڻ جي طاقت آهي ۽ نه وري اهي نقصان رسائي سگهن ٿا. الله تعاليٰ جي ذات پاڪ ته وهم،

[1] جي ڳالهه اجان به پڌري ڪجي ته هينئن به چئي سگهجي ٿو ته سندس پيار ۽ رحمت حقيقت آهن ۽ ناراضپو ۽ ڏمر محض انسان جو وهم. الله پاڪ فرمايو آهي ته منهنجي پيار کي منهنجي ڏمر مٿان سبقت حاصل آهي. سوال آهي ته ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن ۾؟ جواب اهو ئي ممڪن آهي ته هر ويل، هر گهڙي ۽ بهرصورت: ڇاڪاڻ ته الله پاڪ فرمائي ٿو ته منهنجي رحمت هر شئي تي محيط آهي. انسان ڏمر هيٺ تڏهن ٿو اچي جڏهن هو ڪفر ڪندي الله جي پيار ۽ رحمت کي قبولڻ کان انڪار ٿو واري ۽ پنهنجو پاڻ تي ظلم ٿو ڪري. ﴿لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنتَ سُبۡحَانَکَ اِنِّي کُنتُ مِنَ الظّٰلِمِينَ﴾ جو فرمان الله پاڪ کي انسان تي ظلم يا ڏمر واري الزام کان آجو ڪندي، انسان کي پاڻ سان ٿيندڙ ظلم جو ذميوار پاڻ کي ٿو قرار ڏئيس. انسان پاڻ ئي خالق جي آجيل رحمت ۽ پيار کي قبولڻ کان انڪاري ٿي ۽ ٺڪرائي پنهنجي لاءِ پاڻ جهنم جوڙي ٿو. اهو دوزخ انسان جو پنهنجو ٺاهيل آهي، الله جيڪو رحمٰن ۽ رحيم آهي تنهنجي تخليق ڪانه آهي. جڏهن وتائي فقير کي ماڻس دوزخ مان باهه آڻڻ لاءِ چيو ته سندس معنيٰ خيز جواب ته، "امان، اتي ته باهه آهي ئي ڪانه، اتي هر ڪو پنهنجي باهه پاڻ سان گڏ کنيون ٿو اچي." انهي رمز ڏانهن لطيف اشارو آهي. جيڪو سمجهي سو سمجهي!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

گمان ۽ قياس کان برتر ۽ بالا آهي، جسم کان مبرا آهي، تنهن ڪري مجازي صورت ۾ ڏسڻ ئي محال آهي. انسان جي محدود قوت، صفت ۽ سمجهه کي ڏسندي اقبال چوي ٿو:

کبھی اے حقیقتِ منتظر نظر آ لباسِ مجاز میں
کہ ہزاروں سجدے تڑپ رہے ہیں میری جبینِ نیاز میں

علامه اقبال جي چوڻ مطابق الله پاڪ جي عبادت ڪا سوداگري ڪانهي تنهنڪري جزا ۽ عيوض جي تمنا به ترڪ ڪري ڇڏيو:

سوداگری نہیں یہ عبادت خدا کی ہے
اے بے خبر جزا کی تمنا بھی چھوڑ دے

علامه اقبال جو خيال آهي ته زاهد عبادت ئي بهشت جي خاطر ڪري ٿو:

یہ جنت مبارک رہے زاہدوں کو
کہ میں آپ کا سامنا چاہتا ہوں

هڪ شاعر ته شوخيءَ سان زاهدن کي ملامت جو نشانو بڻائي ٿو:

جنت پرست زاہد کب حق پرست ہے
حوروں پر مر رہا ہے یہ شہوت پرست ہے

ظاهر آهي ته ساري عبادت رب کي راضي ڪرڻ لاءِ آهيءَ نه ڪنهن معاوضي خاطر. هڪ دفعي بيبي رابعه بصري رستي سان وڃي رهي هئي ته هڪڙي هٿ ۾ پاڻيءَ جو لوٽو هيس ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽانڊن سان ڀريل ٿانءُ. بيبي صاحبه الله تعاليٰ جي وليه هئي. ماڻهن پڇيو ته بيبي صاحبه اهو پاڻي ۽ ٽانڊا ڪيڏانهن کڻي ٿا وڃو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائين ته ”ٽانڊا وڃي ٿي وجهان بهشت تي ته اهو سڙي رک ٿي وڃي ۽ پاڻي وجهنديس دوزخ تي ته اهو به ٺري ختم ٿي وڃي،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پوءِ ماڻهو خدا جي عبادت بهشت ۽ دوزخ خاطر نه ڪندا پر محض الله جي راضپي خاطر! اها عبادت ئي ڪهڙي جا بهشت جي حصول ۽ دوزخ جي ڊپ کان ڪئي وڃي."

يوں عبادت ہو تو زاہد ہیں عبادت کے مزے

پر هن قسم جي عبادت تزڪيئه نفس کانسواءِ ناممڪن آهي. بهرحال نماز ۽ روزا به الله پاڪ طرفان فرض آهن ۽ اهي الله تعاليٰ ئي قبوليندو، انسان پنهنجي ڪوشش ڪري.

تزڪيئه نفس

تزڪيئه نفس جي معنيٰ آهي نفس جي صفائي. صوفين مطابق نفس جا ٽي قسم آهن:

1. نفس اماره

نفساني خواهشن ۽ دنيا جي لذتن ڏانهن ترغيب ڏيڻ وارو نفس.

2. نفس لوامه

پاڻ کان نفرت ڪرڻ وارو، دل جي نور سان گناهن کي ظاهر ڪري ڏيکارڻ وارو نفس. اهو نفس صالحن ۽ اوليائن جو آهي.

3. نفس مطمئنه

الله تعاليٰ جي حڪم تي هلڻ وارو نفس جيڪو برائين کان هميشه پاڪ صاف رهي ۽ رب پاڪ ڏانهن اطمينان سان وڃي.

جيستائين انسان تي نفس اماره جي حڪومت آهي، تيستائين سندس روزا، نمازون، حج ۽ سڀ عبادتون بيڪار آهن. ويچارو انسان به ڏاڍو لاچار آهي. هن دنيا ۾ ئي ڪيس پل صراط پار ڪرڻي ٿي پوي، وڏي امتحان ۽ آزمائش ۾ آهي. شاهه صاحب ڪيڏو نه دوست فرمايو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو تار ۾؛
اُڀا ايئن چون، مچڻ پاند پسائين.

بالڪل اهو ئي خيال فارسيءَ ۾ هينئن طرح ادا ڪيو ويو آهي:

درميانِ قعرِ دريا تخته بندم کردهٔ
باز مي گوئي که دامن تر مکن هشيار باش
(درياه جي وچ سير ۾ مون کي ٻڌي اڇلايو اٿو، پوءِ ٿا چئو ته خبردار، متان دامن پسايو اٿيئي.)

عارف رومي جي چوڻ موجب نفس اماره انسان لاءِ شيطان آهي. نالا ٻه اٿس پر معنىٰ هڪ ئي آهي. نفس اماره انسان جو سڀ کان وڏو دشمن آهي جيڪو انسان کي سندس فطري بلنديءَ تان ڪيرائي پستيءَ جي اوڙاهه ۾ ٿو اڇلائيس. انسان ناپائدار ۽ ناجائز لذتن ۽ حرص هوس پويان ڊوڙندي پنهنجو اصل مقصد وساري ويهي ٿو. خدا جو خوف سندس دل مان نڪري ٿو وڃي ۽ نه ان ذات ۾ ڪو پڪو پختو يقين ئي ڪيس رهي ٿو.

نفس و شيطاں ہر دو يک تن بوده اند   در دو صورت خويش را بنموده اند
(نفس ۽ شيطان ٻنهي جي حقيقت ساڳي آهي، رڳو بظاهر روپ انهن ٻه ڌاريا آهن.)

نفس اماره کي اسان پنهنجي اندر ۾ پالي رهيا آهيون ۽ اهو نفس جيڪو اسان کان سڀ غلط ڪاريون ۽ گناهه ڪرائي رهيو آهي تنهن کي اسان دوست ٿا سمجهون. هو اسان کي ناجائز طريقن سان گناهن، اقتدار ۽ دنيا دولت جي ترغيب ڏيئي رهيو آهي، پر اسان ان جي مذمت ڪرڻ بجاءِ پنهنجو خيرخواه ۽ ترقيءَ جي ڏاڪڻ ٿا سمجهون.

تو ہم از بيروں بدی با ديگراں
واندروں خوش گشت با نفس گراں
ہمچو فرعونی تو کور و کور دل
با عدو خوش بيگناہاں را مدل

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(پين جي براين سان نہ جنگ جوٽيون وٺو آن، پر اندر جيڪو نفس پليت وٺو اٿئي تنهن سان نرين ٿو!
تون نہ فرعون وانگر اندو آهين ۽ دل بہ اندي اٿئي، جو دشمن سان خوش آهين ۽ بيگناهن تي ڏمريل!)

نفس اماره ئي شيطان آهي، تنهنڪري تصوف ۾ دلي توبہ ضرروي آهي. مؤلاءِ روم فرمايو آهي:

پنهنجي گناهن تي پشيمان ٿي نياز ۽ نوڙت سان پنهنجا گناه قبولي، پڇتايو ۽ الله تعالىٰ کان معافي گهرو. تنهنڪري صدق دل سان توبہ ڪريو ۽ آئينده غلط ڪارين کان بچو.

انسان گناهہ جا ڪم پاڻ ٿو ڪري پر ذميوار ان لاءِ شيطان کي ٿو بڻائي. پاڻ کي نيڪ ۽ بي گناهہ ثابت ڪرڻ لاءِ اهو دليل هلي ڪو نہ سگهندو. بقول شاعر:

کیا ہنسی آتی ہے مجھ کو حضرتِ انسان پر
فعلِ بد تو خود کریں لعنت کریں شیطان پر

سچل سرمست نفس کي ڪاري ڪتي سان مشابهت ڏيندي خوب فرمايو اٿئون:

نفس ميڏي دي اينوين شڪل، جيوين ڪتا گلر ڪالا؛
نِت نِت ڪاوي نِت ڪُوڪي، مَنگي نرم نوالا؛
اسين رانجهو هڪ ٿيوسي ميان سچو؛ ٿيا نفس ميڏي دا منهن ڪالا.

اهي الله جا نيڪ بندا ۽ مانجهي مرد آهن، جن نفس اماره کي سڃاڻي، ان کي ختم ڪيو ۽ الاهي مهربانين سان مالا مال ٿي شرابِ حقيقت سان مخمور ۽ متوالا بڻيا. پر اهو جهاد ڏاڍو ڏکيو آهي.

نفس اماره کي مارڻ لاءِ ۽ پاڻ کي ان جي قيد مان آزاد ڪرڻ لاءِ هادي اعظم ۽ مرشد ڪامل جي ضرورت آهي. اهو آهي محبوب رب العالمين ﷺ جنهن معراج واري رات ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو هو، ”مان رات جو پنهنجي مؤلا سان رهان ٿو ۽ اهو ئي مون کي غذا پهچائي ٿو.“ سبحان الله! اهو نبي پاڪ ﷺ جنهن کي قدرت خزانن جون ڪنجيون حوالي ڪري ڇڏيون

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هيون، ان فرمايو، ”الفقر فخري“ يعني مون کي غريبيءَ تي فخر آهي. وڌيڪ فرمايائون، ”الڪاسب حبيب الله.“ جيڪو محنت ڪري ٿو سو الله کي پيارو آهي. سندس سوانح حيات آئيني کان وڌيڪ اُجري آهي. ان مان ظاهر آهي ته امام المرسلين ﷺ، جنهن جي آڏو شهنشاهه به گدا آهن، پنهنجي ننڍ، آرام، عيش ۽ استراحت، لذيذ طعام، ريشمي ۽ قيمتي پوشاڪون سڀ پنهنجي لاءِ حرام ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن ڪافرن کي شڪستن پويان شڪستون ڏنيئي، عربستان فتح ڪيائون ته اشرفين جا ڍير سندن پيرن ۾ پيا هوندا هئا، مگر سڀ غريب عوام جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ خرچ ڪندا هئا ۽ پاڻ فقيرن واري زندگي گذاريندا هئا. حضرت انس کان روايت آهي ته پاڻ سڳورا ﷺ الله تعاليٰ کان دعا گهرندا هئا ته، ”يا الله مون کي مسڪينيءَ جي حالت ۾ زنده رک، مسڪينيءَ جي حالت ۾ پاڻ وٽ گهراءِ ۽ حشر ۾ به مسڪينن سان گڏ رکجانءِ.“ حضرت عائشه صديقه چوندي هئي ته آنحضور ﷺ جن ڪڏهين به پيٽ ڀري ماني نه کاڌي، ڪڏهين ته بک سبب ساري رات بي آرام رهندا هئا، مگر ان هوندي به اها بک ٻئي ڏينهن تي روزي رکڻ کان روڪي نه سگهندي هئي. حضور پاڪ ﷺ جن حضرت بيبي عائشه کي چوندا هئا ته، ”اسان جو دنيا سان ڪهڙو غرض آهي، مون کان اڳ ۾ جيڪي جليل القدر پيغمبر ٿي گذريا، انهن مون کان وڌيڪ سختيون سٺيون ۽ وڃي پنهنجي مؤلا سان مليا جتي کين نعمتن سان نوازيو ويو.“

حضور پاڪ ﷺ جن ڪڏهين به آرام ده بستري تي ڪونه سمهندا هئا ته متان اگهور ننڊ وٺي وڃي ۽ ياد خدا کان غافل ٿي وڃجي. پاڻ ڳوڻ يا کهري بستري تي سمهندا هئا، ڪنهن وقت ته سندن جسم مبارڪ تي ڏٺا پئجي ويندا هئا. اها حالت ڏسي هڪ دفعي حضرت عبدالله بن مسعود کين روئي چيو ته قيصر ۽ ڪسريٰ ته ريشم ۽ مخمل جي بسترن تي سمهن ۽ سائين جن اهڙي سخت قسم جي بستري تي جو ڏٺا نهي بيهن. حضور پاڪ ﷺ جن روئڻ کان منع ڪندي فرماين ته، ”ريشم ۽ مخمل جي بستري وارن لاءِ هيءَ دنيا آهي ۽ اسان جي لاءِ آخرت.“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حضورﷺ جن زندگي هڪ معمولي ڪچي گهر ۾ گهاري ۽ وفات بعد به ورثي ۾ نه درهم ڇڏيائون نه دينار ۽ نه ئي ڪي اُٺ يا ٻڪريون! البته هڪ خچر، ڪجهه هٿيار ۽ ٿوري زمين ڇڏيائون جيڪا به صدقي ۾ ڏني ويئي. حد اها هئي، جو دنيوي زندگيءَ جي آخري رات گهر ۾ ڏيئي ٻارڻ لاءِ تيل به ڪونه هو. گهڻن اصحابين به پيروي ڪندي پنهنجي آقاﷺ واري زندگي اختيار ڪئي ۽ دنيوي عيشن کان دور رهيا. اسان لاءِ، ۽ خاص طرح حڪمران طبقي ۽ سرمايه دارن لاءِ، هي هڪ وڏو سبق آهي. مگر جيڪڏهن هو بي بصيرت هجن، ڏسي نه سگهن، اها دل نه هجين جنهن سان غريب عوام جو درد محسوس ڪري سگهن، اهو دماغ نه هجين جو عوام جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ سوچي سگهن ته ان جو ڪهڙو علاج! اهو درحقيقت آهي تزڪيهٔ نفس جو درس جيڪو حضور پاڪﷺ جن جي اسوهءِ حسنه مان حاصل ٿئي ٿو. الله تعاليٰ جو پيغام انسان ذات کي ڏنائون، ان رستي ۾ جيڪي تڪليفون ۽ مصيبتون درپيش آيون، سڀ خوشيءَ سان سنيائون، بلڪه دشمنن کي به هدايت لاءِ دعا ڏنائون. ڪافرن سان خونريز جنگين بعد فتح مبين حاصل ڪيائون مگر اهو پنهنجي لاءِ نه، رب تعاليٰ جي خاطر، ان جي خوشنودي خاطر، دنيا کي پيغام الاهي پهچائڻ خاطر. ايترين فتوحات بعد به رهڻي ڪهڻي سادگي واري، سڀ عيش آرام حرام، اخوت ۽ مساوات جو سبق سيکاري عربن عجمين سڀني کي هڪ جهڙو ڪيائون، رنگ ۽ نسل جي بنياد تي ڪنهن کي برتري نه ڏنائون. مغرور سردارن کي مزدورن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ٻيهارڻ لاءِ حڪم ڏنائون. بارگاه الاهي ۾ آه ۽ زاري سيکاريائون، غرور ۽ هٺ جا بت ٽوڙيائون. اهو آهي حقيقت ۾ تزڪيهٔ نفس. اسلام ۾ رهبانيت ڪانهي جو جهنگ، جبل ۽ غارن ۾ وڃي زندگي ڪاٽجي. هتي الله جي مخلوق سان منهن ڏيڻو آهي، باطل جي خلاف جهاد ڪرڻو آهي، الله جي بندن جي سواءِ ڪنهن تفريق جي خدمت ڪرڻي آهي. ادب ۽ اخلاق سکڻو آهي ۽ سيکارڻو آهي. اسلام حقيقت کان گريز به ناهي. ان کي چئبو آهي ته پاڻي ۾ رهجي به، پنهنجو پاند به نه پسائجي. حضور صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ زندگي خلقِ عظيم آهي، اُسوهءِ حسنه آهي ۽ ان تي هر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مسلمان خاص طرح قومي رهنمائن، عالمن ۽ صوفين کي وڏيڪ توجه ڏيڻو آهي. پيغمبرﷺ جي اطاعت، اطاعت الاهي آهي.

انسان جو ڪمال اهو آهي جو هن دنيا ۾ رهندي، دنيا دولت، اقتدار، حسن ۽ جواني، عيش ۽ عشرت هجڻ باوجود دنيا جي آلائشن ۽ گناهن کان پاڪ رهي. اڪبر الله آبادي بالڪل مناسب چيو آهي:

دنیا میں ہوں دنیا کا طلبگار نہیں ہوں
بازار سے گذرا ہوں خریدار نہیں ہوں

هن دنيوي مال متاع مان ڪجهه حاصل ٿيڻو نه آهي. اصل متاع ته اهو آهي جو پئي پراڻو نه ٿئي، جنهن جو قدر ٻنهي جهانن ۾ هجي ۽ جيڪو زمان ۽ مڪان جي حدن کان مٿي هجي. پر نفس اماره کي مارڻ يا سڌارڻ ايڏو سولو نه آهي. خود دنيوي عقل به ان جو ساٿ ٿو ڏئي ۽ نفس اماره جو حصو بلڪه غلام بڻجي ٿو وڃي. بقول عارف رومي:

عقل کو مغلوب نفس او نفس

(جنهن عقل تي نفس جو غلبو ٿئي ٿو سو پاڻ نفس ٿي وڃي ٿو.)

مطلب آهي ته انساني عقل، نفس اماره جي غلبي هيٺ پاڻ نفس بڻجي وڃي ٿو. جڏهن هن ناقص عقل جي حالت اها آهي ته پوءِ انسان جو ڇا حال ٿيندو؟ ان نفس اماره مان ڪيئن ڇوٽڪارو عطا ٿيندو؟ صوفين ان جو جواب اهو ڏنو آهي ته تزڪيه نفس صرف ۽ صرف عشق جي ذريعي ٿيندو. نه ته نفس اماره جو شيطان انسان کي نهوڙي نيندو.

عشق ۽ عقل

صوفي چون ٿا ته عشق ئي انساني تخليق جو باعث آهي. انهي حقيقت کي جگر مراد آباديءَ خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

يہ عشق وہ بلا ہے کہ حسنِ ازل کو بھی تخلیقِ کائنات پہ مجبور کردیا
کن کہتے ہی جلووں کی یہ صورت نظر آئی اللہ کو اللہ کی صورت نظر آئی

روز الست تي جڏهن روحن کي اجان جسم عطا نہ ٿيو هو تڏهين الله پاڪ پڇين تہ، ”ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان؟“ انساني روحن اقرار ڪيو تہ، ”بيشڪ آهين.“ ان ڏينهن انسان کي عشق جي امانت ملي. صوفين جو عقيدو آهي تہ اصل حقيقت تہ حسن ازل آهي جنهن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ جهان پيدا ڪيا. عشق اها طاقت آهي، اها باهہ آهي جا محبوب کانسواءِ هر شئي کي ساڙيو ڇڏي. قرآن پاڪ ۾ آيل آهي:

﴿اِنَّا عَرَضۡنَا الۡاَمَانَةَ عَلَى السَّمَاوَاتِ وَالۡاَرۡضِ وَالۡجِبَالِ فَاَبَيۡنَ اَنۡ يَّحۡمِلۡنَهَا وَاَشۡفَقۡنَ مِنۡهَا وَحَمَلَهَا الۡاِنۡسَانُ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوۡمًا جَهُوۡلًا﴾

(اسان آسمانن، زمين ۽ جبلن کي امانت ڏيڻي ڪئي، پر هنن بار کڻڻ کان نابري واري ۽ قبول ڪرڻ ۾ ڊنا. انسان اهو بار قبوليو، بيشڪ هو ظالم ۽ جاهل آهي. قرآن 33:72)

ان لاءِ صوفين جو چوڻ آهي تہ اها امانت عشق جي هئي، اهو بار عشق جو هو، جنهن کي کڻڻ کان زمين، آسمان ۽ جبلن انڪار ڪري ڇڏيو، پر انسان ان کي قبوليو.

پر جڏهن روحن کي انساني شڪل ملي ۽ هن دنيا اندر جسم ۾ قيد ٿي آيا تہ انسان کي ڪيل واعدا وسري ويا ۽ هن فاني دنيا کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ لڳو. انسان دنيا جون دلفريبيون، لوڀ لالچ ۽ عيش عشرت جو سامان ڏٺو، هاڻي هو نفس اماره يعني شيطان جي جار ۾ ڦاسي پيو. ”قالو بلىٰ“ وارو قول وساري وينو ۽ گناهن ۾ غلطان ٿي ويو. تاهم هيءَ ڌرتي الله جي عاشقن کان خالي نہ رهي، هنن نفسِ اماره کان پاڻ کي آجو ڪيو ۽ حق جي راه اختيار ڪئي.

هيءَ ڪائنات الله تعالىٰ خلقي آهي، ان ۾ رهڻو آهي ۽ ان ۾ جيڪي ڪنداسون ان جو ڦل اڳتي ملڻو آهي. قبول ٿو ڪجي تہ حق تعالىٰ غفورالرحيم آهي، تنهن هوندي بہ ان ذات جو خوف هجڻ لازم آهي. خوف ۽ اميد ٻئي انسان جي دل ۾ هجڻ کپن. ايئن چوڻ تہ الله پاڪ سڀ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

گناهه معاف ڪري ڇڏيندو تنهنڪري گناهن واري زندگي تي زور ڏجي سراسر غلط آهي. مؤلانا رومي فرمائي ٿو:

از مکافاتِ عمل غافل مشو گندم از گندم جو از جو

(ڪرمن جي ڦل واري اصول کان غافل نه ٿي،
ڪڻڪ پوکيندين ته ڪڻڪ لڻندين، جوَ پوکيندين ته جوَ!)

خود الله پاڪ جا نيڪ بندا به ان جي بارگاهه ۾ زار و قطار رئندا آهن. شاهه صاحب فرمايو آهي:

رئنديون ڏٺيون مون، ان در مٿي دادليون.

تنهنڪري اها دعا پڙهبي آهي:

﴿ رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِي الْآخِرَةِ حَسَنَةً ﴾
(اي اسان جا ڌڻي تون هن دنيا ڪي به اسان لاءِ موچارو ڪر ته آخرت کي به. قرآن 2:201)

مجازي عشق

عشق انسان جي فطرت ۾ داخل آهي. قدرت جي خوبصورتي، دنيا جي رنگا رنگي، ظاهري حسن جا جلوا ۽ جواني، اهي سڀ اهڙيون شيون آهن جي انسان کي عشق جي رستي تي لائين ٿيون پوءِ ڇو نه مجازي ئي هجي. هن مجازي عشق ۾ به انسان ديوانا ٿي ويندا آهن. ڪيترا بادشاهه محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت تان دستبردار ٿي ويا. ڪيترا داناءَ ديوانا ٿي ويا. ڪن جو محبوب مري ويندو آهي، يا حالتون اهڙيون ٿينديون جو سندن وصل نه ٿئي، ته ان صورت ۾ عاشق پنهنجي زندگي جو اختتام به آڻيندا آهن. مالي قرباني ته انهن لاءِ معمولي ڳالهه آهي. پر مجازي عشق ۾ به ڪي سچا هوندا آهن. ۽ ڪي ته وري محض جنسي هوس پرستي جو شڪار هوندا آهن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حقيقي عشق جي منزل اجان بہ ڏورانهين آهي. جيستائين حسن ازل سان عشق نہ ٿيندو تہ انسان روحانيت واري جذبي کان وانجهيل ئي رهندو. الله پاڪ سڀني کان وڏيڪ سونهن وارو آهي جو ان جو جمال ئي تہ آهي جنهن جو عڪس دنيا ۾ حسن جي هر جلوي جو اصل آهي. جڏهن عبديت ان جي اختيار ڪرڻي آهي تہ ان عبديت ۾ صوفين وٽ عشق بہ ضروري آهي. صوفين جو قول آهي ”المجاز قنطرت الحقيقة“ يعني مجازي عشق حقيقي عشق جي پل آهي. پر جيڪڏهن انسان مجازي پل واري رستي تي بيهي رهيو ۽ الاهي عشق جي منزل طرف قدم ئي نہ وڌايائين، تہ پوءِ اهڙو مجازي عشق تہ رڪاوٽ مثل آهي. ۽ وري جيڪڏهن رڳو جنسي هوس پرستي کي عشق سمجهيو ويو تہ اهو تہ مجازي عشق بہ نہ آهي ڇوتہ مجازي عشق ۾ بہ انسان سچي دل سان سڀ ڪجهہ لٽائڻ لاءِ تيار هوندو آهي. عام طرح اسان وٽ هوس پرستي کي عشق يا محبت سڏيو ويندو آهي پر اهڙي هوس لاءِ مؤلانا روميءَ جو چوڻ آهي:

ايں نہ عشق است ايں کہ در مردم بود
ايں فساد از خوردنِ گندم بود

(اهو عشق نہ آهي جو عام ماڻهن ۾ آهي، اهو فساد تہ ڪڻڪ جي داڻي کائڻ سبب آهي.)

مؤلاءِ روم ۽ عشق

هيءَ عظيم صوفي شاعر عشق کي ئي سڀني بيمارين جو علاج ٿو سمجهي. اهو عشق ئي نفس جي بيمارين جو علاج آهي، عشق کي دعائون ٿو ڪري جنهن جي طفيل الله تعالیٰ کيس بلندي بخشي آهي.

هر کہ را جامہ ز عشقي چاک شد   او ز حرص و عيب کلی پاک شد
شاد باش اے عشق خوش سودائے ما   اے طبيبِ جملہ علتہائے ما
اے دوائے نخوت و ناموس ما   اے تو افلاطون و جالينوس ما

(جنهن جو بہ لباس عشق ۾ چاڪ چاڪ ٿيو وڃي، اهو حرص ۽ عيب کان پاڪ ٿو ٿي وڃي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اي عشق، منهنجي عجيب ديوانگي، تون خوش رهه، تون اسان جي سڀني بيمارين جو علاج آهين.
تون ئي اسان جي ساري غرور ۽ تڪبر جو علاج آهين، تون ئي اسان لاءِ افلاطون ۽ جالينوس آهين.)

عارف رومي عشق جو ثناخوان آهي. نفسِ اماره کان ڇوٽڪاري جو واحد علاج عشق آهي. عشق جي راهه ئي اها راهه آهي، عشق جي پل ئي اها پل آهي جا محبوب سان ملائي ٿي. بغير عشق جي اتي وڃڻ جي اجازت ڪانهي. عشق ۽ عاشقي ابد تائين باقي رهندا. رومي وٽ عشق کانسواءِ ٻي ڳالهه ڪانهي.

در عشق مست باش که عشق است هرچه هست　　بے کار و بارِ عشق بر یار بار نیست
عشق است و عاشق است که باقیست تا ابد　　دل جز برین منه که بجز مستعار نیست

(عشق ۾ مست رهه، ڇو ته جيڪي آهي سو عشق آهي. عشق بنا يار وٽ وڃڻ جي اجازت ناهي.
عشق ۽ عاشق ئي ابد تائين باقي رهندا، ٻي هنڌ دل نه لڳاءِ، باقي سڀ ڳالهيون اڌاريون [فاني] آهن.)

زندگي محبت کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. هر درد جو دارو محبت آهي، هر غم کي مٽائڻ جو اڪسير محبت آهي. نفرت ۽ ڪدورت مان اڄ ڏينهن تائين هن هزارن سالن جي پراڻي دنيا کي نه ڪنهن فرد کي نه ڪنهن قوم کي ۽ نه وري انسان ذات کي فائدو پهتو آهي. نفرت ۽ خودغرضي، جيڪي نفس اماره جي ناجائز اولاد آهن، تن هن جهان کي جهنم زار بڻائي ڇڏيو آهي. عارف رومي دعوت ٿو ڏئي ته اچي محبت جي آب حيات مان پيالا پيئو، جاوداني ۽ جنتي زندگي ماڻيو:

از محبت تلخها شیرین شود　　از محبت مسها زرین شود
از محبت خارها گل می شود　　وز محبت سرکهامل می شود
از محبت سجن گلشن می شود　　بی محبت روضه گلخن می شود
از محبت خار سوسن می شود　　وز محبت خانه روشن می شود
از محبت مرده زنده می شود　　وز محبت شاه بنده می شود

(محبت سان ڪوڙاڻ به مٺاڻ لڳي ٿي، محبت سان ٽامو به سون ٿو ٿئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

محبت سبب ڪنڊا به گل ٿين ٿا ۽ محبت سان ئي سرڪو به انگوري شراب ٿئي ٿو.
محبت سبب زندان گلستان ۾ بدلجي ٿو، سواءِ محبت جي باغ به آڙاهه آهي.
محبت سان ڪنڊو به سوسن جو گل ٿئي ٿو ۽ محبت سان ئي گهر روشن ٿئي ٿو.
محبت ئي مرده کي زنده ڪري ڇڏي ٿي ۽ محبت ئي بادشاهه کي به بندو بڻائي ٿي.)

عارف روميءَ جو مذهب عشق محبت آهي. هن وٽ سڀني مسئلن جو حل محبت آهي، سڀني زخمن جو مرهم محبت آهي. اهو محل جتي محبت ناهي، تنهن کان پيار واري جهوپڙي به صدبار خوشگوار آهي. اها زمين جيڪا محبت کان خالي آهي، ان ۾ رهڻ زندان کان بدتر آهي. اسلام ۽ تصوف محبت ئي محبت آهن، تنهنڪري روميءَ جو دين به عشق ئي آهي. عشق سان الله ملندو ۽ نفرت سان شيطان.

ملتِ عشق از همه دین ها جداست   عاشقاں را مذهب و ملت خداست
(عشق جي قوم سڀني مذهبن کان جدا آهي، عاشقن جو مذهب ۽ ملت خدا آهي.)

مؤلانا جيتوڻيڪ عقل کي خراب نه ٿو سمجهي پر انساني عقل محدود ۽ ناقص آهي ۽ جڏهن نفس اماره جو غلام ٿئي ٿو ته پوءِ انسان خوف ۾ گرفتار ٿو ٿئي. هو منافع خوريءَ لاءِ جدوجهد ٿو ڪري، پر عاشق ڪنهن به خوف خطري جي پرواهه نه ٿو ڪري ۽ نه لوڀ لالچ جو شڪار ٿئي ٿو.

لا ابالی عشق باشد نے خرد   عقل آں جوید کزاں سودی برد
(عشق لاپرواه آهي، پر عقل نه: عقل ان جي تلاش ۾ آهي جنهن ۾ فائدي وارو سؤدو هجي.)

عشق ۽ ناقص عقل جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿي نه ٿو سگهي. جيڪڏهن آب حيات ۾ زهر ملائبو ته اهو زهر ٿيندو ۽ نه ڪه آب حيات.

دانشِ ناقص کجا ایں عشق زاد   عشق زاید ناقص اما برجماد
(ناقص عقل ڪٿان عشق پيدا ڪندو؟ ناقص محبت وجي پٿريلي (جامد) جڳهه تي ڪري ٿي.)

نفس اماره کي عشق ئي ختم ڪري انسان کي سندس منزل مقصود تائين پهچائي سگهي ٿو، بشرطيڪ اهو عشق صادق هجي ۽ نه ناقص. عشق ۽ اهڙي عقل جي دوستي ناممڪن آهي. هڪ تشبيهه ۾ مؤلانا عشق کي اٺ سان ۽ عقل کي ڪڪڙ سان ڀيٽ ڏئي ٿو. ٻنهي پاڻ ۾ دوستي رکي ۽ عشق کي عقل دعوت ڏني ته تون منهنجي گهر هلي دعوت کاءُ. جڏهن اٺ ڪڪڙ جي گهر ويو، ته ان جي مٿان پير رکندي ئي، غريب ڪڪڙ جي گهر کي تباهه ڪري ڇڏيائين. ان مان ظاهر آهي ته عشق ۽ عقل جي دوستي ناممڪن آهي ۽ ٻيو ته عقل ايڏو ڪمزور آهي، جو سندس عشق سان مقابلي جو تصور ئي ڪري نه ٿو سگهجي.

مرغ خانہ اشتری راے خرد رسم مہانش بخانہ می برد

چوں بخانہ مرغ اشتر پا نہاد خانہ ویراں گشت و سقف اندر نہاد

(ڪڪڙ چسائپ ڪري اٺ کي دعوت ڏيئي پنهنجي گهر وٺي ويو.

اٺ جيئن ئي ڪڪڙ جي گهر ۾ پير گهڙايو ته اهو ڍهي برباد ٿي ويو.)

مست الست رومي پنهنجي محبوب جي عشق ۾ مستغرق آهي. هو جڏهن پنهنجي رنگ ۾ اچي عشق جون ڳالهيون بيان ٿو ڪري ته ائين ئي نظر اچي ٿو ته اهي سندس ذاتي مشاهدا ۽ ماجرائون آهن. هو ٻين جا قصا بيان نه ٿو ڪري، پنهنجي زباني عارف رومي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. هيٺين اشعار مان ان ماجرا ۽ تڙپ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

بنمائے رخ کہ باغ و گلستانم آرزوست بکشائے لب کہ قند فراوانم آرزوست

یکدست جام بادہ ویکدست زلفِ یار رقصم چنیں میانۂ میدانم آرزوست

(پنهنجو چهرو ڏيکار جو باغ ۽ گلستان جي آرزو اٿم، چپ کول (ڳالهاءِ) جو ماکي ۽ مصريءَ جي تمنا اٿم. هڪ هٿ ۾ شراب جو پيالو هجي ۽ ٻئي ۾ زلف يار، ان حال ۾ سر ميدان رقص ڪرڻ جي تمنا اٿم.)

عقل جو عشق سان مقابلو ناممڪن آهي. ويچارو عقل محدود آهي ۽ ان جو علم به محدود. مگر عشق ته الاهي اسرارن جي ڄاڻ رکي ٿو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عشق اصطرلابِ اسرارِ خداست
(عشق الله جي اسرارن ڄاڻڻ لاءِ اصطرلاب آهي.)

ستارن جي گردش جو حساب نجومي ۽ فلڪيات جا ماهر هڪ اوزار جي ذريعي ڪندا آهن جنهن کي اصطرلاب (Astrolabe) ڪوٺبو آهي. عارف روميءَ جو چوڻ آهي ته الاهي اسرار معلوم ڪرڻ لاءِ عشق اصطرلاب مصداق آهي.

عشق بي پايان آهي، نه حد اٿس نه حساب، تنهنڪري زبان ۽ قلم کي طاقت نه آهي جو ان کي بيان ڪري سگهي. عشق جون منزلون، مشڪلاتون، ماجرائون، مشاهدا ۽ وارداتون اهڙيون آهن جن جو بيان لغت جا لفظ ڪري ئي نه ٿا سگهن. رومي انساني زبان ۽ قلم کي ان ڏس ۾ مجبور ٿو سمجهي.

هر چه گويم عشق را شرح و بياں　　چوں به عشق آيم خجل باشم ازاں
گرچه تفسيرِ زباں روشن گر است　　ليک عشقِ بے زباں روشن تر است
چوں قلم اندر نوشتن مي شتافت　　چوں بعشق آمد قلم بر خود شگافت

(عشق متعلق ڪيتري به تفسير ۽ بيان ڪريان، پر جڏهن عشق روبرو ٿئي ٿو ته شرمنده ٿو ٿيان.
گرچه زبان واري سمجهاڻي چٽي آهي، پر عشق جي زبان اڃان به وڌيڪ صاف آهي.
جڏهن قلم لکيو پئي ته سُڌ پئجي ويس، سو عشق جو ذڪر ايندي ئي پاڻهي پرزا پرزا ٿي ويو!)

عشق سمورا آرام ۽ ننڊون ڦٽائي ڇڏيندو آهي. عارف رومي جي ننڊ به اهڙي ڦٽي جو ظاهر زبونيءَ کي وجهي پهتو، مگر نه دنيا وارن کي هن جي خبر هئي ۽ نه دنيا وارن جو هن کي سڌ سماءُ: هن جي آشنائي صرف عشق سان هئي. پنهنجو حال بيان ڪندي عارف فرمائي ٿو:

مرغ و ماهي زمن شده حيراں　　کايں شب و روز چوں نمي خسپد
پيش ازيں در عجب همي بودم　　که آسماں نگوں نمي خسپد
آسماں خودکنوں زمن خيره است　　که چرا ايں زبوں نمي خسپد

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عشق بر من فسونِ اعظم خواند   دل شنید آں فسوں نمی خسپد

(پکي ۽ مچيون مون کي ڏسي حيران آهن ته هيءَ رات ڏينهن ڇو نه ٿو سمهي.
هن کان اڳ مون کي تعجب هو ته هيءَ بدبخت آسمان ڇو نه ٿو سمهي.
پر هاڻي ته آسمان به مون تي عجب ٿو کائي ته هيءَ بيوقوف ڇو نه ٿو سمهي.
عشق مون تي اهڙو زبردست جادو ڪيو آهي، جنهن بعد دل جي ننڊ حرام ٿي وئي آهي.)

جڏهن ناقص ۽ جزوي عقل وارو رستو ڇڏي، عارف رومي عشق جي واٽ اختيار ڪئي، ته قدرت جا راز هن جي آڏو هڪ کليل ڪتاب جيان ظاهر ٿي پيا. هاڻي هو فلسفين وانگر ٺاڻوڙا هڻي ڪونه رهيو هو، نه وري نفس اماره سندس ويجهو هو. وهم ۽ گمان جي دنيا کان پري، رومي هاڻي حقيقت شناس ٿي چڪو هو ۽ سندس شاعري عرفان الاهي جو آئينو هئي.

نه شبم نه شب پرستم که حدیثِ خواب گویم   چو غلامِ آفتابم همه از آفتاب گویم

(نه رات آهيان نه رات جو پوڄاري آهيان جو خوابن جا قصا ٻڌايان.
مان ته مان آفتاب جو غلام آهيان ته ڳالهه به آفتاب واري ئي ڪندس.)

مؤلاءِ روم هاڻي اونداهي رات جو مسافر ڪونه هو، هاڻي هو ان آفتاب عالم تاب جو غلام هو، جو حسن ازل آهي، تنهنڪري سندس علم ظني يا استدلالي نه هو بلڪه عرفان الاهي هو.

شاهه ڀٽائي ۽ عشق

چواڻي آهي ۽ سچ آهي ته ”جنهن کي عشق مؤلا جو ناهي، سو جهنگ جناور آهي.“ صوفين عشق جي واٽ ورتي ۽ وڃي منزل رسيا. مگر نفس اماره جا شڪار ڀٽڪندا ئي رهيا، گهاڻي واري ڏاند وانگر اکيون بند ڪري هلندا رهيا، سمجهيائون ته اسان ساري دنيا فتح ڪئي آهي، مگر آخر ۾ جڏهن اکيون کولي ڏٺائون ته ساڳي جاءِ تي بيٺا آهن. شاهه صاحب صوفين جو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هڪ امام هو. هن اهو ئي رستو اختيار ڪيو جنهن لاءِ روميءَ سان روحاني رهاڻ ڪئي هئائين. سارو رسالو عشق جي داستانن سان ڀرپور آهي ۽ نفس اماره جي جابجا مذمت ڪيل آهي. محدود ۽ ناقص عقل وارا دنيا دولت گڏ ڪري سگهن ٿا، اقتدار حاصل ڪري سگهن ٿا، جوڙ توڙ ۽ سازشون ڪري سگهن ٿا، الله جي بندن کي پنهنجي ظلم جو شڪار بڻائي سگهن ٿا، مگر اهڙا شخص پنهنجي لاءِ بدترين جهنم تيار ڪن ٿا. البته جيڪڏهن اقتدار جو استعمال عوام جي ڀلائي ۽ بهبودي خاطر آهي ته اهو رحمت الاهي آهي. عشق جو نالو ونڻ ته سولو آهي پر ان راه تي هلڻ ڏکيو آهي، هتي ته نقد جان سودو آهي، هڪ هٿ ۾ ڏي، ٻئي هٿ سان وٺ.

دے نقد جاں تو بادۂ کوثر ابھی ملے ساقی کو کیا پڑی ہے کہ مے ادھار دے

شاهه صاحب جي لفظن ۾ ته عشق ڪا ٻاراڻي راند ڪانهي، هتي هر شي قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو آهي.

عشق ناهي راند، جيئن ڪي ڪنس ڳيرو؛
جيءَ جسي ۽ جان جي، ڀچي جو هيڪاند؛
سسي نيزي پاند، اچل ته اڏ ٿئي.

حق جي خاطر عاشق پنهنجو سر ڏيڻ لاءَ به تيار هوندا آهن، حق پرستن لاءِ ڪا به قرباني الله جي راهه ۾ مهانگي نه آهي، هنن لاءِ ڪڙي ڳالهه به مني آهي، ڪندا به گل آهن. پر حق پرستي سولي ڳالهه هجي ها ته هر بوالهوس اختيار ڪري ها.

ڀريان سندي ڀار جي، مڙيوئي منائي؛
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن فرمايو ته سڀ کان وڌيڪ سختيون الله جي پيارن برداشت ڪيون. الله تعالیٰ کي پنهنجا نبي پاڪ پيارا هئا، مگر انهن کي به وڏيون سختيون

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

برداشت ڪرڻيون پيون. ظاهر آهي ته الله تبارڪ و تعالىٰ انهيءَ ۾ ڀلائي رکي هئي ورنه پنهنجي پيارن کي ڪير سختيون سهائيندو آهي؟ ڪربلا جو واقعو اکين آڏو آهي. ڪربلا جي ميدان تي يزيدي فوج حضرت امام حسينؓ، سندس اهل عيال ۽ دوستن مٿان ڦهر ڪرڻ ڪائي وڌا. ساڻس ڪل 72 ماڻهو هئا. جنگ جي نتيجي بابت ڪي به رايا ڪونه ٿي سگهيا. مولوين جو چوڻ آهي ته جان بچائڻ به اسلام ۾ فرض آهي. جيڪڏهن امام عالي مقام گوشئه عافيت ڳولي ها ۽ آرام جي زندگي بسر ڪرڻ چاهي ها ته ڪري پئي سگهيو. پاڻ کي، پنهنجي اهل عيال کي، معصومن کي، دوستن کي هن ظلم ۽ بربريت کان بچائي پئي سگهيو. مگر ڪهڙي ڳالهه هئي جنهن کيس اهڙين قربانين ۽ مصيبتن برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو؟ عقل ته ان جي جواب ڏيڻ کان قاصر آهي، مگر عشق ئي آهي جو هر ظلم جو مقابلو ڪري هڪ درخشان ۽ لازوال تاريخ تيار ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري امام عالي مقام اهو ئي ڪيو جو سيدالمرسلين ﷺ جي ڏوهٽي کي ڪرڻ کپندو هو، يعني هو سيدالشهدا بڻجي ويو.

سختي شهادت جي، مڙوئي ملار،
ذرو ناهه يزيد کي، اتي عشق جو آثار،
ڪسڻ جو قرار، اصل امامن سين.

ڪربلا جي واقعي ۾ سالڪن جي پروڙڻ لاءِ وڏا اسرار آهن، جيئن شاهه سائين فرمايو آ:

سختي شهادت جي، نسورو ئي ناز،
ڪي رند پروڙين راز، قضيي ڪربلا جو.

مؤلانا محمدعلي جوهر جي نظر ۾ ڪربلا جي ميدان تي امام عالي مقام جي شهادت اسلام کي زنده ڪري ڇڏيو. سندس مشهور ۽ تاريخي شعر آهي:

قتلِ حسین اصل میں مرگِ یزید ہے اسلام زندہ ہوتا ہے ہر کربلا کے

عشق ۽ عقل جي سوچ ۽ نظر ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. جڏهن شديد بارش وسي رهي هئي، ڪاري رات هئي، ڪچو گهڙو هو، درياءَ جي مست موجن ويچهو اچڻ جي همت بهادر

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪان بهادر ۽ تارو انسان به نه پئي ڪري سگهيا، درياهه ۾ بلاخيز طوفانن اهو هيجان برپا ڪري ڇڏيو هو جو ان ۾ بيڙا ئي غرق ٿيو وڃن، تڏهن سهڻيءَ جهڙي نازڪ ۽ نفيس نينگريءَ کي ڪنهن اها طاقت عطا ڪئي جو هيبتناڪ درياهه ۾ الله تو آهر ڪري گهڙي پوي! ان جو جواب صرف ۽ صرف عشق آهي، ورنه عقل اهڙين حالتن هيٺ ڀڄ ڪڏي بيهي ها.

جن کي عشق جي اُسات، سي واهڙ پاڻين وڪڙي.

سهڻيءَ جو عشق درياهه جي دهشت کي به ليکي ئي نه ٿو، هن لاءِ درياهه جو پاڻي به پنيءَ ٻوڙ آهي. ساڳيو ئي خيال اقبال هينئين لفظن ۾ ادا ڪيو آهي:

عشق کی اک جست نے طے کر دیا قصہ تمام   اس زمین و آسماں کو بیکراں سمجھا تھا میں

مگر ڇا اها عشق جي اُسات ڪا معمولي ڳالهه آهي؟ ان اُسات جو تفسير شاهه صاحب سُر سهڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي ۽ سندس انداز ايڏو ته مؤثر ۽ دلڪش آهي جو مجتڙ ٿو پوي ته قدرت اها شاعري شاهه صاحب کي ئي حصي ۾ ڏني هئي، ان کي الهامي شاعري چوڻ غلط نه ٿيندو.

ڪامان پڇان پڇران، لڇان ۽ لوڇان؛
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي، پيان نه ڍاپان؛
جي سمند منهن ڪريان، ته مون سرڪيائي نه ٿئي.

ساڳي خيال کي علامه اقبال به ڏاڍي خوبصورت نموني نڀايو آهي، مگر شاهه صاحب جي ادائگي سان ڪا پيٽ ئي ڪانهي!

فیض ساقی شبنم آسا ظرفِ دل دریا طلب   تشنۂ دائم ہوں آتش زیرپا رکھتا ہوں میں

علامه چوي ٿو ته ساقي رڳو هڪ ماڪ ڦڙو ٿو ڏئي، جڏهن ته دل کي درياهه ٿو گهري، تنهنڪري مان هميشه اڃايل رهان ٿو ۽ دائمي بيقراري اٿم.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن عشق اچي ٿو ته عقل موڪلائي ٿو وڃي، پوءِ انسان جي ڪايا ئي پلٽجي ٿي وڃي. دنيا جي مصلحتن، ميارن، طعنن تنڪن، خوف ۽ خطرن جي ڪيس ڪا پرواهه ڪانه ٿي رهي. نه هن کي محلن ۽ بنگلن جي ضرورت آهي، نه جهازن ۽ ڪارن جي ضرورت ۽ نه وري اقتدار ۽ دولت جي ضرورت آهي، هو انهن سڀني ڳالهين کان بي نياز ٿي وڃي ٿو. هن لاءِ سر ڏيڻ به سولي ڳالهه آهي. اهي ڦاسيءَ تي به ائين چڙهڻ لاءِ وڃن ٿا جيئن هڪ گهوٽ ڪلندي مرڪندي ڄڃ ۾ دهلن دمامن سان پنهنجي محبوبه سان ملڻ وڃي ٿو. حالانڪه عقل وارن لاءِ زندگي هر شئي کان قيمتي آهي ۽ ان جي تحفظ ۽ درازيءَ لاءِ هر قسم جا حيلا هلائيندا آهن، پر عشق جنهن جي دنيا بدلائي ٿو ڇڏي ته سندس سوچ ۽ اندازِ فڪر به بدلجيو وڃن.

اصل عاشق جوء سر نه ساندڻ ڪم؛
سو سسئان اڳرو، سندو دوسان دم؛
هيءَ هڏو ۽ چم، پڪ پرِيان جي نه پڙي.

عشق جي وسعت لامحدود آهي، ان جي گهرائيءَ جو ڪو پتو ڪونهي، ساڳي وقت ان جا سور به بي حساب آهن. ڪيترو اونهو آهي، ڪيتري پکيڙ اٿس، ان جي ڪنهن کي ڪٿ ڪانهي. جيڪي خود عشق جي سمنڊ ۾ گهڙيا آهن، تن کي به سڌ ڪانهي، باقي ٻين جي ڪهڙي بات.

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو عشق؛
عدد ناهي عشق، پڇاڻي پاڻ لهي.

عشق ۽ عقل جا نقطئه نظر هڪ ٻئي کان جدا جدا آهن، سندن راهون هڪ ٻئي کان الڳ الڳ آهن. عشق جو رستو ڪنڊن سان پريل آهي.

عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن کي پوي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

زندگيءَ جي جهاد ۾ آخرڪار عشق ئي ڪامياب ۽ ڪامران آهي. ويچارو عقل نفس اماره جي چار ۾ ڦاٿل آهي.

علامه اقبال ۽ عشق

عام طرح اقبال کي قومي شاعر ۽ مفڪر جي حيثيت ۾ ڄاتو وڃي ٿو، پر حقيقت حال آهي آهي ته ان معاملي ۾ اقبال کنهن لحاظ کان به پوئتي پيل ڪونه آهي. عشق جي اهميت ۽ بيان اسان جي انهن ٽنهي شاعرن ۾ قدر مشترڪ آهي. شروع ۾ ته اقبال به ان خيال جو هو ته بهتر آهي ته عقل رهنمائي ڪري، پر جتي عقل جي پهچ نه هجي، سندس وس نه پڄي، اتي عشق امامت ڪري.

بهتر ہے دل کے پاس رہے پاسبانِ عقل
لیکن کبھی کبھی اسے تنہا بھی چھوڑدے

مگر جلد ئي اقبال کي عشق جي طاقت ۽ پاڪيزگيءَ جو احساس ٿي ويو. هن جي دل ۾ جيڪا عشق جي چڻنگ دکي رهي هئي سا باهه جي پنبٽ ۾ تبديل ٿي وئي ۽ عقل کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيائين. هاڻي اقبال عقل کي الوداع چئي عشق کي پنهنجو ڪعبو قبلو ۽ امام بڻائي ٿو. نعرهءِ مستانه بلند ڪندي چوي ٿو:

من بندهٔ آزادم عشق است امامِ من
عشق است امامِ من عقل است غلامِ من

(مان آزاد آهيان جيئن ته عشق منهنجو امام آهي، ها عشق منهنجو امام آهي ۽ عقل منهنجو غلام آهي.)

علامه اقبال ته عشق کي ئي مسلماني ۽ ڪفر جو معيار ۽ ڪسوٽي بڻائي ٿو. جنهن مسلمان وٽ عشق ناهي سو ڪافر آهي، جنهن وٽ عشق آهي سو ڪافر به مسلمان آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اگر ہے عشق تو ہے کفر بھی مسلمانی

نہ ہو تو مردِ مسلمان بھی کافر و زندیق

ڪو بہ سچو صوفي اهڙو نہ هوندو جنهن جي دل عشق جي آتش سان روشن ۽ پرسوز نہ هجي. جيڪڏهن اها باهہ خدانخواستہ وسامي وڃي تہ مسلمان هڪ خاڪ جي ڍير کان بهتر نہ آهي.

بجھی عشق کی آگ اندھیر ہے مسلماں نہیں راکھ کا ڈھیر ہے

انسان لاءِ هڪ ئي رستو کليل آهي ۽ نہ بہ رستا: يا تہ هو خدا جو ٿئي، يا شيطان جو. هتي دوئي يا منافقي اختيار ڪري نہ ٿي سگهجي.

شیخ بھی راضی رہے راضی رہے شیطان بھی

وارو منافقانو طريقو هلي نہ سگهندو. اقبال صاف لفظن ۾ اعلان ٿو ڪري:

باطل دوئی پسند ہے حق لاشریک ہے
شرکت میانہ حق و باطل نہ کر قبول

ان سلسلي ۾ شاهہ صاحب چوي ٿو:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ؛
هندو هڏ نہ آهين، جٽيو تو نہ جڳاءِ؛
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

شاهہ صاحب جي چوڻ مطابق سچڻ ريسا را گهٽو آهن، ٻئي ڪنهن جي شرڪت برداشت نہ ڪندا آهن، تنهنڪري طالب کي ٻئي ڪنهن سان ذرو پر بہ واسطو رکڻو نہ آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڏينهان گهاري ڏم سين، راتيون ساڻ ميهار؛
ورتائين ٻه پار، تيلاهه مئي سهڻي.

جڏهن انسان الله تعاليٰ جو ٿي وڃي ٿو ته پوءِ سڀ ڪوٽ ۽ نفرتون ختم ٿيڻ ٿيون، هو انسان ذات کي پيار سان ڏسي ٿو، خدمت خلق سندس دين ٿئي ٿو. اسلام ۾ لا اله الاالله جو مطلب، مقصد ۽ معنيٰ اها ئي آهي. اقبال چوي ٿو:

دین سراپا سوختن اندر طلب — انتہائش عشق آغازش ادب
حرف بد را برلب آوردن خطاست — کافر و مومن ہمہ خلقِ خداست
آدمیت احترام آدمی — با خبر شو از مقام آدمی
بندۂ عشق از خدا گیرد طریق — می شود بر کافر و مومن شفیق

(دين آهي ننهن کان چوٽيءَ تائين تات طلب ۾ پچرڻ، جنهن جي ابتدا ادب آهي ته انتها عشق.
مٺان زبان تي گٺتي گفتي آڻڻ جي خطا ڪئي اٿئي! ڪافر توڙي مومن، سڀ ڏٺي جا خلقيل آهن.
انسانيت انسان جي احترام جو نالو آهي، انسان جي مقام کي سڃاڻ.
عشق جو بندو الله جي ڏسيل رستي تي هلندي، ڪافر خواه مومن، ٻنهي تي مهربان آهي.)

شاهه صاحب چيو آهي ته، ”جان جئين تان جل، ناهي جاءِ جلڻ رهيءُ.“ ساڳيو سبق علامه اقبال ورجايو آهي. صوفين جون پاڻ ۾ دليون ۽ روح ڳنڍيل آهن پوءِ چاهي ڪٿي زبانون الڳ هجن.

عشق جي قافلي جا سالار خود حضور پاڪ ﷺ جن آهن:

قافلہ سالارِ ما فخرِ جہاں مصطفیٰ ست

(اسان جي قافلي جا سالار، فخر جهان، مصطفيٰ ﷺ آهن.)

الله پاڪ جو ڏسيل طريقو ڪهڙو آهي، تنهن جي خبر سرور ڪائنات ﷺ کان وڌيڪ ڪنهن کي ٿي سگهي ٿي ۽ ان کان وڌيڪ عمل ڪير ڪري سگهي ٿو؟ هو رحمة اللعالمين آهن. دنيا جي فاتحن شهرن جا شهر ۽ ملڪن جا ملڪ تباهه ڪري ڇڏيا. رت جون نديون وهائي ڇڏيون، ايذائن ۽ عقوبتن سان انسان ذات جو ڪوس ڪندا هئا. عورت جي عصمت

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هنن وٽ بي معنيٰ هئي ۽ درندگي هنن جو دستور هو. پر جڏهن سرورِ عالم ﷺ جيڪي سراپا رحمت ۽ محبت هئا، مڪہ معظمہ فتح ڪيو تڏهن پنهنجي فاتح فوج ڪي هي فرمان ڏنائون:

- جيڪو بہ ابو سفيان جي گهر ۾ پناه وٺندو ان کي امان ملندي.
- جيڪو بہ پنهنجي گهر جي اندر دروازو بند ڪري ويهي تنهن کي امان ملندي.
- جو شخص هٿيار ڦٽا ڪري ان کي قتل نہ ڪيو وڃي.
- جيڪو شخص خانہ ڪعبہ ۾ پناه وٺي ان کي نہ ماريو وڃي.
- جيڪو بہ شخص مزاحمت نہ ڪري تنهن خلاف هٿيار نہ کڻيو وڃي.
- جيڪو شخص هٿيار ڦٽا ڪري ان کي قتل نہ ڪيو وڃي.
- زخمي کي قتل نہ ڪيو وڃي.
- ڀڄڻ واري کي گرفتار نہ ڪيو وڃي.
- مڪي جي باشندن جي ملڪيت يا جائداد تي نہ قبضو ڪيو وڃي ۽ نہ وري تباه ڪئي وڃي.

آهي ڪو دنيا جي تاريخ ۾ ڪو هڪڙو بہ مثال جنهن ۾ شڪست کاڌل دشمن سان اهڙو مهر ۽ محبت وارو سلوڪ ڪيو ويو هجي؟ ۽ دشمن بہ ڪير هئا؟ اهي جنهن فاتح سان ۽ سندن پيارن سان ڪلور ڪيا هئا، ظلمن جي انتها ڪئي هئي! انهن ۾ ابو سفيان جي گهر واري هنده بہ هئي، جنهن فاتح ﷺ جي پياري چاچي حضرت امير حمزهؓ جي لاش جي بيحرمتي ڪندي، سندس جگر ڪڍي ۽ چٻاڙيو هو. جواب ۾ اهڙي بنده نوازي ۽ ڪرم گستري صرف رحمة اللعالمين جي ذات ئي ڪري پئي سگهي، ڇو تہ سندن مقصد هو "چڱائيءَ کي رائج ڪرڻ ۽ برائي کي روڪڻ" ۽ نہ مالِ غنيمت يا ڪشور ڪشائي. اهو رستو محبت ئي ٻڌائي ٿي. بيشڪ اسان اڄ جا نالي جي مسلمان، نفس جي چنبي ۾ گرفتار ٿي، اهو وساري ويٺا آهيون

تہ محبت ئي دينِ اسلام جو بنياد آهي. اسان اسلام جي نالي ۾ هر قسم جي نفرت ۽ خونريزي کي نہ رڳو جائز ٿا سمجهون پر عين اسلام قرار ڏيون وينا آهيون.

ٻئي جهان عشق جي سهاري هلن ٿا

ساري ڪائنات عشق جي سهاري هلي ٿي چاڪاڻ تہ اهو ئي سندس تخليق جو سبب آهي. ان سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون قابلِ غور آهن:

- عشق جي ذريعي ئي محبوب وٽ پهچي سگهجي ٿو. روحانيت جي راه ۾ ڪو بہ سالڪ ان ڪانسواءِ هڪ وک بہ وڌائي نہ ٿو سگهي.
- عشق ئي اعلىٰ انساني اقدار سيکاري ٿو. رحم، نيڪي، سخاوت، آزادي، قرباني، محنت، سچ ۽ انسان ذات جي خدمت سڀ عشق جون سوکڙيون ۽ سوغاتون آهن.
- عقل ۾ عياري آهي، خود غرضي آهي، کوٽ آهي ۽ برائي آهي. بيشڪ عقل جو ٻيو پهلو بہ آهي جو بهتر آهي، اهو انسان کي ترقيءَ جي راه بہ ڏسي ٿو، پر عقل گمراهيءَ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ نفس اماره جو تابعدار ٿي وڃي ٿو.

انسان ظاهري ترقي تہ ڪئي آهي پر سندس باطن کوکلو آهي، کيس ذهني سڪون ۽ آرام جي ننڊ نصيب نہ آهي. اقبال ان عقل جي مخالفت ٿو ڪري:

عقل عيار ہے سو بھیس بنا لیتی ہے
عشق بیچارہ نہ ملا ہے نہ زاہد نہ حکیم

هوڏانهن عشق سراپا عمل ۽ نيڪي آهي، جنهن جي مقابلي ۾ عقل زماني ساز ۽ ٻهاني باز آهي. عقل رڳو ٻين تي نڪتہ چيني ڪري الزام مڙهڻ ڄاڻي ٿو، پر پنهنجن ڪرتوتن جو محاسبو ڪڏهن بہ نہ ڪندو، تنهنڪري اقبال جو زور آهي تہ عشق تي ئي پنهنجن عملن جو بنياد رکو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عقل کو تنقید سے فرصت نہیں
عشق پر اعمال کی بنیاد رکھ

اقبال هو ته يورپ جي يونيورسٽين جو پڙهيل، مگر جيترو وڌيڪ يورپ جي علم، عقل، تهذيب، ترقي، سائنس ۽ معاشري جو مطالعو ڪيائين، اوترو زياده عشق، اسلام ۽ تصوف جو قائل ٿيندو ويو. هن جو چوڻ آهي ته اسلام جو بنياد ئي عشق آهي. مسلمانن جي دنيوي خواه روحاني ترقي عشق ۾ ئي سمايل آهي. ”حقيقت محمدي“ ۽ عشق هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نه ٿا سگهجن:

قوتِ عشق سے ہر پست کو بالا کردے   دہر میں اسمِ محمد سے اجالا کردے

چوندا آهن ته ”مسلماني آساني“ پر اهو سراسر غلط آهي. مسلماني دراصل آهي عشق ۽ ڪير ٿو چئي ته عشق آسان آهي؟ حضور پاڪ ﷺ جن جي زندگي جي باري ۾ ته ڪو پڙهي ڏسي ته ڪڏهن ڪو آرام ڪيائون؟ هميشه الله تعالیٰ جي راه ۾ جدوجهد ڪندا رهيا. نه صرف ڪفار جي زيادتين ۽ منهن ڏنائون سان مقابلو مگر معاشري کي به درست ڪيائون، اخوت ۽ مساوات کي رائج ڪيائون. پٿر جي بتن پيچڻ تي ايتري جنگ ڪانه هئي، جيترو معاشي ۽ معاشرتي هڪجهڙائي قائم ڪرڻ تي جهڳڙو هو. درحقيقت رسول ڪريم ﷺ جن ماسوا الله جي اهميت کي ختم ڪرڻ آيا هئا. ان وقت عربستان ته براين جو مرڪز هو، جن کي ختم ڪرڻ لاءِ جهاد ڪيائون، تنهنڪري اقبال هن غلط فهمي کي دور ڪرڻ لاءِ فرمايو:

یہ شہادت گہہ الفت میں قدم رکھنا ہے
لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلماں ہونا

اهو پنڌ ڏاڍو اڻانگو آهي، تنهنڪري اسلام ۽ تصوف جي راهه به اڻانگي آهي. ابتدا ۾ به قربانيون ته انتها ۾ به. حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پياري فرزند حضرت اسماعيل عليه

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

السلام کي چيو ته رب تعالىٰ جو حڪم آهي ته مان توکي ان جي راهه ۾ ڪهي قربان ڪريان. حضرت اسماعيل ان وقت ٻار هو پر چيائين ته بابا سائين دير نه ڪر، مان تيار آهيان. حضرت امام حسينؓ جيڪا تاريخي قرباني الله پاڪ خاطر ڪربلا جي ميدان ۾ ڏني سو به عشق جو معجزو ۽ معراج هو.

غریب، سادہ و رنگیں ہے داستانِ حرم
نہایت اس کی حسین ابتدا اسماعیل

جان جي قرباني ڏيڻ عاشق لاءِ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. جان يا زندگي به ان جي ڏنل آهي، جي هڪ زندگي ڏبي ته ان جي بدلي سؤ زندگيون عطا ڪندو. چو ته ٻڏيءَ جا پيٽا ٿي ملندا. سهڻيءَ جي دل کي ڪا پرواهه ڪانهي ته درياهه جون موجون ڪيڏيون هيبت ناڪ آهن، درياهه ڪيترو اونهو آهي.

پاڻي پنيءَ ٻوڙ، سهڻيءَ ليکي سير ۾.

جيڪڏهن محبوب جي راهه ۾ جان جي قرباني به ڏنائين ته ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، اهو ڪو محبوب تي احسان ڪونهي.

مري جي ويڙهيءَ، ته ڪهڙو ٿورو سڄڻين؛
تو جهڙي ٿيرين، در ٻاروچي ڪيترين.

علامه چوي ٿو ته نفس اماره کي سڌاريو ته جيئن برائي ڇڏي نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪري. پوءِ اهو نفسِ اماره، نفس لوامه يا نفس مطمئنه جي صورت اختيار ڪندو ۽ عشق سندس رهبر بڻبو. اهو نفس اماره عشق کانسواءِ ختم ٿيڻو نه آهي. هن اصلاح ۽ تبديليءَ کي علامه هڪ سٽ ۾ سمجهائي ٿو:

بولهب را حیدرِ کرار کن
(نفس جي ابولهب کي حيدر ڪرار بڻائي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عشق جي واٽ ۾ پهريون پهريون شرط اهو آهي ته الله وارن جون دوستيون ۽ دشمنيون الله پاڪ خاطر هونديون آهن. اهي پنهنجي نفساني خواهشن کي مٽائي الاهي خوشنودي جا طلبگار ٿين ٿا. ”اَلحُبِ فِي اللهِ وَالبُغض فِي اللهِ“ انهن جو بنيادي اصول ۽ طريقو آهي. هو مالڪ الملڪ سان رشتو جوڙين ٿا، هنن کي ڪا به دنيوي طاقت مرعوب ڪري نه ٿي سگهي. حضرت علي ڪرم الله جو مثال اکين آڏو آهي. جڏهن جنگ جي ميدان ۾ دشمن جي سيني تي چڙهي ڪيس خنجر هڻڻ وارا هئا ته ان ڪافر سندن منهن مبارڪ ڏانهن ٿڪ اڇلائي. پيو ڪو هجي ها ته هڪ جي بجائي خنجر جا ڏه وار ڪري هڪدم ختم ڪريس ها. مگر شيرِ خدا ڪيس ڇڏي ڏنو ۽ فرمايائين ته، ”هاڻي جيڪڏهن ماريندس ته ان ۾ منهنجي انتقامي جذبي جي قيٺ هوندي، اڳ ۾ صرف الله پاڪ جي راهه ۾ قتل ڪري رهيو هئس.“ ان کي ڇنبو آهي جيئڻ مرڻ الله جي خاطر. سچي دين جو اهو نمونو ڏسندي ئي، ان ڪافر ايمان آندو ۽ مسلمان ٿيو.

سيني ڏکن، نفرتن ۽ خود غرضين جو علاج عشق ئي آهي

در دو عالم هر کجا آثار عشق　　ابن آدم سرِ از اسرار عشق
حرف انی جاعل تقدیر او　　از زمیں تا آسماں تفسیرِ او
برتر از گردوں مقامِ آدمیت　　اصل تہذیب احترام آدمیت

(ٻنهي جهانن ۾ هر پاسي عشق جا آثار آهن، آدم جو اولاد عشق جو اسرار ئي ته آهي.
هن جي تقدير زمين تي نائب الاهي واري آهي، زمين کان آسمان تائين جو آهي سندس تفسير ئي ته آهي.
انسان جو مرتبو آسمان کان به مٿانهون آهي، اصل تهذيب انسان جو احترام ئي ته آهي.)

ڪاش انسان پنهنجي اصلي مقام کي سڃاڻي، نفس اماره جي چار مان پاڻ کي ڪڍي، عشق کي پنهنجو رهبر بڻائي ته منزلِ مقصود پري نه آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

منزلِ عشق بسے دور و دراز است ولے

طے شودہ جاد سو سالہ بہ آہے گاہے

(عشق جي منزل آهي ته ڏاڍي ڏورانهين، پر اهو صدي جو سفر عشق جي هڪ آهہ ۾ ئي طئي ٿيو وڃي!)

انساني قلم ۽ زبان الاهي عشق کي بيان ڪرڻ کان قاصر ۽ مجبور آهن، تنهنڪري حقيقت شناسن ان حقيقت کي بيان ڪرڻ لاءِ مجاز جو رستو اختيار ڪيو آهي. جڏهن صوفي چوي ٿو، "شراب پيءُ، ته اهو توکي نفس مان آزاد ڪري." ان جو مطلب اهو نه آهي ته انسان شراب پي پنهنجي هوش مان نڪري بدمست ٿئي پر مقصد آهي ته الاهي عشق جي جام ۾ اها بيخودي يا وجد طاري ٿي وڃي، جو انسان کي پنهنجي ذات جو ڪو احساس ئي نه رهي. صوفيانه شاعري جي پنهنجي زبان آهي، پنهنجا اصطلاح آهن، جن کي سمجهڻ لاءِ ظاهري معنىٰ واري ته اورانگهي، ان جي حقيقي معنىٰ پروڙڻ ضروري آهي. بقول غالب:

ہر چند ہو مشاہدۂ حق کی گفتگو

بنتی نہیں ہے بادہ و ساغر کہے بغیر

باقي هر طبقي ۾ کوٽا سڪا ته موجود آهن. خود کوٽن سڪن جو وجود به سچن جي وجود جي گواهي آهي. جي اصل نه هجي ته نقلي يا کوٽي چيز به نه جوڙي وڃي. سو کوٽن کي پسي، سچن تان ايمان کڻڻ جي بجاءِ تسلي ٿيڻ گهرجي ته هن نقل جو اصل به ضرور هوندو. صرف سچي دل ۽ طلب سان ڳولڻ جي ضرورت آهي. صوفين واري لباس پائڻ سان ۽ ڍونگ رچائڻ سان ته ڪو صوفي ڪونه ٿو ٿي سگهي ۽ نه ئي وري حق جي شناس رکڻ وارو صوفي عام لباس پائڻ ڪري لڪي سگهي ٿو. جيئن فارسي ۾ چيو اٿن:

بہر رنگ کہ خواہی جامہ می پوش

من اندازِ قدت را می شناسم

(تون چاهي ڪهڙي به رنگ يا ڍنگ جو ويس پهرين، مان تنهنجي اصل روپ کي پوءِ به سڃاڻي وٺندس.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

7

عشق رسول ﷺ

يا صاحبِ الجمال و يا سيدِالبشر   من وَجہکَ المنیر لقد نور القمر
لا یمکن اَلثناء کما کان حقہ   بعد از خدا بزرگ توئی قصہ مختصر

(اي سونهن جا سردار ۽ انسانن جا منهدار، اوهان جي نوراني چهري مان چنڊ کي روشني عطا ٿي آهي. اوهانجي تعريف جو حق ادا ڪرڻ ممڪن نه آهي؛ قصو ڪوتاهه، خدا بعد توهان ئي عظيم آهيو.)

چيو وڃي ٿو ته هزارن سالن جي هن قديم دنيا ۾ الله پاڪ طرفان هڪ لک کان وڌيڪ پيغمبر انسان ذات جي رشد ۽ هدايت لاءِ موڪليا ويا. اهي پيغمبر پاڪ هر خطي ڏانهن هر زماني ۾ موڪليا ويا. دنيا ۾ هڪ ئي وقت تي هڪ کان وڌيڪ الله تعالىٰ جا پيغمبر هوندا هئا. اٽڪل ڏيڍ هزار سال اڳ سڀ کان افضل ۽ آخري نبي سيدالمرسلين حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ الله پاڪ جو آخري پيغام، قرآن حڪيم، نسخهٔ ڪيميا کڻي رحمت اللعالمين ۽ محبوب رب العالمين جي حيثيت ۾ ساري جهان جي هدايت لاءِ تشريف فرما ٿيا.

جهڙي طرح الله پاڪ جي ذات کي حضور سيد عالم ﷺ کانسواءِ صحيح معنىٰ ۾ ڪوئي به سڃاڻي ڪونه ٿو سگهي، اهڙي طرح مقام محمدي جي حقيقت کي به ڪو انسان پنهنجي عقل، فهم ۽ اندازي سان پوري طرح سڃاڻي نه ٿو سگهي سواءِ ان رب المشرقين ۽ رب المغربين جي جنهن کين رحمت اللعالمين ڪري موڪليو. حقيقت اها آهي ته عرفانِ الاهي جو حصول حقيقت محمديه جي عرفان کانسواءِ ناممڪن آهي. جيڪو ان منزل تي پهتو تنهن بئي جهان کٽيا:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مولا تو ماورائے قیاس و خیال ہے

حیراں ہوں آپ کا بھی عرفاں محال ہے

رسول پاڪ جي ڪنهن نيڪ امتي چيو آهي:

حسنِ یوسف دمِ عیسیٰ یدِ بیضا داری

آنچہ خوباں ہمہ دارند تو تنہا داری

(توهان وٽ يوسف جو حسن، عيسىٰ جو زندگي عطا ڪندڙ دم ۽ موسىٰ وارو سفيد هٿ به آهي؛ سڀ محبوبن وٽ جيڪي ڪجهه به آهي سو سارو توهان وٽ اڪيلي سر آهي.)

پر هتي صرف ٽن انبيائن جو سوال نه آهي، بقول عارف رومي سڀ انبيا عليهم السلام سندن ذات پاڪ ۾ سمايل آهن.

نامِ احمد نام جملہ انبیاست

چونکہ صد آمد نود ہم پیش ماست

(احمد ﷺ جو نالو جملي انبيا جو نالو آهي. جڏهن سؤ اچي ٿو ته نوانوي تائين سڀ انگ ان ۾ موجود آهن.)

حضور پاڪ ﷺ جن هڪ اهڙو ته لاثاني باغ آهن جنهن ۾ سڀ خوبصورت وڻ ٻوٽا ۽ خوشبودار گل موجود آهن، جن جي خوشبو هڪ ٻئي کان نرالي آهي. حضور ﷺ جن فرمايو، ”مان ان وقت به پيغمبر هوس جڏهن آدم اجان پاڻيءَ ۽ مٽيءَ جي وچ ۾ هو (يعني ساري تخليق کان اڳ)، مون کي مقصد جي تڪميل لاءِ آدم کان به اڳ ابتداءِ آفرينش ۾ مقرر ڪيو ويو هو.“ ان مان ظاهر آهي ته حضور پاڪ ﷺ جن جي ڪيتري عظيم حيثيت ۽ اعلىٰ ترين مقام آهي. سندن ان اعلىٰ رتبي جو ذڪر الله تعالىٰ جلشانهٗ قرآن پاڪ ۾ جابجا فرمايو آهي:

﴿مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ﴾

(جنهن رسول ﷺ جي اطاعت ڪئي تنهن بيشڪ الله تعالىٰ جي اطاعت ڪئي. قرآن 4:80)

﴿وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ﴾

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(اي اسان جاحبيب اسان اوهان جي ذڪر مبارڪ کي ئي بلند ڪرڻ فرمايو آهي. قرآن 94:4)

﴿وَمَا يَنطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ﴾

(هو ﷺ پنهنجي مرضي ۽ خواهش سان نه ٿا ڳالهائن. قرآن 53:3)

﴿وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِينَ﴾

(اسان توهان ﷺ کي هر زمان، مڪان ۽ مخلوق لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي. قرآن 21:107)

﴿قُلْ إِن كُنتُمْ تُحِبُّونَ اللَّهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ﴾

(اي منهنجا محبوب، انهن کي چئو جيڪڏهن توهان الله سان محبت ٿا ڪريو ته پوءِ منهنجي تابعداري ڪريو، ته الله به توهان سان محبت ڪرڻ فرمائيندو. قرآن 3:31)

﴿إِنَّ الَّذِينَ يُبَايِعُونَكَ إِنَّمَا يُبَايِعُونَ اللَّهَ يَدُ اللَّهِ فَوْقَ أَيْدِيهِمْ﴾

(اي نبي ﷺ جن توهان سان بيعت ڪئي تن درحقيقت الله سان بيعت ڪئي آهن؛ انهن جي هٿن مٿان الله جو هٿ آهي. قرآن 48:10)

اهڙي طرح حضور پاڪ ﷺ جي شان ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي به قرآن ڪريم ۾ ذڪر آيل آهي. هينئين حديث قدسي ۾ نبي پاڪ ﷺ جي حقيقت جي نشاندهي ڪئي وئي آهي:

لولاك لما خلقت الافلاك

(اي محبوب جي توکي پيدا نه ڪريان هان ته هي ڪائنات ئي پيدا نه ڪريان ها.)

هن باب ۾ عشق رسول ﷺ جو ذڪر پاڪ آهي، چاڪاڻ ته جيڪي به وڏا صوفي بزرگ ۽ مصنف ٿي گذريا آهن، انهن مطابق اسلامي تصوف جو بنياد ئي عشق رسول ﷺ آهي. الله پاڪ جلشانهٗ پاڻ ئي سيد المرسلين ﷺ جو ذڪر خير بلند فرمايو آهي، ٻي ڪنهن به نبي پاڪ يا ڪنهن به ٻئي بشر لاءِ ائين نه فرمايو ويو آهي. جيترا ڪتاب حضور ﷺ جن جي سيرت پاڪ تي لکيا ويا آهن ايترا ڪنهن به شخصيت بابت ڪونه لکيا ويا آهن. سندن بي مثال زندگيءَ جو هر هڪ پهلو روز روشن جيان عيان آهي، مگر ٻين انبياء سڳورن جي زندگي تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي جاچي نه ٿي سگهجي. قدرت جو اهو اعزاز ان ڪري آهي ته دنيا سندن اسوه حسنه تي عمل ڪري جيڪا قرآن حڪيم جي عملي تفسير آهي، زنده قرآن پاڪ آهي. هر مسجد ۾ پنج وقت بانگ ٿي اچي هر بانگ ۾ سندن اسم گرامي محبت ۽

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عقيدت جي بلند آواز سان پڪاريو ٿو وڃي. ڪا گهڙي اهڙي ڪانهي جو دنيا جي ڪنهن نه ڪنهن حصي ۾ بانگ نه ايندي هجي ۽ نبي سائينﷺ جو ذڪر با آواز نه ٿيندو هجي! هر نماز ۾ حضور پاڪﷺ تي درود ۽ سلام پڙهيا ٿا وڃن، جيڪڏهن نه پڙهيا وڃن ته الله تعالىٰ وٽ اهڙي نماز ئي قبول نه آهي. اهڙي طرح ڪا گهڙي اهڙي ڪانه ٿي گذري جنهن ۾ سندن ڪو اُمتي، ڪٿي نه ڪٿي، مٿائن درود ۽ سلام جون سوکڙيون نه موڪليندو هجي. مٿي درود پاڪ انسان ته ڇا بلڪه الله پاڪ ۽ سندس ملائڪ به پڙهن ٿا. هر مسلمان جڏهن ڪلمو پڙهي ٿو ته ان ۾ به سندن اسم مبارڪ موجود آهي.

﴿إِنَّ اللَّهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا﴾
(بيشڪ الله ۽ سندس ملائڪ به نبي تي صلوات موڪلين ٿا، سو اي ايمان وارا اوهان به مٿائن صلوات ۽ سلام موڪليو. قرآن 33:56)

هي اها هستي آهي جيڪا هن ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ جو سبب آهي. حقيقت ته هي آهي ته نه زبان کي طاقت آهي، نه وري قلم کي ئي مجال، جو عشق رسولﷺ جي مضمون سان انصاف ڪري سگهي، پوءِ ڇو نه ڪٿي لک ڪوششون ڪجن. ڪيڏو نه عاشقن سهڻو چيو آهي:

هزار بار بشويم دهن زمشک و گلاب
هنوز نام تو گفتن کمال بی ادبی ست
(هزار بار ڪٿي پنهنجي وات کي مشڪ ۽ گلاب سان ڌوئان، ته به توهان جي نالي گهنڻ لائق نه ٿيندو.)

حضور پاڪﷺ جن تي درود ۽ سلام پڙهڻ جو ڪهڙو انعام ۽ اجورو آهي، اهو ڪو مؤلانا محمدعلي جوهر جهڙي عاشق رسول کان پڇي ڏسي. جڏهن مؤلانا انگريزن خلاف بغاوت جي جرم ۾ قيد تنهائيءَ پوڳي رهيو هو ته به هن کي درود پاڪ ورد زبان هو. ڇئي ته نه ٿو سگهجي ته مٿس الله ۽ ان جي رسولﷺ جي ڪهڙي مهرباني ٿي، مگر ٿي ضرور ۽ اها به بي انتها. ان حقيقت ڏانهن اشارو سندن ان وقت جي چيل اشعار مان ٿو ملي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

تنہائی کے سب دن ہیں تنہائی کی سب راتیں　　اب ہونے لگی ان سے خلوت میں ملاقاتیں

بے مایہ سہی لیکن شاید وہ بلا بھیجیں　　بھیجی ہیں درودوں کی کچھ ہم نے بھی سوغاتیں

معراج کی سی کیفیت سجدوں میں ہوئی حاصل　　اک فاسق و فاجر میں اور ایسی کراماتیں

مؤلانا جا ڀاڳ ڀلا هئا! سندس خوش نصيبيءَ تي هر ڪو رشڪ ڪندو، جو اسيرِ فرنگ تي مؤلا جون ايڏيون ڪرم فرمايون ٿيون ۽ مشاهدا ماڻيائين. اهي سڀ درود پاڪ جو نتيجو هيون. ڀلا رب تعالىٰ ان بندي تي ڪيئن نہ مهربان ٿيندو جنھنجو ورد زبان سندس محبوب ﷺ جو اسم گرامي هجي.

زباں پہ بار خدا یہ کس کا نام آیا
کہ میری نطق نے بوسے میری زباں کے لئے

صوفياءِ ڪرام ۽ عشق رسول

صوفي بزرگ حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ کي سڀ کان وڏو صوفي ۽ سڀني صوفين جو مرشد سمجهن ٿا. الله پاڪ جو تہ ڪو بہ شريڪ نہ ٿو سگھي، پر ان کان پوءِ جيڪا هستي آهي سا رسول پاڪ ﷺ جي آهي. صوفي بزرگ حضور ﷺ جن جي نقش قدم تي محبت سان هلڻ چاهين ٿا ۽ سندن معنوي پيروي ڪندي پنهنجي زبان ۽ صدق دل سان سندن تعليم کي قبول ڪن ٿا. حضور جن جي فرمان کي فرمان الاهي سمجهندي سندن اسوه حسنہ تي هلڻ پنهنجي لاءِ لازم سمجهن ٿا. الله پاڪ ۽ سندس محبوب محمد مصطفىٰ ﷺ جي وچ ۾ جيڪي راز ۽ رمزون آهن تن جي خبر نہ فرشتن کي بہ ڪانهي. بقول اقبال:

میانِ عاشق و معشوق رمزیست
کراماً کاتبیں را ہم خبر نیست

(عاشق ۽ معشوق وچ ۾ جيڪا رمز آهي تنهن جي ڪراماً ڪاتبين کي بہ خبر ڪانهي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهه صاحب ان رمز کي وري هينئين لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق؛
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ٻاله ۾.

شاهه صاحب کان گهڻو اڳ فارسيءَ جي صوفي شاعر محمود شبستري هن خيال کي تقريباً تقريباً ساڳين لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

ز احمد تا احد يک ميم فرق است
همه عالم دراں يک ميم غرق است
(احمد کان احد تائين هڪ ميم جو فرق آهي ۽ سارو جهان انهيءَ ميم ۾ غرق آهي.)

آقاءِ نامدار ﷺ جي شان ۾ عارف رومي چوي ٿو:

سيد و سرور محمد نور جاں
بهتر و مهتر شفيع مجرماں
(اسان جو سردار ۽ پيشوا محمد مصطفیٰ ﷺ اسان جي جان جو نور آهي.
سڀ کان ڀلو آهي ۽ گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ آهي.)

حقيقت محمدي جي منزل تمام بلند آهي، جنهن تي پهچڻ آسان نه آهي ۽ ان کان اڳتي وڌڻ جو ته ڪو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. مقرر حد کان اڳتي ته حضرت جبريل به وڌي نه سگهيو، پنهنجي مجبوري ڏيکاريندي چيائين ته، ”جيڪڏهن هڪ وار جيترو به اڳتي وڌيم ته منهنجا پر سڙي ويندا.“ مگر هيءَ هستي وڃي ان منزل تي پهتي جتي ڪنهن کي پهچڻ جي طاقت ناهي.

حديث قدسي ۾ آيل آهي:

جڏهن ڪو به بندو منهنجي ويجهو ٿو ٿئي ته مان هن کي پنهنجو محبوب بڻايان ٿو. جڏهن هو منهنجو محبوب بڻجي ٿو ته مان سندس سماعت بڻجي وڃان ٿو ۽ هو منهنجي ڪنن سان ٻڌي ٿو؛ هن جي بصارت ٿي وڃان ٿو ۽ هو منهنجي اک سان ڏسي ٿو؛ مان هن جا پير ٿي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

وجان ٿو ۽ هو منهنجي پيرن سان هلي ٿو؛ مان هن جي زبان ٿي وڃان ٿو ۽ هو منهنجي زبان سان ڳالهائي ٿو؛ هو جيڪي ڪجهه به گهري ٿو سو سڀ کيس عطا ڪريان ٿو ۽ جڏهن پناهه گهري ٿو ته مان کيس پناهه ڏيان ٿو.

ڪو اندازو لڳائي سگهندو ته ان انسان جي ڪيڏي طاقت هوندي جنهنجون اکيون، ڪن، هٿ، پير سڀ الله پاڪ آهي ۽ جيڪو سندس حفاظت ۾ آهي؟ بالڪل ساڳي حديث جو نعرو عارف رومي پنهنجي مثنويءَ ۾ هنيو آهي؛ ڪيڏو نه سندس انداز دلنشين آهي. سندس دل جي پڪار آهي:

من بجا نا زنده ام و ز جاں نیم — من ز جاں بگذاشتم و جاناں نیم
چشم گوش و دست پایم او گرفت — من بد و رفتم سرایم او گرفت
ایں بصرایں سمع چوں آلاتِ اوست — بلکه ذرات تنم مرات اوست
نغمه از نائیست نے از نے بدان — مستی از ساقیست نے از مے بدان
چوں مرا دیدی خدا را دیده — گرد کعبه صدق بر گردیده
گفتن او گفتن الله بود — گرچه از حلقوم عبدالله بود
ما چو مست از دیدن ساقی شدیم — مست کشتیم از فن باقی شدیم

(مان زنده محبوب جي ڪري آهيان ۽ نه پنهنجي سبب. مٿانئس جان گهوريم تڏهن ئي ته "آهيان". اک، ڪن، هٿ ۽ پير سندس ئي وس اٿم، مان وٽس ويم ۽ هن سراسر پنهنجو ڪري ڇڏيوم. هي ڏسڻ، ٻڌڻ محبوب ذريعي ئي ته آهي، بلڪه منهنجي تن جي هر ذري مان سندس حسن ٿو بکي. سُر بانسري جو نه بلڪه وڄائڻ واري جو آهي، مستي شراب ۾ نه بلڪه ساقيءَ منجهان آهي. جڏهن مون کي ڏٺئه ته ائين ڄاڻ ته تو الله کي ڏٺو ۽ ڪعبي جي چوڌاري سچي دل سان طواف ڪيو. هن جو ڳالهائڻ الله جو ڳالهائڻ آهي، گرچه حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جي حلق مبارڪ مان آهي. جڏهن اسان ساقيءَ جي ديدار سان مست ٿيا سين، ته مست ٿيندي ئي فنا مان بقا حاصل ڪئي سين.)

اهو آهي اعلیٰ شان سرورِ ڪائنات ﷺ جو ۽ درويش خدا مستن جو جن وٽي حقيقت جو مشاهدو ماڻيو. جڏهن حنين جي جنگ ۾ مسلمان پسپا ٿي رهيا هئا ته آنحضرت ﷺ جن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

گهوڙي تان لهي پٽڙين ۽ مٽي جي هڪ مٺ پري ڪفار جي لشڪر ڏانهن اڇلائي. ائين ڪندي ڪافرن جو لشڪر انڌو ٿي پيو ۽ شڪست کائي وٺي ڀڳو. ان وقت حضور ﷺ جي وات مبارڪ مان هي لفظ نڪتا:

انا النبي لاكذب انا ابن عبدالمطلب

(مان نبي آهيان، ڪوڙو نہ آهيان؛ مان عبدالمطلب جي اولاد مان آهيان.)

۽ حق تعالىٰ ان جي گواهي ۾ فرمايو:

﴿وَ مَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللهَ رَمٰى﴾

(اها مٽيءَ جي مٺ توهان نہ اڇلائي آهي پر الله تعالىٰ اڇلائي آهي. قرآن 8:17)

چا انسان آهي، چا صوفي مست الست آهي، چا رب پاڪ آهي، چا نبي اڪرم ﷺ آهن؟ انهن سڀن جو مختصر جواب عارف روميءَ جي مٿين چند شعرن ۾ آهي جن کي نعرهءِ مستانہ ئي چئجي.

مؤلاءِ روم وٽ دنيا جا بادشاهہ فاني آهن، هنن جي حڪومت محدود آهي، اهي پاڻ مجبور آهن. پر رحمت اللعالمين ﷺ جي بادشاهي الله جي عنايت سان تا قيامت قائم رهندي.

سکۂ شاہاں ہمی گردد

سکۂ احمد ببیں تا مستقر

(بادشاهن جو سڪو بدلبو ٿو رهي، پر احمد ﷺ جي ذات پاڪ جو سڪو تا قيامت قائم آهي.)

قرآن پاڪ ختم المرسلين ﷺ جو وڏي ۾ وڏو معجزو آهي. دنيوي بادشاهن جي سڪن کي پائداري حاصل نہ آهي، مگر الله پاڪ هن سڪي جي حفاظت جو ذمو پاڻ تي ڪنيو آهي ۽ اهو قيامت تائين دائم ۽ قائم آهي. دنيا ۾ ڪو بہ الهامي ڪتاب سواءِ قرآن حڪيم جي پنهنجي اصل صورت ۾ نہ رهيو آهي. بادشاهن کي خوشامد ڙين ۽ درٻارين جي ضرورت هوندي آهي، مگرسيد المرسلين ﷺ انسان جي ثنا کان بي نياز آهن. ڀلا جنهن تي درود خود سندن خالق،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مالڪ ۽ معبود الله تبارڪ جي ذات پاڪ پڙهي، تنهن کي انساني تعريف ۽ توصيف جي ڪهڙي محتاجي ۽ ضرورت آهي؟ جيڪڏهن ڪو انسان سندن ثنا ٿو ڪري ته اها به پنهنجي لاءِ فائديمند ٿيندس.

خدا در انتظارِ حمد ما نیست

محمد چشم بر راہ ثنا نیست

(نہ الله تعالیٰ کي اسان جي تعريف جو انتظار آ ۽ نہ ئي محمد ﷺ ثنا لاءِ ٿو واجهائي.)

الله، الله! رب تعالیٰ جو محبوب مگر زندگيءِ جي سکن ۽ عياشين کان ڪوهين دور، غريبن جو محسن، يتيمن جو والي، مظلومن جو مددگار، اڙين جو آڌار، سخين جو سردار، مگر ڪڏهن به پيٽ پري ماني نه کاڌائون. لذيذ طعامن جي ويجهو نه ويا، پنهنجي لاءِ محل ماڙيون نه ٺهرايائون، پنهنجي تحفظ لاءِ سپاهه مقرر نه ڪيائون، حالانڪه دنيوي لحاظ سان به سندن قدمن ۾ اشرفين جا ڍير هوندا هئا. ٻنهي جهانن جا سردار ﷺ دنيا دولت، جمع ڪرڻ ته پري رهي، پر جيڪا به وٽن ايندي هئي سا رات ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. پنهنجي دشمنن کان انتقام وٺڻ ته پري رهيو بلڪه بد دعا به نه ڏنائون. اهڙي محبوب شخصيت تان جيڪڏهن پنهنجي جان ۽ مال، ٻار ۽ ٻچا، ابو ۽ امان به قربان ڪجن ته به گهٽ آهي.

حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا

پر اسانجي بدبختي آهي جو رحمت اللعالمين جي نسخئہ ڪيميا کي وساري، دنيا جي ننڍڙن خدائن ۽ انساني ٻتن جي پوڄا ۾ پورا آهيون، ورنه بقول اقبال الله سائين جو ته اسان سان اهو پڪو واعدو آهي ته:

کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں

یہ جہاں چیز ہے کیا لوح و قلم تیرے ہیں

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عارف روميءَ جي مثنوي حضور پاڪ جن جي ذڪر ۽ تعليم سان پرپور آب حيات جو هڪ سدا وهندڙ اٽڪ درياه آهي. هن عاشقِ رسول جي جاءِ سندس قدمن ۾ هوندي، جنهن لاءِ دنيا جا شهنشاهه به سڪنداءِ سڏون ڪندا. حافظ خوب چيو آهي:

غلام نرگسِ مستِ توتاجدارانند

خراب باده لعل تو هوشيارانند

(تاجدار به تنهنجي نرگسي نيڻن جا غلام آهن، جن تنهنجي محبت جو پيالو پيتو، سي ئي هوش ۾ آهن.)

شاهه ۽ سرور ڪائنات ﷺ

شاهه صاحب جو هادي، شاهه صاحب جو رهبر ۽ شاهه صاحب جو مرشد سيد المر سلين ﷺ کانسواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ الله پاڪ طرفان سندن شخصيت هڪ وڏي عنايت، انعام ۽ احسان آهي ۽ هر سچو مسلمان صوفي سندن قدمن جي خاڪ کي اکين ۾ سرمي طور استعمال ڪري، بصيرت جو انعام حاصل ڪندو آهي. ڪو به صوفي سندن رستي کي ڇڏي ٻيو ڪو به رستو اختيار نه ٿو ڪري سگهي.

شاهه صاحب جي نزديڪ الله تعالىٰ وحدهٗ لا شريڪ آهي، ساري طاقت جو سرچشمو آهي ۽ هن هيءَ ساري ڪائنات پنهنجي محبوب حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ لاءِ خلقي آهي. شاهه جي رسالي ۾ سڀ کان اول تعريف الله پاڪ جي آهي، سڀ تعريف بيشڪ ان کي جڳائي:

اَول الله عَلِيمُ، اعلىٰ، عالَمَ جو ڌَڻِي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قديم؛
والي، واحِدُ، وَحْدَهٗ، رازق، رَبُّ رَحِيم؛
سو ساراه سچو ڌڻي، چِئِي حَمْدُ حَڪِيم؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهان جي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

الله پاڪ جي حمد بعد هڪدم ئي سيد المرسلين ﷺ جو ذڪر ڪن ٿا. سندن مطلب اهو ئي آهي ته، ”بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر.“

وَحَدَہٗ لا شَرِيڪَ لَہٗ، جن اُتوسين ايمانَ؛
تن مڃيو مُحَمَّدُ ڪارڻي، قَلبَ ساڻ لِسانَ؛
اُوءِ فائِقَ ۾ فَرمان، اَوَنڙِ ڪنهن نہ اولئا.

حقيقت ۾ تان پردو هٽائڻ لاءِ هي ٻہ بيت ئي ڪافي آهن. هنن ۾ وڏو اهم نڪتو آهي جو شاهہ صاحب بيان فرمايو آهي تہ الله پاڪ تي جيڪڏهن ڪو ايمان آڻي تہ پوءِ اهو لازمي آهي جو سندس محبوب محمد ﷺ کي بہ زبان ۽ دل جي سچائيءَ سان مڃي، ڇو تہ الله تعاليٰ هيءَ ڪائنات سندس ڪارڻ ۽ سندس خاطر خلقي آهي. جيڪڏهن ڪو چوي تہ مان الله کي تہ مڃان ٿو، پر محمد ﷺ کي نہ ٿو مڃان، تہ پوءِ الله پاڪ کي مڃڻ بي معنيٰ آهي، بلڪ نہ مڃڻ جي برابر ٿيندو. ايئن تہ عزازيل بہ الله تعاليٰ جو مقرب ملائڪ هو، هميشہ سندس عبادت ۾ مصروف هو، حق تعاليٰ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيائين پر چيائين تہ اها محبت ۽ اهو عشق ئي تہ آهي جيڪو آدم کي سجدي ڪرڻ کان روڪيس ٿو! الله پاڪ جي بيشڪ هن وڏي عبادت ڪئي، ساڻس عشق بہ هئس، مگر جڏهن فرمان نہ مڃيائين تہ پوءِ کيس هميشہ لاءِ لعنتي قرار ڏنو ويو.

مٿيان بيت صوفين جي بنيادي عقيدن جي عڪاسي ڪن ٿا. هنن وٽ حق تعاليٰ لاشريڪ آهي. ساري جڳ ۽ جهان جو مالڪ ۽ مختار بہ اهو ئي آهي ۽ سندس ئي حڪمراني آهي. هن حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي پنهنجو نائب اول، نبي آخر الزمان ۽ رحمت اللعالمين بڻائي موڪليو. ڪائنات جي وجود جو ڪارڻ بہ سندن ذات پاڪ آهي، سندن فرمانبرداري الاهي فرمانبرداري آهي ۽ ساڻن محبت الله سان محبت آهي.

رسالي جو جنهن بہ ٿورو گهڻو مطالعو ڪيو هوندو تہ هو آسانيءَ سان چئي سگهندو تہ شاهہ صاحب قرآن پاڪ، حديث، تصوف جي علم ۽ ڪارساز جي قدرت جو گهرو مطالعو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيو هو، علم ادب تي به وڏي دسترس هئس ۽ فطرت جي رازن ۽ رمزن کان به آشنا هو. اهو ڪيئن ٿيو تنهن لاءِ پورو چئي نه ٿو سگهجي. ملا نور محمد وٽ پڙهيو هوندو، پر ڪنهن هنڌ به تعليم ورتي هوندائين، مگر اصل معاملو ان کان مٿڀرو ٿو ڏسجي. سچ ائين آهي ته اها الاهي ذات هئي، سندس رسالو عام استادن جي تعليم جو نتيجو نه آهي پر خداداد علم جو نتيجو آهي جو الله پاڪ پنهنجن پيارن بندن کي عطا فرمائيندو آهي. عارف رومي ڪيڏو نه درست چيو هو:

علم اهلِ دل نه از مکتب بود — بلکه از تلقين خاص رب بود

اوليا را حق کند علمي نصيب — بي حساب و بي کتاب و بي اديب

(اهل دل کي علم مڪتب مان نه ٿو ملي، بلڪه الله تعالىٰ طرفان اها خاص تعليم ملين ٿي.
الله تعالىٰ اوليائن کي جيڪو علم عطا ڪري ٿو، سو بنان حساب، بنان ڪتاب ۽ بنان استاد آهي.)

ٻنهي جهانن جي آقا ﷺ ظاهري علم ڪنهن به استاد کان ڪونه پڙهيو هو، مگر ٻنهي جهانن جي علم ۽ عشق جا جيڪي وٽس بي بها ۽ بي مثال خزانا هئا سي ڪٿان آيا هئا؟ سندس استاد ڪوئي انسان نه پئي ٿي سگهيو، ڇو ته اهو رحمت اللعالمين جي شان مطابق ڪونه هو. حق تعالىٰ ئي سندن معلم هو. ڀلا جنهن جو معلم مؤلا پاڻ هجي، تنهن جي علم جي ڪا حد ٿي سگهي ٿي؟ جڏهن قرآن پاڪ متعلق منڪرن الزام هنيو (۽ اڃان تائين لڳائيندا ٿا اچن) ته وحي نازل ڪونه ٿي هئي، پر اهو پاڻ جوڙيو هئائون، ان تي حضور پاڪ ﷺ فرمايو ته توهان اهڙي هڪ سٽ ته ٺاهي ڏيکاريو. ڪافرن جا عالم ۽ اديب گڏ ٿيا، گهڻي ڪوشش ڪيائون، پر ناڪام رهيا. اڄ تائين دنيا وارن کي اهو چئلينج آهي، مگر وٽن ان جو ڪو به جواب ڪونهي. خود قرآن پاڪ ۽ حديث جي زبان ۾ وڏو فرق آهي، جنهن شخص کي حضور اڪرم ﷺ جهڙو انسان ڪامل الله تعالىٰ مرشد عطا ڪري ته پوءِ هن جي آڏو سڀ اسرار الاهي کلي پون ٿا. اهڙو خوش نصيب انسان پٽ ڌڻي پڻ هو، جنهن کي ڪامل ڪشتيبان سلامتيءَ سان ساحل تي پهچايو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جکري جيھو جوان، پيو نہ ڏسان کو ڏيھہ ۾،
مھڙ مڙني مرسلين جو، سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين، ايءُ ميسر ٿيس مڪان،
ايءُ آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيو هھڙو.

شاهہ صاحب هنن چئن سٽن ۾ حضورپاڪ ﷺ جي شان ۾ ايترو ڪجهہ بيان ڪيو آهي جو ان تي پورو ڪتاب صرف ٿي سگهي ٿو. هو دنيا ۾ سڀني کان اعلیٰ ۽ بالا آهي. سڀني نبين جو امام آهي ۽ سندن هادي ۽ رهبر آهي. ٽين سٽ ۾ معراج ڏانهن اشارو ڪيو آهي. معراج ۽ وحي کي تصوف ۾ هڪ بنيادي اهميت آهي. جڏهن ديدار الاهي حضرت موسیٰ ڪليم الله کي نصيب ڪي نہ ٿيو ۽ الله تعالیٰ فرمايس تہ مون کي ڏسي نہ سگهندين، البتہ ربوبيت جي تجليءَ سبب حضرت موسیٰ عليہ السلام بيھوش ٿي ويو ۽ جبل طور سينا خاڪ ٿي ويو. هن حال کي صوفي شاعر جلالي هينئن بيان ڪيو آهي:

موسیٰ زهوش رفت بيک پرتوِ صفات
تو عين ذات مي نگري و در تبسمي

(حضرت موسیٰ جمال ربوبيت جي هڪ جهلڪ ڏسندي ئي بيھوش ٿي ويو، پر تون ﷺ الله تعالیٰ جي ذات کي اکين سان ڏٺو پسين ۽ مُرڪي رهيو آهين.)

”ڪان قاب قوسين“ جو مطلب آهي ٻن ڪمانن (يا پرونئن) جو فاصلو. مناسب ٿيندو جو حضرت شاهہ ولي الله جي والد بزرگوار شاهہ عبدالرحيم جو مشاهدو بہ عرض رکان. شاهہ ولي الله ؒ جو والد محترم بہ هڪ صاحب دل بزرگ هو. فرمائي ٿو:

منھنجي والد مون سان ذڪر ڪندي ٻڌايو تہ حضرت رسول ڪريم ﷺ فرمايو، ”انا املح واخي يوسف اصبح“ يعني مان مليح آهيان ۽ منھنجو ڀاءُ يوسف صبيح آهي. مان هن حديث جي معنیٰ بابت خيال ڪري تعجب ۾ پئجي ويس. ڇاڪاڻ تہ ملاحت جي مقابلي ۾ صباحت عاشقن کي وڌيڪ بيقرار ڪندي آهي ۽ حضرت يوسف عليہ السلام جي قصي ۾ اهو بيان ڪيل آهي تہ مصر جي عورتن ڪيس ڏسي پنھنجا هٿ ڪٽي وڌا

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

۽ ڪي ماڻهو سندس حسن ڪي ڏسي مري ويا. ان جي برعڪس اسان جي نبي ﷺ جي باري ۾ ڪا به اهڙي روايت ڪانهي. ان ڪان پوءِ مون حضرت نبي ﷺ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ کانئن ان جي متعلق سوال عرض ڪيم. پاڻ فرمايائون ته ”الله عزوجل غيرت وچان منهنجو حسن پوشيده رکيو آهي، جيڪڏهن ظاهر ٿئي ها ته ماڻهو ان ڪان گهڻو ڪجهه زياده ڪن ها جو هنن يوسف کي ڏسي ڪيو هو.“

حضرت شاهه ولي الله جو بيان غلط نه ٿو ٿي سگهي، هن جي سچائي بابت شڪ ڪرڻ به نالائقي آهي. هاڻي پڙهندڙ رڳو انهن لفظن تي توجهه ڏين ته ”الله پاڪ پنهنجي محبوب جي حسن کي غيرت وچان پوشيده رکيو.“ اهي ايڏا وڏا لفظ آهن جو مون کي انهن جي تشريح جي طاقت ئي ناهي.

حضرت پٽ ڌڻي ڏاڍن پيارن منڙن، سهڻن ۽ سلوڻن لفظن ۾ پنهنجي محبوب جي ظاهري ۽ باطني حسن جي تعريف ڪري ٿو ته:

ناز منجهان نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ؛
پوءِ پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رند؛
اپيون گهڻي ادب سين، حورون حيرت مند؛
سائينءَ جو سوڳند، ساجن سپئان سهڻو.

هن حسن جي حقيقت کي شاهه صاحب جن اجان به وڌيڪ نروار ڪن ٿا ته محبوب مدني جن نور ئي نور آهن. سندن آڏو نه سج ڪي، نه چنڊ ڪي ۽ نه تارن يا ڪتين ڪي ڪا وقعت ۽ حيثيت آهي. حضور ﷺ جن جي سامهون انهن جو حسن ۽ انهن جي روشني به بي معنيٰ آهي.

ڪڻي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر؛
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر؛
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر؛
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهه صاحب کي يقين آهي ته روز محشر، جڏهن هر ڪو پنهنجي نفسانفسيءَ ۾ پورو هوندو، ڪنهن کي ڪو هوش نه هوندو، نه ڪو عزيز، نه مٽ نه مائٽ، نه يار نه دوست ڪم ايندو، ان جان گداز ماحول ۾ منو مرسل مدني ﷺ کائنس منهن نه موڙيندو ۽ سڏي سار لهندس.

ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو؛
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم؛
ساري سڌ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي.

پوءِ اهو ڪوهيارل ڪيچ ڌڻي ﷺ اسان بي ثمرن ۽ بي سهارن، گنهگارن ۽ سيه ڪارن تي ڪهل ڪري، اڳتي وڌي حضور خداوندي ۾ عرض ڪندو، ”اي پروردگار، افسوس آهي جو منهنجي امت قرآن جي هدايتن ۽ تعليم تي عمل نه ڪيو ۽ ان سان پنهنجو واسطو ڪاٽي ڇڏيائون جنهن جو نتيجو اڄ پوڳي رهيا آهن.“ پوءِ شافع ﷺ محشر جي عرض تي الله تعاليٰ جلشانهٗ پنهنجي مهرباني فرمائيندو ۽ خطائون معاف ڪندو. پٽ ڌڻي چوي ٿو ته فڪر نه ڪريو، اهو معلم الاهي ۽ داعي رباني اسان کي وسارڻ وارو ڪونهي، اسان نڌڻڪا نه آهيون، تنهنڪري پريشان نه ٿيو:

ستا سپيئي، سندي معلم آسري؛
اوهين پڻ سمهو ناڪئا، بندر ناهه پئي؛
جن جي سيد لڄ ڪئي، سي سڀ لنگهندا لڪيون.

سڀاجهي سائينءَ شاهه عبداللطيف انتهائي سادگي سان زندگي بسر ڪئي، پنهنجي فقيرن سان گڏ پٽ تي رهندو هو، پٽ تي سمهندو هو، ماني به سادي سودي کائيندو هو، ڪڏهين پيٽ پري ڪونه کاڌائين، ساري عمر ڪنهن کي نه آزاريائين، ٻين ڪيس تڪليف ڏني پر پاڻ ڪنهن کي تڪليف نه ڏنائين. هميشه عبادت الاهي ۽ رياضت ۾ مصروف رهندو هو. ڌڻي جي در تي ئي سوالي رهيو ۽ ڪنهن بادشاهه، نواب يا سرمايه دار جي در تي قصيدو نه ڳاتو، ڪاسئه گدائي کڻي ڪونه ويو. سڄي عمر ذڪر ۽ فڪر ۾ گذاريائين، ڪا دنيا دولت گڏ نه ڪيائين،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ساري زندگي نياز نوڙت ۽ صبر سان بسر ڪيائين، پنهنجي مريدن ۽ مؤلا جي مخلوق کي هن عاشقِ رسول فيض الاهي مان سيراب پئي ڪيو ۽ حضور پاڪ ﷺ جن جي اسوه حسنه تي هلڻ جي تاڪيد پئي ڪيائين:

پنو پڙهيجاءِ، سبق انهين سور جو؛
ميم رکجانءِ من ۾، الف تنهن اڳيان؛
ڇتان ڇوريجاءِ، اها لات لطيف چئي.

عشق رسول پاڪ ﷺ جو اهو نتيجو آهي جو سون سالن گذرڻ بعد به اڄ تائين سندس در تي هر روز سوين سلامي آهن.

ساري رات سبحان، جاڳي ڪيو جن ياد؛
تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان؛
ڪوڙين ڪن سلام، اڄيو اڳهه اڇيوان جي.

علامه اقبال ۽ عشق رسول ﷺ

علامه صاحب انگريزي تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ يورپ جي يونيورسٽين مان فلسفي، فارسي ۽ قانون جون اعليٰ ڊگريون ڪيس مليل هيون. فارسيءَ ۾ وڏي مهارت جو مالڪ هو ۽ انگلينڊ ۾ ڪجهه مهينا عربيءَ جو پروفيسر به ٿي رهيو هو، اتان جي وڏن عالمن ۽ فلسفين سان صحبت ۾ به آيو هو. پر هن پس منظر باوجود هو وڏو عاشق رسول ﷺ هو، دين کي هڪ مڪمل ضابطئه حيات سمجهندو هو ۽ رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنيَا حَسَنَةً وَ فِي الْآخِرَةِ حَسَنَةً ۾ سندس پڪو عقيدو هو، ۽ سندس ٻنهي جهانن جو قافله سالار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ هو:

سالارِ کارواں ہے میرِ حجاز اپنا
اس نام سے ہے باقی آرامِ جاں ہمارا

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سيد المرسلين ﷺ صاحب قرآن ۽ مجسم قرآن هئا. قرآن حڪيم سندن عظمت ۽ صداقت جو وڏو گواه هو، هنن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نه ٿو سگهجي. حضور ﷺ جن ان جو زنده تفسير ۽ صاحب اسوه حسنه هئا. علامه اقبال فرمايو آهي:

وه دانائے سبل ختم الرسل مولائے کل جس نے
غبارِ راه کو بخشا فروغ وادیء سینا
نگاهِ عشق و مستی میں وہی اول وہی آخر
وہی یاسیں وہی طٰہٰ وہی قرآں وہی فرقاں

دراصل قرآن پاڪ ۽ حيات نبوي هڪ ئي آهن، جيئن عارف رومي چئي چڪو آهي:

ما دو جانی آمده در یک بدن
من کیم؟ لیلیٰ کیست؟ من

(اسان ٻه جانيون هڪ جسم ۾ آهيون. مان ڪير آهيان؟ ليليٰ ڪير آهي؟ مان ئي ته آهيان.)

علامه ويهين صديءَ ۾ هو. اکين ڏٺا شاهد هئا جن ٻڌايو ته جڏهن به ذڪر حبيب ﷺ ٿيندو هو ته سندس اکين ۾ آب اچي ويندو هو ۽ ڪنهن ڪنهن ويل روئي به ڏيندو هو. جڏهن هڪ غيور مسلم نوجوان علم الدين لاهور ۾ شاتمِ رسول راجپال کي جهنم رسيد ڪيو ته مجلس ۾ دوستن کي چيائون ته، "ڏکڻ جو پٽ اسان سڀني کان گوءِ کٽي ويو، اسان ته ڳالهيون ڪندي ئي رهجي وياسون." حضور پاڪ ﷺ جن جي شان ۾ نٿورام گستاخي ڪئي هئي، تنهن کي هڪ نوجوان مسلمان غازي عبدالقيوم سنڌ چيف ڪورٽ اندر چاقو جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو ۽ ڪورٽ ۾ قبولدار ٿيو. حالانڪ سندس وڪيل ڪيس ان اقرار ڪرڻ کان روڪيو به، پر هن وڪيل کي انڪار ڪندي چيو ته مان ائين ڪري پاڻ کي ثواب کان محروم ڪرڻ نه ٿو چاهيان. علامه هنن جي جرئتِ ايماني ۽ غيرتِ ديني تي خوشنودي جو اظهار ڪيو. بيشڪ هر ڪنهن کي پنهنجي مذهب تي هلڻ جي آزادي آهي، دين جي معاملي ۾ ڪا به زبردستي ڪانهي، مگر ٻئي جي دين ۽ ديني شخصيتن جي شان ۾ گستاخي جو حق ڪنهن کي به نه ٿو ڏيئي سگهجي. ان موقعي تي علامه اقبال هينيان شعر چيا:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

نظرِ اللہ پہ رکھتا ہے مسلماں غیور موت کیا شئے ہے فقط عالمِ معنیٰ کا سفر

ان شہیدوں کی دیت اہل کلیسا سے نہ مانگ قدر و قیمت میں ہے خوں جن کا حرم سے بڑھ کر

جنهن جي دل ۾ عشقِ رسولﷺ جو نور آهي سو بي غيرت ٿي نه ٿو سگهي. مؤلانا محمدعلي جوهر جهڙي اعلىٰ تعليم يافته تي انگريزن خلاف بغاوت جو تاريخي ڪيس 1921ع ۾ ڪراچي جي خالقڏني هال ۾ انگريز ڪمشنر هلائي رهيو هو. جڊيشل ڪمشنر به هاءِ ڪورٽ جج برابر هو. مؤلانا ڪورٽ ۾ پنهنجو بيان ڏيئي رهيو هو ۽ ان ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جي حديث جو به حوالو ڏنائين، جنهن تي ڪمشنر هڪ اهڙو جملو حضور جن بابت چيو جو جڻ هو هڪ معمولي انسان هئا. ان جملي مان ڪجهه گستاخيءَ جي بوءِ اچي رهي هئي، جنهن تي مؤلانا جڊيشل ڪمشنر کي احتجاج ڪندي خبردار ڪيو، ”جو شخص منهنجي نبي پاڪ ﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪندو تنهن کي قتل ڪندس.“ هال ۾ ان وقت سوين ماڻهو ويٺا هئا ۽ مؤلانا جي ايماني جرئت تي حيران هئا. مؤلانا ۽ انگريز جڊيشل ڪمشنر جي وچ ۾ سخت زباني ڪشمڪش ٿي ۽ آخرڪار جڊيشل ڪمشنر پنهنجا لفظ واپس ورتا.

علامه جي چوٿين شعر ۾ آهي:

قدرو قیمت میں ہے خوں جن کا حرم سے بڑھ کر

ياد رهي ته اسلام ۾ شهيدن کي پاڻيءَ سان غسل ڏيارڻ جي ضرورت ئي ناهي، ڇاڪاڻ ته سندن رت مقدس آهي. نه ئي وري ڪفن جي ضرورت اٿن، جو رت رڱيل ڪپڙا ڌوتل يا نون ڪپڙن کان گهڻو بهتر ۽ زياده پاڪ آهن. مؤلاءِ روم خوب فرمايو آهي:

خون شہید از آب اولیٰ تراست

ایں گناہ از صد ثواب اولیٰ تراست

(شهيد جو رت پاڻي کان وڌيڪ مقدس ۽ مطهر آهي، اهو گناهه سؤ ثوابن کان بهتر آهي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن شهيدن جي امام، حضرت حسينؓ ڪربلا جي ميدان تي زخمن سان چور، رت رڱيل ڪپڙن ۽ جسم مبارڪ مان ٽمندڙ رت سان نماز ادا ڪئي ته بي بصيرت درٻاري عالمن يزيد کي خوش ڪرڻ لاءِ فتويٰ ڏني ته امام عالي مقام جي اها نماز صحيح ڪانهي ڇو ته جسم ۽ ڪپڙا رت سان ناپاڪ هئا!

جڏهن امام احمد بن حنبل کي قيد ۾ ڪوڙا هنيا ويا ته سندن جسم مان رت ٽِمنديون ڪري وهڻ لڳو ۽ ڪپڙا رت سان ڳاڙها ٿي ويا. ان حالت ۾ امام احمد بن حنبل نماز ادا ڪئي جنهن تي به علماءِ سُوءِ پنهنجي ديرينه دستور موجب، وقت جي بادشاه کي راضي ڪرڻ لاءِ فتويٰ ڏني ته اها نماز صحيح نه آهي ڇو ته بدن ۽ ڪپڙا رت ۾ رڱيل هئا.

الله جي عاشقن سان علماءِ سُوءِ جو هميشه اهو ئي رويو پئي رهيو آهي. ڀلا ڪو ٻڌائي ته ان کان افضل نماز ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جا شهيدن جي امام ڪربلا ۾ ادا ڪئي يا امام احمد بن حنبل عباسي خليفن جي زندان خاني ۾ پڙهي!

علامه اقبال کي اهو اونو هوندو هو ته مٿان سندس عمر رسول پاڪ ﷺ جي دنيوي عمر کان تجاوز نه ڪري جا 63 سال هئي. هڪ دفعي پنهنجي دوست حڪيم احمد شجاع کي پريشان حالت ۾ چيائين، ”اهو سوچي اڪثر مضطرب ۽ پريشان ٿي وڃان ٿو ته مٿان منهنجي عمر رسول الله ﷺ جي عمر کان زياده نه ٿي وڃي.“ مگر الله تعاليٰ پنهنجي بندي جي ٻڌي، عرض قبول ڪيائينس ۽ هن عاشق رسول جي عمر 63 سال ئي ٿي. علامه اقبال جي خيال ۾ جيڪو مسلمان رسول پاڪ جي عشق ۾ سرشار آهي، ان جي ساري ڪائنات تي حڪومت آهي:

هرکه عشقِ مصطفیٰ سامانِ اوست
بحر و بر در گوشهٔ دامانِ اوست

(جنهن وٽ مصطفيٰ جي عشق جي دولت آهي، سمنڊ ۽ خشڪي سندس دامن جي ڪنڊ ۾ آهن.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اقبال حضورﷺ جن جي بارگاهه ۾ روئيندي دردمندانه دانهون ٿو ڪري ته آخر سندس ملت جيڪا خوار۽ زبون ٿي آهي، سا ڪيڏانهن وڃي؟

شيرازه ہوا ملتِ مرحوم کا ابتر — اب تو ہی بتا تیرا مسلماں کدھر جائے!
وہ لذتِ آشوب نہیں بحرِ عرب میں — پوشیدہ جو ہے مجھ میں وہ طوفاں کدھر جائے!
ہر چند ہے بے قافلہ و راحلہ و زاد — اس کوہ و بیاباں سے حدی خواں کدھر جائے!
اس راز کو اب فاش کر اے روحِ محمد — آیاتِ الٰہی کا نگہباں کدھر جائے!

عارف رومي، شاهه صاحب ۽ علامه اقبال کي جيڪو فيض عطا ٿيو آهي سو سيدالمرسلين ۽ رحمت اللعالمينﷺ کان ئي عطا ٿيو آهي. هر جاءِ تي سندن اعليٰ ترين مقصد ۽ اسوه پاڪ جي تعريف بيان ڪئي اٿئون. مون کي نه علم آهي نه قلم، منهنجو ته ڪمزور قلم ئي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو جيڪڏهن اهڙي جاهلانه دعويٰ ڪريان ته سندن سيرت پاڪﷺ بابت منهنجو قلم ڪو سهڻو مضمون لکي سگهندو. منهنجي حالت ته ان ريدار واري آهي جو الله تعاليٰ جي شان پاڪ ۾ جاهلانه انداز ۾ مگر دل جي گهراين سان تعريف ڪري رهيو هو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام ان کي تنبيهه ڪئي هئي ته اهو ڪفر ۽ بڪواس بند ڪر. مگر الله پاڪ ان ريدار کي نه صرف معاف ڪرڻ فرمايو، بلڪه ان تي مهربان به ٿيو. مقصد اهو ئي اٿم ته ان مان دل جو سڪون ۽ روحاني راحت حاصل ٿئي.

حکایت قدآں یار دلنواز کنیم
بایں فسانہ مگر عمرِ خود دراز کنیم

(اچو ته ان يار دل نواز جي قد و قامت جا قصا بيان ڪندي سڄي زندگي گهاري ڇڏيون.)

هي نامڪمل مضمون حضرت عبدالغفور همايوني مفتون جي هنن مصرعن تي ختم ٿو ڪريان:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

دلبر پيارا ڪر تون نظر، تو تان مفتون تارا شمس و قمر،
تون ته سرورِ عالم جن و بشر، قربان هزارين مان نه رڳو.

سرورِ ڪائنات ۽ شافعِ محشر ﷺ جي در تي مون جهڙا بيشمار گنهگار، سندس نظرِ ڪرم لاءِ محتاج ۽ عاجز وينا آهن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

8

تصوف جو بنياد ۽ ڪي مشهور صوفي

اسلامي تصوف جو بنياد قرآن پاڪ، حديث ۽ بزرگن جي قولن تي رکيل آهي، جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو آهي. تصوف ۾ نه يوناني فلسفي جو نالو آهي، نه وري ويدانت کان ئي متاثر آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته مذهبن ۾ ڪي ڳالهيون مشترڪ آهن، پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته اسلامي تصوف ڪٿان اُڌارو ورتل آهي.

مسلم صوفياءِ ڪرام حضور پاڪ ﷺ جي ذات مقدس کي نه صرف نبي آخرالزمان ڪري مڃن ٿا، پر کين سڀ کان پهريون صوفي ۽ سڀني صوفين جو مرشد تصور ڪن ٿا. سندن عقيدو آهي ته ڪائنات جو وجود به سندن ذات گراميءَ سبب آهي، تنهنڪري جيستائين ”حقيقت محمديه“ جي رازن سان آشنائي نه ٿي آهي، تيستائين ”حقيقت رباني“ تائين پهچڻ ناممڪن آهي. هنن وٽ تصوف اسلام جو روح آهي ۽ پاڻ کي فقيهن جي قيد ۾ نه ٿا رکن. بقول عارف رومي:

ماز قرآں بر گزيديم مغز را
استخواں پيش سگاں انداختيم
(اسان قرآن مان مغز (روح) ڪڍي، هڏا ڪتن جي آڏو اڇلايا سين.)

قرآن پاڪ ۽ حضور ﷺ جن جي ذات گرامي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نه ٿا سگهن. قرآن مجيد علم حڪمت آهي ۽ حيات طيبه ان جو عملي تفسير آهي. ڪلام الله جي خصائص ۽

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سيدالمرسلينﷺ جي خصائص ۾ ڪو فرق ڪونهي، بلڪه قرآن پاڪ سرورِ ڪائناتﷺ جي صداقت جو گواهه آهي. اڪثر سيرت نگار ۽ صوفياءِ ڪرام متفق آهن ته قرآنِ حڪيم ۾ جيڪي ڪجهه ٻين پيغمبرن سڳورن جي خوبين ۽ خصائص بابت لکيل آهي، سو سڀ درحقيقت حقيقت محمديه ۽ حضرت ختم المرسلينﷺ جي شان بابت ئي آهي. مؤلانا رومي ان نڪتي متعلق چوي ٿو:

خوشتر آں باشد کہ سرِ دلبراں
گفتہ آید در حدیثِ دیگراں
(بهتر اهو آهي جو دلبرن جي راز ۽ رمزن جو بيان ٻين جي قصن ذريعي ڪجي.)

هن خيال جي وضاحت غالب هيٺين طريقي ڪري ٿو:

چشم سوئے فلک و روئے سخن سوئے تو بود
(اکيون ته آسمان منجهه اٿم مگر مخاطب توسان ئي آهيان.)

صوفين، قرآن پاڪ ۽ سرور ڪائناتﷺ جي يگانگت بابت پنهنجي شعرن ۽ تصنيفن ۾ گهڻو ذڪر ڪيو آهي.

ایں دو شمع اند کہ از یک دگر افروختہ اند
(هي ٻه شمعون آهن جي هڪ ٻئي کي روشن ڪن ٿيون.)

الله تعالىٰ جڏهن قرآن پاڪ ۾ ﴿وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ﴾ (اي محبوب اسان تنهنجي ذڪر کي بلند فرمايو) جو ذڪر حضور پاڪﷺ جن جي شان ۾ آندو، ته ڪشف ۽ مجاهده وارن وٽ هڪ اهم ترين راز جو انڪشاف ٿيو. ان رفعت جو ذڪر الله پاڪ صرف سرورِ ڪائناتﷺ لاءِ ڪرڻ فرمايو آهي ۽ نه ٻئي ڪنهن پيغمبر پاڪ لاءِ. اها اهڙي رفعت يا بلندي هئي، جنهن جو ڪنهن بني بشر کي پتو ڪونهي. صوفي ڪٿي ڪيترو به ديندار ۽ عالم هجي، جيستائين ”حقيقت محمديه“ تائين پهچي نه سگهيو آهي، تيستائين ”حقيقت الاهي“ کان

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بيگانو ئي رهندو: تنهنڪري سندن ذاتِ گرامي کي ڪائنات جو نقطهٔ اول، ڪائنات جي وجود جو باعث، سڀني نبين ۽ انسانن کان بلند ۽ بالا، رحمت اللعالمين ۽ محبوب رب العالمين قرار ڏنو ويو آهي. هو سرورِڪائنات ﷺ کي عقل اول، انسان ڪامل، روحِ اعظم، نفس واحده، نورالانوار ۽ امامِ الانبيا ڪري سڏين ٿا. هنن جي نزديڪ "حقيقت محمديه" روح ۽ زندگيءَ جو آخري نقطو ۽ سرچشمو آهي، ان کان اڳتي وڌڻ جي ڪا گنجائش ۽ طاقت نه آهي. صرف محمد مصطفىٰ ﷺ ئي الله تعالىٰ جلشانهٗ جي ذات ۽ صفات کي مڪمل طرح سمجهن ۽ ڄاڻن ٿا. اهڙي طرح صرف الله تعالىٰ جلشانهٗ رحمت اللعالمين ۽ "حقيقت محمديه" کي پوري طور سڃاڻن ٿا.

میانِ عاشق و معشوق رمزیست
کراماً کاتبیں را ہم خبر نیست

(عاشق ۽ معشوق وچ ۾ جيڪا رمز آهي تنهن جي ڪراماً ڪاتبين کي به خبر ڪانهي.)

نبي ڪريم ﷺ جن جي شان جو تعين، اسان جو قلم، زبان، خيال ۽ تصور ڪري نه ٿا سگهن. مؤلانا روم، جنهن جي مثنويءَ کي فارسيءَ جو قرآن ڪوٺيو ٿو وڃي، سو به اهو چوڻ تي مجبور ٿيو ته ان معاملي ۾ اسان جو فهم، گمان، زبان ۽ قلم بالڪل قاصر آهن ۽ اسان جون تمثيلون بيڪار.

تصوف جي ابتدا

حضور پاڪ ﷺ جن جي هن دار فاني مان لاڏاڻي وقت حجاز کي مسلمان فتح ڪري چڪا هئا. ان بعد خلافت راشده وجود ۾ آئي جا اٽڪل ٽيهه سال هلي ۽ ان جو دارالخلافه مدينه هو. خلافت راشده بعد بني اميه آيا. اها حڪومت اٽڪل 91 سال هلي ۽ سندن دؤر ۾ دارالحڪومت دمشق (شام) ڏانهن منتقل ڪيو ويو. ان کان پوءِ عباسي خاندان جي حڪومت قائم ٿي ۽ خلافت جي گادي دمشق مان ڦيرائي بغداد (عراق) ڪئي وئي. 15 محرم 656 هه بمطابق 1257ع تي هلاڪو خان بغداد جو محاصرو ڪيو. ان وقت خلافت جي بنيادن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪي عياشين ۽ سازشن ڪوڪلو بنائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي اهو ناممڪن هو جو مسلمان منگولن جو مقابلو ڪري سگهن. تنهنڪري ڏهن ڏينهن اندر وڏي خونريزي، ڪوس ۽ قهر بعد بغداد تي قبضو ڪيو ويو ۽ عباسي خلافت جو خاتمو ٿيو. انهن جي حڪومت پنج سو سالن کان زياده وقت هلي.

حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جن پنهنجي زندگي مڪه پاڪ ۽ مدينه منوره ۾ بسر ڪئي. اتي اصحاب به ساڻن گڏ هئا. خلافت راشده جي وقت ۾ به دارالخلافه مدينه منوره رهيو، تنهن ڪري اتي هڪ خاص ديني، سياسي ۽ سماجي ماحول هو. مگر بنو امين ۽ بنو عباس گاديءَ جي هنڌ کي دمشق ۽ بغداد ڏانهن منتقل ڪيو، جيڪي جيتوڻيڪ خلافت جي حدن اندر هئا، پر حجاز مقدس کان پري شام ۽ عراق ۾ هئا. هيءَ تبديلي ڄاڻي واڻي ڪئي وئي هئي ڇاڪاڻ ته مدينه منوره ۽ مڪه معظمه جو ماحول ملوڪيت ۽ آمريت لاءِ سازگار نه هو. اتان جي ماڻهن حضور پاڪ ﷺ کي ۽ خلفاءِ راشدين کي ڏٺو هو. انهن جي اٿڻ ويهڻ، رهڻي ڪهڻي، طرزِ سياست ۽ حڪومت مان واقف هئا. سندن زندگي ساده ۽ فقيراڻي هئي ۽ قلندرانه صفتن جا مالڪ هئا، جن کي صرف الله پاڪ جي اطاعت منظور هئي. انهن کي قيصر و ڪسرىٰ جي ڪا پرواه ڪانه هئي؛ انهن صحرا نشينن دنيوي سلطنتن کي ته و بالا ڪري ڇڏيو. بنواميه جي ڏينهن ۾ بيشڪ وڏيون فتوحات ٿيون ۽ بنو عباس جي دؤر ۾ علم ادب، حڪمت ۽ سائنس جي ترقي جي ڪا حد نه رهي هئي. سندن دؤر کي تاريخ ۾، ان لحاظ کان، سونهري دؤر سڏيو ويندو هو. انهن جا ڪيترا حڪمران، وزير ۽ سپه سالار غيرمعمولي صلاحيتن جا مالڪ هئا، پر هنن حضور پاڪ ﷺ جن جي بنيادي تعليمات کي وساري ڇڏيو هو ۽ تنهنڪري منجهن ۾ اخلاقي انحطاط اچي ويو هو.

الله تعالىٰ مسلمانن کي خلافت، يعني الله جي نائبي، ان لاءِ سونپي هئي ته هو "امر بالمعروف ونهي عن المنڪر" جو فرض پورو ڪن. ٻين لفظن ۾ الله تعالىٰ جي خوشنوديءَ خاطر ملڪ ۾ عادلانه نظام قائم ڪن، چڱائيءَ جو حڪم ڏين ۽ برائيءَ کان روڪين. مگر خلافتِ راشده

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪان پوءِ حقيقي خلافت جو دؤر ختم ٿيو، حڪمرانن حضور پاڪ ﷺ جي شهر کي ڇڏي وڃي دور دراز شهرن ۾ دارالحڪومت قائم ڪيو، ورنه مسلمانن لاءِ ڪعبته الله ۽ حضور پاڪ جي روضي مبارڪ کي خاص تقدس حاصل آهي. هاڻي هو نالي ۾ خليفا هئا پر درحقيقت سندن نظام سلطاني ۽ آمرانه هو. البته اموي خليفي حضرت عمر بن عبدالعزيز کي سندس سادگي، نيڪيءَ، تقويٰ ۽ جرئتِ ايماني سبب خلافت راشده جو پنجون خليفو تصور ڪيو ويندو آهي. هن وٽ خلافت هڪ امانت هئي. خليفة المسلمين ٿيڻ بعد اميري ڇڏي فقيري اختيار ڪيائين. مگر امير ۽ وزير ڪٿي ٿا اهڙي درويش الاهي کي برداشت ڪن! نيٺ ڀن سالن جي مختصر مدت بعد هن کي زهر ڏيئي شهيد ڪيائون. ان بعد اقتدار تي وري ساڳيو ملوڪيت جو قبضو ٿيو جنهن ۾ حرام حلال ٿيو ۽ ناجائز جائز، گرچه نالي ۾ اها به خلافت هئي.

اهي ڳالهيون پنهنجي جڳهه تي، پر حق پرست مسلمانن جو طبقو اجان به موجود هو جن حڪمران طبقي سان قطع تعلق ڪندي زندگيءَ جو الڳ طريقو اختيار ڪيو. اهي حڪمرانن اڳيان به بيدپائي سان سچ ڳالهائڻ ۾ ڪيپائيندا ڪونه هئا. اُٽي هلي، نبي پاڪ ﷺ جي ڏسيل راه تي پنهنجي پوري وجود ۽ صدق دلي سان عمل ڪندڙ ۽ پنهنجي زندگي کي اسوهءِ حسنه جو نمونو بڻائيندي ٻين لاءِ هدايت جا ڏيئا ٻڻجندڙ، اهڙا ماڻهو صوفي سڏجڻ لڳا.

حق گوئي ۽ حق پرستي

طائوس يماني کي جڏهن خليفي هشام بن عبدالمالڪ سڏايو ته هو وٽس پهتو، مگر کيس اميرالمومنين ڪونه ڪوٺيائين، بلڪه نالو وٺي سلام ڪيائينس. هشام ڪائنس سبب پڇيو ته، ”تو مون کي اميرالمومنين ڇو نه سڏيو؟“ يماني جواب ڏنس، ”قوم تنهنجي حڪومت مان راضي نه آهي، توکي قوم جو امير سڏڻ هڪ ڪوڙ ٿيندو.“ هشام چيس ته، ”مون کي نصيحت ڪريو.“ يماني نصيحت ڪندي چيو، ”خدا ڪان ڊڄ، زمين تنهنجي ظلم سان ڀرجي وئي آهي.“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مالڪ بن دينار بصره جي جامع مسجد ۾ اعلان ڪيو ته، ”بادشاهن کي خدا پنهنجي بندن جو ڀڪرار بڻايو هو ته جيئن انهن جي سنڀال ڪن، پر هنن ٻڪرين کي کُهي انهن جو گوشت کائي ڇڏيو، انهن جي وارن مان ڪپڙا ٺهرائي پا تائون ۽ باقي وجي هڏيون بچايون اٿئون.“

تابعي سعيد بن مسيب کلم کلا حاڪمن جي ظلمن خلاف اعلان ڪندو رهيو ته، ”ڪتن جا پيٽ ته ڀريو ٿا مگر انسان کي توهان کان امان حاصل نه آهي.“ اموي دؤر ۾ حجاج جو ظلم تاريخ اسلام ۾ مشهور آهي. شايد اهڙو ظالم حاڪم مشڪل ئي ڪو ٻيو ٿيو هجي. انسان کي مارائڻ ته وٽس هڪ معمولي ڳالهه هئي. مگر سندس خون آشام تلوار به اهڙن مردان خدا کي حق گوئي کان باز نه رکي سگهي. حطيط کي گرفتار ڪري جڏهن وٽس آندائون ته هن ظالم کانئس پڇيو، ” هاڻي تون مون لاءِ ڇا ٿو چوين؟“ حطيط جواب ۾ چيو: ”تون خدا جي زمين تي خدا جو سڀ کان وڏو دشمن آهين.“ وري خليفي لاءِ پڇيائينس ته هڪدم بنا هٻڪ جي جواب ڏنائين، ”هن جو جرم توکان به وڌيڪ سنگين آهي جو تنهنجو ظلم هن جي بيشمار ظلمن مان هڪ آهي.“

عالمن جو ڪردار

درباري عالمن جو ڪردار به انتهائي ڪريل رهيو. ٻي صديءَ جي شروعات ۾ ئي بادشاهه جي خريد ٿيل مولوين، فقيهن ۽ قاضين اهڙيون فتوائون صادر ڪيون جيڪي اسلامي روح ۽ مقصد خلاف هيون. علماءِ حق ٿورا وجي بچيا هئا، مگر اهي حق پرست عالم به علماءِ سُو جي شر ۽ فتنن کان محفوظ نه رهيا . هنن نادانن حيلي سازي سان خدا کي ذوڪو ڏيڻ شروع ڪيو، حالانڪه ايئن ڪرڻ سان هو پنهنجون جايون جهنم ۾ ٺاهي رهيا هئا. ڀلا ڪنهن کي طاقت آهي جو الله کي ذوڪو ڏيئي سگهي؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شروع واري دؤر جا صوفي

حضرت خواجه حسن بصري

اوائلي صوفين ۾ مشهور عالم ۽ تقريباً تارڪ الدنيا، حضرت خواجه حسن بصري هو. هن پنهنجي مهربان ۽ نيڪ اميرالمومنين حضرت عمر بن عبدالعزيز ڏانهن لکيو:

هن دنيا کان پوري طرح خبردار رهه، اها ڇهڻ ۾ نانگ وانگر نرم آهي، پر ان جو زهر موتمار آهي. ان ۾ جيڪي ڪجهه مزا موجود آهن انهن کان پري پڄ، ڇاڪاڻ ته تون ڪٿي ٿورو به ان جي صحبت ۾ ايندين ته لاپرواهه ٿي ويندين. تو ان جا لاها چاڙها ڏٺا آهن ۽ پڪ ڄاڻ ته تون ان کان جدا ٿي ويندين. مضبوطيءَ سان سختيون برداشت ڪر، ڇاڪاڻ ته آرام صرف ٿوري وقت لاءِ ملندو. دنيا جيترو توکي خوش ڪري، ايترو ان کان خبردار ٿي، ڇو ته هن دنيا جو انسان جڏهن پاڻ کي خوشين ۾ مستحڪم سمجهندو، دنيا هن کي ڏکن ڏولائن ۾ ڦٿو ڪري ڇڏيندي.... اسان جي پيغمبر پاڪ ﷺ کي دنيا جا خزانا ۽ انهن جون ڪنجيون آڇيون ويون ۽ الله جي نظرن ۾ تر جيترو به فرق نه پوي ها جيڪڏهن هو ان کي قبولين ها: پر کين خبر هئي ته خدا جنهن شئي سان نفرت ڪري ٿو ان سان پاڻ به نفرت ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اها قبولين ها ته ان مان ثابت ٿئي ها ته ان سان کين پيار هو، پر ان سان نفرت ڪيائون. ڇاڪاڻ ته سندن خالق ان کي پسند نه ڪندو هو. ان چيز کي بلندي نه پئي ڏيڻ چاهيائون جنهن کي سندن مالڪ ذليل ڪيو هو. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ پنهنجي پيٽ سان پٿر ٻڌندا هئا جڏهن کين بک لڳندي هئي.... حضرت عيسيٰ عليه السلام چوندو هو ته "بک منهنجي ماني آهي، منهنجو نشان خوف آهي، منهنجي پوشاڪ اُن آهي، منهنجي سواري منهنجا پير آهن، رات جو منهنجي روشني چنڊ آهي، ڏينهن جو منهنجي لاءِ باهه سج آهي ۽ منهنجو ميوو ۽ خوشبودار ٻوٽا اهي آهن، جيڪي زمين ۾ جهنگلي جانورن ۽ مال لاءِ پيدا ٿين ٿا. سڄي رات مون وٽ ڪجهه به ڪونه آهي، پر مان سڀني کان شاهوڪار آهيان." جيڪڏهن چوٿون عظيم نالو به ٻڌڻ چاهيو ٿا ته اهو حضرت دائود عليه السلام آهي. هو پنهنجي ڪمري ۾ جَوَن جي ماني کائيندو هو، سندس ٻار ٻچا ڀُوسي تي گذارو ڪندا هئا، پر سندس رعيت سنو اناج کائيندي هئي. جڏهن رات ٿيندي هئي ته ڳوڻيءَ جا نهيل ڪپڙا پائيندو هو ۽ پنهنجا هٿ ڳچيءَ تائين ٻڌندو هو ۽ صبوح تائين روئيندو رهندو هو. رکو کاڌو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪائيندو هو ۽ وارن مان نهيل چوغو پائيندو هو. هنن انهن سڀني شين سان نفرت ڪئي جن سان خدا نفرت ڪئي، انهن سڀني چيزن کي ناپسند ڪيائون، جن کي خدا ناپسند ڪندو هو. ان کان پوءِ حق پرستن سندن پيروي ڪئي ۽ سندن ڏيکاريل رستي تي هليا.

حضرت حسن بصري اولياءِ الله ۾ شمار ٿئي ٿو. هو 642ع ۾ مديني منوره ۾ حضرت عمر جي دؤر ۾ ڄائو. عراقي هجڻ سبب بصري مشهور آهي. هو جواهرن جو واپار ڪندو هو، مگر جڏهن عشقِ رسول ﷺ جي لنوَ لڳس ته تجارت ۽ دنيا دولت ترڪ ڪري گوشه نشيني جي زندگي اختيار ڪيائين. 14 آڪٽوبر 728ع تي وصال ڪيائين.

ابراهيم بن اذم

بلخ جي شهزادي ابراهيم بن اذم تخت تاج ڇڏي فقيري اختيار ڪئي، سندس چوڻ آهي:

منهنجو پيءُ بلخ جو باشندو هو ۽ خراسان جي بادشاهن مان هڪ هو. هو دولتمند هو ۽ مون کي شڪار سيکاريو هئائين. جڏهن مان گهوڙي تي چڙهي، ڪتو ساڻ ڪري نڪتس ته ڏٺم ته منهنجي اڳيان سيهڙ ڀڄندو پئي ويو. مون گهوڙي کي تيز ڪيو، پوئتان آواز آيو، "ان ڪم لاءِ توکي خلقيو ڪونه ويو هو ۽ نه اهو ڪم تنهنجي سپرد ڪيو ويو هو." مان بيهي رهيس، ساڄي کابي ڏٺم مگر ڪو نظر نه آيو. مون چيو "خدا ياءِ شيطان کي دفع ڪر." پوءِ مون گهوڙو تيز ڪيو پر هن ڀيري اڳي کان به صاف آواز ۾ ٻڌم، "او ابراهيم توکي انهيءَ لاءِ ڪونه خلقيو ويو هو ۽ نه اهو ڪم تنهنجي سپرد ڪيو ويو هو." هڪ دفعو ٻيهر بيهي رهيس، ساڄي کابي ڏٺم مگر مون کي ڪجهه به نظر نه آيو. چيم "خدا ياءِ شيطان کان پناه ڏي". مون وري گهوڙو تيز ڪيو، مون کي گهوڙي جي زين مان آواز آيو، "او ابراهيم، ان ڪم لاءِ توکي خلقيو نه ويو هو ۽ نه اهو ڪم تنهنجي سپرد ڪيو ويو هو." مان بيهي رهيس ۽ سمجهي ويس ته مون کي جاڳايو ويو آهي. ڪائنات جي مالڪ وٽان مون کي چتاءُ مليو آهي. اڄ کانپوءِ جيستائين زنده آهيان، الله جي حڪم جي هرگز انحرافي نه ڪندس. پوءِ مان موٽي محل آيس، گهوڙو ڇڏيم ۽ پنهنجي پيءُ جي هڪ ريدار کان هن جي پوشاڪ ورتي پاتم ۽ پنهنجو وڳو هن کي ڏيڪايم. پوءِ عراق ويس ۽ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ويندو رهيس.

هڪڙي عقيدتمند پڇيس ته عبادت ڇا آهي؟ جواب ڏنائين، ”عبادت جي شروعات فڪر ۽ خاموشي آهي، سواءِ ان جي ته الله پاڪ جو ذڪر هجي.“ ٻئي دفعي چيائين ته، ”ياالله، تون چاهين ٿو ته بهشت جي اهميت مون وٽ هڪ ڪئلي جيتري به نه آهي.“ پنهنجي هڪ دوست ڏانهن لکيائين، ”الله کان ڊڄو، جيڪو الله کان ڊڄي ٿو اهو عظيم طاقتور آهي.“

شقيق بلخي

ابراهيم بن اڌم 160هه مطابق 777ع ۾ وفات ڪئي. ابراهيم اڌم کانپوءِ سندس شاگرد شقيق بلخي خراسان جي مڪتبِ فڪر کي جاري رکيو. هو به دولتمند خاندان جو فرد هو، پر جڏهن سندس زندگيءَ ۾ انقلاب آيو ته سڀ ڪجهه الله جي راه ۾ قربان ڪري ڇڏيائين.

ترک جان و ترک مال و ترک سر

در طریق عشق اول منزل است

(ڌن، دولت ۽ سر ساهه قربان ڪرڻ عشق جي راه ۾ پهريون قدم آهي.)

شقيق چوندو هو: ”جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي حياتي ٻه سؤ سال به ٿئي پر جيڪڏهن هن کي چئن ڳالهين جي خبر نه هوندي ته پوءِ هو جهنم ۾ ويندو. پهريائين ته هن کي الله جو علم (معارفه) هجي. ٻيو ته پنهنجو پاڻ سڃاڻي. ٽيون الله جي حڪمن ۽ بندشن جي خبر هجيس. چوٿون ته هن کي الله جي دوستن ۽ دشمنن جو پتو هجي. خدا جي علم جو مطلب اهو آهي ته هو دل ۾ سمجهي ته الله پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪو ڏيڻ ۽ کسڻ وارو ڪونهي، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جو مطلب آهي ته توهان ڪنهن کي نفعو نقصان پهچائي نه ٿا سگهو ۽ توهان کي ڪجهه ڪرڻ جي طاقت نه آهي ۽ الله جي رضا تي هلو.“

شقيق 194هه بمطابق 810ع ۾ وفات ڪئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بيبي رابعہ بصري ۽ عشق الاهي

بيبي رابعہ عشق الاهي ۾ مستغرق هوندي هئي. ڪيترن نيڪ انسانن سندس سڱ گهريو پر هن سڀني کي انڪار ڪيو، جواب ۾ چوندي هئي، ”نڪاح اهي ڪندا آهن جن کي پنهنجو وجود هوندو آهي، پر مون کي ڪو وجود ڪونهي، مون پنهنجو وجود ختم ڪري ڇڏيو آهي، ۽ خودي ختم ٿي وئي آهي، مون پاڻ کي الله ۾ فنا ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان سراسر هن جي آهيان ۽ مان هن جي حڪمن جي ڇانوَ ۾ زندگي گذاريان ٿي. منهنجي شاديءَ لاءِ مون کان نہ پڇو، خدا کان پڇو.“ بيبي صاحبہ الله تعالىٰ کان دعا گهرندي هئي، ”يا الله جيڪڏهن مان تنهنجي عبادت دوزخ جي ڊپ کان ڪريان ٿي تہ مون کي جهنم ۾ جلاءِ، ۽ جيڪڏهن بهشت جي لوڀ ۾ ڪريان ٿي تہ پوءِ مون کي ان کان محروم رک. پر جيڪڏهن تنهنجي عبادت تنهنجي خاطر ڪريان ٿي تہ پوءِ مون کي پنهنجي دائمي جمال کان محروم نہ ڪر.“ بيبي صاحبہ جي نالي سان ئي تصوف ۾ عشق الاهي جو اصول وابستہ آهي. بيبي صاحبہ 185هہ بمطابق 801ع ۾ وصال ڪيو.

ابو القاسم القشيري ۽ معراج

ملوڪيت، عيش پرستي، دنياپرستي ۽ فسق و فجور جي خلاف تصوف هڪ بغاوت هئي. پهريائين تہ تصوف زندگي گذارڻ جي هڪ طريقي جو نالو هو، مگر اڳتي هلي آهستہ آهستہ ان علم جو صورت جي اختيار ڪئي، جنهن تي وڏن وڏن صوفين نہ صرف خيال آرائي ڪئي بلڪہ مستند ۽ ضخيم تصنيفون وجود ۾ آيون.

الله تعالىٰ طرفان حضور محمد مصطفىٰ ﷺ تي وحي نازل ٿيڻ ۽ معراج تي وڃڻ کي صوفين وڏي ۾ وڏي اهميت ڏني آهي. ابوالقاسم قشيري پنهنجي تصنيف ۾ معراج بابت لکيو آهي، ”هڪ رات جڏهن اجان گهري ننڊ ۾ ڪونہ هئا ۽ نہ وري جاڳيا ئي پئي، تہ پاڻ ﷺ الله تعالىٰ جي حڪم سان براق تي جبريل سان گڏ ستين آسمان تي الله جي بارگاهہ پرسان ويا. واٽ تي سڀني نبين سيدالمرسلين ﷺ کي سلام ڪيو ۽ پنهنجو امام تسليم ڪيو. حضور ﷺ جن جڏهن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بارگاھہ ۾ پهتا تہ الاهي آواز آيو، جنهن تي پاڻ فرمايائون، 'يا الله، مون کي خبر نہ ٿي پوي تہ ڪيئن تنهنجي تعريف ڪريان.' الله تعالىٰ فرمايو، 'جيڪڏهن تون پاڻ کي منهنجي تعريف جو اهل نہ ٿو سمجهين تہ مان سموري ڪائنات کي تنهنجو تابع بڻائيندس ۽ دنيا جي هر چيز تنهنجي نالي ۾ منهنجي ثنا ڪندي.' هاڻي وَرَفَعْنَالَکَ ذِکْرَکَ جي معنىٰ ظاهر ٿي ٿئي تہ ڪيئن دنيا جي هر چيز حضور پاڪ جي نالي ۾ الله سائين جي ثناخوان آهي."

ان معراج واري رات ڏانهن اشارو ڪندي پيغمبر پاڪ ﷺ جن فرمايو "مان توهان وانگر نہ آهيان، مان رات الله پاڪ سان گذاريان ٿو ۽ هو مون کي غذا رسائي ٿو." ٻي موقعي تي فرمايائون، "مان الله سان اهڙي حال ۾ آهيان جو ٻي ڪنهن نبيءَ کي نصيب نہ ٿيو آهي." جلالي خوب چيو آهي:

موسىٰ زهوش رفت بيک پرتو صفات
تو عين ذات مي نگري و در تبسمي
(حضرت موسىٰ الاهي صفت جي رڳو هڪ جهلڪ ڏسڻ سان بيهوش ٿي ويو،
تون عين ذات کي ڏسي مسڪرائي رهيو آهين.)

اهو شرف جيڪو حضور پاڪ ﷺ جن کي حاصل ٿيو، سو صرف رحمة اللعالمين لاءِ ئي الله پاڪ مخصوص رکيو هو. شاھہ صاحب معراج ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو آهي:

جڪري جيهو جوان، ٻيو نہ ڏسان ڪو ڏيھہ ۾؛
مهڙ مڙني مرسلين جو، سرس سندس شان؛
فڪان قاب قوسين، ايءُ ٿيس مڪان؛
ايءُ آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيو هھڙو.

حضور پاڪ ﷺ جن الله تعالىٰ کي عرض ڪيو تہ، "مون کي مصيبتن ۽ ڏکن واري دنيا ڏانهن واپس نہ موڪليو." پر الله سائين جواب ۾ فرمايو، "اهو منهنجو فرمان آهي تہ تون دنيا ڏانهن واپس وڃين ۽ اتي منهنجو دين قائم ڪرين. مان توکي اتي بہ اهو ئي ڏيندس جو هتي ڏنو اٿم."

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

معراج کان واپس آيا ته جذهن به الاهي ذوق، معراج واري واقعي جي ياد ۽ عشق جي آگ ۾ اضافو ٿيندو هئن ته بلال کي فرمائيندا هئا ” او بلال، تون اذان ڏي ته اسان کي آرام اچي.“ حقيقت ۾ هر نماز سندن لاءِ معراج الاهي ۽ قرب ڪريمي هو. آقاءِ نامدار ﷺ جي غلامن کي به بارگاهه الاهي ۾ سجدي سان اهڙو سڪون ۽ اعزاز عطا ٿيندو هو ۽ ٿيندو آهي. اهڙي ئي سجدن لاءِ مؤلانا محمدعلي جوهر پنهنجي هڪڙي شعر ۾ هينئن اشارو ڪيو:

معراج کی سی کیفیت سجدوں میں ہوئی حاصل
اک فاسق و فاجر میں اور ایسی کراماتیں

معراج جو ذڪر وري سرمد شهيد ان نموني سان ڪري ٿو ته سرورِ ڪائنات ﷺ عرش تي نه ويا هئا بلڪه افلاڪ سندن ذات پاڪ ۾ ضم ٿي ويا. انتهائي بلند خيالي، مگر تنگ نظر مولوين فتوىٰ ڏني ته سرمد معراج جو منڪر آهي! ڪيڏو نه خوبصورت چيو اٿس:

ملا گوید کہ برشد احمد بہ فلک
سرمد گوید فلک بہ احمد درشد

(ملان ٿو چوي ته احمد آسمان ڏانهن ويو، پر سرمد ٿو چوي ته آسمان پاڻ احمد وٽ لهي آيو.)

القشيري پنهنجي تصنيف ”رسالہ“ ۾ تصوف جي عقيدن ۽ اصولن کي گمراهين ۽ بدنامين کان بچائڻ جي به ڪامياب ڪوشش ڪئي. صوفين وٽ مروج مختلف لفظن ۽ اصطلاحن جو مطلب ۽ مفهوم به سمجهايو اٿس. مثال طور: مقام، حال، مجاهده، تقوىٰ، زهد، خوف، رجا، حزن، خشوع، تواضع، مخالفت النفس و ذڪرعيوبها، قناعه، توڪل، شڪر، يقين، صبر، مراقبه، رضا، عبوديه، اراده، استقامه اخلاص، صدق، حيا، ذڪر، خلق، جود و سخا، فقر، ولايه، دعا، تصوف، ادب، سفر، معارفه، محبه ۽ شوق وغيره.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

تصوف هڪ علم

عباسيه دؤر واري بغداد جو اندازو موجوده دؤر جي بغداد مان لڳائڻ فاش غلطي ٿيندي. عباسي خليفن جي علم دوستي مشهور هئي، تنهنڪري بغداد علم، ادب، سائنس، تصوف ۽ فلسفي جو دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو مرڪز هو. مگر 1257ع ۾ منگولن جيڪا انسانن ۽ علم جي تباهي آندي، ان کان پوءِ بغداد اڄ صدين بعد به اُسري نه سگهيو آهي. جيتوڻيڪ عراق تيل جي دولت سان مالامال آهي، پر بغداد جي گذريل عظمت جو اڄ تصور به ناممڪن آهي ۽ ان جو دردناڪ قصو به ناقابلِ بيان آهي. مسلمانن کي باهمي جنگ ۽ جهيڙي، عيش ۽ عشرت مان فرصت ئي ڪٿي آهي جو گذشته عظمت حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن.

تصوف جڏهن علم جي صورت اختيار ڪئي ته بغداد ان جو اهم ترين مرڪز هو، ان سان گڏ دنيوي علوم، قانون ۽ يوناني فلسفي کي به وڏي اهميت حاصل هئي. بغداد ۽ ٻين مسلم شهرن ۾ وڏا صوفي بزرگ ۽ مصنف هئا جن مان ڪن عالمن متعلق مختصر عرض رکجي ٿو.

الحارث بن اسد المحاسبي

هي تصوف جي موضوع تي لکندڙ پهريون عظيم مصنف هو، ان بعد جيڪي ڪجهه تصوف تي لکيو ويو، اهو گهڻي حد تائين سندس خيال جو مرهون منت چيو ٿو وڃي. الحارث 165هه 781ع بصره ۾ ڄائو پر نوجوانيءَ ۾ ئي بغداد اچي ويو، جتي زندگيءَ جا باقي ڏينهن بسر ڪيائين. 243هه 857ع ۾ اتي ئي وفات ڪيائين. حضرت جنيد بغدادي به سندس شاگرد هو. تصوف تي سندس ڪيترين ئي اهم تصنيفون آهن. الحارث لکي ٿو:

> انساني صورت ۾ ڪي شيطان آهن، هو ايندڙ جهان کان منهن مٽائين ٿا ۽ هن دنيا پوئتان ڇڙين جيان ڊوڙن ٿا، حرص ۾ دولت ميڙين ٿا، ان کي وڌائڻ جي هوس اٿن. چون ٿا ته هو زنده آهن پر حقيقت ۾ مرده آهن، انهن لاءِ نيڪي قابل نفرت آهي ۽ گناهه ثواب آهي....
> ڪلام الله، اسوه حسنه ۽ اجماع اهو صاف ڪري ٻڌايو آهي ته خواهش جي پوئتان ڊوڙڻ سببان صراط مستقيم بند ٿي وڃي ٿي ۽ سچ انهن کان دور ٿي وڃي ٿو. پوءِ هو انڌن وانگر زندگي بسر ڪن ٿا، تنهنڪري مون پنهنجي خواهشات کي ٻاهر ڪڍڻ شروع

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيو..... نبي پاڪ ﷺ فرمايو اسلام هڪ اوپري وانگر آيو ۽ جيئن آيو هو تيئن هڪ اوپري وانگر ئي ويندو. پوءِ منهنجي پريشاني وڌي وئي، مون کي ڊپ هو ته پاڻ سنڀالڻ کان اڳ ۾ ئي متان موت اوچتو ئي اوچتو اچي مون کي شڪار ڪري.... پوءِ مهربان مؤلا مون کي اهي انسان ملايا جن کي مون پنهنجو خدا ترس رهبر سمجهيو. هو پاڪيزگيءَ جو نمونو هئا ۽ ايندڙ جهان کي هن جهان تي ترجيح ڏيندا هئا. مون کي تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ هنن صبر ڪرڻ جي تلقين ڪئي، رضا ۾ راضي رهڻ جو سبق ڏنو ۽ احسان جي شڪر ادائي ڪرڻ سيکاري. هو اهڙن ماڻهن جا متلاشي هئا جي الاهي محبت ڏانهن رجوع ٿين، انهن کي ڀلاين ۽ مهربانين جو احساس ڏياريندي، رب تعالیٰ آڏو توبه ڪرڻ جي تلقين ڪيائون....

ذوالنون مصري (وفات 245هه 859ع) به سندن همعصر هو. چون ٿا ته هن بزرگ به تصوف بابت ڪتاب لکيا، مگر اها ڳالهه تصديق طلب آهي.

بايزيد بسطامي

هن دؤر ۾ هڪ ٻيو وڏو صوفي بزرگ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو ابويزيد هو، جنهن کي بايزيد بسطامي ڪوٺين ٿا. هو بسطام (ايران) جو باشندو هو. بايزيد وڏي بيباڪيءَ سان چيو ”سبحاني ما اعظم شاني“، يعني تعريف مونکي جڳائي، منهنجو وڏو شان آهي. درحقيقت اهو وحدت الوجود جو نعرو هو ۽ ان صوفيانه اصول جو اهو شروعاتي دؤر هو. حضرت جنيد به ان دؤر جو هو ۽ سندس خيال به وحدت الوجود جي اصول وارا هئا. جنيد تصوف جي خيالن کي صاف ۽ سهڻي نموني پيش ڪيو جنهن ۾ مغالطي پيدا ٿيڻ جو امڪان نه هجي. تصوف فلسفي وانگر عقلي ۽ استدلالي موضوع نه آهي. برعڪس، تصوف جو واسطو ذڪر فڪر، ڪشف وجدان، مشاهدن بلڪه الهام سان آهي، جن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ڏکيو آهي. اهو هڪ قسم جو ذاتي تجربو آهي، جنهن ۾ ڪيترين ڳالهين اهڙين به اچي وڃن ٿيون جيڪي صوفي بزرگ ۽ اولياءِ ڪلم ڪلا چئي نه ٿا سگهن. پر ڪي صوفي بزرگ اهڙا به ٿي گذريا آهن جن جذب ۽ مستي ۾ اهي نعرا هنيا، جن مان ڪن کي ته شريعت جي صاحبن ڦاهي تي چاڙهيو هو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ايئن نہ آهي تہ جن صوفي بزرگن اهي نعرا نہ هنيا سي ڏڄي رهيا هئا. سندن دلي ظرف سمنڊ کان بہ وسيع ۽ گهرو هو. پر انهن نعرن هڻڻ سان مذهبي نظام ۾ افراتفري ۽ خلل پيدا ٿئي ها. تنهنڪري اهي خاموش رهيا.

دل میں سب کچھ ہے مگر طاقتِ گفتار نہیں

حضرت بايزيد پنهنجو ذاتي مشاهدو بيان ڪندي چوي ٿو:

منهنجي روح آسمانن جا سير ڪيا. بهشت ۽ دوزخ بہ ڏٺائين. تڏهين رڙ ڪري چيائين، ”مان پنهنجي انا سان توکي حاصل ڪري نہ ٿو سگهان ۽ مان پنهنجي خوديءَ کان بہ آزاد ٿي نہ ٿو سگهان، هاڻي مان ڇا ڪريان؟“ الاهي آواز آيو، ”تون پنهنجي ’تون‘ کان آزاد ٿي ۽ اها آزادي تڏهن حاصل ڪندين جڏهن منهنجي محبوب محمد ﷺ جي پيروي ڪندين. هن جي پيرن جي خاڪ پنهنجي اکين ۾ وجهہ ۽ هن جي نقش قدم تي هل.“

جن الله تعاليٰ کي سڃاتو تن جو درجو بلند آهي، جيئن حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو، ”جيڪڏهن توهان خدا کي ايئن سڃاتو جيئن سڃاڻڻ کپي تہ پوءِ توهان سمنڊن مٿان گهمي سگهندا ۽ جبل بہ توهان جي حڪم تي هلندا.“

بايزيد بسطامي جيڪي مٿي فرمايو آهي، ان ۾ صوفين جو فنا وارو اصول بيان ڪيل آهي. تصوف جي تاريخ نويسن جو خيال آهي تہ بايزيد بسطامي واري دؤر کان صوفين ۾ فنا جو اصول رائج ٿيو.

چون ٿا تہ بايزيد بسطامي جو هڪ غيرمسلم دوست هو جو صبوح شام سندس صحبت ۾ هوندو هو. ماڻهن پڇيس تہ جڏهن تون ايڏي وڏي مسلمان صوفي بزرگ جي صحبت ۾ هر ويل رهين ٿو تہ پوءِ مسلمان ڇو نہ ٿئين؟ هن جواب ڏنو تہ بايزيد واري مسلماني اهڙي ڏکي آهي جو مان ان تي هلي نہ سگهندس، باقي عام مسلمانن واري مسلماني کان تہ منهنجو ڪفر بهتر آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مؤلانا رومي به اهو قصو مثنويءَ ۾ بيان ڪيو آهي. شاهه صاحب جي چوڻ مطابق ساهڙ انهن کي ملندو جيڪي سِر ساهيندا. اها غلط فهمي آهي ته مسلماني آساني آ.

ڪَنڊِي اُپيُون ڪيترِيُون، "ساهَڙُ ساهَڙُ" ڪَنِ؛
ڪِنِ سانگو ساهَ جو، ڪي "گهورِسَ" ڪيو گهڙَنِ؛
ساهَڙُ سَندو تَنِ، سِرُ ساهي جي گهڙيون.

بايزيد 261هه 875ع ۾ وفات ڪئي.

جنيد بغدادي

تصوف جي علم ۾ حضرت جنيد بغداديءَ کي ڪمال حاصل هو، سندس دؤر ۾ جيتوڻيڪ ٻيا به عظيم صوفي بزرگ ٿي گذريا، پر تصوف جي علم بابت جيڪي هن لکيو ۽ ان کي صحيح ترتيب ڏني سو هر ڪنهن صوفي عالم جو ڪم نه آهي. هن جي صلاحيتن ۽ بلند مقام لاءِ تحريري شهادتون موجود آهن. جيڪي هن لکيو آهي تنهنجي ڪا ترديد يا تنهن سان ڪو اختلاف مشڪل ئي ڪو ٿيو هجي.

مختصر طور سندس چوڻ آهي ته الله تعالىٰ انسانن کان جڏهن پڇيو ته ڇا مان توهان جو رب نه آهيان ته هنن هائو ڪئي. انسان کي ان وقت ڪا جسماني صورت مليل ڪانه هئي، مگر روح هئا جيڪي به الله ۾ سمايل هئا. ان وقت حضرت آدم به پيدا ڪونه ٿيو هو. روح جو وجود ۽ جسماني وجود ٻئي هڪ ٻئي کان الڳ الڳ شيون آهن تنهنڪري روحن کي اهو پتو نه هو ته ڪين جسماني صورت ڏني ويندي. انسان کي دنيا ۾ الله تعالىٰ جسماني وجود سان موڪليو. جسماني وجود کي روح جي ڪيل واعدي جي ڄاڻ ڪانه هئي. حديث قدسي آهي ته، "جڏهن مان بندي کي پيار ڪريان ٿو ته مان هن جي بصارت ٿو ٿي وڃان ۽ هو منهنجين اکين سان ٿو ڏسي، مان هن جي سماعت ٿو ٿي وڃان ۽ هو منهنجي ڪنن سان ٿو ٻڌي...." ان لاءِ جنيد فرمائي ٿو ته الله تعالىٰ انسان کي همٿائي ٿو، طاقت عطا ٿو ڪري، رهنمائي ٿو ڪري ۽ بصيرت بخشي ٿو ته هو حق جي راهه تي هلي، سچائيءَ تي هلي ان اعلىٰ مقام تي رسي جيڪو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ان جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. تصوف جي معنىٰ اها ٿو ٻڌائي ته توهان پنهنجو پاڻ ماري رب تعالىٰ ۾ زنده رهو. هتي جا چيز آهي، سا فاني آهي. الله جي ذات ۾ زندگيءَ جو نالو بقا آهي. پنهنجو پاڻ مٽائڻ سان صوفيءَ جو وجود حقيقي معنىٰ ۾ ختم نه ٿو ٿئي، پر هن جي انفراديت يا وجود، جيڪو عنايت الاهي آهي، سو قائم رهي ٿو، بلڪه ڪامل ٿئي ٿو ۽ ابدي زندگي حاصل ڪري ٿو. مگر پنهنجي حقيقي خالق ۽ محبوب سان وصل ڪو آسان ڪم نه آهي، ان لاءِ امتحان ۽ آزمائشون آهن، جن کي پار پوڻ سان ئي حقيقي محبوب ملي سگهي ٿو. مگر عاشقن کي هيءَ مصيبت به مٺي ٿي لڳي. جڏهن روح محبوب سان ملي ٿو ته پوءِ هن کي انفرادي دائمي زندگي ملي ٿي جنهن بعد الله تعالىٰ طرفان سڀ نعمتون عطا ٿين ٿيون. بقول حضرت جنيد بغدادي صوفين جي هيءَ ساري جدوجهد ۽ جاکوڙ ان واعدي کي پوري ڪرڻ ۾ محبوب حقيقي سان ملڻ لاءِ آهي، جنهن بعد انسان کي ابدي ۽ ڪامل زندگي عطا ٿيندي.

حضرت جنيد 298هه 910ع ۾ وفات ڪئي. بغداد جو مشهور صوفي ابوبڪر شبلي (وفات 334هه 946ع) سندس شاگرد هو.

حسين بن منصور حلاج

حسين بن منصور حلاج به بايزيد بسطاميءَ واري رستو اختيار ڪيو، مگر ان ڪان به وڌيڪ جرئت سان ۽ کليو کلايو. بايزيد کي ڦاسيءَ جي سزا نه ملي، مگر منصور حلاج خلاف عالمن ڪفر جي فتوىٰ ڏني ۽ کيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. هن به پهريائين ته جنيد وارو رستو اختيار ڪيو مگر پوءِ ان کان اڳتي وڌي ويو ۽ "اناالحق" (مان حق آهيان) جو نعرو هڻڻ لڳو، جيڪو شريعت جي صاحبن وٽ ناقابل برداشت آهي. هن خدائي جي دعوىٰ ڪانه ڪئي، جيئن فرعون ڪئي هئي، مگر فتوىٰ ڏيندڙ عالمن اهو ئي سمجهيو ته هن خدائيءَ جي دعوىٰ ڪئي آهي، تنهنڪري هن جي خلاف شريعت جي فتوىٰ صادر ڪئي وئي. سندس چوڻ آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪڏهن الله ڪي نہ ٿا ميڃو تہ ڪم از ڪم هن جي صفات ڪي تہ سڃاڻو! مان حق آهيان، ڇاڪاڻ تہ ان حق مون ڪي دائمي حق بڻايو آهي. منهنجا دوست ۽ استاد ابليس ۽ فرعون آهن. ابليس ڪي دوزخ جي باهہ جو ڊڄڪو ڏنو ويو پرهو نہ مڙيو، فرعون ڪي درياءَ ۾ ٻوڙيو ويو پر هو باز نہ آيو، ڇو تہ هنن خدا ۽ پنهنجي وچ ۾ ٻي ڪا شئي حائل نہ سمجهي، جيتوڻيڪ مون ڪي بہ ماريو ويندو، ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو، منهنجا هٿ پير ڪٽيا ويندا، تڏهن بہ توبہ نہ ڪندس.

هاڻي حلاج اهڙي جذبي ۾ مست ٿي چڪو هو، جو ڪيس ان جي نتيجن جي ڪا پرواهہ ڪونہ هئي. چيائين تہ، ”مون ڪي ڦاسيءَ تي چاڙهيو يا هٿ ڪاٽيو مگر مان اناالحق جي قول کان باز نہ ايندس.“ هن نعري ماڻهن ڪي حيران ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ ۾ هلچل برپا ٿي وئي، پر منصور ڪي ڪنهن جي پرواهہ ڪانہ هئي تہ ڪو ڪافر ڪوني تہ ڇا، ڪو مسلمان سڏي تہ ڇا! هن ڪي سوري سڏ ڪري رهي هئي. بقول سچل سائين:

ڪو مشرڪ چوي ملحد چوي،
آئون جو ئي آهيان، سو ئي آهيان.

جڏهن ڪيس سوريءَ تي آندو ويو، تڏهن ماڻهن ڏي منهن ڪندي دعا گهريائين: ”اُهي تنهنجا ٻندا جيڪي دين خاطر تنهنجي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن، تن ڪي يا الله معاف ڪر ۽ انهن تي رحم ڪر. جيڪي تو مون تي ظاهر ڪيو آهي، انهن تي جيڪڏهن انڪشاف ڪرين ها تہ اهي ايئن ڪونہ ڪن ها. جيڪڏهن تون مون کان لڪائين ها، جيڪي هنن کان لڪايو اٿي، تہ پوءِ مون ڪي ڪا بہ تڪليف سهڻي نہ پوي ها. تنهنجو شان بلند آهي. جيڪي تون چاهين ٿو سو ڪجهہ ڪرين ٿو، تنهنجو عظيم شان آهي.“

منصور حلاج 309هہ ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.

هن جي لفظن مان ظاهر آهي تہ منصور تي خاص ڪيفيت پئي طاري ٿي جڏهن هن اناالحق جو نعرو پئي هنيو. هو پنهنجي دعا ۾ الله تعالىٰ کي انهن جي معافي لاءِ ملتجي هو، جن ڪيس

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شرعي تقاضائن مطابق ڦاسي پئي ڏني. ان وقت هن پاڻ کي ”حق“ کونه پئي چيو. هيءَ ته اها ڪيفيت آهي جو جڏهن ڪيس الهام پئي آيو ته اناالحق جو نعرو هڻ.

من نمی گویم انا الحق، یار می گوید بگو
(مان اناالحق جو نعرو نه ٿو هڻان، پر يار ٿو چوي ته هڻ!)

ڦاسيءَ جي وقت به منصور هشاش بشاش هو، سندس چهري تي ڪا پريشاني ڪانه هئي.

اڪبرالله آبادي جو اعتراض آهي ته منصور نعري هڻڻ وقت ”مان“ چو چيو، تنهنجي معنيٰ ته اجان هن کي پنهنجي هستيءَ جو هوش هو. جيڪڏهن ان وقت ”مان“ جو احساس هئس ته پوءِ هو ڦاسيءَ جو سزاوار آهي.

حضرتِ منصور انا بھی کہہ رہے ہیں حق کے ساتھ
دار پر تشریف لے جائیں گر اتنا ہوش ہے

عارف روميءَ ۽ ٻين ان وقت جي ولين ۽ بزرگن منصور کي ساراهيو آهي. روميءَ جو چوڻ آهي ته هيءَ فرعون واري انا نه هئي، فرعون واري انا لعنت هئي ۽ منصور واري انا رحمت هئي.

ایں انا بیوقت گفتن لعنت است   ویں انا در وقت گفتن رحمت است
آں انا منصور را رحمت بدہ   ایں انا فرعون را لعنت بدہ
(بي موقع اها انا چوڻ لعنت آهي، هيءَ ساڳي انا موقع تي چوڻ رحمت جو باعث آهي.
اها انا منصور جي لاءِ رحمت هئي، پر ساڳي انا فرعون لاءِ لعنت جو باعث آهي.)

ابو سعيد ابوالخير منصور کي مرد سڏيندي چيو آهي، ”حلاج طرفان ڦاسيءَ تي جان ڏيڻ مردن جو ڪم آهي ۽ نه نامردن جو.“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حضرت ابوبڪر شبليءَ چيو، ”حلاج جي شهادت هڪ اهو گوهر آهي جنهن جو هٿ اچڻ مشڪل آهي. ان جي عزت ڪرڻ جڳائي ۽ سيني ۾ محفوظ ڪجي.“

حسين بن منصور حلاج جي شخصيت متنازعه رهي آهي، جيئن مٿي ڄاڻايل آهي ته گهڻا ڪيس ولي الله ۽ خدا جو سچو عاشق سڏين ٿا، مگر ڪي صوفي بزرگ اهڙا به ٿي گذريا آهن جن ڪيس ملامت جو نشانو بڻايو آهي.

حسين بن منصور جي هڪ مشهور تصنيف ”ڪتاب الطواسين“ آهي جنهن ۾ هن الله تعالىٰ جي وحدانيت جو صاف اقرار ۽ رسول الله ﷺ جي بي انتها تعريف ۽ توصيف ڪئي آهي. هيءُ ڪتاب سندس خيالات جو آئينه دار آهي. ان مان ڪي ٽڪرا پڙهندڙن جي فڪر ۽ دلچسپي لاءِ عرض رکجن ٿا، جن مان اندازو لڳائي سگهبو ته منصور ڇا واقعي خدائي جي دعوىٰ ڪئي هئي!

> ”رسول ڪريم ﷺ ئي انا جي مفهوم کي ڄاڻن ٿا. هو ئي انسانيت جي معراج تي هئا ۽ جڏهن حقيقت جي اعلىٰ ترين درجي تي پهتا ته قرآن حڪيم مطابق بن ڪمانن کان گهٽ فاصلو هو.“

منصور جو چوڻ آهي ته رسول ڪريم ﷺ حقيقت جي بلند ترين مقام تي هجڻ باوجود الله پاڪ کان الڳ رهيا ته پوءِ مان ان جي مقابلي ۾ ڇا آهيان. بئي هنڌ چوي ٿو:

> ”محبت ڪرڻ جي حقيقت اها آهي جو تون دلدار جي پاسي ۾ بيٺو رهين، پنهنجون وصفون ترڪ ڪري هن جي صفات سان آراسته ٿي وڃين.“

صوفي، انسان کي خدا تعالىٰ جو مظهر سمجهن ٿا ۽ نه خدا، ايئن جيئن سمنڊ جو هڪ قطرو، پر قطري کي سمنڊ چئي نه ٿو سگهجي. منصور جو چوڻ آهي: ”مان چوان ٿو ته جيڪڏهن حق کي نه ٿا سڃاڻو ته ان جي علامتن کي سڃاڻو. مان به ان جي هڪ علامت آهيان. انا الحق آهيان، ڇاڪاڻ ته مان هميشه حق سان رهيو آهيان.“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

”ڪتاب الطواسين“ ۾ لکي ٿو، ”حق هميشه حق رهندو، انسان، انسان.“ سيدالمرسلين ﷺ جي سا راهه ڪندي پنهنجي ڪتاب جي شروعات ۾ ئي لکي ٿو ”طاسين محمدي هڪ چراغ هو، جيڪو غيب جي نور مان ظاهر ٿيو ۽ وري غيب ۾ هليو ويو. هيءُ چراغ پنهنجي همسر چراغن کان اڳتي وڌي ويو، هو چنڊ کان وڌيڪ روشن ۽ ان جي روشني جو سُرور بڻيو. هن روشن مدارن (ڪرڻن) کي تجلي بخشي. هو اهڙو الاهي ستارو هو جنهن جي جاءِ اسرار جي آسمان تي هئي.

”نبي ڪريم ﷺ جي نور سان نبوت جا نور منور ٿيا. جيڪي به نور آهن، سي سڀ سندس نور مان ظاهر ٿين ٿا . حقيقت اها آهي ته هن منور نور کانسواءِ ٻيو ڪو نور ايڏو روشن، نمايان ۽ حقيقت ۾ موجود ئي نه آهي. سندن همت سڀ کان بلند هئي، سندن وجود عدم کان اڳتي هليو ويو ۽ سندن پاڪ نالو قلم کان اڳتي وڌي ويو، ڇاڪاڻ ته پاڻ قلم کان به اڳ موجود هئا ..... سندن نظر، عظمت، شهرت، نور، قدر ۽ منزلت سڀ کان اڳ بلڪه مخلوق جي وجود کان به اڳ مشهور هئا. پاڻ ازل کان اڳ موجود هئا ۽ سندن جوهر ابد کان پوءِ به قائم رهندو. سندن جوهر پاڪيزه آهي، سندن ڪلام نبوت جو مظهر ۽ سندن علم انتهائي بلند آهي.“

حسين بن منصور حلاج ابليس جي به مشروط تعريف ڪري ٿو. لکي ٿو ته ابليس آدم کي سجدي کان انڪار ڪندي الله پاڪ کي چيو، ”منهنجو غير سان واسطو ڪونهي، مان تنهنجو انتهاپسند عاشق آهيان.“ خدا تعاليٰ فرمايو، ”تو غرور ڪيو.“ جواب ڏنائين، ”جيڪڏهن مان محض هڪ گهڙي توسان گڏ هجان ها ته تڪبر سبب مون واسطي سزا هجڻ کپندي هئي، پر مان ته عرصهٔ دراز کان تنهنجو شناسا آهيان. مان آدم کان گهڻو بهتر آهيان. ڇو بهتر آهيان؟ ڇاڪاڻ ته منهنجي خدمت ۽ بندگي ڏاڍي پراڻي آهي. هاڻي مان توکانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪيئن سجدو ڪريان؟ تو مون کي باهه مان ناهيو آهي، بهتر آهي ته مان باهه ڏي ئي وڃان، ڇو ته منهنجو مقدر ۽ اختيار تنهنجي هٿ ۾ آهي.“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

منصور جي زباني شيطان پاڻ کي الله تعاليٰ جو ”انتها پسند عاشق“ سڏايو آهي. دنيا ۾ به ائين ڏٺو ويو آهي ته انتها پسند جو انجام به ان قسم جو ٿيندو آهي. منصور جون اهي سٽون پڙهڻ کانپوءِ ئي مون کي شاهه صاحب جون هينيون شعر پوري طرح سمجهه ۾ آيو. جيڪي منصور شيطان لاءِ چيو آهي سو شاهه جي شعر جي بهترين تشريح ۽ تفسير آهي.

عاشق عزازيل، پيا مڙيوئي سڌ ڙيا؛
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

بي هنڌ ابليس لاءِ لکيو اٿس:

ابليس اطاعت کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجو عقل وڃائي ويٺو. هن چيو ته مان آدم کان بهتر آهيان، هو غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿي ويو. سندس منهن ۾ مٽي پئي ۽ عذاب ۾ گرفتار ٿي ويو.

عارف رومي، شاهه پٺائي ۽ علامه اقبال ٽيئي منصور کي ولي الله تصور ڪن ٿا. اقبال منصور کي خوديءَ جو مظهر يا نشان سمجهي ٿو. البته جيستائين هن ”ڪتاب الطواسين“ نه پڙهيو هو، تيستائين سندس خيال مختلف هو. اهو ڪتاب 1913ع ۾ فرانس ۾ ڇپيو. جيتوڻيڪ اقبال جو ”اسرار خودي“ 1915ع ۾ ڇپيو هو، تاهم ”ڪتاب الطواسين“ اقبال جي نظر مان ڪونه گذريو هو. ان بعد علامه اقبال منصور جي همنوائي ڪئي. اهو به ممڪن آهي ته مٿس پنهنجي مرشد مؤلاءِ روم جو اثر ٿيو هجي. مؤلانا رومي ته هن حد تائين منصور جي حمايت ٿو ڪري ۽ چوي ٿو، ”جيڪو انا الحق چوي ٿو، سو وڏي نياز نوڙت وارو آهي، هو پنهنجي وجود جي دعويٰ نه ٿو ڪري، پر رڳو ڪري چوي ٿو ته مان الله جو ٻانهو آهيان، سو درحقيقت پنهنجي وجود جو انڪاري نه آهي، حالانڪه ڪائنات ۾ وجود صرف الله تعاليٰ جو آهي.“

منصور کو ہوا لبِ گویا پیامِ موت
اب کیا کسی کے عشق کی دعویٰ کرے کوئی

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پر عشق وارن کي موت جي پرواه نہ هوندي آهي، عشق الاهي خاطر هنن جو سر اڏيءَ تي رکيل هوندو آهي.

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا

شاهہ سائين ساڳيو خيال هن خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي:

هيءَ هڏو ۽ چم، پڪ ڳريان جي نہ پڙي.

حضرت بابا فريدالدين گنج شڪرؒ منصور بابت هي واقعو بيان ڪيو آهي:

خواجہ منصور جي پيڻ بغداد جي رڻ پٽ ۾ هلي ويندي هئي ۽ اتي وڃي عبادت الاهيءَ ۾ مشغول ٿيندي هئي. جڏهن هن جي موٽڻ جو وقت ٿيندو هو تہ فرشتي کي حڪم ملندو هو تہ جنت جي شراب جو هڪ پيالو، جنهن ۾ اسرارِ الاهي هوندا هئا، سو سندس هٿ تي آڻي رکي، جنهن کي پيئڻ بعد حجري ۾ واپس هلي ويندي هئي. نيٺ خواجہ منصور کي اها خبر پئجي وئي ۽ هو موقعي جي تلاش ۾ رهيو. جڏهن سندس وليہ پيڻ هميشہ جي دستور مطابق ٻاهر نڪري وئي تہ منصور بہ سندس پوئتان لڳو. وليہ پنهنجي جاءِ تي پهچي الاهي عبادت ۾ مصروف ٿي وئي. جڏهن عبادت مان فارغ ٿي تہ هميشہ وانگر فرشتي سندس هٿ تي اچي پرپل پيالو رکيو. هوءَ پيئڻ لڳي. اجان ٿورو ئي پيتائين تہ خواجہ منصور رڙ ڪري چيو، ”چا منهنجو حصو ڪونهي؟“ وليہ پٺتي ورائي ڏٺو تہ منصور آهي. ڏاڍو افسوس ٿيس، چيائين، ”افسوس اٿم جو راز ظاهر ٿي پيو.“ پوءِ منصور کي چيائين، ”اي منصور تون هيءُ پيالو پيئڻ تہ چاهين ٿو پر تون ان کي برداشت ڪري نہ سگهندين.“ آخرڪار جيڪي ڪجهہ ان پيالي ۾ بچيل هو پي ويو، مگر سندس حالت دگرگون ٿي وئي ۽ اناالحق جو نعرو هڻندو هليو ويو. خواجہ منصور جي پيڻ اهو ڏسي روئڻ لڳي ۽ منصور کي چوڻ لڳي، ”اي تنگ حوصلہ انسان، تون خود بہ خوار ٿئين ۽ مون کي بہ شرمسار ڪيئي.“ ان بعد شهر ۾ اچي جڏهن خواجہ منصور ڪلمہ ڪلا اناالحق جو نعرو هنيو تہ شريعت مطابق ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. ڦاسي کان اڳ خواجہ منصور جي پيڻ پنهنجي پاءُ وٽ وئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيائينس، ”منصور مون

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

توکي اهو چيو هو ته تو ۾ پيالي پيڻ جي سگهه ڪانهي پر تو ڳالهه قبول ڪانه ڪئي. دوست جي راز کي ظاهر ڪيئي ۽ ان جي سزا ۾ توکي جان ڏيڻي پئي!“ خواجه منصور جي قتل کان پوءِ عوام ۾ اهو چؤبول هو ته منصور بيشڪ مرد هو، پنهنجي دوست جي راه ۾ جان قربان ڪيائين. هن جي پيڻ اهي ڳالهيون ٻڌي مشڪي ڏنو ۽ فرمايائين ته، ”غافلو جيڪڏهن منهنجو ڀاءُ منصور مرد هجي ها ته محبت جي شربت مان ٿوري ڍڪ پيڻ سان هوش مان نڪري نه وڃي ها. حقيقت ۾ هو مرد نه هو تنهنڪري اسرار الاهي جي شربت هڪ ڍڪ پيڻ سان ئي حواس وڃائي ويٺو.“

چون ٿا ته منصور جي محترمه ڀيڻ ولايت جي تمام وڏي منزل تي پهتل هئي جنهن جو اندازو مٿي بيان ڪيل واقعي مان ٿي سگهي ٿو. چيو وڃي ٿو ته هو جڏهن بغداد شهر ۾ نڪرندي هئي ته صرف اڌ منهن ڍڪيل هوندو هئس. جڏهن ماڻهو پڇندا هئا ته توهان پردو ڇو نه ٿا ڪيو، ته جواب ۾ هوءَ فرمائيندي هئي، ”بغداد ۾ مون کي ڪو مرد نظر ڪونه ٿو اچي جنهن کان ستر ڪيان. ها هڪڙو منهنجو ڀاءُ منصور آهي، پر اهو به اڌ مرد آهي تنهن ڪري رڳو منهن جو اڌ ٿي ڍڪيان!“

حجته الاسلام امام غزالي

دنياءِ اسلام ۾ مشڪل ئي امام غزاليءَ جي پايي جو عالمِ دين، فلاسفر ۽ صوفي پيدا ٿيو هجي، ان ڪري کيس حجة الاسلام ڪوٺيو ويندو آهي، يعني اسلام جو ثبوت. حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ نبي آخرالزمان آهن ۽ کانئن پوءِ ٻيو ڪو نبي پيدا ٿيڻو ڪونهي. پر سندس غيرمعمولي قابليت ڏسندي چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪو نبي اچڻو هجي ها ته اهو امام غزالي هجي ها. سندس تصنيفات ۽ دعوت ۾ هڪ پيامبرانه شان آهي. سندس پورو نالو ابو حامد محمد ابن محمد الغزالي آهي. 450هه 1058ع ۾ طوس (ايران) جي پرسان پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم به قابل استادن وٽان مليس پر کيس علم جي اها پياس هئي جو وطن کي خيرباد چئي نظاميه درسگاه نيشاپور ۾ جليل القدر عالم امام الحرمين علامه ضياءُالدين الجويني جي شاگردي اختيار ڪيائين. مگر شاگرد جي شهرت ۽ قابليت اڳتي هلي پنهنجي محترم استاد کان گهڻو وڌي وئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

484هه مطابق1091ع ۾ 33 ورهين جي ڄمار ۾ ملڪ شاه سلجوقي جي مشهور معروف علم دوست سياستدان وزيراعظم نظام الملڪ طوسي جي وساطت سان درسگاه نظاميه بغداد جو سربراه مقرر ٿيو. هي اها مشهور درسگاه هئي جتي پيرسن، جيد ۽ تجربيڪار عالم ئي مقرر ڪيا ويندا هئا. اتي ٿي سال ڪم ڪيائين ۽ پنهنجي علمي قابليت، واعظن ۽ تقريرن ۾ وڏي شهرت حاصل ڪيئين. امام غزالي ديني علوم، قانون داني ۽ فلسفي ۾ عظيم مهارت جو مالڪ هو، تنهنڪري وڏو ناماچار ڪڍيائين. پر ٽن سالن کان پوءِ فلاسفر ۽ فقيه وارو رستو ڇڏي، سڀ ڪجهه ترڪ ڪري، وڃي درويش خانه بدوش ٿيو. ظاهري علم ۽ عقل جي دنيا مان نڪري، عشق جي واديءَ جو سفر اختيار ڪيائين. هاڻي هن جهنگن، جبلن ۽ برپٽن جو رخ ڪيو، جيڪي عشق جو تربيت گاهه سمجهيا ويندا آهن. امام صاحب هينئر تصوف جي دنيا ۾ گهڙيو. اهڙي طرح هو ڏهه سال دنيا کان دور رهيو. هن ٽن ڳالهين جو عهد ڪيو، جن تي ساري عمر قائم رهيو.

- بادشاهن سان تعلقات ترڪ ڪرڻ
- بادشاهن جو پگهار دار ۽ درباري نه ٿيڻ
- مناظرن ۽ بحثن کان پري رهڻ

ان وقت اسلامي علمي دنيا يوناني فلسفي جي مرعوبيت زير اثر هئي. مسلم دنيا ۾ عالم ۽ دانشور ارسطو ۽ افلاطون جا ذهني غلام بڻجي چڪا هئا. مسلمان مفسرن جو ويس ته اسلامي هو پر روح يوناني. مذهب انهن جي نظرن ۾ صرف قانون جو نالو هو ۽ فلسفو علم جو بحرِ بيڪران هو. ابن رشد چوندو هو ته قرآن به حق آهي ۽ فلسفو به حق آهي؛ پر صداقت صرف هڪ ٿي سگهي ٿي، تنهنڪري يوناني فلسفي سان قرآن جي مطابقت آهي. اسلامي اصولن کي ٽوڙي مروڙي، يوناني فلسفي جي ڍانچي ۾ ترتيبيو ويو. ڪنهن کي مجال هئي جو بغداد جي دربار ۾ يوناني فلسفي جي مخالفت ڪري!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اهڙي ماحول ۾ غزاليءَ، جيڪو خود به يوناني فلسفي جو وڏو ماهر هو، تنهن ان جي زبردست ۽ مؤثر مخالفت ڪئي ۽ يوناني فلسفي جي بت کي ٽوڙي چڏيائين. صوفيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجي ذهني ماجرا ۽ روحاني ڪيفيت اهڙي طرح بيان ڪئي جو هر لفظ سندس سچائي ۽ سوچ جو گواهه آهي. امام موصوف لکي ٿو:

پوءِ مون پنهنجي توجهه صوفي طريقي تي ڏني. مون کي خبر هئي ته اهو رستو بناعقيدي، اصول ۽ عمل جي طئي ڪري نه سگهبو ۽ عقيدي جو اصل روح ان ۾ آهي ته مان پنهنجون جسماني خواهشون ترڪ ڪريان، غليظ رجحانن ۽ رذيل صفتن کان نجات حاصل ڪريان، انهيءَ لاءِ ته منهنجي دل ۾ الله پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هجي ۽ ان صفائي جو طريقو الله جو ذڪر آهي. يعني صرف الله جي ياد هجي ۽ هر سوچ الله بابت هجي. هاڻي منهنجي لاءِ عقيدو عمل کان به آسان هو، تنهنڪري انهن (صوفين) جو عقيدو ڪتابن ۽ شيوخ جي قولن مان سکڻ شروع ڪيم. مون ايتري حد تائين انهن جو طريقو سکيو ۽ ٻڌو جيترو ممڪن هو، پوءِ صاف صاف نظر آيو ته انهن ۾ جا غيرمعمولي چيز هئي، سا وجد، مشاهدي ۽ باطني تبديلي کانسواءِ حاصل ڪرڻ ناممڪن هئي. مون کي پڪ ٿي وئي ته تصوف جو جيترو علم پڙهڻ ذريعي حاصل ٿي پئي سگهيو سو ڪيو هئم، پر باقي جا اصل شيءِ حاصل ڪرڻي هئم، سا تڏهن حاصل ٿي پئي سگهي جڏهن صوفيانه زندگي اختيار ڪريان. مون پاڻ کي ڏٺو جيئن ان وقت هئس. دنيا جون خواهشون مون کي وڪوڙي ويون هيون، استاد جي حيثيت ۾ پڙهائڻ جو ڪم، جيڪو بهترين ڪم آهي، اهو به آئينده واري زندگي لاءِ مون کي غير اهم ۽ بيڪار محسوس ٿيڻ لڳو. جڏهن پڙهائڻ بابت پنهنجي نيت تي غور ڪيم ته محسوس ٿيو ته اهو خدا جي راهه ۾ ڪونه پئي ڪيم بلڪ ان ۾ ذاتي شهرت ۽ وقار جي خواهش پريل هئي. ڏٺم ته مان هڪ ٽڪري جي وٽ تي بيٺو آهيان ۽ جيڪڏهن رستو نه بدلايم ته وڃي اوڙاهه ۾ ڪرندس. پنهنجي بيوسي محسوس ڪندي، پنهنجي خواهشن تان دستبردار ٿيندي، هڪ مصيبت ۾ ماريل ۽ بي اجهي آسري انسان جيان وڃي الله پاڪ وٽ پناهه ورتم. الله تعاليٰ منهنجي دعا قبول ڪئي ۽ مون پنهنجي شهرت، دنيا دولت، اهل عيال ۽ دوستن، سڀني کي الوداع ڪيم.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اهو انسان جيڪو پنهنجي انتهائي استعداد ۽ غيرمعمولي صلاحيتن ذريعي پنهنجي لاءِ دنيا ۾ جا نه پئي ڪري سگهيو، تنهن 37 ورهين جي عمر ۾ اسلامي دنيا جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي جي سربراهي جهڙي عهدي ۽ ناموري واري طرز زندگي کي خيرباد چئي بقيه عمر صوفيانه، درويشانه ۽ فقيرانه طور بسر ڪئي ۽ اسان لاءِ پنهنجي عمل ۽ تصنيفن جي صورت ۾ اهو لافاني خزانو ڇڏي ويو جنهن جي مقابلي ۾ حڪمرانن جا محل ۽ بئنڪن جا خزانا به ڪا حيثيت نه ٿا رکن.

بقول امام غزالي ”ايمان ان پختي يقين کي چئبو آهي، جو معجزي ڏيکارڻ باوجود متزلزل نه ٿئي.“ هو يوناني فلسفي جي مخالفت ڪري ٿو پر اها انڌي مخالفت نه آهي. سندس چوڻ آهي ته ”يوناني فلسفو نه ته خدا جي ذات کي ثابت ڪري سگهي ٿو ۽ نه ان وٽ ڪو ثبوت آهي ته خدا هڪ آهي يا گهڻا آهن يا ڪوئي به ڪونهي. مسلمان يوناني فلسفي جو مطالعو ضرور ڪن مگر اعتدال سان، ڪٿي به ڪا ڪارائتي شئي يا حقيقت ملي وڃي ته کڻي وٺجي. فلسفي ۽ سائنس کان منهن موڙڻ سراسر جهالت آهي. مثال طور سج، چنڊ، زمين، نباتات ۽ حيوانات متعلق جيڪي سائنسي تجربات آهن انهن کان انڪار ڪرڻ بيوقوفي آهي.“

امام غزالي پنهنجي گوشه نشيني جو سبب ٻڌائيندي چوي ٿو، ”منهنجي مصروفيت گوشه نشيني، خلوت، رياضت ۽ مجاهده کان علاوه ڪجهه به نه هئي. اهي سڀ ڳالهيون تزڪيئه نفس، اخلاق سنوارڻ ۽ قلب جي صفائي لاءِ هيون، جيئن الله تعاليٰ جو ذڪر ڪجي، جيڪو مون صوفين کان حاصل ڪيو.“

حضرت امام غزالي جو چوڻ آهي ته ساري محبت الله پاڪ لاءِ آهي ۽ ان جي پيارن سان محبت ڪرڻ به محبت الاهي آهي، لکي ٿو:

> حقيقت ۾ الله جي ذات پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪو به محبت جو مستحق نه آهي. جيڪو غيرالله سان محبت ڪري ٿو ۽ الله تعاليٰ سان لڳاءُ نه ٿو رکي، اها سندس جهالت ۽ قصور آهي. رسول الله ﷺ سان محبت ڪرڻ ضروري آهي، جو ته اها عين محبت الاهي آهي، ۽

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اهڙي طرح عالمن ۽ متقين جي محبت کي تصور ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته محبوب جو محبوب ان جو رسول ﷺ آهي ۽ ان جا محب به محبوبن ۾ شمار آهن ۽ سڀني جو مقصد الله ڏانهن رجوع ڪرڻ آهي، تنهنڪري اهلِ نظر وٽ سواءِ خدا تعاليٰ جي ٻيو ڪو محبوب ڪونهي.

امام غزاليءَ جي وقت ۾ تصوف زندگيءَ جي هڪ طريقي، عقيدي، اصولن ۽ علم جي صورت اختيار ڪئي هئي. ان وقت مسلمان عالم دين يوناني فلسفه کان گهڻو مرعوب هئا. ظاهر آهي ته فلسفي جو بنياد عقل ۽ استدلال تي رکيل آهي ۽ نه ڪشف، وجدان، مجاهدي يا رياضت تي. ٽين ۽ چوٿين صدي هجريءَ ۾ ڪن ايراني عالمن "اخوان الصفا" نالي هڪ گروه ٺاهيو جن اسلامي تعليمات کي ڦيرائي گهيرائي، توڙي مروڙي يوناني فلسفي سان مطابق ڪيو. اهي ڪنهن خاص مذهب جا پيروڪار ۽ اصول جا پابند ڪونه هئا، مگر سڀني مذهبن کي حق تي سمجهندا هئا ۽ انهن کي پنهنجي مرضيءَ جو لباس پهرائيندا هئا. امام غزاليءَ کي اها بي اصولي قبول نه هئي. غزاليءَ جو اسلام ۽ تصوف ڪنهن کان اڌارو ورتل ڪونه هو، پر ان جو سرچشمو قرآن پاڪ، حديث ۽ نبي ڪريم ﷺ جو اسوه حسنه هئا. هو ڪنهن جو مقلد به ڪونه هو. قدرت کيس فلسفي، منطق، تصوف، ديني علوم ۽ قانونداني تي انتهائي عبور عطا ڪيو هو ۽ پنهنجي خداداد صلاحيتن ذريعي يوناني فلسفي جي حمايتي عُلمائن مٿان وڏيون علمي فتوحات حاصل ڪيائين. اهو سندس عظيم ڪارنامو هو جو اسلام ۽ تصوف کي فلسفي جي غلامي کان آزاد ڪرايائين.

امام غزالي، الحارث بن اسد محاسبي ۽ ابو طالب مڪي جي تصنيفات مان ڪافي متاثر هو. المحاسبي حضرت جنيد بغداديءَ جو به استاد هو. امام صاحب جون ڪل تصنيفون نوانوي چيون وڃن ٿيون. هن قرآن پاڪ جو تفسير "ياقوت التاويل" چاليهن وڏن جلدن ۾ لکيو، سندس بيحد مشهور ۽ مقبول ڪتاب "احياءِ العلوم الدين" آهي، جو اسلام ۽ تصوف تي هڪ سند جي حيثيت رکي ٿو. مگر تعجب آهي جو ان لاءِ مٿس ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون ويون، ڪتاب کي ساڙيو ويو ۽ قاضين ايئن به چيو ته جيڪي ماڻهو اهو ڪتاب پڙهندا يا پاڻ وٽ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

رکندا سي ٻه واجب القتل آهن. اڪثر تصنيفون عربيءَ ۾ اٿن، البته ”ڪيمياءِ سعادت“ ۽ ”نصيحت الملوڪ“ فارسي ۾ آهن.

عارف رومي جو والد بزرگوار بهاؤُالدين ولد به امام غزالي کان گھڻو متاثر هو، تنهنڪري اهو به ٿي سگهي ٿو جو يوناني فلسفي جي دلداده فخرالدين رازيءَ جيڪو بلخ جي حڪمران وٽ وڏو بااثر درباري عالم هو، تنهن اهڙيون حالتون پيدا ڪرايون هجن جو بهاؤُالدين هميشه لاءِ بلخ کي الوداع چئي قونيه لڏي آيو. مؤلانا روميءَ جو استاد سندس والد بهاؤُالدين هو، تنهنڪري روميءَ به امام غزاليءَ جو اثر قبول ڪيو. ان بعد اسان ڏسون ٿا ته تصوف ۽ اسلام ۾ روميءَ جهڙو بلند پايه شاعر ڪونه ٿي گذريو آهي ۽ امام غزالي جهڙي شهره آفاق عالم ۽ صوفي جي پايه جو نثرنويس عالم ٻيو ڪو مشڪل ئي ملي.

هيءُ حجة الاسلام، حق پرست عالم ۽ فنا في الله صوفي 14 جمادالثاني 505هه مطابق 1111ع تي 55 سالن جي عمر ۾ وچي پنهنجي خالق حقيقيءَ سان مليو. سندس ڀاءُ احمد غزالي لکيو آهي ته، ”ادو صبوح جو ننڊ مان اٿيو ۽ وضو ڪري نماز پڙهي حڪم ڏنائين ته منهنجو ڪفن ڏاهي کڻي اچو. اهو آندائون، ان کي چمي، اکين تي رکي چوڻ لڳو ته آقا جو حڪم اکين تي آهي.“ ائين چئي سڌو سنئون ليٽي پيو ۽ دم ڏنائين. کيس ڪو به نرينه اولاد ڪونه هو.

خواجه معين الدين چشتي اجميري

هندستان جي اوليائن ۾ حضرت خواجه معين الدين چشتيؒ جو خاص درجو آهي. کين خواجه غريب نواز ۽ سلطان الهند جي لقبن سان به ياد ڪندا آهن. هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪنهن به ولي الله جي درگاهه تي ايترا معتقد نه ٿا اچن جيترا هن عالي درگاهه تي. خواجه صاحب جي محبت ڀري صوفيانه تعليم ۽ تبليغ سان هزارين غيرمسلمان اسلام جا حلقه بگوش ٿيا. هن کان اڳ هندستان اندر پهريون پهريون صوفي بزرگ ۽ ولي الله سيد علي بن عثمان هجويري داتاگنج بخش (1009ع -1072هه) غزنوي دؤر ۾ غزنيءَ کان لاهور پنهنجي ساٿين سان گڏ آيو. سندس ڪيتريون تصنيفون آهن، جن ۾ سڀني کان مشهور فارسيءَ تصنيف ”ڪشف المحجوب“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، جنهن جو انگريزيءَ ۾ خوبصورت ترجمو مشهور پروفيسر نڪلسن ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب تصوف جي موضوع تي وڏي اهميت رکي ٿو. خواجه صاحب جڏهن هندستان پهتو ته پهريائين لاهور ۾ حضرت داتاگنج بخش جي مزار تي چلو ڪيائين، تنهان پوءِ ملتان ۽ دهليءَ کان ٿيندو اجمير روانو ٿيو ۽ باقي زندگي اتي ئي گذاريائين. جيتوڻيڪ حضرت علي بن عثمان هڪ گوهرِ يڪتا آهن، تاهم جيڪا شهرت ۽ عقيدتمندي خواجه صاحب کي حصي ۾ آئي ۽ سندس فيضِ عام سبب غير مسلمان اسلام ۾ داخل ٿيندا ويا، ان جو ڪو جواب ئي ڪونهي.

خواجه صاحب 636هه ڌاري سجستان (ايران) ۾ پيدا ٿيو، پر سندس تعليم تربيت خراسان ۾ ٿي. پوءِ خواجه عثمان هاروني چشتي جي خدمت ۾ پهتو، سندس مريد ٿيو ۽ آخرڪار اتان کيس خرقئه خلافت عطا ٿيو. حضرت خواجه عثمان لاءِ مشهور آهي ته هڪ دفعي هندستان ايندي، رستي ۾ اهڙي هنڌ منزل ڪيائين جتي فارسين جو وڏو آتشڪده هو. خواجه صاحب ماڻهو موڪليو ته وڃي افطار لاءِ باهه تي ماني پچائي اچي، پر اتان جي آتش پرستن کيس اجازت نه ڏني. پوءِ خواجه صاحب خود ويو ۽ آتشڪده جي موبد مختار کي چيائين ته باهه هڪ فاني شئي آهي، ان تي پاڻيءَ جو ڇنڊو وجهو ته وسامي ويندي، تنهنڪري اهڙي شئي جي پوڄا ڇو ٿا ڪريو؟ موبد جواب ڏنو ته اهو سندن مذهب آهي ۽ وڏي عرصي کان هو پرستش ڪندا اچن ٿا. پوءِ خواجه چيس ته تون پلا هٿ يا پير باهه ۾ وجهه ۽ ڏسان ته توکي ساڙي ٿي يا نه! موبد جواب ڏنو ته باهه جو ڪم ساڙڻ آهي. پوءِ خواجه صاحب قرآن حڪيم جي آيت پڙهي، موبد کان سندس ستن سالن جو پٽ وٺي باهه ۾ گهڙي پيو. موبد ۽ سندس ماڻهو دانهون ڪندا رهيا پر باهه جي ويجهو نه پيا وڃن. نيٺ خواجه صاحب سلامتيءَ سان نينگر سميت باهه مان ٻاهر نڪري آيو. اها ڪرامت ڏسي، موبد ۽ ٻيا آتش پرست مسلمان ٿيا. سندس نالو عبدالله رکيائون ۽ پٽس جو نالو ابراهيم.

بے خطر کود پڑا آتشِ نمرود میں عشق
عقل ہے محوِ تماشائے لبِ بام ابھی

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حضرت معين الدين هندستان ۾ چشتيه سلسلي کي پکيڙيو. هن سلسلي وارا وحدت الوجود جي صوفيانه اصول جا قائل آهن ۽ وڄن راڳ به جڙ عبادت جي حيثيت رکي ٿو. انهن ڳالهين سان گڏ حضرت خواجه ۾ پاڪيزگي، زهد، تقويٰ ۽ نيڪي اتم درجه موجود هئا. پاڻ شاعر به هو ۽ سندس صوفيانه ڪلام ست اٺ هزار شعرن تي مشتمل آهي. تعصب کان ڪوهين دور هو، اسلام جي تبليغ به خاموشي مگر انتهائي مؤثر طريقي ڪندو رهيو. سندس ڪرامتون ان کان علاوه هيون، تنهنڪري انهن مڙني ڳالهين سبب هزارين غيرمسلمان مسلمان ٿيا ۽ چشتي سلسلي وڏو زور ورتو.

مشهور آهي ته جڏهن خواجه صاحب نبي پاڪ ﷺ جي روحاني حڪم جي پوئواري ۾ اجمير آيو ته اتان جو حڪمران راءِ پٿورا هو. خواجه جو اجمير ۾ رهڻ راءِ پٿورا کي پسند نه هو، تنهنڪري خواجه صاحب جي هڪ ماڻهوءَ کي، جو وٽس نوڪر هو، تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيائين. ان شخص اچي خواجه صاحب کي دانهن ڏني جنهن تي راءِ پٿورا کي ان لاءِ سفارش ڪيائون. پر ان سفارش تي راجا ويتر ڏمريو ۽ ان غريب کي اجان به وڌيڪ آزارڻ لڳو. جڏهن اها خبر خواجه صاحب کي پئي ته فرمايائين، ”ما پٿورا را زنده گرفتيم و داديم“ (اسان پٿورا کي زنده پڪڙي، حوالي ڪري ڇڏيوسون). انهن ڏينهن ۾ سلطان معزالدين غوري جو لشڪر غزني کان هندستان پهتو. راءِ پٿورا انهن جو مقابلو ڪيو مگر شڪست کاڌائين ۽ گرفتار ٿيو. ويهين صديءَ جي مشهور شاعر ظفرعلي خان غوري ۽ پٿورا جي مقابلي بابت خوب چيو آهي:

تلوار کا بيشک ہے دھني رائے پتھورا
ميداں ميں اگر مدِ مقابل نہ ہو غوري

۽ ائين حضرت جن جي راءِ پٿورا جي باري ۾ ڪيل دعا پوري ٿي. خواجه صاحب 97 ورهين جي ڄمار ۾ 633ھ بمطابق 1235ع ۾ وفات ڪئي. اجمير ۾ سندن مزار آهي، جا صبوح شام ۽ رات ڏينهن عوام لاءِ هندستان ۾ سڀ کان وڏي زيارت گاه آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ساري رات سبحان، جاڳي ڪيو جن ياد؛
تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان؛
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهه اچيو ان جي.

پاڪستان هندستان ۾ قواليون سڀ کان وڌيڪ حضرت صاحب جي درگاهه تي ڳايون وينديون آهن.

سرمد شهيد

سرمد اصل ايران جو وينل يهودي هو. سندس خانداني ڌنڌو واپار هو. هو پنهنجي مذهبي علم کان واقف هو ۽ اسلام جو به مطالعو ڪيو هئائين، جنهن بعد هو مسلمان ٿيو.

واپار سانگي سرمد ايران مان هندستان آيو. ايراني جڏهن هندستان ايندا هئا ته لازمي طرح هنن کي سنڌ مان گذرڻو پوندو هو. سرمد به دستور مطابق پهريائين سنڌ آيو ۽ ٺٽي شهر ۾ پهتو. ٺٽو شهر انهن ڏينهن اڄ واري اجڙيل حالت ۾ نه هو. ان وقت ٺٽو سنڌ جو وڏو ۽ مشهور شهر هو جيڪو نه صرف سياست ۽ علم ادب جو مرڪز هو جتي بيشمار مدرسا هئا، پر وڻج واپار جو مرڪز به هو. سرمد به اتيئي پهتو جتي تقدير کيس ڇڪي آئي هئي. سرمد اتي هڪ هندو ڇوڪري اڀي چند جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويو. ايران جي سرزمين ۾ فارسي شاعريءَ صدين کان عشق جا خوشبودار باغ پوکي ڇڏيا هئا، جن سان سرمد جو ذهن اڳيئي معطر هو. هاڻي جو هن کي خوبصورت اڀي چند نظر آيو، تنهن کيس اهڙو ته گهائل ڪري ڇڏيو جو سندس ڪاري تر مٿان سمرقند ۽ بخارا به قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڪاڏي ويا سندس وڻج واپار، ڪاڏي ويا سندس حساب ڪتاب، سڀ وساري ٺٽي ۾ ديرو ڄمايائين. اڀي چند جي مائٽن به جڏهن ڏٺو ته سرمد جو عشق خامين ۽ خرابين جي خلل کان خالي ۽ هوس کان عاري آهي ته هنن به عاشق ۽ سندس معشوق جي تعلقات تي اعتراض نه ورتو. سرمد جو عشق وجي ديوانگيءَ جي دروازي تي پهتو ۽ سوز ۽ درد سندس دل ۾ مستقل جاءِ پيدا ڪئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ان بعد سرمد شاهجهان آباد (دهلي) پهتو، جتي دارا شڪوه جو عروج هو. دارا صوفي منش انسان هو، ملڪي معاملات ۽ سياست سان گهٽ دلچسپي هئس، البته تصوف ۽ ويدانت سان سندس وڏو ذوق هو، تنهنڪري سندس مصاحبين ۾ گهڻا ئي هندو برهمڻ ۽ جوڳي هوندا هئا. مسلمان عالم به هئا، مگر گهٽ. هن جون ڪچهريون صبوح شام انهن بحثن ۾ بسر ٿينديون هيون. سرمد جو تعلق به دارا جي دربار سان ٿي ويو. ٻئي طرف هو شاهه جهان جو ٽيون نمبر پٽ اورنگزيب جيڪو قناعت پسند، اعلىٰ منتظم، جنگي ماهر ۽ شريعت جي اصولن جو سختي سان پابند هو. ڪڏهن هو قندار، بلخ ۽ بخارا جي جنگين ۾ مصروف هو ته ڪڏهن وري گجرات جي ڏکر کي منهن ڏيڻ ۾ مشغول ۽ ڪڏهن ڏکڻ هندستان جي باغي يا مخالف حڪمرانن کي مهميز ڏيڻ ۾ پورو. جيتوڻيڪ پاڻ ۾ سڀئي پائر هئا پر ٻنهي جي پاڻ ۾ پوت ڪانه هوندي هئي. هندو اڪثر ڪري دارا سان هئا ۽ مسلمانن جي وڏي اڪثريت جو ساٿ اورنگزيب سان هو. اڪبر اعظم جي پنجاهه ساله دؤر حڪومت ۾ ديني افراتفري اڳيئي ڦهلجي چڪي هئي. حضرت مجدد الف ثاني جهانگير جي دؤر حڪومت ۾ وڏيون سختيون ۽ قيد برداشت ڪندي اسلامي شريعت کي بچائڻ ۽ مذهبي بگاڙ کي روڪڻ لاءِ مجاهدانه ڪوششون ورتيون ۽ وحدت الوجود جي جڳهه هن وحدت الشهود جو نظريو پيش ڪيو. دارا شڪوه، جيڪو شاهه جهان بعد تخت نشين ٿيڻ وارو هو، تنهن پاڻ کي شرعي پابندين کان آزاد رکيو هو ۽ مثال حڪومت هلائڻ جي فن کان ناواقف هو. تنهنڪري مسلمانن وڏو خطرو محسوس ڪندي، پنهنجي رهنمائي لاءِ قابل ڪار ۽ زماني جي ڪوري مان پڪل اورنگزيب جو طرف ورتو.

سرمد تي عشق مجذوبي واري ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئي ۽ هو لباس ترڪ ڪري اگهاڙو گهمڻ لڳو ۽ دارا سندس دوست ٿي ويو هو. دارا جي طريقه زندگي ۽ آرام ڪوشي ڪيس هاڻي ايڏي وسيع ۽ عريض سلطنت کي هلائڻ جي اهليت کان محروم ڪري ڇڏيو هو. نالي ۾ ته بيشڪ وڏو پٽ تخت جو وارث هوندو آهي، پر تاريخ ڏاڍي ظالم آهي. ان

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جو هر لفظ گواهه آهي ته تخت تاج جو حقدار اهو ئي ٿيندو آهي جيڪو ان جي تحفظ جي طاقت رکندو آهي، ورنه پروارن حڪمرانن ۽ خود بادشاهه جي اميرن، وزيرن ۽ سپهه سالارن جون اکيون تخت تاج ۾ کتل هونديون آهن ۽ بادشاهه کي لاهڻ لاءِ موقع جي تلاش ۾ هوندا آهن ۽ سازش ۾ مصروف رهندا آهن. سرمد دارا جو کلم کلا طرفدار هو، پر هو دارا کي اورنگزيب خلاف مدد ڏيڻ کان قاصر هو، حالانڪه هن جي دل گهڻو پئي چاهيو ته دارا ڪامياب ٿئي. چا جوڳي ۽ فقير ۽ چا جنگ! شاهجهان پنهنجي لاڏلي پٽ دارا کي اهڙي عيش عشرت ۾ پاليو هو جو هن ۾ حڪومت ڪرڻ جي ڪا صلاحيت نه رهي.

ٻن خونريز جنگين بعد، باوجود وڏي لشڪر، ساز ۽ سامان جي، دارا شڪست کائي ڀڳو، مگر ڪيس گرفتار ڪري دهلي آندو ويو ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.

1658ع ۾ اورنگزيب عالمگير تخت نشين ٿيو ۽ هن اسلامي نظام جي نفاذ طرف قدم وڌائڻ شروع ڪيو ۽ باغين جي سرڪوبيءَ ۾ مصروف ٿي ويو. هڪ مجلس ۾ اورنگزيب سرمد کي سڏايو ۽ چيائينس ته ماڻهو چون ٿا ته سرمد دارا کي تخت نشينيءَ جي خوشخبري ٻڌائي هئي. سرمد چيو، "اها اڳڪٿي ته درست نڪتي ۽ دارا کي ابدي سلطنت جي تاجپوشي نصيب ٿي."

بادشاهه جي طرفدار عالمن جي مرضي هئي ته ڪنهن به طرح دارا جي هن طرفدار مجذوب صوفي کي به سزا ڏياري وڃي. سرمد اگهاڙو گهمندو هو، جنهن تي عالمن هن کي ڪپڙن پائڻ لاءِ چيو پر سرمد لباس پائڻ کان انڪار ڪيو. اورنگزيب کي عالمن هن جي قتل لاءِ سفارش ڪئي، پر هن جواب ڏنو ته ڪنهن کي اگهاڙي گهمڻ سبب قتل ڪرائڻ مناسب نه آهي، هندستان ۾ ڪيترا ماڻهو بنان لباس جي گهمندا وتن ٿا؛ گهڻن کي هن وقت تائين ان سبب ڪري موت جي سزا ملي آ جو سرمد کي ان بنياد تي قتل ڪرائجي. ان بعد مولوين سرمد تي بهتان هنيو ته هو نبي پاڪ ﷺ جي معراج جو منڪر آهي، جنهن لاءِ سندس شعر هو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ملا گويد که برشد احمد به فلک

سرمد گويد فلک به احمد درشد

(ملان ٿو چوي ته احمد آسمان ڏانهن ويو، پر سرمد ٿو چوي ته آسمان پاڻ احمد وٽ لهي آيو.)

تعجب آهي جو اڄ ته عالم ۽ اديب سرمد جي ان شعر کي لاجواب ٿا ڪوٺين ۽ چون ٿا ته سرمد حضور پاڪ ﷺ جن جو شان بلند تر بيان ڪيو آهي، مگر ان وقت جي عالمن مٿس ڪفر جي فتويٰ ڏني. اورنگزيب انهي فتويٰ جي آڌار تي به ڪيس سزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

چون ٿا ته سرمد ڪلمو پاڪ پورو نه پڙهندو هو، صرف ”لا الـه“ چوندو هو. ملن ڪيس چيو ته نفي واري حصه کان پوءِ اثبات وارو حصو به پڙهه ورنه محض نفي وارو حصو پڙهڻ ڪفر آهي چو ته ان جي معنيٰ آهي ته الله ڪونهي. تنهن تي سرمد جواب ڏنو ته اڃان مون ڪلمي جو رڳو ايترو حصو سمجهيو آهي، جڏهن اثبات واري حصي کي به سمجهيم ته پوءِ پورو ڪلمو پڙهندس. عالمن فتويٰ ڏني ته محض نفي ڪرڻ ڪفر آهي، اثبات به پڙهي ۽ توبه ڪري ورنه سندس سزا شريعت مطابق موت آهي. سرمد ان کان انڪار ڪيو ۽ موت قبوليو. چون ٿا ته ڪجهه ڏينهن اڳ مرزا عبدالقادر بيدل ۽ ناصر علي سرهندي جامع مسجد دهليءَ ۾ حوض جي ڪناري تي شعر و شاعري ڪري رهيا هئا ته سرمد اتي آيو ۽ مشڪيو ۽ هيٺيون شعر پڙهيائين:

عمريست که افسانهٔ منصور کهن شد

من از سرِ نو جلوه دهم دار و رسن را

(زمانو ٿي ويو آهي ۽ منصور جو قصو پراڻو ٿي چڪو آهي.

مان هاڻي قتل گاه کي نوان جلوا عطا ڪندس.)

هاڻي جيڪڏهن سرمد منصور وارو قصهٔ دار و رسن دهرائڻ پئي چاهيو ته پوءِ ايئن ئي چئبو ته شريعت جي نگاهن ۾ سرمد جو گناهه ايڏو ئي سنگين هو جيترو منصور جو. منصور خدائيءَ جي دعويٰ ڪئي هئي ۽ سرمد خدا کان انڪار ڪيو هو. ٻنهي خوشيءَ سان

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڦاسي قبول ڪئي هئي. منصور جو چوڻ هو ته جن ڪيس ڦاسي ڏني هئي تن ڪيس الله پاڪ خاطر ڏني هئي، شريعت جي انحرافي سبب ڏني هئي، تنهنڪري اهي ملامت جي لائق نه هئا، بلڪه ثواب جا مستحق هئا. جيڪڏهن سرمد منصور جي دؤر ۾ هجي ها ته به ڦاسي ڪائي وجي ها. مگر تعجب آهي جو اورنگزيب خلاف ڪي صاحب الزام ٿا لڳائين ته هن سياسي سببن ڪري سرمد کي ڦاسيءَ تي چاڙهايو هو. پر اهو سراسر حقيقتن جي ابتڙ آهي. سرمد، دارا شڪوه طرفان ڪا به جنگ ڪونه لڙيو هو؛ نه سندس سپهه سالار هو، نه وزير هو يا مشير، نه ڪنهن سازش ۾ شريڪ هو، بلڪه هڪ مرنجان مرنج فقير هو. دارا جا طرفدار ته گهڻا ئي هئا، پر اورنگزيب کي خطرو ئي ڪهڙو هو؟ زياده امڪان اهو آهي ته درباري مولوي سرمد کان خائف هئا ۽ ڪيس موت جي سزا ڏيارڻ جا بهانا پئي ڳوليائون. هنن ڪيترا دفعا سرمد خلاف فتوائون ڏنيون هيون جن کي اونگزيب نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. پر جڏهن ڪلمي کي پورو نه پڙهڻ وارو معاملو پيش ڪيائون ته اورنگزيب وڏي غور ۽ خوض بعد سرمد جي خلاف فيصلو ڏنو، ڇو ته شريعت جي اها سراسر ڀڃڪڙي هن لاءِ نظرانداز ڪرڻ ممڪن ڪانه هئي. ازانسواءِ، اورنگزيب ڪيترا دفعا ڪيس موقعا ڏنا ته هو ڪلمو پڙهي، پر نه پڙهي نه پڙهيائين. جيڪڏهن اورنگزيب کي ڪو ذاتي بغض يا سياسي غرض هجي ها ته هو بار بار ڪلمي پڙهڻ لاءِ نه چويس ها. اورنگزيب پاڻ به شريعت ۽ قانون جي تدوين ڪئي، جنهن کي ”فتاوائي عالمگيري“ ڪوٺيو ٿو وڃي. هندستان جي ٻي ڪنهن به مسلمان حڪمران انهن هزار سالن ۾ ايڏو ڪم ڪونه ڪيو هو. اهو ڪتاب اڄ تائين هندستان ۽ پاڪستان جي عدالتن ۾ سند طور ڪتب اچي ٿو، ۽ اسلامي قانون جي انسائيڪلوپيڊيا آهي.

سرمد کي ڪو ملال يا ڏڪ ڪونه هو. سندس چهري تي ڪو به فڪر يا پريشاني جو آثار نظر ڪونه پئي آيو ۽ خوشيءَ سان قتل گاه جي ميدان طرف ويو. جڏهن جلاد خوفناڪ نظرن سان تيز ۽ چمڪدار تلوار کڻي ڪيس مارڻ لاءِ وڌيو ته سرمد چيس:

فدائی تو شوم، بیا بیا که تو بهر صورتی می آئی من ترا خوب می شناسم

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(توتان گھور ٿيان، اڄ اڄ: تون ڪھڙي به روپ ۾ اچين، مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو.)

هن مان ظاهر آهي ته سرمد جو وحدت الوجود جي صوفيانه اصول تي پختو عقيدو هو ۽ هن جلاد جي روپ ۾ به مالڪ حقيقي ۽ ان جي مرضي کي پئي پسيو جيڪا اهو جلاد پوري ڪرڻ آيو هو. ان بعد کيس شهيد ڪيو ويو. چون ٿا ته مرڻ بعد سندس ڪپيل سِسيءَ مان ٽي ڀيرا مڪمل ڪلمي جو آواز آيو.

مؤلانا ابوالڪلام آزاد جيتوڻيڪ اورنگزيب تي ”سياسي قتل“ جو الزام هنيو آهي، پر پوءِ به لکي ٿو، ”اسان لاءِ بهتر اهو ٿيندو جو عالمگير کي هن معاملي ۾ مجبور سمجهون. تاريخ قياس، ظن ۽ شخصي راين جو هڪ وڪريل مجموعو آهي. اڄ چند ميلن جي مفاصلي تي ڪو واقعو ٿئي ٿو ته به نامه نگار ان تي به متفق نه آهن. ڪنهن کي خبر ته ان وقت اصلي حالت ڪهڙي هئي؟ ان کان علاوه جڏهن مقتول عاشق پنهنجي قاتل خلاف گله مند نه آهي ته پوءِ اسان کي ڪهڙو حق جو ان جي شڪايت سان قلم آلوده ڪريون؟ جڏهن سرمد جلاد کي چيو بهر صورتی می آئی من ترا خوب می شناسم ته پوءِ هن کي عالمگير ۽ عالمگيري علماءِ لاءِ ڪهڙي شڪايت هوندي.“ بهرحال مؤلانا موصوف جي راءِ به صاف نه آهي. سرمد جو جڏهن ملڪي سياست ۾ ڪو عمل دخل ئي ڪونه هو، ڪو واسطو ئي ڪونه هو ته پوءِ ”سياسي قتل“ جو سوال ڪيئن ٿو پيدا ٿئي! جيڪڏهن سياست جي الزام ۾ سرمد قتل پئي ٿيو ته پوءِ هزارين قتل ڪرايا وڃن ها.

خير چا به هجي، تصوف ۾ سرمد کي اعليٰ مقام حاصل آهي. اڪثر مسلمان به کيس عزت ۽ احترام سان ڏسن ٿا. باقي تاريخ جي وهڪري ۾ سزائن جي سلسلي کي روڪڻ ممڪن ئي نه آهي، سُڪن سان گڏ ساوا به سڙيو وڃن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

9 باب

وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود

حضور سرورِ ڪائناتﷺ جي وصال ڪان پوءِ اٽڪل ٽيھه سال خلافت راشده هلي جيڪا اسلامي اصولن، اسوهءِ حسنه ۽ شريعت جي نفاذ جو نمونو هئي. ان بعد بنو اميه حڪومت وجود ۾ آئي جيڪا ايڪانوي سال نو مهينا هلي، جنهن ۾ حضرت عمر بن عبدالعزيز ٻه سال پنج مهينا چار ڏينهن اميرالمومنين رهيو ۽ ڪيس 39 سالن جي عمر ۾ زهر ڏيئي شهيد ڪيو ويو. سندس دؤر ٻه خلافت راشده وارو اسلامي دؤر ليکيو ٿو وڃي، ڇاڪاڻ ته هيءُ عظيم انسان حضور پاڪﷺ جن جي اسوهءِ حسنه مطابق هليو ۽ سندس اندازِ حڪومت آمرانه ۽ ملوڪانه ڪونه هو. بنو اميه جو باقي دؤر آمرانه ۽ شهنشاهيت وارو هو. بنو اميه بعد 132هه ۾ بنو عباس جي حڪومت وجود ۾ آهي ۽ اها 656هه تائين قائم رهي، جڏهن هلاڪو خان وڏي ڪوس ۽ خونريزيءَ سان بنو عباس حڪومت جو خاتمو آندو.

بنو اميه جي دؤرِ اقتدار ۾ مسلمانن وڏيون فتوحات ڪيون ۽ سندن حڪومت جون حدون ايشيا ڪان ٻه ٻاهر آفريڪا ۽ يورپ تائين پهتيون. بني عباس جي دؤر کي علمي، سائنسي، ثقافتي ۽ تهذيبي نقطئه نظر سان تاريخ جو ”سونهري دؤر“ ڪوٺيو ويو آهي. ساري دنيا ۾ بغداد علم ادب، سائنس، فلسفي ۽ تصوف جو مرڪز بڻجي ويو. مگر بنو اميه هجن يا بنو عباس، ٻئي دؤر ملوڪيت وارا هئا. اهو خالص اسلامي جذبو، روح، شريعت جي حڪمراني، اخوت ۽ عدل، قناعت ۽ سادگي ختم ٿي چڪا هئا. پهريائين ته صوفي اهي هئا جيڪي نيڪ،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پرهيزگار، عيش عشرت ۽ دنيوي لالچن کان بيزار، بادشاهن ۽ اميرن جي دربارن کان دور ۽ الاهي محبت ۾ سرشار هئا. سندن طرز زندگي هڪ طرح سان غلط انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ خلاف بغاوت هئي. پر آهسته آهسته تصوف هڪ علم جي صورت به اختيار ڪئي. ٽين ۽ چوٿين صدي هجريءَ ۾ اسلامي تصوف جا وڏا وڏا عالم پيدا ٿيا. تصوف جو مقصد ته هميشه ذات الاهي ۽ ان سان وصل رهيو آهي، پر ان مقصد تائين رسڻ لاءِ جيڪا ان جي اپٽار ڪئي وئي سو علم تصوف جي روپ ۾ سامهون آيو. جيئن ته هر علم ۾ صحيح يا غلط ڳالهيون آهسته آهسته رائج ٿينديون وينديون آهن يا اختلاف پيدا ٿيندا آهن، ساڳيءَ طرح تصوف جو علم به انهن کان محفوظ نه رهيو. مگر اسلامي تصوف ۾ اهڙا عظيم عالم پيدا ٿيا جيڪي وڏا صوفي ۽ اوليا الله به هئا. تصوف درحقيقت اسلامي تعليمات ۽ انسانيت جي معراج جو روح آهي.

صوفيءَ جو مقصد

صوفيءَ جو مقصود به الله آهي ته مطلوب ۽ محبوب به اهو ئي آهي. هن جو اٿڻ ويهڻ، جيئڻ مرڻ، سوچ ويچار ۽ عبادت الله پاڪ خاطر ئي هوندا آهن. هن جو ماسوا الله سان ڪو واسطو ئي ڪونه هوندو آهي. جيڪڏهن نماز ادا ٿو ڪري ته اها به ايمان ۽ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ نه عادت طور، جيڪڏهن الله تعاليٰ جي وصف بيان ٿو ڪري ۽ سندس وحدانيت جو اظهار ٿو ڪري ته اهو به محض زبان سان نه، بلڪه دل جي گهراين مان ڪري ٿو. انسان ذات جي خدمت ڪري ٿو ته اها به رب جي خوشنوديءَ خاطر. الله تعاليٰ جو عشق سندس رڳ رڳ ۽ نس نس ۾ سمايل آهي. جيڪڏهن مٿس ڪا مصيبت اچي ٿي ته به صبر سان برداشت ڪري ٿو، ظلم جي داهن پنهنجي مؤلا کي ڏئي ٿو. هو دنيا جي حڪمرانن کان بي نياز آهي، سندس سجدو صرف پنهنجي محبوب حقيقي کي آهي، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

چا کي وچيو چوءِ پيلي ٿئين پين جوءِ
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جوءِ
سوڪو هوندو سوءِ، جنهن جو عشق الله سان.

بس سندس زندگيءَ جو اصول آهي، "هُوَ الْاَوَّل هُوَ الْآخِر، هُوَ الظَّاهِر هُوَ الْبَاطِن." مگر الله پاڪ جو قرب ڪيئن حاصل ڪجي؟ هو ته بيشڪ هر جاءِ حاضر ناظر آهي، پر انساني بصارت واريون اکيون ته ڪيس ڏسي ڪونه ٿيون سگهن، جيستائين الله تعاليٰ بصيرت نه بخشي.

الله پاڪ ايڏو ته غني آهي ۽ بي نياز آهي، جو دنيا جو هر انسان، پوءِ چاهي دنيوي طرح ڪيڏي به بلنديءَ تي فائز هجي، سندس محتاج آهي. اسان مسلمانن ته ايمان غيب تي آندو آهي مگر انهن اوليا الله صوفين جي نظرِ بصيرت ته آسمان ڪان به اڳتي آهي.

مؤلانا روميءَ فرمائي ٿو:

نے نجوم است و نہ رمل است و نہ خواب
وحی حق واللہ اعلم بالصواب

(اهو نه نجوم آهي، نه رمل، نه خواب: مگر الله بهتر ٿو ڄاڻي ته اهو وحي الاهي آهي.)

جن انسانن الله پاڪ جي ذات کي پنهنجي دائمي توجه جو مرڪز بڻايو آهي، اتي ايمان بالغيب جو سوال نه آهي. انهن کي جڏهن قرب الاهي حاصل ٿئي ٿو، ته پوءِ ايمان حق اليقين جي صورت اختيار ڪري ٿو.

مگر اها حقيقت ڇا آهي؟

صوفياءِ ڪرام جو چوڻ آهي ته الله تعاليٰ جڏهن روح خلقيا هئا ته انهن روز الست تي قالو بليٰ وارو واعدو ڪيو هو ته بيشڪ تون اسان جو رب آهين. پوءِ جڏهن انسان کي جسماني صورت ملي ۽ هن دنيا ۾ آيو ته هو اهي سڀيئي واعدا وساري ويٺو ۽ اها ڄاڻ نه رهيس

تہ هو ڪير آهي، ڪٿان آيو آهي، ڪيڏانهن موٽي ويندو، سندس پڇاڙي يا پڇاڙي ڪيئن ٿيندي، موت بعد ڇا آهي ۽ هن ڪائنات جو راز ڪهڙو آهي؟ بقول مؤلانا روميؒ انسان جو روح هتي قيد ۽ بند ۾ آهي ۽ پنهنجي اصلي جاءِ تي وڃڻ لاءِ تڙپي رهيو آهي، جتان هو آيل آهي. هن موضوع تي عارف رومي هينئن خيالن جو اظهار ڪري ٿو:

من آں روز بودم کہ اسما نبود نشاں از وجودِ مسما نبود
زما شد مسما و اسما پدید درآں روز کانجا من و ما نبود

(مان ان ڏينهن بہ هئس جڏهن اجان نالا ڪونہ هئا، اسان جو ڪو بہ نشان نالن جي ڪري ڪونہ هو؛ بلڪہ ”اسان“ جي ڪري نالا ظاهر ٿيا. ان ڏينهن نہ اتي ”مان“ هئس ۽ نہ ”اسان“ هئاسون.)

عارف روميءَ جي چوڻ مطابق روح پنهنجي اصل کان جدا ٿي فراق ۾ دانهون ۽ آهون ڪري ٿو. هن کي بئنسري سان تشبيهہ ٿو ڏئي، جنهن ۾ سوز ۽ فراق جي پڪار ۽ درد جون دانهون آهن، مگر ان کي ٻڌڻ وارو ڪوئي ڪونهي.

بشنو از نے چوں حکایت می کند وز جدائیہا شکایت می کند
کز نیستاں تا مرا ببریدہ اند از نفیرم مرد و زن نالیدہ اند
ہر کسے کو دور ماند از اصل خویش باز جوید روزگارِ وصل خویش
ہر کسے از ظنِ خود شد یارِ من وز درونِ من نہ جست اسرارِ من

(ٻڌو بئنسري کان سندس داستان، جيڪا پنهنجي جدائيءَ جي دانهن ٿي ڏئي.
جڏهن کان مونکي پنهنجي اصل مان وڍي آندو اٿن، منهنجي آه و فرياد سبب مرد عورت روئي رهيا آهن.
جا شئي پنهنجي اصل کان جدا ٿي ٿئي، سا وري پنهنجي اصل سان ملڻ جو موقعو ٿي ڳولي.
هرڪو پنهنجي خيال سان منهنجو دوست تہ بڻيو، پر منهنجا اندروني راز ڪو پروڙي نہ سگهيو.)

مؤلاءِ روم پنهنجي اسلوب ۽ انداز سان، تشبيهہ ذريعي انسان جي ازلي حقيقت دلنشين طريقي سان پيش ڪئي آهي. جڏهن ڪو بہ انسان فوت ٿيندو آهي تہ چوندا آهن ”انا للّٰه وانا اليه راجعون“ يعني انسان اللّٰه وٽان آيو هو ۽ اللّٰه ڏي ئي واپس ٿيو. فلاڻو وصال ڪري ويو، لاڏاڻو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري ويو يا انتقال ڪري ويو. سيني ڳالهين جو مطلب ۽ مفهوم ساڳيو آهي ته هو وڃي پنهنجي اصل سان مليو.

شاهه صاحب به ساڳيو ئي اسلوب بيان اختيار ڪري ٿو جيڪو صديون اڳ عارف روميءَ اختيار ڪيو هو:

وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري؛
هن پڻ پنهنجا ساريا، هيءَ هنجون هڏن لئه هاري.

شاهه صاحب فرمائي ٿو ته روح پنهنجي اصل کان وڇڙي هتي آيو آهي ۽ هاڻي پڪاري ۽ ڪوڪاري رهيو آهي ته پنهنجي اصل سان ملان.[1]

ڪل شيءٍ يرجع الىٰ اصلهٖ، ٿي جهڄان جهانگين ڪاڻ.

انسان آزاد پيدا ٿيو، پر ان بعد هو قيد ۾ اڙجي، آزادي وڃائي ويٺو آهي، ڪيس ڪو سُڌ سماءُ ڪونهي ته هو ڪٿان آيو آهي، ڪير آهي، ۽ سندس اچڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن اهي مسئلا حل ٿي وڃن ته پوءِ هن قيد مان آزاد ٿيندو پر انهن مسئلن جي حل لاءِ پهريون شرط اهو آهي ته هو پنهنجي ڌيان کي ماسوىٰ تان هٽائي الله پاڪ تي مرڪوز ڪري.

---

[1] حقيقت حال به اها آهي ته دنيا ۾ انسان جيڪي به ڏک ۽ الم محسوس ڪري ٿو، بظاهر ان جا ڪئي ڪهڙا به سبب هجن، سي سڀ علامتون آهن جيڪي کيس اها ازلي پيڙا ياد ڏيارين ٿيون جا سندس روح پنهنجي اصل، يعني حق تعالىٰ، کان جدا ٿيڻ ويل محسوس ڪئي هئي. بظاهر مجازي محبوب جو وڇوڙو يا ٻيو ڪو ڏک آهي، پر حقيقتاً اهو ياد ڳيري ٿو ڏياري پنهنجي ازلي محبوب کان وڇوڙي جي احساس جي. پر جيئن ته انسان کان اصل واقعو وسريل آهي، هو ان احساس کي شعوري طرح پنهنجي ظاهري الميه سان ئي ڳنڍي ٿو، پر في الوقت جاڻ ڪانه اٿس اها سندس روح جي پڪار آهي جيڪا پنهنجي اصل سان ڳڏجڻ ۽ ڳنڍجڻ لاءِ جهڄي ٿو. تصوف ڪسب آهي اصل تائين رسڻ جو، محبوب سان ملڻ جو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهه پنائي به روميءَ وارو ساڳيو خيال دُهرائي ٿو ته جڏهن تون، مان ۽ اسان ڪونه هئاسون، نه وري نالا هئا تڏهن به اسان هئاسون.

نه ڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماهه؛
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناهه؛
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهه؛
لکيائين لطيف چئي، ات ڳجهاندر ڳالهه؛
اکين ۽ ارواح، اها ساڃاهه سپرين.

شاهه صاحب قالو بليٰ وارو قول بار بار انسان کي ياد ڏياري ٿو.

ٻول مَ وساريج، هو جو ڪيُئه هوت سين.

علامه اقبال کي به انسان جي اها ڇڏيل جاءِ ياد ٿو ڏياري.

کبھی چھوڑی ہوئی منزل بھی یاد آتی ہے راہی کو
کھٹک سی ہے جو سینے میں رہِ منزل نہ بن جائے

اقبال پنهنجي شاعرانه شوخيءَ سان الله تعاليٰ کان پڇي ٿو:

من کیم تو کیستی عالم کجاست؟ درمیانِ ما و تو دوری چراست؟
من چرا در بندِ تقدیرم بگو؟ تو نہ میری من چرا میرم بگو؟

(مان ڪير آهيان، تون ڪير آهين، هيءَ ڪائنات ڇا هي؟ منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ دوري ڇو آهي؟ مان تقدير جي بند ۾ ڇو قيد آهيان؟ تون نه ٿو مرين، مان ڇو ٿو مران، اهو ته ٻڌاءِ؟)

مگر علامه موت کي خاتمو نه ٿو تصور ڪري بلڪه جاوداني زندگيءَ جي شروعات سمجهي ٿو.

موت کو سمجھے ہیں غافل اختتامِ زندگی
ہے یہ شامِ زندگی صبحِ دوامِ زندگی

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بي هنڌ حضرت علي ڪرم الله وجه جي قول جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

يہ نکتہ میں نے سیکھا ابوالحسن سے
کہ جاں مرتی نہیں مرگِ بدن سے

حضرت عليؓ کي ابوالحسن به ڪوٺيندا هئا.

ڇا انسان راز جو اظهار آهي؟

صوفي عالم هڪ مشهور حديث قدسي پيش ڪندا آهن، جنهن کي تصوف جو بنياد سڏي سگهجي ٿو.

ڪُنْتُ ڪَنْزاً مَخْفِيّاً فَاَحْبَبْتُ اَنْ اَعْرَفَ فَخَلَقْتُ الْخَلقَ لِيَعْرِفُوْنِي
(مان هڪ لڪل خزانو هئس، چاهت ٿيم ته پاڻ سڃاڻان، تنهنڪري مون خلق کي پيدا ڪيو ته آءُ سڃاڻڻ ۾ اچان.)

قرآن پاڪ ۾ آيل آهي:

﴿وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ﴾
(اسان انسان کي سندس ڳچيءَ جي رڳ کان به ويجها آهيون. قرآن 50:16)

ٽيو وجهي ٿو ته عزازيل باهه مان نهيل آهي ۽ آدم خاڪ مان. جڏهن الله تعالیٰ فرشتن کي حڪم ڏنو ته آدم کي سجدو ڪريو ته سڀني ملائڪن ان جي تابعداري ڪئي مگر عزازيل انحرافي ڪئي، جنهن ڪري کيس لعنتي قرار ڏنو ويو. عزازيل جو چوڻ هو ته هو صرف الله تعالیٰ کي سجدو ڪندو ۽ نه آدم کي جو مٽيءَ مان پيدا ڪيل آهي. چون ٿا ته فرشتن کي ان لاءِ سجدي جو حڪم ڪيو ويو جو الله تعالیٰ جو نور خود انسان ۾ آهي. رومي فرمائي ٿو:

چوں ملائک نورِ حق دیدند ازو
جملہ افتادند در سجدہ برو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(جڏهن ملائڪن آدم ۾ نورِالاهي ڏٺو، سڀئي هن جي آڏو سجدي ۾ ڪري پيا.)

حديث قدسي آهي:

اَلْاِنْسَان سِرِّي وَ اَنَا سِرُّهٗ

(انسان منهنجو [الله جو] ڳجهه آهي ۽ مان سندس ڳجهه آهيان.)

ان راز کي سمجهڻ لاءِ به پاڻ ئي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

﴿وَفِي اَنفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُونَ﴾

(اوهان جي ئي اندر آهن ڏٺي ۽ سندس نشانيون پوءِ ڇو نه ٿا جاچي ڏسو! قرآن 51:21)

ان مان ظاهر آهي ته انسان کي ئي سوچڻو آهي ۽ پنهنجي قلب ۾ جهاتي پائي ڏسڻو آهي ۽ ان راز جو پتو لڳائڻو آهي. ڀلا انسان کي سجدي ڪرڻ لاءِ ملائڪن کي ڇو حڪم ڏنائين ۽ جنهن ان حڪم جي تعميل نه ڪئي تنهن کي ڇو لعنتي قرار ڏنو ويو؟ الله تعاليٰ پاڻ فرمايو ته مان انسان کي ڳچيءَ جي رڳن کان به ويجهو آهيان، غور ڪريو توهان ۾ منهنجون نشانيون آهن. ٻي هنڌ فرمايو اٿئين ته انسان بهترين مخلوق آهي ۽ ٻي مخلوق کان مختلف آهي. گوشت، هڏا ۽ چم ته جانورن کي به آهن، پر الله پاڪ ساري ڪائنات انسان لاءِ جوڙي آهي. صوفي چون ٿا ته پاڻ سڃاڻو. ”من عرف نفسه فقد عرف ربه“ يعني جنهن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. تنهنڪري رومي هجي، شاهه هجي يا اقبال هر ڪنهن ان نقطي تي زور ڏنو آهي. مؤلانا فرمائي ٿو:

عاشقاں را شمع و شاہد نیست از بیرونِ خویش

(عاشقن لاءِ شمع ۽ محبوب سڀ پنهنجي اندر آهن ۽ نه ڪه ٻاهر.)

يا ٻئي هنڌ جيئن خوب چيو ويو آهي:

دلا جستیم سرتا سرندیدم جز تو اے دلبر
مخواں اے دل مراکافر اگر گویم تو خود

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(اي دل مون ڏاڍي ڳولا ڪري ڏٺي، پر اي دلبر توکانسواءِ ٻيو ڪجهه ب نہ نظر آيو.
اي دل مون ڪي ڪافر نہ ڪوٺ، جيڪڏهن اهو چوان تہ خود تون ئي تہ اهو آهين.)

هڪ حديث قدسي ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ مومن جي دل ۾ ئي منهنجي گنجائش آهي جتي ماپي سگهان ٿو. عارف رومي ان جو اظهار هينئن لفظن ۾ فرمائي ٿو:

گفت پيغمبر کہ حق فرموده است — من نہ گنجم هيچ در بالا و پست
در زمين و آسمان و عرش نيز — من نہ گنجم اين يقين دان اے عزيز
در دلِ مومن بہ گنجم اے عجب — گر مرا جوئی در آں دلها طلب

(پيغمبر ﷺ چيو تہ الله فرمايو آهي تہ مان هيٺ ۽ مٿي [ڪائنات ۾] ماپي نہ ٿو سگهان.
هي زمين هجي، آسمان هجي يا عرش، يقين رک تہ انهن سڀني ۾ بہ ماپي نہ ٿو سگهان.
اي مغرور، مومن جو دل ئي آ جنهن ۾ ماپي سگهان ٿو، سو ڳولڻو اٿئي تہ مون کي ان ۾ ڳول.)
پنهو ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

ان مفهوم جو اظهار مؤلانا هينئن لفظن ۾ ڪري ٿو.

من کيم؟ ليلیٰ و ليلیٰ کيست؟ من
ما يکی روحيم اندر دو بدن

((مان ڪير آهيان؟ ليلىٰ آهيان. ليلىٰ ڪير آهي؟ مان آهيان.
جيڪا ٻن جسمن ۾ آهي، اسان اها جان آهيون.)

جيڪڏهن انسان پنهنجي اندر غواص ٿيو، ليئو پائيندو تہ ڏسندو تہ دل ۾ دوست جو ئي ديرو آهي، ٻئي ڪنهن جو آشيانو نہ آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهه صاحب جي طبيعت ۾ جيئن نياز، نماڻائي ۽ نهٺائي آهي، تيئن سندس رسالو به ان جو عڪس آهي. ڪنهن به عالم ۽ فقيهه سندس شاعريءَ تي اعتراض نه ڪيو، پر مٿئين نڪتي جي وضاحت ڪندي شاهه صاحب به شوخ انداز اختيار ڪيو آهي:

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون؛
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي.

انسان آمريڪا ڳولي لڌو، انٽارڪٽيڪا وڃي پهتو، چنڊ تائين رسيو، پر افسوس آهي جو پنهنجي دل جي دنيا کان غافل ٿي رهيو. جيڪڏهن اقتدار، عيش عشرت، ڪوڪلي عزت ۽ دنيا دولت واري ناپائدار زندگي جي پويان ڊوڙڻ بجاءِ خودشناسي جي راهه تي هلي ها، پنهنجي پاڻ کي ڳولي لهي ها ته هو هر فڪر ۽ پريشاني کان آزاد هجي ها. جيئن انسان آزاد ڄائو آهي، تيئن آزاد رهي ها ۽ دوامي زندگي حاصل ڪري ها. پر افسوس آهي جو هن پنهنجو پاڻ کي ڳولي نه لڌو، پنهنجو پاڻ کي نه سڃاتائين. جي ڪو سڃاڻي، ته هوند سڀ سور لهي وڃنس.

"ڪُنتُ ڪَنزاً مَخفِيّاً" جو تفسير ڪندي شاهه صاحب چوي ٿو ته رب انسان کي خلقي پاڻ کي پاڻ ظاهر ڪيو آهي. شاهه صاحب پنهنجي منفرد انداز ۾ ان کي بيان ڪيو آهي:

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين ٿي محبوب؛
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.

مؤلاءِ روم جي نظرن ۾ ڪو به عاشق محبوب جو ڳولائو نه ٿو ٿئي جيستائين چڪ ان يار وٽان نه ٿي ٿئي.

هيچ عاشق خود نباشد وصل جو
که نه معشوقش بود جويائي او
(ڪو به عاشق وصل جو ڳولائو نه ٿو ٿئي، جيستائين محبوب کيس نه ٿو طلبي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ٻين لفظن ۾ ايئن ئي چئجي:

عشق اول در دل معشوق پيدا
(عشق اڳ ۾ معشوق جي دل ۾ پيدا ٿو ٿئي!)

جيڪڏهن بندو الله پاڪ کي ياد ٿو ڪري، محبت ۽ سچائيءَ سان عبادت ٿو ڪري، ته الله تعالىٰ پڻ پنهنجي بندي کي ياد ٿو ڪري. پوءِ چاهي بندو ڪٿي ڪيترو گنهگار هجي.

فاذڪرواني اذ ڪرڪم، ڪهيو قرآنا:
وشڪرو الي ولا تڪفرون، ڪڍ تون ڪفرانا.

شاهه صاحب چوي ٿو:

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي؛
فاذ ڪروني اذ ڪر ڪم، اي پروڙج بات.

سهڻي ميهار ۾ به ساڳيو مطلب هينئن لفظن ۾ ادا ڪن ٿا:

پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار.

ظاهر آهي ته تصوف جو بنياد ان ڳالهه تي آهي ته انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي. انسان ٻين جانورن جيان هڏي، چمڙي ۽ گوشت جو نالو نه آهي، صرف جسم نه آهي پر روح يا قلب به آهي.[1] انسان پاڻ ۾ اها استعداد ۽ اها بصيرت پيدا ڪري جو حقيقت تائين پهچي سگهي. ايئن نه سمجهجي ته هي عارضي زندگي هميشه پئي هلندي.

[1] روح، جيڪا انسان جي حقيقت آهي، تنهن کي هي جسم هن ڌرتي تي زندگي جا محدود ڏهاڙا گهارڻ لاءِ، هڪ عارضي گهر طور ڏنو ويو آهي. جسم انسان جي لافاني روح لاءِ محض هڪ عارضي لباس آهي جنهن کي پُل ۾ انسان پنهنجي حقيقت سمجهي، پنهنجي لاءِ آزار پيدا ٿو ڪري.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

علامہ اقبال جي خودي

من عرف نفسهٗ فقد عرف ربهٗ جي حديث تي علامہ اقبال جي خودي واري فلسفہ جو بنياد آهي. هتي خودي جو مطلب هٺ يا وڏائي نہ آهي، جيئن سطحي سوچ وارا سمجهن ٿا. علامہ موصوف جي هن شعر جي اڪثر انتهائي غلط تشريح ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي عاميانہ معنىٰ ڏني ويندي آهي. اقبال وٽ خودي جي معنىٰ آهي خودشناسي، پاڻ کي سڃاڻڻ تہ ڪير آهيان.

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے
خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے

ان شعر تي ڪيترن ماڻهن تنقيد ڪئي ۽ ان کي رب تعالىٰ سان گستاخيءَ سمجهيو ويو، بلڪہ ڪفر تائين ڪونيو ويو. هن کان اڳ بہ علامہ جي "شڪوه" ۽ "جواب شڪوه" تي ڪفر جون فتوائون ڏنيون ويون هيون، جا مسلمانن جي تاريخ ۾ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. پر اهو خيال سراسر غلط آهي. هن کان گهڻو اڳ سلطان الاوليا حضرت خواجہ مخدوم محمد زمان لنواري واري بزرگ جو بہ لڳ ڀڳ اهڙو ئي بيت آهي.

ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جن جي هٿ ۾؛
ميٽئو انگ اڳيون، واري ٻئو لکن.

ان جي معنىٰ بہ اهائي ٿيندي تہ ولي الله يا مرد مومن کي اها طاقت عطا ٿيل آهي جو تقدير جي حرف کي بہ تبديل ڪري سگهن ٿا. خوديءَ جو مطلب تہ درحقيقت خودشناسي آهي يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، چو تہ صوفين وٽ پاڻ سڃاڻڻ کان پوءِ ئي حقيقت جا راز کلن ٿا. بايزيد بسطاميؒ کلم کلا چيو، "سڀ ساراهہ مونکي جڳائي، منهنجو وڏو شان آهي." خواجہ منصور تہ ان کان بہ اڳتي وڌيو، اناالحق جو نعرو هڻي پاڻ کي سزا وار بڻايائين. درحقيقت جذب ۽ مستيءَ ۾ اچي هن اهو نعرو هنيو، اهو بہ خودي جو هڪ مظاهرو هو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

علامہ صاحب کان جڏهن خوديءَ جي فلسفي بابت پڇيو ويو تہ جواب ۾ ٻڌايائين تہ خودي جو فلسفو قرآن پاڪ جي هڪ آيت خوديءَ جي استحڪام لاءِ حڪم ٿي ڪري جنهن جو مطلب آهي تہ اي ايمان وارو توهان تي فرض آهي تہ خوديءَ جي حفاظت ڪريو. جيتوڻيڪ علامہ تي شديد نڪتہ چيني ڪئي وئي، تاهم اها سطحي هئي، غلط فهميءَ تي مبني هئي يا مخالفت براءِ مخالفت هئي. جيڪڏهن هن فلسفي ۾ گهرائي نہ هجي ها تہ مشهور پروفيسر نڪلسن، جنهن روميءَ جي مثنوي جو انگريزي ۾ بهترين ترجمو ڪيو آهي، اقبال جي تصنيفات ”اسرار خودي“ ۽ ”رموز بيخوديءَ“ جو ترجمو نہ ڪري ها.

علامہ جو چوڻ هو تہ خودي جو فلسفو صوفياءِ ڪرام ۽ قرآن پاڪ تان ورتل آهي. هن دليل لاءِ هينئين آيت ٻڌايائين:

﴿يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا عَلَيْكُمْ أَنفُسَكُمْ لَا يَضُرُّكُم مَّن ضَلَّ إِذَا اهْتَدَيْتُمْ إِلَى اللَّهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيعًا فَيُنَبِّئُكُم بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ﴾

(اي انسانو جن ايمان آندو آهي، توهان تي خودي جي حفاظت فرض آهي جيڪڏهن اوهان هدايت تي آهيو. جو شخص گمراہ آهي اهو اوهان کي ڪوئي نقصان پهچائي نہ ٿو سگهي. توهان سڀني کي الله تعالىٰ ڏانهن واپس ورڻو آهي ۽ هو توهان کي توهان جي اعمالن بابت خبر ڪندو. قرآن 5:105)

ڪنهن بہ صوفي کي هٺ، وڏائي ۽ غرور ٿي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ سندس دل درد، سوز ۽ گداز سان آشنا آهي. هن جو مذهب ئي محبت ۽ مروت آهي.

سنڌ جو مشهور عالم، مفڪر ۽ شاهہ صاحب جو عقيدتمند مرحوم علامہ امداد علي قاضي بہ اقبال جي فلسفہ خودي سان اتفاق راءِ رکي ٿو، پر لفظ خودي جي استعمال تي اعتراض واريو اٿائين. سندس رايو آهي تہ، ”علامہ اقبال اسان جو نهايت محبوب شاعر آهي، هن جي فلسفي ۾ سقم ڪونهي، مگر خوديءَ جو لفظ هن کي استعمال ڪرڻ نہ کپندو هو.“ وڌيڪ فرمائي ٿو تہ، ”مرض جيڪڏهن ڪو آهي تہ اهو آهي تہ پاڻ کانسواءِ ٻي شئي موجود ئي نہ سمجهي. جيتري قدر آءٌ اقبال جو واقف آهيان ۽ ساڻس صحبت رهي اٿم، هن جنهن حالت ۽ انساني

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

منزل بابت ذڪر ڪرڻ ٿي گهريو، تنهن کي خودي جو لفظ ڪنهن به صورت ۾ ظاهر ڪري نه ٿو سگهي.“ ان مان صاف آهي ته قاضي صاحب علامه اقبال جي خيالن کان بخوبي واقف هو، ساڻس صحبتون رهيون هيون. مگر قاضي صاحب نزديڪ جيڪا خامي هئي سا لفظ ”خودي“ جي استعمال جي هئي (ڏسو صفحو 90 رسالو مهراڻ بهار 1955). پر خودي جي بجاءِ اقبال کي ڪهڙو اصطلاح استعمال ڪرڻ گهربو هو، ان لاءِ قاضي صاحب به ڪنهن موزون لفظ جو انتخاب ڪري نه سگهيو آهي. ساڳي مضمون ۾ قاضي صاحب علامه اقبال جون هينيون سٽون لکندي فرمائي ٿو ته اهي ياد ڪرڻ جي لائق آهن:

دیں سراپا سوختن اندر طلب انتہایش عشق آغازش ادب
آبروئے گل ز رنگ و بوئے اوست بے ادب بے رنگ و بو بے آبروست
نوجوانی را چو بینم بے ادب روزِ من تاریک می گردد چو شب

(دين آهي ننهن کان چوٽيءَ تائين تات طلب ۾ پچرڻ، جنهن جي ابتدا ادب آهي ته انتها عشق.
گل جو مان سندس رنگ ۽ خوشبوءِ سبب آهي. بي ادب وٽ نه خوشبوءِ آهي ۽ نه ئي عزت.
جڏهن نوجوانن کي بي ادب ڏسان ٿو ته منهنجو ڏينهن به ائين اونداهو ٿي وڃي ٿو جيئن ڪاري رات.)

انهن شعرن مان ظاهر آهي، اقبال جنهن خوديءَ جو ذڪر ڪري ٿو اها هٺ وڏائيءَ ۽ نفس پرستي کان ڪوهين دور آهي، بلڪه اقبال جي ”خودي“ عشق ۽ ادب جو ٻيو نالو آهي. شاهه صاحب جنهن خوديءَ جي مذمت ڪئي آهي سا رذالت، ذلت ۽ حماقت ئي آهي:

خودي ۽ خدا ڪونه مائيندا من ۾.

شاهه صاحب ۽ اقبال وٽ ”خودي“ جو لفظ مختلف اصطلاحي معنائن طور استعمال ٿيو آهي ۽ اها حقيقت نظرانداز ڪرڻ فاش غلطي آهي. پڙهندڙ صرف ان مان سمجهن ته جڏهن اناالحق جو نعرو منصور هنيو ته اها خودي هئي پر مؤلاءِ روم ان کي رحمت ڪوٺي ٿو، مگر جڏهن فرعون پاڻ کي خدا سڏايو ته اها به خودي هئي، مگر عارف روميءَ ان کي لعنت سڏيو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آهي. تنهنڪري اسان لاءِ بهتر ٿيندو ته تصوف جي مقصد ۽ روح کي سمجهون ۽ محض اکرن ۾ اجايو نه اڙجون.[1] اقبال خوديءَ جي وضاحت هيٺين نموني ڪئي آهي:

بر مقامِ خود رسیدن زندگی ست
ذات را بے پردہ دیدن زندگی ست

(پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ زندگي آهي، ذات پاڪ کي بي پرده ڏسڻ ئي زندگي آهي.)

خوديءَ مان اقبال جي مراد خودشناسي آهي ۽ نه ڪي خود نمائي، نخوت يا تڪبر. اها خودي عشق الاهي سان پختي ٿئي ٿي، ان بعد انسان انسان جو بندو نه ٿو رهي بلڪه الله تعالیٰ جي عبديت اختيار ڪري ٿو.

جب عشق سکھاتا ہے آدابِ خود آگاہی کھلتے ہیں غلاموں پر اسرارِ شاہنشاہی
دارا و سکندر سے وہ مردِ فقیر اولیٰ ہو جس کی فقیری میں بوئے اسداللٰہی

---

[1] سوال اهو به آهي ته وڏائي يا خودي، جيڪا ڪنهن شخص مان ظاهر ٿئي ٿي، ان جو مقام يا آثار ڇا آهي؟ بايزيد بسطامیؒ جڏهن چيو ”سبحاني ما اعظم شاني“ ته اها ڳالهه هن روح جي مقام تان چئي: پنهنجي حقيقت ساري، پسي، ان جي آثار تي چيائين. ان جي برعڪس، فرعون جي خدا هجڻ واري دعویٰ نفس جي مقام تان ڪيل هئي، جنهن جو آثار پنهنجي اصل ۽ پنهنجي حقيقت جي آگاهي تي نه بلڪه ان کان غفلت تي هو. هي هڪ اهم بنيادي فرق آهي جنهن کي ڌيان ۾ رکڻ ازحد ضروري آهي. پاڻ سڃاڻڻ واري سفر ۾ جڏهن انسان پنهنجي نفس جي اصليت ڄاڻي ٿو ته لامحاله منجهس اهو احساس اجاگر ٿئي ٿو ته هو ان لحاظ کان ته ڪجهه به نه آهي. پر وري جڏهن پنهنجي اصل حقيقت تائين رسائي ٿئيس ٿي، ته سڃاڻي ٿو ته منهنجي روح جي حقيقت حق تعالیٰ کان مختلف نه آهي بلڪه ان جوئي پرتو آهي، ۽ پوءِ کيس احساس ٿئي ته هو ته سڀ ڪجهه آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي حقيقت آشنا ٿئي ٿو ۽ سندس ايمان ۾ پختگي اچي ٿي ته پوءِ هو دنيوي حڪمرانن ۽ شهنشاهن کي "ظل الله" (الله جو پاڇو) سڏڻ بند ٿو ڪري، بلڪه سندس نظر ۾ اهي ڪجهه به نه آهن. ان فقير جو درجو دارا ۽ سڪندر جهڙن بادشاهن کان گهڻو بلند ۽ بالا آهي، تنهنڪري اقبال چوي ٿو ته خودي نه وڪڻ، غريب ٿي رهو ۽ عبديت الله تعالىٰ جي اختيار ڪريو جو هر شئي جو مالڪ خالق ۽ قادر آهي.

خودی نہ بیچ غریبی میں نام پیدا کر

علامه جو اعتقاد آهي ته انسان پنهنجو پاڻ کي الله پاڪ جي ذات ۾ فنا ڪرڻ بعد ئي بقا حاصل ڪري سگهي ٿو. رڍ ٻڪريءَ جي قرباني ڪا معنىٰ نه ٿي رکي، انسان پنهنجي فاني وجود کي ان بارگاه ايزدي ۾ قربان ڪري ئي لافاني بڻجي ٿو.

ای کہ می نازی بہ ذبح گوسفند
ذبح کن خود را کہ باشی ارجمند

(تون جو رڍ ڪهڻ تي ناز ٿو ڪرين، پنهنجو پاڻ کي ذبح ڪر ته مان مرجات وارو ٿئين.)

هڪ جانور کي قربان ڪرڻ ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي، ان تي فخر ڪرڻ اجايو آهي. پاڻ کي قربان ڪر ته اعلىٰ مڪان عطا ٿئي. شاهه صاحب به ساڳي ڳالهه ڪري ٿو.

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعلىٰ ڪيو.

صوفين جو "پاڻ سڃاڻڻ" هڪ تسليم ٿيل اصول آهي، ان لاءِ ڪو به هڪ لفظ استعمال ڪيل ڪونهي. اقبال پاڻ سڃاڻڻ لاءِ "خودي" جو لفظ استعمال ڪيو آهي. ضروري آهي ته اقبال کي سمجهڻ لاءِ پوري ڪلام جو مطالعو ڪجي ۽ نه ڪه هتان هتان سٽ ڪڍي ان تي نڪته چيني شروع ڪري ڏجي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ظاهري ۽ باطني پهلو

صوفين وٽ اسلام ۽ قرآن پاڪ جا ٻه پهلو آهن. هڪ ظاهري ۽ ٻيو باطني. مسلمان جو فرض آهي ته انهن ٻنهي کي اجاگر ڪري، جيتوڻيڪ هن وٽ اندروني يا باطني پهلو وڌيڪ اهم آهي. ان باطني پهلوءَ جي ڄاڻ سان قلب ۾ روشني پيدا ٿئي ٿي. اقبال ان کي ”انا“ جو نالو ڏئي ٿو. جنهن جو بنياد حديث قدسي آهي ته:

> بيشڪ انسان جي جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪر ۽ ان ٽڪر ۾ فواد آهي ۽ ان فواد ۾ قلب آهي ۽ قلب ۾ روح آهي ۽ روح ۾ خفي آهي ۽ خفيءَ ۾ اَنَا آهي.

تصوف ٺلهن اصطلاحي نعرن جو نالو نه آهي ۽ نه وري ٻي عملي طرف راغب ڪري ٿو. حق جي ڳولا ۾ تصوف هڪ زبردست جذبو، همت ۽ استقامت پيدا ڪري ٿو. تصوف انسان ۾ هڪ زبردست شعور پيدا ڪري ٿو، غفلت جي ننډ مان اٿاري انسان کي بيدار ڪري ٿو، کيس پنهنجي اصليت کان آگاهه ٿو ڪري. نه ته ٻي بصيرت انسان کي، پوءِ کڻي اهو ڪيترو به قابل هجي، ان کي نه پنهنجي خبر آهي، نه منزل جي، نه رستي جي ۽ نه ڪائنات جي رازن جي. جرمنيءَ جو مشهور دانا درويش شاعر به ان ذهني الجهن ۾ گرفتار هو، چئي ٿو: ”قدرت جي هيڏي ڪائنات ۾ مان حيران آهيان ته ڪيڏانهن وڃان ڇا ڪريان.... چوڌاري اونده آهي ۽ آئون سمجهي نه ٿو سگهان ته ڪٿي آهيان، ڇو آيس؟ ۽ آخر مون کي ڪرڻو ڇا آهي؟“ منجهيل ۽ مايوس انسان کي تڏهن شاهه جي ڪلام ۾ روشنيءَ جو ڪرڻو نظر ايندو:

> الا ايئن مَ هوءِ، جيئن آئون مران بند ۾،
> جسو زنجيرن ۾، راتون ڏينهان روءِ،
> پهرين وڃان لوءِ، پوءِ پڇنم ڏينهڙا.

شاهه سائين کي اها ئي وائي آهي جا عارف روميءَ کي هئي، جنهن جو ذڪر ٻي هنڌ اچي چڪو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ایں جہاں زندان و ما زندانیاں

(هيءَ جهان قيدخانو آهي ۽ اسان ان ۾ قيدي آهيون.)

عارف رومي هن ڏيڻ مان، هن قيد مان ڇوٽڪاري جو به علاج ڏسي ٿو:

حرفِ قرآں راماں کہ ظاہراست   زیرِ ظاہر باطنی ہم قاہراست

زیرِ آں باطن یکی بطنی دگر   خیر گردد اندر و فکر و نظر

تو نہ قرآں اے پسر ظاہر مبیں   دیو آدم را نبیند غیر طیں

(قرآن جو محض ظاهري لفظ نه ڏسو، ان ظاهر اندر هڪ باطن آهي جو وڏيڪ اهم آهي.
ان باطن ۾ هڪ ٻيو خزانو آهي جنهن کي ڏسندي ئي نظر ۽ سوچ حيران ٿي وڃن ٿا.
تون قرآن کي رڳو ظاهري طرح نه ڏس، شيطان به انسان ۾ سواءِ مٽيءَ جي ٻيو ڪجهه نه ڏٺو.)

نيٺ عارف رومي صاف صاف چئي ٿو ڏئي ته ڪيس ڪنهن جي ناراضگي ۽ فتوائن جي پرواهه ناهي.

ماز قرآں برگزیدیم مغز را

استخواں پیشِ سگاں انداختیم

(اسان قرآن مان روح کي الڳ ڪيو ۽ هڏا ڪتن جي آڏو اڇلائي ڇڏيا سون.)

مؤلانا روميءَ جو قرآن جو مطالعو تمام وسيع ۽ گهرو هو، هو دين جي رازن ۽ رمزن جو ڄاڻو هو، شناساءِ منزل هو، هن پنهنجي مثنويءَ ۾ قرآن جي بهترين تشريح ڪئي آهي، تنهنڪري مثنوي کي فارسيءَ جو قرآن ڪوٺيو ٿو ۽ ساري دنيا ۾ تصوف تي هڪ لاثاني ۽ لافاني ڪتاب سمجهي وڃي ٿي. شاهه صاحب جي به ساڳي عارف روميءَ واري سوچ هئي. قرآن پاڪ کي پڙهو، غور ڪيو، ان جي اندر غواصي ڪري معنىٰ جا موتي هٿ ڪري مٿائن عمل ڪريو ته پوءِ سڀ رستا کلندا ويندا ۽ سڀ مونجهارا ختم ٿي ويندا. باقي در در ڀٽڪڻ مان ڪو فائدو ڪونهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور؛
پيا در وجي مَ ووڙ، ايءَ امل اٿائين سپجي.

علامه اقبال جي به اها ئي زبان آهي، اهو ئي مقصد آهي ۽ اها ئي سوچ. قرآن پاڪ لاءِ چيو اٿائين:

این کتابے نیست چیزے دیگر است
(هي عام ڪتاب ناهي، پر ڪا ٻي شئي آهي.)

عارف رومي هجي، شاهه صاحب هجي يا علامه اقبال، انهن مان ڪو به شريعت کان منهن ڪونه ٿو موڙي، بلڪه وٽن شريعت تي عمل هڪ ضروري امر آهي ۽ شرط اول آهي. مؤلاءِ روم ۽ شاهه جن جو شمار اولياءِ الله ۾ ٿئي ٿو سي نه رڳو ذڪر فڪر ۽ رياضتون ڪندا هئا پر نماز ۽ روزي جا به انتهائي پابند هئا . بيشڪ شاه صاحب چيو آهي ته:

روزا ۽ نماز، ايءَ پڻ چڱو ڪم؛
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

ان ڪلام ۾ اهو چيل آهي ته ظاهري عبادت تي اڪتفا ڪرڻ ڪافي نه آهي، پر ان بيت کي بهانو بڻائي ڪي خودساخته صوفي پاڻ کي شريعت جي پابندي کان قطعاً آزاد رکن ٿا، پر اهو نه ٿا ڏسن ته شاهه پنهنجي زندگي ڪيئن بسر ڪئي هئي، چا هن پاڻ کي شريعت جي تقاضائن کان مٿي رکيو هو؟ شريعت سان گڏ طريقت، معرفت درجي وار ڏاڪا آهن جيڪي طئي ڪرڻ بنان حقيقت تائين رسائي ناممڪن آهي. اها دعوىٰ خام ۽ بيهوده آهي ته شريعت کي رد ڪري ڪو معرفت ۽ حقيقت تائين رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو. خود حسين بن منصور حلاج، جنهن اناالحق جو نعرو هنيو ۽ ڦاسيءَ تي چڙهيو، ان به اهڙي دعوىٰ نه ڪئي ۽ ڦاسيءَ تي چڙهڻ کان اڳ ۾ نماز ادا ڪيائين. پر ڪو به صوفي حضرت علي ڪرم الله وجه حضرت عمر فاروق ۽ شهيدن جي امام حضرت امام حسينؓ کان مٿي نه آهي، جن کي نماز ادا ڪرڻ وقت شهيد ڪيو ويو. تنهنڪري سچن صوفين الاهي قانون ۽ رحمت اللعالمينﷺ جي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شريعت کان ڪڏهين به روگرداني ڪانه ڪئي. البته اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته نماز پڙهڻ وقت هو الاهي ذات ۾ فنا ٿي ويندا هئا. الله تعاليٰ دلين جو ۽ نيتن جو مالڪ آهي. بقول عارف رومي اها ذات ظاهرداري کي پسند نه ٿي فرمائي. نماز دنيا جي ڏيکاءَ لاءِ پڙهڻ بقول سعديؒ دوزخ جي ڪنجي آهي.

ما زباں را ننگریم و قال را

ما دروں را بنگریم و حال را

(اسان جي نگاه ظاهرداري ۽ چرب زباني تي نه، بلڪه اندر تي ۽ حقيقت تي آهي.)

الله تعاليٰ اسان کان دور نه آهي، هو دل ۾ ٿو وسي؛ مگر انسان نفس جي جار ۾ اڙجي ان حقيقت کان بي خبر ٿيو وڃو آهي.

تن زجان و جاں زتن مستور نیست

لیک کس را دیدِ جاں منظور نیست

(بدن جان کان ۽ جان بدن کان لڪل نه آهن، مگر ڪوئي پنهنجي جان (قلب) کي ڏسڻ ئي نه ٿو چاهي.)

جيستائين زبان، قلب ۽ نگاه جو ساٿ نه ٿي ڏئي، ته سڀ بيڪار آهي. علامه اقبال به اهي ئي دانهون ڪندو ويو.

زبان نے کہہ بھی دیا لا الہ تو کیا حاصل

نگاہ و دل جو مسلماں نہیں تو کچھ بھی نہیں

شاه صاحب به ايئن ئي فرمائيندو ويو:

ان پر ايمان، جيئن ڪلمه گو ڪوئائين؛
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان؛
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

صوفي ۽ علم

صوفين وٽ علم اهو آهي جو حق تي رسائي ٿو، ۽ نه اهو علم جيڪو محض نوڪري، آفيسري، روزگار ڪمائڻ يا ڌن دولت جو ذريعو هجي. مگر اول الذڪر علم قدرت عطا ٿي ڪري ۽ نه مدرسا ۽ مڪتب! حضور پاڪ ﷺ امي هئا. ڪنهن مدرسي ۽ دارالعلوم مان تعليم حاصل نه ڪئي هئائون، زماني ۾ ڪو به استاد يا ماستر ڪونه هئن، مگر سندن معلم الله جي ذات پاڪ هئي، شايد ان ۾ به قدرت جي مصلحت رکيل هئي جو ڪو انسان دعوىٰ نه ڪري ته هو رحمت اللعالمين ﷺ جو استاد هو. مگر الله تعالىٰ طرفان سندس سينو علم جي نور سان ايڏو منور هو جو الله تعالىٰ ٻئي ڪنهن کي به ايڏو علم عطا نه فرمايو هو. اهڙي طرح حضرت علي ڪرم الله وجه به علم جو درياه هو، جن لاءِ حضور پاڪ ﷺ خود فرمايو ته، ”مان علم جو شهر آهيان، علي ان جو دروازو آهي“. بهرحال ان الاهي علم جي مقابلي ۾ هيءَ دنيوي علم ناقص ۽ بي حيثيت آهي. بهرحال دنيوي علم پنهنجي جڳهه تي اهميت رکي ٿو.

پر اهو علم جيڪو الله پاڪ طرفان نين، ولين ۽ پنهنجن پيارن بندن کي مليل آهي، ان جا به درجا آهن، ڪنهن کي گهٽ آهي ڪنهن کي وڌ. هتي به ”گر فرقِ مراتب نہ کنی زندیقی“ وارو معاملو آهي. الله تعالىٰ ساري ڪائنات ۾ حضور پاڪ ﷺ جن کي سڀ کان وڌيڪ علم جي نعمت عطا ڪئي هئي.

هاڻي ڏسو ته علم بابت عارف رومي، شاهه صاحب ۽ علامه اقبال جا ڪهڙا خيال آهن. پهريائين مؤلانا رومي جي مثنوي مان چند اشعار عرض رکجن ٿا.

علم را بر دل زنی یارے

علم را بر تن زنی مارے

(علم کي جي دل سان هنڊائين ته دوست اٿئي، پر جي جسم تائين محدود رکندين ته پوءِ جهڙو نانگ.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

علمِ حق در علم صوفی گم شود

ایں سخن کے باورِ مردم

(الاهي علم صوفيءَ جي علم ۾ شامل ٿي وڃي ٿو، پر هيءَ ڳالهه ماڻهن کي ڪيئن سمجهه ۾ ايندي؟)

صد کتاب و صد ورق در نار کن

جان و دل را جانبِ دلدار کن

(اهي سوين ڪتاب ۽ سوين ورق باهه ۾ اُڇلائي ڇڏ ۽ پنهنجي جان ۽ دل محبوب حوالي ڪر.)

اولیا را حق کند علمی نصیب

بے حساب و بے کتاب و بے ادیب

(الله تعالىٰ اوليائن کي جيڪو علم عطا ڪري ٿو، سو بنان حساب، بنان ڪتاب ۽ بنان استاد آهي.)

شاهه صاحب وٽ جيڪو علم جو تصور آهي، اهو به عارف رومي کان مختلف ناهي:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾؛
پاڻان ڏوهه چڙهن، جي ورق ورائن وترا.

جن کي دؤر درد جو، سبق سور پڙهن؛
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن؛
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.

سا سٽ سا ريائون، الف جنهن جي اڳ ۾؛
لا مقصود في الدارين، ان پر اتائون.

ڪٿو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو؛
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نه لحظي جيتري.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ عارف رومي ۽ شاهہ صاحب مولوين وٽ مڪتبن ۾ بہ پڙهيا، پر سندن شاعري ان مڪتبي علم جو نتيجو نہ آهي، پر الاهي فيض جو عڪس آهي. ان جو مقصد علم معاش سان نہ آهي جنهن مان روزي ڪمائجي، سندن مقصد ان علم سان آهي جنهن سان محبوب حقيقي ملي. هنن پنهنجي ذڪر، فڪر، رياضتن، ڪشف ۽ وجدان ذريعي اهو علم حاصل ڪيو، جا هڪ الاهي عنايت آهي. سالڪ جو رهنما اهو ئي علم آهي جو قلب کي روشن ڪري ۽ اندر ۾ عشق جي تڙپ پيدا ڪري.

علامہ اقبال پنهنجي مرشد پير رومي واري راه اختيار ڪئي آهي. هن وٽ روزي ڪمائڻ وارو علم زهر آهي:

وہ علم نہیں زہر ہے افراد کے حق میں
جس علم کا حاصل ہے جہاں میں دو کفِ جو

شاهہ صاحب جي نظر ۾ حرف مڙيوئي هڪڙو آهي، پر جي ڪتابن جي دفترن ۾ ماڻهو پاڻ کي گم ڪري، بحث مباحثن ۽ اکرن ۾ اڙجي وڃي ٿو تہ هو واٽ وڃائي ويهي ٿو. ڪنهن بہ ايئن نہ پڏو هوندو تہ رومي، شاهہ ۽ اقبال ڪڏهين مناظرن ۾ پاڻ کي الجهايو هجي.

قلندر جز دو حرفِ لاالہ کچھ بھی نہیں رکھتا
فقیہِ شہر قاروں ہے لغت ہائے حجازی

پر اقبال ڏسي ٿو تہ مدرسي جي مولوين مسلم نوجوانن جو گلو ئي گهٽي ڇڏيو آهي. جڏهن تعليمي ادارن جا استاد پنهنجي جگر جو خون خرچ نہ ڪن ۽ شاگرد مختلف طريقن سان پئسا پنندا رهن تہ پوءِ صداءِ حق ڪٿان ايندي؟ اهي خيبر شڪن ڪٿان پئدا ٿيندا؟ جيڪي قرآن پاڪ جي علم، روشني ۽ مقصد کان خود ئي وانجهيل آهن، سي ان جي تعليم ٻين کي ڪيئن ڏيندا؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

گلا تو گھونٹ دیا اہلِ مدرسہ نے ترا
کہاں سے آئے صدا لاالہ الااللہ

الاهي علم ۽ الاهي عشق هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نہ ٿا سگهن ۽ ان جو تزڪيہ نفس سان گهرو واسطو آهي. عشق ۽ تزڪيہِ نفس بابت ٻئي ڪنهن هنڌ عرض ڪيل آهي.

مرشد يا شيخ

تصوف جي طريقي ۾ مرشد جي ضرورت هوندي آهي، جنهن کي پير بہ چوندا آهن ۽ عربيءَ ۾ شيخ بہ سڏيندا آهن. پرينءَ جي پانديئڙي کي اهڙي رهبر جي ضرورت هوندي آهي جنهن اهو پنڌ پاڻ ڪيو هجي ۽ جنهن کي مرشد اعظم ﷺ وٽان پين جي رهبري ڪرڻ جي واضح اجازت هجي. جيئن هڪ معمولي ڳالهہ سمجهڻ لاءِ، اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ، ڊاڪٽري، انجنيئري ۽ وڪالت وغيره سکڻ لاءِ، دنيوي علم جي حصول لاءِ بہ معلم يا استاد جي ضرورت پوندي آهي، تيئن هن راه تي بہ رهبر کانسواءِ هلڻ ناممڪن آهي. هڪ دفعو ڪنهن کي مرشد تسليم ڪيو ويو تہ پوءِ ان جي جي حڪمن جي بنان چون و چران جي تعميل ڪرڻ فرض آهي. بقول حافظ شيرازيؒ:

بہ مے سجادہ رنگیں کن گرت پیرِ مغاں گوید
کہ سالک بے خبر نبود ز راہ و رسمِ منزلہا
(مصلي کي شراب ۾ ٻوڙ جيڪڏهن توکي مرشد حڪم فرمائي،
ڇاڪاڻ تہ سالڪ کي منزل جي رستي ۽ رسم جي ڄاڻ ڪانہ آهي.)

شاهہ صاحب جي چوڻ مطابق جنهن کي مرشد ناهي ان جو مرشد شيطان آهي.

دود دل تان دور ڪري، ڪر ساڃن صفائي؛
من لاشيخ لہ فشيخ الشيطان، ان ري اونداهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عربي لفظن جي معنىٰ آهي ته جنهن کي ڪو شيخ (مرشد) ڪونهي تنهنجو شيخ شيطان آهي. ٻئي هنڌ فرمايو اٿئون:

بلا شيخ من يمشي في الطريق، اهڙي اوائي؛
تنهن ريءَ توائي، ڪوڙين ٿين ڪيترين.

عربي لفظن جو مطلب آهي ته جيڪو بنا مرشد جي طريقت (روحاني سفر) ۾ هلي ٿو، سو جڻ بنا ٻيڙيءَ جي سمنڊ ۾ گهري ٿو. حضرت شمس تبريز سان ملاقات کان اڳ به مؤلانا رومي هڪ وڏو ديني عالم، زاهدعابد، پير ۽ دارالعلوم جو مهتمم هو. خود سندس والد بزرگوار به عالم ۽ صاحبِ دل بزرگ هو جنهن کان به فيض حاصل ڪيائين. هزارين سندن معتقد ۽ مريد هئا، وقت جو بادشاهه، امير وزير خاص ۽ عام کيس اسلام تي سند سمجهندا هئا ۽ سندس واعظ ٻڌڻ ايندا هئا. مگر جيسيتائين سندس زندگي ۾ حضرت شمس تبريز جهڙو مرشد ڪامل نه آيو هو، تيستائين پنهنجي قول مطابق مؤلانا رومي مؤلاءِ روم بڻجي نه سگهيو:

مولوی ہرگز نہ شد مولائے روم
تا غلامِ شمس تبریزی نہ شد

علامه اقبال جو مرشد عارف رومي هو، جنهن جو اعتراف جابجا پنهنجي تصنيفات ۾ ڪيو اٿائين، جيتوڻيڪ مؤلانا رومي 13 عيسوي صديءَ ۾ وڃي پنهنجي مؤلا سان مليو هو. مماتي وارو بزرگ به مرشد ٿي سگهي ٿو.

مرشدِ رومی حکیمِ پاکباز
سرِ مرگ وزندگی برما نہاد
(پاڪ و داناء مرشد رومي اسان کي زندگي ۽ موت جو راز کولي ٻڌائي ويو.)

مگر اڄ ڪلهه جي دؤر ۾ ڪامل پير ۽ مرشد به ڪنهن بخت واري کي ملي؛ نه ته هن رياڪاري ۽ ڏوڪيبازي واري وقت ۾ سچي روحاني رهبر جو ملڻ به محال آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود

تصوف اندر هي ٻه نظريا مشهور آهن، جن تي صدين کان بحث هلندڙ آهي. منهنجو ناقص خيال آهي ته هن بحث ۾ لفاظيت گهڻي آهي، پر نظرين ۾ بنيادي فرق نه هجڻ جي برابر آهي.

وحدت الوجود جو قديمي نظريو آهي، ان جو مطلب آهي ”همه اوست“ يا ”اندر همه اوست“ يعني جيڪي ڪجهه آهي ته اهو ئي آهي ۽ اسان جي اندر ٻه اهو ئي آهي. اصل وجود باري تعاليٰ جو آهي، باقي انسان وجود اضافي آهي. جيتري قدر انسان يا ڪائنات جي وجود جو واسطو آهي، اهو سڀ رب تعاليٰ جو مظهر آهي، حقيقت هڪ ئي آهي. انهن صوفين جو چوڻ آهي ته ڪلمي پاڪ ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰه“ جي پهرين حصي ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنل آهي ته الله پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي، الله تعاليٰ هر شئي تي محيط آهي، اها ذات اول ٻه آهي آخر ٻه آهي، ظاهر ٻه آهي ته باطن ٻه آهي. دنيا جي هر چيز مالڪ حقيقي جي گواهي ٿي ڏئي، بيشڪ هو لاشريڪ آهي. هن جو ڪو مقابل ڪونهي، هن جي شڪل آهي نه صورت، نه وري ان جو تصور ئي ممڪن آهي، هن جي حد آ نه حساب، هو قادر مطلق آهي. ڪن صوفين ته اهو ڪلمو پڙهڻ شروع ڪيو ”لاموجود الاالله“ يعني الله کانسواءِ ڪوئي موجود ڪونهي. مگر جڏهن چئون ٿا انسان الله پاڪ جو مظهر آهي ته هن انسان کي عالمِ اصغر چيو ٿو وڃي ۽ ان ۾ عالمِ اڪبر جون اهي خصوصيات ۽ علامتون ننڍي پيماني تي موجود آهن. جڏهن انسان الله تعاليٰ سان محبت ڪرڻ جي درجي تي پهچي ٿو ته هو ٻه ساڻس محبت ڪري ٿو، پوءِ عجب ماجرائون ٿين ٿيون، اهڙي صورت ۾ پيرِ هرات داهن ڪندي فرمايو:

> خدايا اين چه بوالعجبي ست که بادوستان خودڪني؟ وقتيڪه، ترا مي جستيم خود را يافتيم، اڪنون خود را مي جوئيم ترا مي يامي. (خدايا هيءَ ڇا عجيب واردات آهي جيڪا تون پنهنجي دوستن سان ڪري رهيو آهين؟ جڏهن توکي ڳوليان ٿو ته پاڻ کي ٿو لڀان ۽ جڏهن پاڻ کي ٿو ڳوليان ته تون ٿو لڀين!)

هي اها ئي منزل آهي جنهن لاءِ شاهه صاحب فرمايو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.

يا عارف رومي چوي ٿو:

چوں کہ گفتے بندہ ام، سلطاں شدی

(جڏهن چيءُ ته مان بندو آهيان، ته بادشاهه ٿي وئين.)

ٻي هنڌ عارف رومي اهو مستانو نعرو ٿو هڻي:

می گفت دربیاباں صوفی دہن دریدہ

صوفی خدا ندارد او نیست آفریدہ

(گستاخ صوفي بيابان ۾ ايئن پئي چيو، صوفيءَ کي خدا ڪونهي، هو ڪنهن جو پيدا ڪيل ڪونهي.)

انسان ڪامل جي حقيقت، حضور پاڪ ﷺ جي شق القمر واري معجزي جي حوالي سان، علامه اقبال هينئين لفظن ۾ بيان ٿو ڪري:

پنجہ ء او پنجہ ء حق می شود ماہ از انگشتِ او شق می شود

در خصوماتِ جہاں گردد حکم تابع فرمانِ او دارا و جم

(هن جو هٿ الله جو هٿ ٿي وڃي ٿو، هن جي آڱر جي اشاري سان چنڊ ٻه اڌ ٿيو وڃي.
دنيا جي دشمنن مٿان سندس حڪم حاوي آهي، دارا ۽ جم هن جي حڪم جا تابع آهن.)

ظاهر آهي ته الله جي ذات پاڪ ۽ انسان جو گهرو رشتو آهي، پر انسان الله تعالىٰ کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. اهو رشتو ايئن آهي جيئن شاهه صاحب هڪ سٽ ۾ فرمايو آهي ته سمنڊ هڪڙو آهي، حقيقت هڪڙي آهي، پر بيشمار لهرون آهن، پر انهن جو وجود سمنڊ جي وجود کان الڳ آهي ئي ڪونه.

لهرون لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪڏهن انسان کي هڪ قطري سان مشابهت ڏجي ته پوءِ به قطري جي حقيقت ڪانهي، سمنڊ کان جدا ٿيڻ بعد سندس وجود جي ڪا معنىٰ ڪانهي، پوءِ چو نه ان ۾ علامتون پل پاٽيءَ واريون هجن.

بي هنڌ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

پڙاڏو سوئي سڏ، ور ورائيءَ جي لهين؛
هئا اڳ ۾ گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

شاهه صاحب جو مٿيون شعر ايئن پيو لڳي ته عارف رومي جي هينئين شعر جو ترجمو آهي:

اين نداکش اصل بربانگ ونواست
خود ندانست اين باقی صداست
(هي پڙاڏو اصل ان جو آواز آهي، اصل آواز اهو آهي، هي پڙاڏو آهي.)

هيءَ اهو الاهي راز آهي، جنهن کي فلسفي ۽ دنيا جا دانشور جيترو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، حل ڪري نه ٿا سگهن.

معلومم شد کہ ہیچ معلوم نہ شد
(اهو ئي ڄاتم ته اڻڄاڻ آهيان!)
جا کہ یہ جانا، کہ نہ جانا کچھ بھی

پر الاهي عنايت جو معاملو ئي مختلف آهي. الله تعالىٰ جن به بندن تي الاهي راز منڪشف ڪرڻ چاهيا، ته اهي منڪشف ٿيا ۽ مشاهدو ماڻيائون. انهن ۾ سيدالمرسلين حضرت محمد ﷺ جي حيثيت سڀني کان اعلىٰ، بالا ۽ ارفع آهي. مؤلانا ظفر علي خان خوب فرمايو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جو فلسفیوں سے کھل نہ سکا جو نکتہ وروں سے حل نہ ہوا
اس راز کو کملی والے نے، بتلا دیا ایک اشارے میں

ابن العربي ۽ وحدت الوجود

ابن العربي جو سڄو نالو شيخ محي الدين العربي آهي، کيس شيخ اڪبر به سڏيندا آهن ڇو ته هو هڪ وڏو عالم ۽ وحدت الوجود جو عظيم شارح ۽ مفسرِ تصوف هو. اصل اسپين جو باشندو هو.

ابن العربي تيونس، مڪي پاڪ، عراق، ترڪي ۽ شام جو سفر ڪيو ۽ پنهنجي علم ۽ تجربي ۾ اضافو ڪندو رهيو ۽ سن 638هه 1240ع ۾ دمشق ۾ فوت ٿيو.

تيرهين صدي عيسويءَ ۾ منگولن وچ ايشيا، ايران ۽ بغداد ۾ وڏا هاڃا ڪيا ۽ قتل عام ڪرايا ۽ بغداد جي بنو عباس خلافت جو 1257ع ۾ خاتمو آندو. هيءَ نه صرف هڪ حڪومت جو خاتمو هو بلڪه ان اعلىٰ تمدن ۽ تهذيب جو به خاتمو هو جيڪا دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي علم ادب، فنون، فلسفي ۽ سائنس جي حامل هئي. اهو بغداد اڄ ڏينهن تائين وري اڀري نه سگهيو. مگر ان صديءَ شهره آفاق مسلم عالم ۽ صوفي پيدا ڪيا. جهڙوڪ ابن العربي، فريد الدين عطار، شيخ شهاب الدين سهروردي، ابوالحسن شاذلي، مؤلانا جلال الدين رومي، شيخ بهاؤُالدين زڪريا، فخرالدين عراقي، شيخ سعدي ۽ ٻيا ڪيترا ان دؤر جي پيدائش آهن. سياسي انحطاط ۽ تباهيءَ باوجود ايڏو علمي ڪمال هجڻ به متضاد ڳالهيون آهن. ان جا هيٺيان سبب ٿي سگهن ٿا.

- مسلمانن جي سياسي زوال باوجود سندن علمي زوال اڃان ڪونه آيو هو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

- صوفين جي نظر ۾ مسلم حڪومتون کوکليون ٿي چڪيون هيون، ڇو ته انهن اسلامي روح جي انحرافي ڪئي هئي ۽ حڪمران عيش عشرت ۾ بري طرح مبتلا ٿي چڪا هئا. صوفي عالمن جي نگاهه ۾ ان مرض جو علاج تصوف ئي ڪري پئي سگهيو.
- ان وقت سياسي ۽ سماجي حالتون اهڙيون بدتر ٿي چڪيون هيون جو عام مسلمان به تصوف ڏانهن راغب ٿيا اهو هڪ تحريڪ جي صورت اختيار ڪري چڪو هو.

عبدالرحمان جاميؒ جي چوڻ مطابق ابن العربي پنجن سون کان مٿي ڪتاب لکيا، جن مان به سئو کان زياده هن وقت موجود نه آهن. سندس سڀ کان ضخيم ڪتاب ”الفتوحات المڪيه“ آهي، جنهن کي تصوف جي انسائيڪلوپيڊيا تصور ڪيو ٿو وڃي ۽ ڇئن وڏن جلدن ۾ آهي. سندس ٻيو اهترو ئي اهم ڪتاب ”فصوص الحڪم“ آهي جو ان کان ننڍو آهي، پر سندس تحرير ڏاڍي دقيق آهي. خود مؤلانا عبيدالله سنڌيءَ جهڙو جيد عالم ۽ استاد به ان حقيقت جو اعتراف ڪري ٿو ۽ فرمائي ٿو ته ڪيترا دفعا پڙهڻ باوجود به هو ان کي پوري طرح سمجهڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي. پر مؤلانا جو ارشاد درست آهي ته وحدت الوجود قرآن پاڪ ۽ اسلام جي خلاف نه آهي؛ البته ان جي تعبير ۽ شرح ڪرڻ ۾ ڪنهن ڪنهن وقت اهڙي ٺوڪر لڳيو وڃي جو انسان وڃي ڪفر جي قريب پهچي ٿو.[1]

---

[1] تقريباً 75 ورهيه اڳ هڪ يوروپي صوفي، دانشور، اسلام ۽ تصوف تي ڪيئي ڪتابن جو مصنف ابراهيم عزالدين (Titus Burckhardt)، مراڪش جي شهر فاس ۾ رهائش پذير هو. هڪ ڏينهن ڪتابن جي هڪ دڪان تي ”الفتوحات مڪيه“ جا ست جُلد نظر آيس. باقي احوال سندس زباني هن ريت آهي:

پنا اٿلائيندي مون فهرست نظر مان ڪڍي جنهن ۾ وصل جي اعلىٰ ترين مقام تي پهچڻ لاءِ مرحلن جي تفصيل بابت مختلف باب نظر آيم. مون شوق وچان سمورا جلد خريد ڪيا ۽ اهو وزني وکر کنيو فاس جي قديم ۽ تنگ گهٽين اورانگهيندو گهر روانو ٿيس. رستي ۾ اتفاق سان منهنجي ملاقات پنهنجي هڪ مقامي درويش دوست محمد بن مخلوف سان ٿي. هن جي عقابي ۽ دوربين نگاهن جاڻي ورتو ته مان ڇا پئي کنيون وڃان.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ابن عربيؒ تصوف، علم قرآن و حديث، فلسفي، فقه ۽ قانون جو وڏو ڄاڻو هو. سندس مکيه خيالن مان ڪي هيٺيان آهن.

- الله تعاليٰ وحدهٗ لاشريڪ آهي؛ ساري ڪائنات ۽ موجودات جو بنياد ۽ سرچشمو آهي، زندگي ۽ موجودات جو هن کان الڳ وجود ٿي نه ٿو سگهي.
- هن ڪائنات جو وجود اضافي ۽ مشروط آهي، اهو دائمي وجود به آهي ته دنياوي طرح عدم موجود به. ان جي دائمي موجودگيءَ جو علم الله جي ذات ۾ آهي ۽ ان جي دائمي غيرموجودگي الله کان دوريءَ ۾ آهي.
- الله تعاليٰ سان هڪ ٿي وڃڻ جو ڪو سوال ڪونهي، پر صوفيءَ کي هن حقيقت جو احساس آهي ته هو الله پاڪ سان هڪ آهي.
- تخليقي، جاندار، معقول ۽ ڀريون فهم ۽ دانش ”حقيقت محمديه“ آهي جا سڀني سچاين جي سچائي (حقيقت الحقائق) آهي. هن اصول جو مڪمل ترين مظاهرو ان انسان ڪامل ﷺ ۾ آهي.
- هر نبي الله پاڪ جو دليل آهي ۽ سڀني نبين جو پيشوا ۽ مرشد حضرت محمد ﷺ جن آهن. اهي سڀ نبي حقيقت محمدي ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا.

”اهو پڙهي ڇا ڪندين؟“ هن پڇيو. ”هي تنهنجي سمجهه کان گهڻو مٿانهون آ. تون ته تصوف جو ڪو ابتدائي قاعدو پڙهه.“

”اهڙي ڳالهه آ ته مان هي سنڀالي رکندس ۽ جڏهن ايتري ڏاهپ آيم ته پوءِ کڻي پڙهندس.“

”جڏهن اوتري ڏاهپ آيئي ته پوءِ توکي ان ڪتاب جي گهرج ئي ڪانه رهندي.“

”ته پوءِ هي ڪتاب ڪنهن لاءِ لکيو ويو هو؟“

”انهن لاءِ جيڪي پٿين جي آروپار ڏسي سگهن ٿا پر ڏسن نه ٿا، ۽ نه ئي اهڙي خواهش اٿن.“

مٿئين واقعي مان هڪ پاسي ته حضرت ابن العربي جي لکڻين جي باري ۾ ڪجهه اندازو ٿئي ٿو، ته ٻئي پاسي ان حقيقت جو ته ڪهڙي شئي ڪهڙي سالڪ کي ڪڏهن پڙهڻ گهرجي، يا پڙهڻ گهرجي به يا نه، اهو سمجهڻ لاءِ به ڪامل مرشد کپي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

- انسان ڪامل ان حقيقت جي ننڍي تصوير آهي، هو ”عالم اصغر“ آهي جيڪو عالم اڪبر جي سڀني ڪامل وصفن جو جامع مظهر آهي. جيئن ته حقيقت محمديه ڪائنات جي تخليق جو باعث آهي، الله تعاليٰ پاڻ کي سڃاڻڻ يا ظاهر ڪرڻ پئي چاهيو، تنهنڪري انسان ڪامل ئي الله تعاليٰ کي پوري طرح سڃاڻي ٿو، پيار ٿو ڪري ۽ الله تعاليٰ ڪيس پيار ڪري ٿو. هيءُ جهان انسان واسطي ئي خلقيو ويو آهي.

شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي ڪڏهن به ايئن نه ٿو چوي ته انسان خدا آهي، بلڪه فرمائي ٿو ته الله حاڪم آهي، رب آهي، خالق آهي، معبود آهي. ”الفتوحات المڪيه“ ۾ چوي ٿو:

عبد لاءِ عبوديت جي ڪا انتها ڪانهي، ان کي حاصل ڪري، جهڙي طرح رب جي ڪا حد ڪانهي جا ختم ٿي سگهي. انسان عبد ٿي وڃي ٿو ته رب رب آهي جنهن جي ڪا انتها ڪانهي ۽ عبد عبد آهي جنهن جي ڪا به انتها ڪانهي.

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها.

پوءِ هن مٿيون مفهوم هينئين لفظن ۾ هڪ شعر ذريعي ادا ڪيو آهي.

العبدُ عبد و اَن ترقي والرب رب و ان تنزل
(بندو بندو آهي پوءِ ڪٿي لک ترقي ڪري ۽ رب رب آهي، پلي ڪٿي ڪيترو به نزول ڪري.)

پر اهو ياد رکڻ کپي ته وحدت الوجود جو اصول يا عقيدو ابن عربي جي ايجاد نه آهي. هن کان اڳ جنيد بغداديءَ جو به اهو ئي عقيدو هو ۽ هن تصوف بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي. پهرين صوفين ۾ شايد سڀ کان اهم سندس تحريرون آهن، حضرت جنيد جو استاد المحاسبي هو، جنهن جي صوفيانه تحريرن مان هن فيض حاصل ڪيو: انهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيل آهي. حضرت حسين بن منصور حلاج اناالحق جو نعرو هنيو جيڪو به وحدت الوجود جو شاخسانه آهي. ان مان ظاهر آهي ته ابن عربي هن عقيدي جو باني ڪونه هو، بلڪه ان نظريي جو عظيم ترين عالم ۽ شارح هو. پر اهو ياد رکجي ته ابن عربيؒ ۽ ان کان اڳ ڪنهن به صوفي وحدت الوجود جو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اصطلاح ڪتب نہ آندو هو. اهو اصطلاح حضرت ابن عربي کان پوءِ، سندس فڪر ۽ تحريرن جي شارحين استعمال ڪيو.

حضرت مجدد الف ثاني ۽ وحدت الشهود

14 شوال 971هه (26 جون 1564ع) تي پيدا ٿيو. جڏهن اڪبري (مغليہ) دؤر جي ابتدا هئي. سندس اسم گرامي شيخ احمد سرهندي هو. اڪبر اعظم 1556ع ۾ تخت نشين ٿيو ۽ سندس حڪومت پنجاهہ سال هلي. چون ٿا تہ هر صديءَ ۾ مجدد پيدا ٿيندو آهي، جو دين کي بدعتن ۽ خرابين کان پاڪ ڪندو آهي ۽ دين جي روشني ڦهلائيندو آهي. هڪ هزار سال بعد اهو مجدد پيدا ٿيندو آهي جنهن جو درجو صديءَ واري مجدد کان ڏهوڻو هوندو آهي، ان کي مجدد الف ثاني چئبو آهي.

مغل مسلمان هئا، اڪبر بہ مسلمان هو، مگر اڪبر جي ذهنن ۾ اسلام جهڙڪ ڏاريو هو ۽ اڪبر جو ڪو واسطو اسلام سان ڪونہ هو. هن جي ذهنن ۾ اسلام جي حالت ڇا هئي، ان لاءِ مشهور عالم ۽ اهل قلم مؤلانا ابو الاعلیٰ مودودي رقمطراز آهي:

> اڪبر جي دربار ۾ عام راءِ اها هئي تہ ملتِ اسلام جاهل ۽ بدو دل ۾ پيدا ٿي هئي، ڪنهن شائستہ ۽ مهذب قوم لاءِ موزون ناهي. نبوت، وحي، حشر نشر، دوزخ جنت هر ڳالهہ تي ٺوڪ مسخري هوندي هئي. قرآن پاڪ جو الاهي هجڻ مشڪوڪ، وحي جو نازل ٿيڻ عقلي طرح ناممڪن، مرڻ بعد ثواب ۽ عذاب غيريقيني، البتہ تناسخ هر طرح ممڪن ۽ معراج بالڪل ئي ناممڪن تصور ڪيو ويندو هو. نبيءَ ﷺ جي ذات تي اعتراض ڪيا ويندا هئا ۽ خاص طرح سندس زالن جي تعداد بابت، ذات متعلق ايتري قدر اعتراض جو لفظ احمد ۽ محمد کان بہ بيزاري ڪئي ويندي هئي.... ان وقت اهو نظريو بہ قائم ڪيو ويو تہ محمد ﷺ جي پيدائش کي هزار سال گذري چڪا هئا، ان جي دين جي مدت بہ هڪ هزار سال هئي جا پوري ٿي چڪي هئي... اهڙي طرح دنيا پرست عالمن اڪبر کي مهدي، صاحب زمان، امام، مجتهد وغيره ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ 'تاج العارفين' صاحب انهيءَ حد تائين ويو جو اڪبر کي انسانِ ڪامل،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

خليفته الزمان جي حيثيت ۾ خدا جو عڪس قرار ڏنو. عوام کي چيو ويو ته حق ۽ صدق هر مذهب ۾ موجود آهن، ڪوئي به هڪ دين حق جو ٺيڪيدار ناهي، تنهنڪري سڀني مذهبن ۾ جيڪي جيڪي ڳالهيون سچيون آهن، انهن کي ملائي هڪ مڪمل طريقو قائم ڪجي ۽ ان لاءِ عام ماڻهن کي دعوت ڏجي ته جيئن سڀني ملتن جا اختلاف متجي وڃن ۽ ان جامع طريقي جو نالو دين الاهي آهي. هن دين جو ڪلمون لااله الاالله اڪبر خليفته الله تجويز ڪيو ويو.

اڪبر جي گمراهيءَ جو سبب گهڻو ڪري اهي ابتدائي دؤر جا درباري ۽ دين فروش عالم هئا جن کي ڪنهن به صورت ۾ علماءِ حق ڪوني نه ٿو سگهجي. هو عبيدالدنيا هئا، هنن اسلام کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو، بادشاهن کي گمراهه ڪندا رهيا، بلڪه الله جي نيڪ بندن ۽ درويش خدامستن کي بادشاهن هٿان نه رڳو تڪليفون ڏنائون، بلڪه شهيد به ڪرايائون. انهن ۾ مخدوم الملڪ عبدالله سلطانپوري ۽ شيخ عبدالنبي صدرالصدور پيش پيش هئا.

ابو الفضل ۽ سندس والد شيخ مبارڪ به درباري مولوين جا ستايل هئا. اڪبر خود به انهن مولوين کان بيزار ٿي چڪو هو، تنهنڪري هن دين کان بيراه روي اختيار ڪندي، دين الاهي رائج ڪيو ۽ ان ۾ نه صرف سندس مشير ابوالفضل شامل هو پر توڏر مل ۽ بيربل به ان ۾ شريڪ هئا.

اڪبر بيربل تي ايڏو مهربان هو جو هن مسخري کي مهاڪويءَ جو خطاب به عطا ڪيائين؛ هن ڪانسواءِ اڪبر جي سرندي ڪانه هئي. سندس خوشامد ڙين ڪيس ”جڳت گرو“ ڪوٺڻ شروع ڪيو. اڪبر جي گمراهيءَ بابت وقت جي مصنفن گهڻو ڪجهه لکيو آهي، پر هتي لکڻ جي گنجائش ڪانهي. تاهم ڪي رايا مختصر طور عرض ڪجن ٿا.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ان وقت جو مشهور مصنف ۽ تاريخ نويس ملا عبدالقادر بدايوني لکي ٿو ته، ”اڪبر گرچه پنهنجي لاءِ نبوت جو لفظ ڪتب نه آندو آهي پر عملي طرح هڪ نبيءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو.“

این همه باعثِ نبوت اما بلفظ نبوت

(اهي سڀ ڳالهيون نبوت جو سبب هيون سواءِ لفظ نبوت استعمال ڪرڻ جي.)

اڪبر جي گستاخانه ۽ اسلام دشمن روش خلاف ملا شيريءَ چيو:

بادشاه امسال دعویٰ نبوت کرده است

گر خدا خواهد پس از سالی خدا خواهد شدد

(بادشاهه هن سال نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي،

جيڪڏهن خدا چاهيو ته پوءِ سال بعد خدائي جي دعويٰ ڪندو.)

پورچوگيز جيڪي بادشاهي دربار ۾ آيا هئا، تن جو چوڻ آهي ته بادشاهه حڪم ڏنو هو ته ڪا نئين مسجد نه ٺاهي وڃي ۽ پراڻين مسجدن جي مرمت نه ڪرائي وڃي. هن جي آخري ڏينهن ۾ لاهور ۾ ڪا مسجد نه رهي ۽ مسجدن کي گهوڙن جي ڪڙه بڻايو ويو. خود شيخ عبدالحق محدث جهڙو متقي، محتاط بزرگ ۽ سچو انسان اڪبر جي طريقن کي نبوت سڏيندي مٿس ملامت ٿو ڪري.

اها تعجب ۽ خوشي جي ڳالهه آهي جو پڇاڙيءَ ۾ خود ابوالفضل به اڪبر مان بيزار ٿي پيو ۽ دربار وڃڻ ڇڏي ڏنائين. سوچيائين ته خودڪشي ڪجي يا خانه بدوشي اختيار ڪجي. ابوالفضل کي سندس ضمير جي آواز بيدار ڪيو ۽ هن کي حق طرفان هدايت حاصل ٿي ته هو جيڪي ڪجهه اڪبر جي حمايت ۾ ڪري رهيو هو سو غلط هو. چون ٿا ته شهزادو سليم هڪ دفعي ابوالفضل جي گهر ويو ۽ ڏٺائين ته چاليهه ڪاتب قرآن پاڪ ۽ تفسير لکي رهيا هئا. سليم هنن کي بادشاهه ڏي وني ويو ۽ چيائين ته ابوالفضل اسان کي هڪڙيون

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شيون ٿو ڏيکاري ۽ جڏهن گهر ٿو وڃي ته اڪيلائي ۾ ڪم ئي پيا ٿو ڪري. هن واقعي باهه تي تيل جو ڪم ڏنو.

هيءُ آهي مختصر پس منظر جنهن امام رباني ءَ جي دل، دماغ ۽ ذهن ۾ اهو انقلاب آندو، جنهن ڪيس تاريخ ۾ مجدد الف ثاني بڻائي ڇڏيو.

شهنشاهن کان بي نيازي

امام رباني مغل شهنشاهن جي ظاهري شان ۽ شوڪت، دنيوي جاه و جلال کان بي نياز هو. جڏهن جهانگير جي دربار ۾ تعظيمي سجدي کان انڪاري ٿيو ته بادشاهه مٿس سخت ڏمريو ۽ ڪيس گواليار ۾ ٽي سال بند رکيائين. هن عظيم انسان لاءِ ئي ته علامه اقبال چيو:

تين سو سال سے ہیں ہند کے میخانے بند
اب مناسب ہے تیرا فیض عام ہو ساقی

مغليه دؤر ۾ جيڪي بي اعتداليون ۽ بدعتون اسلام خلاف ڪيون ويون، تنهن ۾ ويدانت سان تصوف کي ملايو ويو. وحدت اديان جو اهو مطلب ڪڍيو ويو ته سڀ مذهب سچا آهن. اسلامي شريعت جي نه صرف پيڪڙي ڪئي وئي بلڪه ان کي ٺٺول ۽ مذاق جو نشانو به بڻايو ويو، مسلمانن جي ذاتي قانون (Personal Law) کي ٽوڙيو ويو، مسلمان بادشاهن ۽ شهزادن هندو عورتن سان شاديون ڪيون جو اسلامي نقطهءِ نظر کان ناجائز هو. چو ته شادي بعد به اهي پنهنجي مذهب تي قائم رهيون ۽ محلن اندر انهن کي مندر ٺهرائي ڏنا ويا. دين الاهي کي رائج ڪرڻ لاءِ صوفيانه عقيدي وحدت الوجود جو سهارو ورتو ويو، ان کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويو. درحقيقت مسلم عالمن ۽ صوفين وٽ هڪ ئي دين آهي جو دينِ اسلام آهي، فرق اهو آهي جو صوفي بزرگ فقيهن جا مقلد نه هوندا آهن ۽ هنن جو لفظن بجاءِ دين جي روح تي توجهه هوندو آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

الله تعالىٰ طرفان وقت بوقت جيڪي پيغمبر سڳورا دنيا ۾ موڪليا ويا سي سڀ برحق هئا، پر انهن جي تعليم ان دؤر جي حالتن مطابق هئي، انهن جو دائرو به ڪنهن ملڪ تائين محدود هو. هڪڙي ئي وقت ۾ دنيا ۾ هڪ کان وڌيڪ پيغمبر به ٿي رهيا آهن. پر وقت گذرڻ سان انهن پيغمبرن جي تعليمات ۾ تحريفون آنديون ويون ۽ بگاڙ پيدا ڪيو ويو. مسلم صوفين جي خيال ۾ الله پاڪ وٽ "حقيقتِ محمديه" ئي اصل حقيقت آهي ۽ حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ کي سڀني پاڪ نبين جو امام ۽ سربراهه مقرر ڪيو ويو هو. بيشڪ حضرت آدم عليه السلام جي دؤر کان اڄ ڏينهن تائين بنيادي سچايون گهڻي قدر ساڳيون رهيون، مگر انهن جي تڪميل ۽ تعميل نبي آخرزمان محمد مصطفىٰ ﷺ ڪئي ۽ قرآن پاڪ الله تعالىٰ جو آخري پيغام آهي جو دنيا لاءِ لائحه عمل جي حيثيت رکي ٿو. سيدالمرسلين ﷺ جي اسوهءِ حسنه هڪ عملي قرآن آهي. صوفين جون تعليمات الله پاڪ، امام المرسلين ﷺ جي محبت ۽ قرآن پاڪ جي روح سان سرشار هيون ۽ البته هو اڪرن ۾ ڪونه اڙيا، تنهنڪري ته عارف رومي خود حضرت امام ابو حنيفه ۽ امام شافعي لاءِ چئي ڏنو:

آں طرف عشق می افزود درد

بوحنیفه شافعی درسے نه کرد

(جنهن طرف عشق درد ۾ اضافو پئي ڪيو، اتي ابو حنيفه ۽ شافعي سبق نه پڙهيو نه پڙهايو.)

اهوئي بنيادي فرق هو وڏن عالمن ۽ وڏن صوفين ۾. مگر ياد رهي ته صوفين ڪڏهين به شريعت کي نه صرف رد نه ڪيو بلڪه شريعت جي پابندي پاڻ تي عوام کان وڌيڪ عائد ڪيائون ۽ اهو ايئن ته شريعت جي حڪمن جي بجاآوري رڳو ظاهري ۽ جسماني طرح نه بلڪه صدق قلب سان پنهنجي پوري وجود ذريعي، ڪرڻ پاڻ تي فرض ڄاتائون. صوفي غير مقلد ته نه رهيا آهن، پر جتي ضرورت ڄاتائون اتي اجتهادي فڪر جو استعمال به ڪيو اٿن.

امام رباني جي نظر ۾ وحدت الوجود جو نظريو غلط ڪونه هو، مگر ان جي غلط تعبير ۽ تشريح مسلمانن ۾ ذهني انتشار ۽ بي راه روي پيدا ڪري، گمراهيءَ جا دروازا کولي ڇڏيا هئا.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مسلمانن عملي زندگيءَ کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري امام رباني وحدت الشهود جو متبادل نظريو پيش ڪيو يعني اسان قادر مطلق جو پاڇو آهيون "همہ اوست" جي جاءِ تي هن "همہ از اوست" جو اصول پيش ڪيو، يعني سڀ ڪجهه ان وٽان آهي ۽ اسان رب جا بندا آهيون.

وحدت الوجود جي اها غلط تشريح ڪئي وئي تہ جڏهن اسان ڪل (الله پاڪ) جو جزو آهيون ۽ هن کانسواءِ ٻي ڪا شئي موجود ڪانهي، تہ پوءِ ڇا جون نمازون، ڇا جا روزا ۽ بندگي ڪنهنجي؟ امام ربانيءَ چيو اسان ازلي نہ آهيون، البتہ ابدي آهيون. مگر وحدت الوجود وارن جو چوڻ آهي تہ اسان ازلي بہ آهيون تہ ابدي بہ! حضرت امام رباني ان تشريح کي رد ڪيو. ان کان علاوه اڪبري دؤر جي دانشورن ۽ ترقي پسند صوفين وحدت الوجود ۾ ويدانت جي پنهنجي مرضيءَ ۽ منشا مطابق تشريح ۽ آميزش ڪئي. بقول علامہ اقبال:

یہ آیۂ نو جیل سے نازل ہوئی مجھ پر
گیتا میں ہے قرآن تو قرآں میں ہے گیتا

بيشڪ ابن عربي تصوف کي دقيق نموني پيش ڪيو هو مگر عارف رومي اهي روحاني نڪتا سليس ۽ سهڻي طريقي سان سمجهايا آهن ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ جي پيش ڪرڻ جو طريقو بہ انتهائي دلنشين آهي ۽ ڪو بہ ديني عالم هن عظيم صوفيءَ جي ڪلام تي معترض نہ ٿيو آهي، حالانڪہ شاهه صاحب نيٺ وحدت الوجودي آهي. هن بہ جابجا عمل جي تعليم ڏني آهي:

ذات نہ آهي ذات، جو وهي سو لهي.

اتي ذات پات جي پڇا ڪانهي، اتي سيد ۽ برهمڻ جو سوال ڪونهي، اتي عملن کي جاچيو پرکيو ويندو، جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم کانسواءِ انسان مجبور آهي. شاهه

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

صاحب پاڻ کي لوهه ٿو سڏي ۽ ذات پاڪ کي پارس؛ جيڪڏهن پارس جو قرب لوه کي حاصل ٿيندو ته سون بڻجي ويندو.

تون پارس آئون لوهه، جي سڃين ته سون ٿيان.

هيءُ فڪر درحقيقت ”تخلقوا باخلاق اللہ“ جي مشهور صوفيانه قول مطابق آهي، يعني جيڪڏهن پاڻ ۾ الله تعالىٰ جون وصفون پيدا ڪريو ته توهان کي ان جو قرب حاصل ٿئي. هن نڪتي کي عارف رومي ڏاڍي آسان انداز ۾ سمجھايو آهي. چوي ٿو ته لوه لوه آهي، هن ۾ ڪا گرمي ڪانهي، ڪارو آهي. پر جي لوهه جي ٽڪر کي باهه ۾ وڌو ويندو ته اهو ڳاڙهو ٿي ويندو ۽ ان ۾ باهه واريون خصوصيتون پيدا ٿي وينديون پوءِ جيڪڏهن لوهه اها دعوىٰ ڪري ته مان باهه آهيان، ته اها دعوىٰ سچي آهي چو ته ان ۾ باهه واريون خصوصيتون پيدا ٿي ويون، هو ڳاڙهو ٿي ويو، هن کي ڪو هٿ لائيندو ته سڙندو، وغيره. پر لوه باهه هجڻ جي دعوىٰ تيستائين ڪري سگھندو جيستائين باهه جي قريب آهي ورنه جي ٿورو ئي دور ٿيو ته هو لوهه جو هڪ بيڪار ٽڪرو آهي، جنهن کي وٽي جيڏانهن اڇلائينس.

یک لحظہ غافل شدم، صد سال راہم دور شد

(هڪ لحظو غافل ٿيم ته سؤ سال وچي ڏڪجي پري پيس. جو دم غافل سو دم ڪافر.)

عارف رومي جا لوه جي ٽڪر ۽ باهه جي مثال بابت چيل چند شعر عرض رکجن ٿا.

شد ز رنگِ طبع آتش محتشم — گوید اُو من آتشم من آتشم
آتشم من گر ترا شک است وظن — آزمودن کن دست را بر من بزن
آدمی چوں نور گیرد از خدا — ہست مسجود ملائک از اجتبا

(باهه جي ڪري سندس رنگ رعب وارو ٿي ويو، چوڻ لڳو، ”مان باهه آهيان، مان باهه آهيان. پر جي تو کي منهنجي باهه هجڻ ۾ ڪو شڪ آهي، ته پوءِ مون کي پنهنجو هٿ لائي آزمائي ڏس!“ جڏهن الله تعالىٰ انسان کي نور نصيب ٿو ڪري ته پوءِ ملائڪ به هن کي سجدو ڪن ٿا.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هيءَ آهي فنا جو درجو جيڪو عارف روميءَ ايڏي سولائيءَ سان سمجهائي ٿو ته لوه جڏهن پنهنجي وجود کي مٽائي باهه سان ملي ويو ته اهو به باهه بڻجي ويو. اهائي معنىٰ آهي شاهه صاحب جي شعر جي.

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو.

هيءَ آهي فنا جنهن مان بقا حاصل ٿئي ٿي. مگر رومي هجي، شاهه هجي يا اقبال، اهي به بندي کي بندو ۽ الله کي الله سمجهن ٿا. آخر صوفين وٽ به محبوب ته هڪڙو ئي آهي، پيا سڀ عاشق آهن، بندا آهن، غلام آهن. حڪم ته ان حاڪم جو ئي هلندو.

عارف روميءَ جون تشبيهون ته گهڻيون آهن، پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هڪ تشبيهه آهي ته چيني ۽ رومي مصورن جو هڪ مقابلو ٿيو. هڪ هال ۾ هڪ طرف چيني مصورن کي ويهاريائون ۽ ٻئي طرف رومي مصورن کي. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ پردو ڏيئي ڇڏيائون ته هڪ ٻئي کي ڏسي نه سگهن. هر ڪنهن ڌر کي سامهون واريءَ ديوار تي مصوري جو مظاهرو ڪرڻو هو. چيني مصورن پنهنجي ڪمال فن سان ديوار تي مصوري شروع ڪئي. پر رومي مصورن مختلف طريقو اختيار ڪيو. هنن ڄاتو پئي ته انهن باڪمال ۽ لاجواب چيني مصورن جو مقابلو ڪرڻ ناممڪن آهي. رومي مصورن مصوريءَ بجاءِ ديوار کي صاف ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو ۽ ان کي اهڙو اجرو ۽ صاف بڻايائون جو آئينو بڻجي پئي. مقرر وقت تي جڏهن پردو هٽائي ڏٺائون ته چيني مصورن جي ايڏي ته خوبصورت تصوير هئي جو ان جو مقابلو ڪرڻ ته تصور کان ئي ٻاهر هو. وري جڏهن رومين جي ديوار ڏٺائون ته ان تي عين چيني مصوري وارو عڪس هو، جڻڪ ٻئي تصويرون ساڳيون هيون، حالانڪ هڪ حقيقت هئي ۽ ٻيو ان جو عڪس يا مظهر هو. هن تشبيهه ذريعي مؤلاءِ روم هڪ طرف ته قلب کي صاف ڪرڻ جو سبق ڏنو ته ان کي ايڏو صاف ڪريو جو مشاهدو ماڻي سگهو؛ ٻئي طرف هن ڏيکاريو آهي ته اصل اصل آهي ۽ عڪس ڪٿي ڪيترو به صاف نظر اچي، اهو عڪس ئي آهي، اهو پاڇو به چئي سگهجي ٿو. اها ڳالهه جا صديون پوءِ مجدد الف ثانيؒ پنهنجي وحدت الشهود ۾ چئي، ساڳي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڳالھ مؤلانا رومي ھڪ آسان تشبيه ذريعي سمجھائي، تنھنڪري صوفين جو چوڻ آھي تہ اھو فيصلو ڪرڻ مشڪل آھي تہ عارف رومي وجودي ھو يا شھودي!

امام شاھہ ولي اللهؒ

1703ع ۾ امام شاھہ ولي الله، ھڪ عالم ۽ اھل دل صوفي شاھہ عبدالرحيم جي گھر ۾ پيدا ٿيو. غير معمولي قابليت، نظر ۽ فڪر جو مالڪ، بلند پايہ عالم ۽ صوفي ھو. مؤلانا عبيدالله سنڌيءَؒ ۽ علامہ اقبالؒ بہ سندس معترف ۽ عقيدت مند ھئا. شاھہ ولي الله قرآن پاڪ جو ترجمو فارسيءَ ۾ ڪيو، جو ھڪ اعلىٰ ديني شاھڪار آھي. ھونئن تہ تصوف تي شاھہ ولي الله جا ڪيترا ڪتاب لکيل آھن مگر ”حجتہ الله البالغہ“ سندس شھرہ آفاق تصنيف آھي.

شاھہ ولي الله کي الله تعالىٰ وسيع قلب ۽ نظر عطا ڪيا ھئا. ھو وحدت الوجود ۽ وحدت الشھود جي نظرين جي گھرائي ۾ ويو ۽ انھن تي ھڪ رسالو بہ لکيائين. شاھہ صاحب ٻنھي نظرين جي وچ ۾ مطابقت ثابت ڪئي آھي، سندس خيال آھي تہ ٻنھي صوفيانہ عقيدن ۾ ڪو بنيادي فرق ڪونھي.

شاھہ ولي الله قرآن پاڪ ۽ سنت رسول جو پابند ھو مگر ڪنھن جو مقلد ڪونہ ھو. پنھنجي علم ۽ عمل ذريعي ھن ملت اسلاميہ جي وڏي خدمت ڪئي.

علامہ اقبال ۽ سندس نظريو

اقبال ھڪ طرف تہ مؤلاءِ روم جو روحاني مريد ھو ۽ ٻئي طرف امام رباني الف ثانيءَ جو مداح ھو. درحقيقت وحدت الوجود ۽ وحدت الشھود جي مسئلن تي بہ سندس ساڳيو ئي مسلڪ ھو جيڪو شاھہ ولي الله جو ھو. حضرت شاھہ ولي الله وانگر ھن مسلمانن کي بي علمي ۽ بي عملي واري اوڙاھہ مان ٻاھر ڪڍي، ديني ۽ دنيوي طور سرخرو ڪرڻ پئي چاھيو. ھو آزادي ۽ حريت جو علمبردار ھو ۽ ھن پنھنجي تحريرن ذريعي مسلمانن ۾ ذھني انقلاب آڻڻ پئي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

چاهيو. ڏنو وڃي ته هو مؤلانا عبيدالله سنڌيءَ سان هن معاملي ۾ متفق هو، جيتوڻيڪ ٻنهي جا طريقا الڳ الڳ هئا. علامه مغرب جي کوکلي ۽ مصنوعي تهذيب جو ته بيشڪ مخالف هو مگر انهن جي علم، سائنس، فنون، ۽ ترقي جو معترف هو. هن جو چوڻ هو ته اهي سڀ ڳالهيون مسلمانن جون ايجاد آهن ۽ هنن جو ورثو آهن، مگر مسلمانن اهو وساري ڇڏيو آهي. نام نهاد عالمن ۽ صوفين مسلمانن جي عملي طاقت ۽ اتحاد کي ختم ڪري، پاڻ ۾ ويڙهائي ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري جيئن حضرت امام رباني مسلمانن کي غفلت ۽ گمراهي مان ڪڍي باطني، روحاني ۽ عملي جدوجهد لاءِ تيار ڪيو، تيئن علامه اقبال پنهنجي الهامي شاعريءَ ذريعي مسلمانن لاءِ اهائي اوج ۽ آزادي حاصل ڪرڻ پئي چاهيا. هن جو چوڻ آهي ته دين، تصوف ۽ سائنس جو پاڻ ۾ ڪو اختلاف ڪونهي، بلڪه علم ۽ سائنس مسلمانن جو قيمتي ورثو آهي:

حکمتِ اشیا فرنگی زاد نیست — اصل او جز لذتِ ایجاد نیست
نیک اگر بینی مسلماں زادہ است — ایں گہر از دستِ ما افتادہ است
چوں عرب اندر اروپا پر کشاد — علم و حکمت را بنا دیگر نہاد
دانہ آں صحرا نشیناں کاشتند — حاصلش افرنگیاں برداشتند

(شين جو علم فرنگين جو ورثو نه آهي، انهن جو بنياد ايجاد جي ذوق تي آهي.
جي صحيح سڃاڻين ته اهي مسلمانن جون ايجاد آهن، هيءُ گوهر اسان جي هٿ مان ڪري پيو آهي.
جڏهن عربن يورپ جي سرزمين تي قدم رکيو ته علم ۽ حڪمت کي نئين انداز ۾ آندائون.
صحرا نشينن اتي ٻج پوکيو، جنهن جو فصل فرنگي لٽي رهيا آهن.)

خود پنڊت جواهرلعل نهرو، هندستان جي آنجهاني وزيراعظم، پنهنجي ڪتاب ”دنيا جي تاريخ جون جهلڪيون“ ۾ لکيو آهي ته يورپ وارن صليبي جنگيون بيشڪ مسلمانن کان هارايون پر سائنس ۽ فنون جو علم پاڻ سان کڻي ويا، جنهن بعد يورپ ترقي ڪئي. آمريڪا

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جي سابق صدر رچرڊ نڪسن به پنهنجي ڪتاب Seize the Moment ۾ ساڳي ڳالهه تسليم ڪئي آهي.

مگر اقبال ڪڏهن به خودغرضانه ۽ غاصبانه فڪر، سوچ ۽ عمل جو قائل نه آهي. جڏهن هيءَ جان مؤلا عطا ڪئي آهي ته ان جي سوچ ۽ اسان جو عمل به ان ذات پاڪ جي حڪمن مطابق ۽ صرف ان جي خاطر هجي ۽ نه ٻئي ڪنهن مقصد لاءِ.

هرکه خنجر بهر غیرالله کشید
تیغ خود در سینۂ خود آرمید

(جنهن پنهنجو خنجر غيرالله واسطي استعمال ڪيو، جڻ پنهنجي تلوار پنهنجي سيني ۾ هنيائين.)

حضرت مجدد جو نظريو وحدت الشهود عين وقت جي تقاضا هو، بلڪه وحدت الوجود جي صحيح تعبير طرف هو، ان جي متضاد نه هو. جڏهن وحدت الوجود جي غلط ۽ سطحي تشريح جو اڪبر سياسي فائدو وٺڻ شروع ڪيو، ماڻهن کي پنهنجي آڏو سر بسجود ڪرايائين، پنهنجي حڪومت جي استحڪام خاطر شعائرِ اسلام جي کلم کلا خلاف ورزي ڪيائين، ته اهڙي صورت ۾ جيڪي ڪجهه امام رباني ڪرڻ فرمايو سو هڪ عظيم ڪارنامو هو ۽ حڪومت جي غلط ڪارين خلاف جهاد هو. جلال ۽ عظمت صرف ان ذات کي جڳائي. نالي ۾ جلال الدين اڪبر اعظم جي حڪومت به پنجاهه سال هلي، حالانڪه هيءَ دنيا هزارن سالن کان هلندي ٿي اچي. ڪيڏانهن ويو مغل بادشاهه، سندن مسخرا، مهاڪوي، وزير باتدبير، مريد، معتقد ۽ مداح سڀ پنهنجي راه رمندا رهيا.

سب ٹھاٹھ پڑا رہ جائیگا، جب لاد چلے گا بنجارا

قدرت جون بيشمار بوقلمونيون ۽ حيرت ۾ وجهندڙ نيرنگيون ان ڪارسازِ ڪائنات جي ادنىٰ اشاري جو نتيجو آهن. ڪائنات جي قادر کي وساري، جاهل ۽ ڪمزور انسان پنهنجي ظاهري علم ۽ ناقص عقل تي نازان ٿي، اڻڄاڻائي ۾ پنهنجي تباهي ۽ بربادي جو سامان ٿو مهيا

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري ۽ رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِي الْآخِرَةِ حَسَنَةً جي بنيادي اصول کي پس پشت اڇلائيندي پنهنجا ٻئي جهان وڃائي ويٺو آهي. جيستائين هو پنهنجي قلب جي ڪائنات ۾ جهاتي پائي ان جو مطالعو نہ ڪندو، تيستائين سندس ساري زندگي، جدوجهد، تحقيقون ۽ تدبيرون رائيگان وينديون. زندگيءَ جو پتو نہ آهي، ڪڏهن بہ پوري ٿي سگهي ٿي. اڇو تہ مثبت سوچ ذريعي، محبت ذريعي، پاڪيزه خيالن ذريعي پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي اصل کي، پنهنجي حقيقت کي ڳوليون تہ جيئن اطمينان سان زندگي بسر ڪجي ۽ وقت اچڻ تي مُرڪ سان موت کي منهن ڏجي.

آهي موت مڙن تي، گوڙيون ڪري گجي؛
اجل ايندءِ اوچتو، جو سدا ٿو سڄي؛
اڳيان اونداهيءَ جو، ٿر ساڻ ڪجي؛
ڪڻ تون قوت قبر جو، گهڻو ٿو گهرجي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

باب 10

توڪل ۽ تقدير

﴿هُوَ الْأَوَّلُ وَالْآخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ﴾

(الله تعالىٰ اول به آهي ته آخر به؛ ظاهر به آهي ته باطن به؛ ۽ هر ڳالهه جي ڄاڻ اٿس. قرآن 57:3)

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي، بلڪه مسلمانن جو پختو عقيدو آهي ته الله تعالىٰ دانا بينا آهي، قادرِ مطلق آهي وحدهٗ لاشريڪ به آهي، ڪابه شئي هن جي اختيار کان ٻاهر نه آهي. انسان هن جي قدرت آڏو مجبور آهي ۽ تقدير کي نه مڃڻ ڪفر آهي.

تيری قدرت تو وه ہے جس کی حد ہے نہ حساب
تو جو چاہے تو اٹھے سینہ صحرا سے حباب

عزت ۽ ذلت، رزق ۽ روزي، چڱائي ۽ لڱائي، زندگي ۽ موت، سڀ هن جي هٿ ۾ آهن. سڀني صوفين جو اهو عقيدو آهي ۽ شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ ڀريون ڀريون بيت ئي اهو آهي:

اَول الله عَلِيمُ، اعلىٰ عالم جو ڌڻي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قديم؛
والي، واحِدُ، وَحدَهٗ، رازق، رَبُّ رَحِيم؛
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حَمدُ حڪِيم؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهان جون.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اسان سڀ هن جي رحم ۽ ڪرم جا محتاج آهيون، الله تعاليٰ ئي سچو پچو ۽ دائمي حڪمران آهي. دنيوي حڪمران ته اينءَ آهن جيئن ناٽڪن ۾ ائڪٽر؛ تاريخ جا ورق هن حقيقت جي ناقابلِ ترديد گواهي ڏين ٿا.

سروری زیبا فقط اس ذاتِ بے ہمتا کو ہے
حکمراں ہے اک وہی، باقی بتانِ آذری

صوفين وٽ الله تعاليٰ جي حاڪمي ۽ خدائي تي سوال جواب ڪرڻ ئي فضول آهي. هن جي قدرت سان ته اهڙيون ڳالهيون به ٿي سگهن ٿيون جيڪي بظاهرناممڪن آهن. معجزا ۽ ڪرامتون ان ۾ اچن ٿا. شاهه صاحب ڪيڏو نه سهڻو چيو آهي:

صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون؛
پن پوڙين پاتار ۾، پٿر تارين تون.

ٻئي هنڌ اهڙي نمائيءَ ۽ نهٺائيءَ جو اظهار ڪيو اٿائين.

واڳ ڏٽيءَ تنهنجي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي.

شاهه صاحب ۽ علامه اقبال جيڪي چيو آهي سو بالڪل درست آهي، ان ۾ ڪا اختلاف جي گنجائش ڪانهي. درحقيقت انسان سچو سارو مختار به نه آهي ۽ نه وري بالڪل مجبور ڪيو ويو آهي. توڪل جي معنيٰ اها آهي ته الله پاڪ ذوالجلال جي مدد ۽ مهرباني تي ڀروسو ڪرڻ ۽ ان جي اڳو عجز ۽ آزي ڪرڻ ته تون ئي سڀ ڳالهه جو مالڪ ۽ مختار آهين، مون جيڪو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي، جنهن لاءِ محنت ڪري رهيو آهيان، ان ۾ ڪاميابي عطا فرماءِ! تقدير جي صحيح معنيٰ ۽ مفهوم اهو آهي ته سڀ ڪجهه الله تعاليٰ کي علم آهي ته ڇا ٿيڻ وارو آهي، جيڪڏهن اهو علم نه هجي ته پوءِ نعوذبالله سندس صفات ۾ ڪمي آهي. جڏهن ته الله پاڪ قادر به آهي ته پوءِ ڪا به شئي سندس حڪم کانسواءِ چُري نه ٿي سگهي. اهي آهن اختيار الله تعاليٰ جا جنهن کي ڪو به چئلينج ڪري نه ٿو سگهي. پر هنن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

سيني ڳالهين جو مطلب اهو نہ آهي تہ جيئن سڀ ڪجهہ اڳيئي لوح و قلم ۾ لکجي چڪو آهي تنهنڪري خاڪم بدهن هاڻي هوءَ ذات پاڪ خاموش ۽ بيوس آهي، چاڪاڻ تہ جيڪي لکڻو هو سو لکجي ويو. جڏهن شاهہ صاحب جن سلطان الاوليا حضرت خواجہ مخدوم محمد زمانؒ وٽ ويا تہ هينيون بيت پڙهيائيون:

قلم وهي ويو ڪانهن، سرتيون ڪنهن سپاڳ لئہ؛
انگ اڳيئي لکيو، ات نہ پهچي ٻانهن؛
ڪنهنکي ڏيان دانهن، تہ پرينءَ مان سين هيئن ڪيو.

ان جي جواب ۾ خواجہ صاحب وراڻيو:

ويهہ وجي وٽ تن، قلم جن جي هٿ ۾؛
ميٽئو انگ اڳيون، واري ٻئو لکن؛
پنو سو پڙهن، جنهن مان پسڻ ٿئي پرينءَ جو.

توڪل ۽ تقدير جي معنىٰ ڪاهلي ۽ بيوسي هرگز نہ آهي.[1] هر وقت هر شئي تي حق تعالىٰ قادر آهي. هن جي قدرت، طاقت ۽ حڪمت بي انداز ۽ بي حساب آهن. اسان کي

[1] اهي خودمختياري ۽ تقدير يا جبر و قدر جا مسئلا ۽ بحث، انسان ۽ ان جي سوچ کي صدين کان منجهائيندا ٿا اچن. انهن جو اطمينان جوڳو عقلي يا منطقي حل ڪو بہ پيش ڪري نہ سگهيو آهي. اسان جيستائين زمان ۽ مڪان (space & time) جي بندشن ۾ جڪڙيل آهيون، تيستائين اهي حقيقتون، جيڪي زمان ۽ مڪان کان ماورا آهن، سي اسانجي سمجهہ ۽ عقل جي احاطي کان لامحالہ ٻاهر رهنديون. نتيجتاً اهي حل ۽ توجيحات، جن جو آڌار اهڙين ماورائي حقيقتن تي آهي، تن جو نہ بيان ممڪن آهي ۽ نہ ئي سمجهڻ. اسان جهڙن زمان ۽ مڪان جي بندشن ۾ جڪڙيل انسانن کي سمجهائڻ لاءِ صاحبدل ۽ اهل بصيرت بزرگن اشارين ۽ ڪناين جي مدد ورتي آهي. خواجہ محمد زمانؒ جڏهن فرمايو، "ويهہ وجي وٽ تن..."، اِتي اهو ٿو سمجهہ ۾ اچي تہ اُتي اهي وڃنا جن پاڻ کي زمان ۽ مڪان جي قيد کان آجو ڪيو. ڪيئن ڪيو، ڪيئن ڪري سگهجي ٿو، اهي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

محدود خودمختياري عطا ڪئي اٿائين، جيڪا به سندس احڪام جي تابع آهي، چاهي نه اها به ڪسي ونئي. تنهنڪري انساني آزادي محدود آهي. اسان جو تقدير تي مستحڪم ايمان آهي، هيءَ الاهي صفات مان آهي، ان کان انڪار ڪفر آهي. ڪنهن حضرت بيبي رابعه کي چيو ”مون ڏاڍا گناهه ڪيا آهن، جيڪڏهن الله تعاليٰ ڏانهن رجوع ٿيان ته هو مون تي رحم فرمائيندو؟“ بيبي صاحبه جواب ۾ فرمايو، ”تنهنجو الله پاڪ ڏانهن رجوع ٿيڻ تڏهن ئي ممڪن ٿيندو جڏهن الله پاڪ چاهيندو.“

مسلمانن جي زوال جا اسباب

مسلمانن جڏهن به عياشيءَ ۾ مبتلا ٿي، خدا تعاليٰ کي وساري، قدرت جي قانونن جي انحرافي ڪئي ته هو زوال پذير ٿي ويا. اجتماعي خواه انفرادي طرح هو بربادي ۽ ذلت جو شڪار ٿي ويا. اسان جي ڪن شاعرن اصل حقيقت کي سمجهڻ بجاءِ ان کي قدرت جو فيصلو تصور ڪيو ۽ بالڪل مايوسي ۽ بيوسيءَ جو اظهار ڪيو اٿن. مثال طور اردو شاعرن جي شهنشاهه مير تقي مير چيو آهي.

ناحق ہم مجبوروں پر تہمت ہے خود مختاری کی
آپ جو چاہے سو وہ کرے ہے ہم کو عبث بدنام

يا غالب جو هيئن چوڻ:

اهڙا سوال آهن جن جو جواب نه ڪنهن ڪتاب ۾ ملٿو آ ۽ نه وري لفظن ۾. ان لاءِ به اهو ئي چئبو ته، ”ويھ وڃي وٺ تن...“ ۽ هتي ”تن“ مان مراد اهي سچا صوفي بزرگ آهن جن اها واٽ پار ڪئي آهي ۽ جن کي پين کي اها سکيا ڏيڻ جي پيغمبر ﷺ کان روحاني اجازت مليل آهي. اهي سالڪ کي، بشرطيڪه ان جي طلب سچي آهي، ان مقام تي الله جي مرضي سان پهچائي سگهن ٿا جتي هو پاڻ انهن حقيقتن جو مشاهدو ماڻي حق اليقين جي منزل تي پهچي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

رات دن گردش میں ہیں سات آسماں
ہو رہے گا کچھ نہ کچھ، گھبرائیں کیا

مير ۽ غالب ان دؤر ۾ پيدا ٿيا جڏهن مسلم حڪومتون يا ته ختم ٿي چڪيون هيون يا نزع جي حالت ۾ گرفتار هيون. لازمي طرح مسلم معاشري ۾ به تباهي اچي چڪي هئي ۽ چڱا چڱا خاندان منتجي رهيا هئا ۽ هندستان ۾ افراتفري ڦهليل هئي. خود مير ۽ غالب جي زندگي به وڏين پريشانين ۾ گذري ۽ سندس شاعري ان دؤر ۽ ان وقت جي معاشري ۽ سندن ذاتي پريشانين جي عڪاسي ٿي ڪري.

جگر مراد آبادي ته ان حد تائين وجي پهتو ته فيصلا اڳيئي ٿي چڪا آهن، جنهن ڪي جيڪي لوڙڻو هوندو سو اوس لوڙيندو، تنهنڪري پاڻ پتوڙڻ اجايو آهي:

ہو چکا روز اولیں ہی جگر
جس کو جتنا خراب ہونا تھا

مگر اهو نقطئہ نظر عارف رومي، شاهه صاحب ۽ علامه اقبال کي قبول نه آهي. توڪل ۽ تقدير جي اهڙي نه تشريح ڪئي وئي آهي جو نااميد وڌيڪ نااميد ٿا ٿين ۽ ڪاهل وڌيڪ ڪاهل، حالانڪه الله تعالىٰ وٽ نااميدي ڪفر آهي. الله تعالي جا قانون اٽل آهن، جن کي قانون فطرت چئون ٿا: جنهن به فرد يا قوم انهن کي ٽوڙيو، سي سزا ڀوڳيندا. ان ۾ ڪنهن مذهب، رنگ ۽ نسل جي ڪا تفريق ڪانهي. ڪا به قوم قدرت جي دادلي ڪانهي، اهو قانون هر ڪنهن سان يڪسان لاڳو آهي.

توڪل ۽ تقدير جو غلط مفهوم

علامه اقبال فرمايو آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

خبر نہیں کیا ہے نام اس کا، خدا فریبی کہ خود فریبی
عمل سے فارغ ہوا مسلماں، بنا کے تقدیر کا بہانہ

جڏهن مسلمان حڪمرانن، عالمن، مشائخن، صوفين ۽ عوام عمل ۽ جدوجهد کي الوداع ڪئي، تڏهن هو تباهي ۽ تنزل جو شڪار ٿي ويا. هاڻي پاڻ تي ڏوهه ڏيڻ بجاءِ توڪل ۽ تقدير کي ان جو ڪارڻ قرار ڏيڻ لڳا. جيڪڏهن حڪومت هٿان وئي ته چوندا ته الله تعالىٰ جنهن کي چاهي تنهن کي حڪمراني ڏئي، جيڪڏهن ڪو بک پيو مري ته چوندا ته رزق اسان جي هٿ ۾ ته نه آهي، الله جي هٿ ۾ آهي، جيڪڏهن مخالف کان شڪست کائيندا ته چوندا فتح ۽ شڪست نصيبن تي آهي، ان ۾ اسان جو ڪهڙو ڏوهه؟ جڏهن ذليل ٿيندا ته اهو بهانو ڏيندا ته عزت ۽ ذلت الله جي هٿ وس آهي، اسان ڇا ٿا ڪري سگهون. جيڪڏهن گناهن ۾ غلطان هوندا ته بهانو ٺاهيندا، ان ۾ اسان جو ڪهڙو قصور آهي، هڪ پن به الله جي حڪم کانسواءِ نه ٿو ڇري. زندگي ۾ پنهنجي طرفان ڪا به جدوجهد نه ڪندا، هٿ ٻڌيو ويٺا هوندا، چوندا ته اسان جي توڪل الله تي آهي، هو ئي سڀ ڪم سڌاوا ڪندو. غير مسلمانن جو به اهو خيال آهي ته توڪل ۽ تقدير جي تصور ئي مسلمانن ۾ تنزل آندو آهي. پر هيءُ غلط خيال آهي. جيڪڏهن ڪي نام نهاد صوفي توڪل ۽ تقدير جو اهو تفسير ڪن ٿا ته پل ڪن، مگر عارف رومي، شاهه صاحب ۽ علامه اقبال جو تصور ان جي برعڪس آهي. اچو ته پهريائين ڏسون ته حضور پاڪ ﷺ ۽ صحابه ڪرام جو ان سلسلي ۾ ڪهڙو خيال آهي ڇو ته اهل الله ۽ صوفي سيدالمرسلين ﷺ کي ئي وڏو صوفي مرشد ۽ رهبر ڪوٺين ٿا.

سرور ڪائنات ﷺ ۽ اصحابه ڪرام جو تصور

الله تعالىٰ قرآن پاڪ ۾ هڪ وڏو بنيادي ۽ اهم اصول بيان ڪرڻ فرمايو آهي:

﴿كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَتُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَلَوْ آمَنَ أَهْلُ الْكِتَابِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُم مِّنْهُمُ الْمُؤْمِنُونَ وَأَكْثَرُهُمُ الْفَاسِقُونَ﴾

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(سڀني امتن ۾ توهان بهتر امت آهيو ڇو ته نيڪ ڪمن لاءِ حڪم ڏيو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا. قرآن 3:110)

الله تعالىٰ امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر کي مسلمانن جو فرض منصبي مقرر ڪرڻ فرمايو. چاڪاڻ ته ان سان دنيا ۾ حقيقي عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ هو. جيڪڏهن برائي کي روڪيو وڃي ۽ نيڪي کي رائج ڪيو وڃي ته پوءِ دنيا مان سارو ظلم فسق ۽ فجور ختم ٿي ويندو. ان مقصد جي حصول لاءِ ئي حضورپاڪ ﷺ ساري زندگي جهاد ڪندا آيا. جيڪڏهن توڪل ۽ تقدير جي مٿئين مفهوم کي درست قرار ڏنو وڃي ته هن ساري اصول جي نفي ٿيندي جنهن لاءِ هن امت کي الله پاڪ منتخب ڪرڻ فرمايو هو. ان مقصد کي مد نظر رکندي علامه اقبال چيو هو:

شهادت ہے مطلوب و مقصود مومن
نہ مالِ غنیمت نہ کشور کشائی

ان معلم الاهي ۽ داعي رباني ﷺ ساري عمر پنهنجي زبان ۽ هٿ سان شيطاني قوتن جو مقابلو ڪري زندگيءَ جي هر شعبي ۾ نيڪي کي رائج ڪري ۽ برائيءَ کي روڪي، هڪ عظيم انقلاب آندو. تنهنڪري سندس پاڪ زندگي کي اسوه حسنه ڪوٺيو ويو ۽ ان رستي تي هلڻ هر مسلمان ۽ صوفيءَ جو فرض آهي. اسلام ۾ رهبانيت ڪانهي. مسلمانن کي جهنگ، بيابان، ۽ جبلن جي غارن ۾ ويهي محض الله الله ڪرڻو نه آهي بلڪه معاشري ۾ رهي باطل جو مقابلو ڪرڻو آهي ۽ اهو مقابلو پنهنجي ذات لاءِ نه پر في سبيل الله آهي. هو مخلوق جي آڏو جهڪي نه ٿا سگهن، سندن تابعداري، عبادت ۽ سجدا صرف الله پاڪ لاءِ مخصوص آهن، باقي دنيا کان هو بيگانا ۽ بي نياز آهن. هڪ سچي صوفيءَ جو مقصد ۽ مطلب صرف الله جي ذات آهي، جيڪو هن جو محبوب ۽ مقصود آهي. هن جو، اٿڻ، ويهڻ، مرڻ، جيئڻ ۽ عبادتون سڀ الله جي خوشنوديءَ لاءِ آهن. حضور پاڪ ﷺ ته لولاڪ جا مالڪ آهن، الله جا نائب آهن، رحمت اللعالمين به آهن ته محبوب رب اللعالمين به، ساري ڪائنات جي وجود جو باعث به

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آهن، سندن ذات پاڪ کان وڌيڪ توڪل ۽ تقدير جي معنىٰ ڪير پئي سمجهي سگهيو ۽ الله پاڪ تي توڪل ڪير پئي ڪري سگهيو. حضور پاڪ ﷺ ۽ سندن اصحابن مسجدن ۾ ويهي رڳو عبادتن ۽ دعائن تي اڪتفا ڪا نه ڪئي، مگر الله پاڪ تي توڪل رکي تزڪيه نفس (جهاد اڪبر) به ڪيائون ته ڪافرن خلاف جهاد اصغر به ڪيائون، جنگيون به جوٽيائون ۽ ان حد تائين جو ڪيترا اصحابي شهيد به ٿيا ۽ ان بعد ئي اندر جي ٻاهر جي ڪافرن مٿان فتح مبين حاصل ڪيائون. ايئن ڪونهي ته پاڻ دعا پڙهي گهر ۾ ويهي رهيا. عارف رومي ڀرپور جدوجهد ۽ عملي زندگي جو قائل آهي.

مصلحت در دين ما جنگ و شکوه
مصلحت در دينِ عيسىٰ غار و کوه

(اسان جي دين ۾ بهتري جنگ ۽ شان سان آهي، عيسىٰ جي دين جي مصلحت غار ۽ جبلن ۾ آهي.)

توڪل ۽ تقدير تي ڏوهه ڏيڻ اسان جي بي علمي، بي عملي ۽ ڪاهليءَ جو ڪليل ثبوت آهي. جيڪو انسان الله پاڪ تي توڪل رکي، هن جي خاطر لڙندو يا ڪنهن نيڪ ۽ صحيح ڪم ۾ هٿ وجهندو ته سندس ڪاميابي يقيني آهي. مردان خدا پنهنجي خالق لاءِ سر ترريءَ تي ڪنيو وتندا آهن ۽ عملي زندگيءَ جي خيرات گهرندا آهن. بقول اقبال:

تقدير کے قاضی کا یہ فتویٰ ہے ازل سے
ہے جرمِ ضعیفی کی سزا مرگِ مفاجات

توڪل وارن کي الله تعالىٰ يقيني مدد ڪري ٿو. جڏهن سندس بندو سندس ئي خاطر سر ڪٽائڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ته اهڙي انسان کي الاهي قرب حاصل ٿئي ٿو ۽ الله جو هٿ هن جو هٿ بڻجي وڃي ٿو. تڏهن علامه چوي ٿو:

ہاتھ اللہ کا ہے بندۂ مومن کا ہاتھ

حضور پاڪ ﷺ جن حنين جي جنگ ۾ مٺي ۽ پٿرن جي مٺ پري ڪافرن جي لشڪر ڏانهن اڇلائي ته سندن منهن ۾ لڳي ۽ هو شڪست کائي وٺي ڀڳا ۽ جنگ هارايائون. الله تعالىٰ پنهنجي نبي پاڪ ﷺ کي فرمايو ته اهو هٿ جنهن سان توهان پٿريون ۽ مٺي اڇلائي هئي، اهو منهنجو هٿ هو ۽ نه توهان جو.

هڪ دفعي حضرت عمرؓ ڏٺو ته ڪي ماڻهو ڪنهن جاءِ تي ويٺا هئا ۽ پاڻ ۾ گپ شپ ڪري رهيا هئا. حضرت عمرؓ پڇين ته، ”توهان ايئن بيڪار ڇو ويٺا آهيو ڪم ڪار ڇونه ٿا ڪريو؟“ جواب ڏنائون ته، ”اسان متوڪلين آهيون، الله تي توڪل رکيو ويٺا آهيون، هو پاڻ ئي اسان کي رزق پهچائيندو، هو رزق ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهي.“ حضرت عمرؓ چين ته، ”توهان توڪل جو مطلب غلط سمجهيو آهي. توڪل ان کي چئبو آهي جو اوهان زمين کي پاڻي ڏيو، هر ڪاهيو ۽ ٻج وجهو، پوءِ الله تي توڪل رکو ته هو پوک کي پيدا ڪندو ۽ ان ۾ برڪت وجهندو.“ ٻئي دفعي حضرت عمرؓ فوج کي حڪم ڏنو ته، ”هتي وبا ڦهلجي وئي آهي، تنهنڪري هتان منتقل ٿيو.“ جنهن تي هڪ اصحابيءَ پڇيو ته، ”تقدير کان ڪيڏانهن ڀڄي سگهو ٿا، موت ٽرڻو نه ڪونهي.“ حضرت عمرؓ جواب ۾ فرمايو ته، ”اسان قضا الاهيءَ کان قضا الاهي طرف وڃي رهيا آهيون، وبا کان بچڻ به قضا الاهي جو حڪم آهي. باقي الله تعالىٰ ته هر جاءِ تي آهي موت ڪٿي به اچي سگهي ٿو.“ حضرت عمرؓ خلافت جو ڪاروبار به هن قسم جي توڪل الاهي سان هلايو ۽ تقدير هن جو ساٿ ڏنو. تاريخ نويس ان تي متفق آهن ته مسلم تاريخ ۾ حضرت عمر فاروقؓ ڪامياب ترين خليفة المومنين هو. جڏهن وري سندس قضا آئي، ته مسجد ۾ شهادت نصيب ٿيس.

توڪل ڪاميابيءَ جي ڪنجي

توڪل ڇا آهي، ان جي مؤلانا رومؒ ڏاڍي سهڻي بلڪه لاجواب تشريح ڪئي آهي ۽ اها به اهڙي سولي ۽ سليس طريقي سان جو هر ڪو سمجهي سگهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

گر توکل میکنی در کار کن　　کشت کن پس تکیه بر جبار کن
گفت پیغمبر بآوازِ بلند　　با توکل زانوئے اُشتر بہ بند
رمز الکاسب حبیب الله شنو　　از توکل در سبب کاہل مشو
در توکل کسب وجہد اولےٰ تر است　　تا حبیبِ حق شوی ایں بہتر است

(جيڪڏهن توڪل ڪرين ٿو ته محنت ڪر، پوءِ الله تي توڪل رک.
پيغمبر ﷺ بلند آواز سان چيو، توڪل سان گڏوگڏ اٺ جو گوڏو ٻڌي ڇڏ.
اها رمز ڄاڻيندي ته محبت ڪندڙ الله کي پيارو آهي، توڪل سببان توڻي نه ٿي.
توڪل ۾ محنت ۽ ڪوشش سڀ کان اعلىٰ آهن، حق تعالىٰ جي پياري ٿيڻ لاءِ اهو بهتر آهي.)

مؤلانا رومي توڪل سان گڏوگڏ جدوجهد کي به لازم رکيو آهي، ورنه ان کانسواءِ توڪل بي معنىٰ آهي. ”توڪل بر خدا“ چئي اٺ کي به ائين آزاد ڇڏي نه ڏيو، متان پڄي وڃي؛ تنهنڪري گوڏو ٻڌي ڇڏيوس. بي لڪ جهڙي ڳالهه جيڪا مؤلانا فرمائي آهي، اها آهي ته هڪ محنت ڪندڙ مزدور الله پاڪ کي پيارو آهي. حرام جو مال اڄ نه سڀاڻي نيٺ نهوڙي نيندو، ڪوئي ان تي آسرو پلي خوش نه ٿئي.

امر بالعروف و نهي عن المنكر

الله پاڪ جڏهن مسلمانن کي ارشاد فرمايو آهي ته، ”چڱائيءَ جو حڪم ڏيو ۽ برائيءَ کان روڪيو.“ يعني امر بالعروف و نهي عن المنڪر جي تعميل ڪريو، ته پوءِ ان ذات پاڪ پنهنجي امت کي پٿرن ۽ پٿرن وانگر بي وس، بيڪار ۽ بي جان نه ڇڏيو. عارف رومي ان حقيقت کي سمجهائيندي فرمايو آهي:

جملہ قرآں امرونہی است ووعید　　امر کردن سنگمر مر را کہ دید
ہیچ دانا ہیچ عاقل ایں کند　　با کلوخ و سنگ خشم وکیں کند

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(سارو قرآن امر و نهي ۽ وعدا آهي، سنگ مرمر پٿر کي ڪنهن حڪم ڏيندي ڏٺو آهي.
ڪو دانا ۽ عقل وارو ايئن ڪونه ڪندو جو پٿر ۽ پٿر سان غصو ۽ عداوت ڪري.)

مؤلانا موصوف جو چوڻ آهي ته سارو قرآن ان سان ڀريل آهي ته نيڪي رائج ڪريو ۽ برائيءَ کان روڪيو، جنهن ۾ انسان ذات جي فلاح آهي. آخر اهو حڪم انسان کي ڏنو ويندو آهي جن کي سمجهه ۽ عقل آهي، طاقت ۽ جان آهي ۽ جيڪي فيصلي ڪرڻ جي اختيار ۽ ان اختيار جي هجڻ جو شعوري احساس رکن ٿا ۽ ان کي استعمال ڪندي قرآن تي عمل ڪري سگهن ٿا. اهو حڪم پٿرن ۽ ڀِترن لاءِ نه آهه جن ۾ ڪا جان ڪانهي، ڪا زندگي ڪانهي ۽ جيڪي بي اختيار آهن.

هتي اهو واضح ڪرڻ ضروري آهي ته امر بالمعروف و نهي عن المنڪر جي ابتدا هر شخص کي پنهنجي ذات جي حوالي سان ڪرڻي آهي. صرف ۽ صرف جڏهن پنهنجي ذات جي اصلاح ڪري هن ريت فارغ ٿئي جو صرف چڱا ڪم ڪندو هجي ۽ هر منع ٿيل فعل کان بچيل هجي، ته پوءِ ئي ٻين ڏانهن متوجه ٿيڻ جو حق اٿس. اهو هڪ اهڙو بنيادي اصول آهي، جنهن کان جيڪڏهن روگرداني ڪئي وئي ته پوءِ اهڙي منافقانه نصيحت ۽ تبليغ (امر بالمعروف و نهي عن المنڪر) الله پاڪ جي خوشنودي لاءِ نه پر پنهنجي نفس پليت کي سؤکي ڪرڻ لاءِ هوندي، جنهن مان ڪنهن کي نفعو ته نه ٿيندو اٽلندو سڀني کي نقصان ئي رسندو. پهرين پاڻ سڄاڻي، پنهنجي اندر جي آذر، دشمن ۽ گمراه تي قابو پائي ان کي راه تي لڳائڻو آهي ۽ پوءِ ئي ٻاهر جي ڪافر، دشمن ۽ گمراه کي منهن ڏيئي سگهبو. اهو ئي پيغمبرن ۽ اولياءالله جو رستو آهي ورنه خودساخته دنيا سڌارڪن (reformers) جيترين تباهيون دنيا ۾ سڌي يا اٽسڌي طرح سان آنديون آهن، يا آڻڻ جا سبب بڻيا آهن، تنهن جي احوالن سان تاريخ جا پنا ڀريا پيا آهن.

مٿين اصول کي سمجهڻ لاءِ نبي پاڪ ﷺ جي زندگي جو هي واقعو غور طلب آهي. هڪ عورت وٽن پنهنجي پُٽ کي وٺي آئي ته کين گُڙ کائڻ کان منع ڪن. نبي سائين فرمايو ته سڀاڻي اچجو. ٻي ڏينهن تي عورت وري پنهنجي پٽ کي وٺي آئي، ۽ سائين کين مناسب نصيحت ڪئي. عورت

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عرض ڪيو ته سائين اهڙي نصيحت ڪاله ڇو نه ڪيو؟ پاڻ ﷺ وراڻيائون ته ڪاله مون پاڻ ڳڙ کاڌو هو، سو تنهنجي پٽ کي ڪيئن پئي روڪي سگهيس! بظاهر هي هڪ عام واقعو آهي پر فهم وارن لاءِ ان ۾ دانش جا بي بها موتي آهن. اهڙي طرح غوث الاعظم عبدالقادر جيلانيؒ جي مواعظ جي مجموعي ”الفتح الرباني“ ۾ فرمايل آهي:

انهن [اولياءالله] پهرين پاڻ کي نصيحت ڪئي ۽ پوءِ ٻين جا ناصح بڻيا. سو تون به اول پنهنجي نفس کي نصيحت ۽ تلقين ڪر ۽ پوءِ ٻين کي نصيحت ڪرڻ جو سوچ. خاص پنهنجي نفس جو سڌارو پاڻ تي لازم ڪر، ۽ جيستائين تو ۾ سڌاري جي ترَ جيتري به گنجائش آهي، ٻين ڏانهن هرگز متوجه نه ٿي. حيف اٿئي، پاڻ ته غوطا ٿو کائين ۽ ٻڏين پيو، هليو آهين ٻين کي بچائڻ! درياه مان ٻڏندڙ کي اهو بچائي سگهندو جيڪو پاڻ تارو هوندو. الله تعالىٰ تائين اهو رسائي سگهندو جنهن رب جي معرفت حاصل ڪئي هوندي.

اهو ئي سبب آهي جو چوڏهن صديون اڳ نبي ﷺ ۽ سندن اصحابن امر بالمعروف و نهي عن المنڪر تي اهڙي طرح عمل ڪندي، پنهنجي عمل کي ٻين لاءِ نمونو بڻائيندي، ان ذريعي اهو انقلاب آندو جنهن جو مثال تاريخ ۾ ٻيو ڪو ڪونهي. ۽ اڄ، جيڪڏهن اسان هن ڏس ۾ شايع ٿيل ڪتابن ۽ مضمونن، مسجدن، منبرن، محفلن، ٽيليويزن ۽ ريڊيو تي نشر ٿيندڙ واعظن ۽ نصيحتن، جي تعداد ۽ رفتار جو ڪٿ لڳايون ته ان نتيجي تي پهچڻ لازم آهي ته بظاهر اسان ”امر بالمعروف و نهي عن المنڪر“ واري فرض جي ادائگي ۾ نبي پاڪ ۽ سندن اصحابن کان گهٽ ڪٿ ويا آهيون بلڪه ان ۾ بي انداز ۽ بي حساب وڌيڪ مصروف آهيون. پر اثر نه رڳو ٻُڙي آهي بلڪه ابتڙ.

مرض بڑھتا گیا جوں جوں دوا

بيوقوف ان کي چئبو آهي جيڪو ساڳي غلطي ورجائي ۽ اها اميد رکي ته هن ڀيري نتيجو مختلف نڪرندو. ڇا اسان جيڪو ڪجهه ڪيون پيا اهو ڪرڻ بند ڪري اهو سوچيو اٿسي ته ان جو نتيجو ابتو ڇو تو نڪري؟ جيڪڏهن اسان غور ڪيون ته ان جو سبب تمام

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

چٺو آهي. تعداد ۽ مقدار ۾ واڌارو، معيار ۾ گهٽتائي جي پورائي ڪڏهن به نه ٿو ڪري سگهي. نبي ﷺ واري حڪايت ۽ غوث الاعظم جي نصيحت مان اهو واضح آهي ته اسان پاڻ کي سڌارڻ کان اڳ ٻين کي سڌارڻ لاءِ جيڪو سندرو ٻڌو آ، ان مان ڪجهه ناهي ورڻو سواءِ ان جي ته،

خود تو ڈوبیں گے صنم تم کو بھی لے ڈوبیں گے

ٻين کي نصيحت ڪرڻ ۽ سڌارڻ ته نفس جو پسنديده مشغلو آهي، ڇو ته اهو اسان ۾ پنهنجي برتر ۽ افضل هئڻ جو فرضي احساس ٿو پيدا ڪري. اهو آهي شريعت جي لفظي ۽ ڪوڪلي پوئواري جو نتيجو ۽ اهل ظاهر جو دين، جنهن ۾ نهٺائي ۽ نماڻائي بدران پاڻ کي ٻين کان افضل ۽ برتر سمجهڻ (جيڪا نفس جي چال آهي) ۽ ٻين کي سڌارڻ جو جذبو ڪارفرما آهي. ان جي برعڪس اهل تصوف جو طريقو نبي ﷺ، اصحابن ۽ اولياءالله وارو آهي جنهن جو آڌار پنهنجي برتري جي ٿلهي ۽ گمراه ڪن احساس بدران ان حقيقت تي آهي جيستائين پنهنجو اندر نه اجاريو آهي تيستائين ڪا چڱائي نه ٿيڻي آ ۽ نه ٿيندي.

انسان ايڏو بي وس به نه آهي، ايڏو مجبور به نه آهي، قدرت هن کي فيصلي ۽ عمل جي طاقت ڏني آهي، هو حالات بدلائي سگهي ٿو ۽ انقلاب آڻي سگهي ٿو. مؤلانا ٻي هنڌ چوي ٿو:

این که فردا آں کنم یا این کنم این دلیل اختیار است اے صنم
واں پشیمانی که خوردی از بدی ز اختیارِ خویش گردی مہتدی

(اهو ته سڀاڻي هوءَ ڪريان يا هيءَ ڪريان، اي دوست اهو فيصلو تنهنجي اختيار ۾ آهي. اها پشيماني جا توکي بديءَ سبب ملي، اهو تنهنجي اختيار ۾ آهي جو ان کي نيڪيءَ ۾ بدلائين.)

هر پيغمبر الاهي توڪل تي هليو آهي ۽ پنهنجي پنهنجي طريقي سان عظيم ۽ مثالي جدوجهد ڪئي اٿئون ۽ نتيجو مؤلا مهربان تي ڇڏيائون حالانڪ ان جدوجهد ۾ کين وڏي تڪليف پهتي. حضور پاڪ ﷺ کان جڏهن پڇيو ويو ته سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڪنهن کي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آئي آهي، پاڻ فرمايائون ته الله پاڪ جي پيغمبرن کي. جڏهن الله جي نبين کي ۽ اوليائن کي وڏيون تڪليفون آيون، تڏهن به هنن توڪل جي دامن کي هٿان نه ڇڏيو ۽ مؤلا تي آسرو رکيائون. عارف رومي فرمائي ٿو ته جيڪي به ظاهري تڪليفون ۽ مصيبتون اچن ٿيون، اهي اڳتي هلي انسان لاءِ خير جو باعث بڻجن ٿيون.

در حقیقت ہر عدو داروئے تست کیمیا و نافع و دلجوئے تست

زیں سبب بر انبیا رنج و شکست از ہمہ خلقِ جہاں افزوں تر است

(در حقيقت هر دشمن تنهنجي درد جو دارون آهي، تنهنجي لاءِ ڪيميا، فائدي مند ۽ دلجاءِ آهي. ان ڪري ئي نبين کي ايترا ڏک ۽ مصيبتون آيون، جيترا ساري جهان جي بي مخلوق کان زياده آهن.)

شاهه صاحب به ساڳي خيال جو پين لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي، مگر تلقين ٿو ڪري ته ان ظاهري زهر کي به آب حيات ڪري سمجهو.

پريان سندي پار جي، مڙيوئي مٺائي؛
ڪانهي ڪڙائي چکين، جي چيت ڪري.

رحمت العالمين ﷺ کان وڌيڪ توڪل ڪنهن بي کي ڪونه هئي، پر جڏهن اصحابن، ڪافرن جي زيادتين ۽ ظلم کان تنگ اچي شڪايت ڪئي ته فرمايائون، ”توهان کان اڳ اهڙا انسان ٿي گذريا آهن جن تي ايئن ڪرٽ وهايا ويا جيئن ڪاٺ کي چيربو آهي، مگر اهي تڪليفون حق پرستن کي مقصد تان هٽائڻ ۾ ناڪام رهيون. خدا جو قسم آهي ته دعوتِ حق جو ڪم جيڪو شروع ڪيو آهي، ان کي ڪامياب ڪري پوءِ دم پٽيندا سون.“ دنيا ڏنو ته هر قسم جي ظلم باوجود حضور ﷺ جن کي الله تعالىٰ ڪاميابي ۽ ڪامراني عطا فرمائي. اها آهي معنىٰ عزم، توڪل ۽ تقدير جي!

نبي آخر زمان ﷺ کان پوءِ نبوت جو سلسلو ته بند ٿي ويو، پر دنيا ته هلندي آهي ۽ هلندي رهندي. اسان جي هدايت لاءِ قرآن پاڪ ۽ اسوه حسنه آهن. حديث آهي ته امت محمديه مان اهڙا علماءِ حق به پيدا ٿيندا جيڪي بني اسرائيل جي پيغمبرن جهڙو درجو رکندا. ان ۾ شڪ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

نہ آهي تہ دنياءِ اسلام ۾ عظيم الشان عالم ۽ با عمل پيدا ٿيا جن کي ظلم جو تختہ مشق بڻايو ويو پر هو حق جي راهہ تي قائم رهيا. رومي هڪ وڏو عارف ۽ عالم هو، هو مجاهدانہ زندگيءَ جو قائل آهي ۽ نہ اهڙي زندگي جو جيڪا موت جي برابر هجي! حيف آهي انهن زندگين تي جن کي جنازن جيان ڪلهو ڏيئي کيون پيا وتن، يا معذورن وانگر بيساکين جي سهاري هلن ٿا.

بنده باش و بر زمیں روچوں سمند

چوں جنازه نے کہ بر گردن برند

(انسان ٿي، پلي گهوڙي جيئان زمين تي هل، نہ هڪ جنازي وانگر جنهن کي پيا ڪلهي تي کنيون وتن.)

عارف رومي مسلمانن جي ڪاهليءَ مان بيزار آهي، هن کي اهڙن بهادر ۽ دلير انسان جي ضرورت آهي، جيڪي باطل کي تہ و بالا ڪري ڇڏين ۽ سيدالمرسلين ﷺ وارو انقلاب قائم رکن.

دی شیخ با چراغ ہمیں گشت در شہر کز دیو و دد ملولم انسانم آرزوست

زیں ہمرہانِ سست عناصر دلم گرفت شیرِ خدا و رستمِ دستانم آرزوست

(هڪ بزرگ چراغ کنيو شهر ۾ پئي ڦريو، چئي تہ وحشي جانورن مان بيزار آهيان، انسان ٿو ڳوليان. هيڻن همراهن منهنجي دل کي مايوس ڪري ڇڏيو آهي، شيرِ خدا ۽ رستم جهڙا بهادر ٿو ڳوليان.)

الله تعاليٰ انسان کي هٿ پير ڏنا آهن، دماغ ڏنو اٿئين: نہ پير ٻڌا اٿئين ۽ نہ وري دماغن کي مفلوج ڪيو اٿائين. انهن جي رهبريءَ لاءِ قران پاڪ ۽ اسوه حسنہ موجود آهن ۽ ان راهہ تي هلي پنهنجي لاءِ ٻنهي جهانن جي انفرادي خواه اجتماعي فلاح حاصل ڪري سگهن ٿا. توڪل ۽ تقدير جو بهانو ڏيڻ الاهي منشا جي خلاف آهي. جن جو توڪل جو ترهو ٻڌو آهي، اهي ڪڏهن بہ ناڪام نہ ٿيا آهن ۽ ان راهہ تي هلي پنهنجي لاءِ ٻنهي جهانن جي انفرادي خواه اجتماعي فلاح حاصل ڪري سگهيا آهن. عارف رومي بار بار مسلمانن کي ڪوشش ۽ محنت جو سبق ٿو ڏئي. سندس چوڻ آهي تہ غفلت واري ننڊ کان بيڪار ڪوشش بہ بهتر آهي، زندگي نالوئي تحرڪ ۽ عمل جو آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

کوششِ بیہودہ بہ از خفتگی
(سمهڻ کان اجائي ڪوشش بہ بهتر آهي.)

شاهہ صاحب جو نقطئہ نظر

شاهہ صاحب بہ هن معاملي ۾ عارف روميءَ جو هم خيال آهي. الله پاڪ تي توڪل سندس ايمان جو جزو آهي. شاهہ صاحب وٽ عورت جو مقام بہ انتهائي بلند آهي. شاهہ صاحب توڪل ۽ تقدير ۾ عورتن کي پيش ڪيو آهي، جيڪي ڪردار، عصمت، عفت، همت، عظمت، عزم ۽ عمل ۾ پنهنجي مثال پاڻ آهن. شيڪسپيئر انگلينڊ جو وڏو شاعر، ناٽڪ نويس ۽ مفڪر ٿي گذريو آهي، سندس درجو ايڏو بلندآهي جو اتان جا دانشور ۽ عوام چوندا آهن تہ جيڪڏهن انگلستان جي علم ادب مان شيڪسپيئر ڪڍي ڇڏجي تہ اهو ٻڙيءَ جي برابر آهي، حالانڪہ هن ملڪ وڏا وڏا شاعر پيدا ڪيا آهن. انگلستان جو هيءُ عظيم شاعر ۽ دانشور بہ عورت کي نہ صرف بلند مقام ڏيڻ کان انڪار ٿو ڪري مگر چوي ٿو "عورت، تنهنجو نالو ئي بيوفائي آهي." شاهہ صاحب وٽ مشڪل ۾ مشڪل حالتن هيٺ بہ هنن جو ارادو ڪمزور نہ ٿيو آهي، عمل ۾ ڪا لچڪ نہ آئي آهي ۽ توڪل جو دامن هٿان نہ ڇڏيو اٿن. هو موت سان اکيون اکين ۾ ملائي مقابلو ڪن ٿيون. اونداهي رات آهي، ڪچو گهڙو آهي، طوفان آهي، درياهہ جون مست موجون ڏسي دليرن جون دليون بہ دهلجيو ٿيون وڃن، سهڻيءَ کي خبر آهي تہ انهن حالتن هيٺ سندس انجام ڇا ٿيندو، مگر ان هوندي بہ الله تو آهر ڪري درياہ ۾ گهڙي ٿي، هن کي پنهنجي سر جو سانگو ناهي.

گهڙو ڀڳو تان گهوريو، آسرو مَ لاهيج؛
لا تقنطو من رحمة الله، ترهي اين تريج؛
حبيباڻي هيج، پسين منهن ميهار جو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ويچاري سسئي نه سورن ۾ جائي ۽ سورن ۾ مئي، ڪيس سانديو به سورن ئي هو. سندس وفاداري اها هئي جو پنهنجي پنهل پرينءَ ڪانسواءِ هن لاءِ پنپور ۾ به دوزخ جو دونهون هو. گهر تڙ ڇڏي، وطن کي الوداع چئي، تن تنها، سواءِ ڪنهن ٿمر ۽ سهاري جي، الله پاڪ تي توڪل رکي، برن پٽن ۽ ڏونگرن جو اڻانگو سفر اختيار ڪري ٿي. نه ڪٿي پاڻي آهي، نه وسندي آهي، نه رستا آهن، نه ڪو انسان رهبري ڪرڻ وارو اٿس؛ رڳو رائو رڃ آهي. اڃن بکن ۾ بيحال آهي، پنڌ ڪرڻ به هن لاءِ مشڪل آهي، تاهم سندس پختي عزم ۽ ارادي ۾ ڪا لچڪ نه آئي.

جبل ماري جک، جو آڏو آريچن ڪي.

دردن جي ماريل ۽ فراقن جي قتيل سسئي کي ڪو آرام ڪونهي، بس دل ۾ پرينءَ جي پچار اٿس، نه ٿي ڏينهن ڏسي نه رات، نه ٿڌ جو احساس اٿس نه گرميءَ جي پرواهه، جتي مانجهي مردن جا جگر به ڦاٽي پون، اتي هن معصوم، نيڪ ۽ نازڪ سسئيءَ کي جتن جي جهوري آهي. هن لاءِ منزل کان اڳ آرام حرام آهي.

تتيءَ ٿڌي ڪاه، ڪانهي ويل ويهڻ جي؛
متان ٿئي اونداهه، پير نه پسين پرينءَ جو.

شاهه صاحب وٽ عورت اهڙي بهادر آهي جيڪا پنهنجي مڙس جو ميدانِ جنگ ۾ مرڻ ته برداشت ڪري سگهي ٿي، مگر سندس ميدان ڇڏي ڀڄڻ هرگز گوارہ نه اٿس؛ ان لاءِ ته متان سندس هڪ جيڏيون ۽ سرتيون مهڻا ڏين.

ڀڳو آئون نه چوان، ماريو ته وسهان؛
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان؛
نه پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هن بعد ڪير چوندو ته صوفي بزرگن ۽ شاعرن اسانکي بزدليءَ ۽ سستيءَ جو سبق ڏنو؟ ڪير چوندو ته اسان جي تنزل ۽ تباهيءَ لاءِ تصوف ذمہ دار آهي؟ حقيقت اها آهي ته تصوف تي عمل نہ ڪرڻ سبب ئي اسان جي تباهي ٿي آهي ۽ نفرت جي باهہ پڙڪي آهي. تصوف ۽ محبت ته هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ئي نہ ٿا سگهن. سچو صوفي نہ ڪنهن سان نفرت ڪري ٿو ۽ نہ وري ڪنهن انسان جي غلامي. صوفي غيور بہ آهي ته باشعور بہ، چو ته محبت ۾ غيرت هوندي آهي. اسان سڀني کان وڌيڪ سرور ڪائنات ﷺ جن کي غيرت آهي، ۽ ان کان بہ وڌيڪ الله تعالىٰ جي ذات پاڪ کي. هاڻي ان جي روشنيءَ ۾ ڏسو ته توڪل ۽ تقدير ڇا آهن. توڪل جو اهو مفهوم ۽ مطلب آهي جيڪو شاهہ صاحب اسان کي سمجهايو آهي. توڪل انهن جي خاص خوبي آهي ۽ تقدير جي معنىٰ انهن سمجهي آهي جن الله جي راه ۾ جدوجهد ڪئي آهي.

الله تعالىٰ فرمايو آهي ته جيڪي مون کي ياد ڪن ٿا، مان انهن کي ياد ڪريان ٿو. جڏهن مون کان مدد گهرن ٿا ته انهن جي مدد ٿو ڪريان؛ جڏهن پناهہ وٺن ٿا ته انهن کي پناهہ ڏيان ٿو. پوءِ جيڪي انسان ان قادر مطلق جي ذات پاڪ تي توڪل ڪندا، ڇا الله تعالىٰ انهن کي وساري ويهندو؟ حقيقت اها آهي ته غفلت اسان جي طرفان آهي نہ ته جيڪڏهن اسان توڪل ڪري اڳتي وک وڌايون ته يقين ڪريو اسان سرفراز ۽ ڪامياب ٿيون. شرط آهي ته سسئي واري سڪ هجي، فرهاد واري محنت ۽ محبت هجي.

ڪندا مون پيرن ۾، توڙي لک لڱن؛
آڳر اڱوڻي نہ مڙي، چيون پير چنن؛
ويندي ڏانهن پرين، جتي مور نہ پائيان.

دوستو دير اجان بہ ڪانہ ٿي آهي، اسان رڳو اڳتي وک وڌايون، سڄڻ ته گهڻو سڀاجها آهن.

پاڻهي ايندءِ هوت، تون پڻ ٿج اڳيري؛
متان چوئي بلوچ، ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اقبال وٽ توڪل ۽ تقدير جو مطلب

علامه اقبال توڪل ۽ تقدير جو بيشڪ قائل آهي ۽ هر مسلمان کي ان جو قائل هجڻ کپي. مگر سچي توڪل الله جا اهي نيڪ بندا ڪندا آهن جن جو يقين محڪم ۽ عمل مستقل آهي. اهڙا انسان دنيا ۾ انقلاب آڻي سگهن ٿا ۽ نا اميدي ته هنن وٽ ڪفر جو ٻيو نالو آهي.

نہ ہو نومید، نومیدی زوالِ علم و عرفاں ہے
امیدِ مردِ مومن ہے خدا کے رازدانوں میں

الله پاڪ جو وعدو آهي ﴿وَاَنۡتُمُ الۡاَعۡلَوۡنَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ﴾ يعني توهان کي بلندي ۽ سرفرازي بخشيندس جيڪڏهن توهان مومن آهيو. مومن هجڻ شرط اول آهي.

معمولي لشڪر ۽ سپاهه سان، هٿيارن جي شديد ڪميءَ باوجود، وڏي ساز و سامان واري مسلح فوجن خلاف مومنن ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪئي، ڇاڪاڻ ته هنن جو مقصد اعلىٰ ۽ ارادا جبل کان وڌيڪ اڏول هئا. هنن جو ڀروسو تلوار ۽ تعداد تي نه، بلڪه الاهي توڪل تي هو. جڏهن توڪل الله تي هئي ته تقدير به سندن تابع ٿي وئي.

کافر ہے تو ہے تابعِ تقدیر مسلماں   مومن ہے تو وہ آپ ہے تقدیرِ الٰہی
کافر ہے تو شمشیر پہ کرتا ہے بھروسا   مومن ہے تو بے تیغ بھی لڑتا ہے سپاہی

تقدير هنن جي تابع هئي، ڇاڪاڻ ته هنن جو اٿڻ ويهڻ، مرڻ جيئڻ، سڀ الله خاطر هو. ”لامقصود في الدارين“. دنيا دولت گڏ ڪرڻ، ماڻهن کي غلام بڻائڻ ۽ ظلم ڪرڻ هنن وٽ گناهه هو. هنن جي مرضي الله پاڪ جي رضا کان الڳ هئي ئي ڪانه. مؤلانا محمدعلي جوهر خوب چئي ويو آهي:

جب میری مرضی ہوئی تیری مرضی میں گم
بندگی ہی میں ملے ہم کو خدائی کے مزے

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ان ساڳئي خيال کي اقبال شوخ انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے
خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے

دنيا ۾ ڪا به ڪاميابي، ڪا به ڪامراني، امید کانسواءِ ناممڪن آهي: جنهن به امید جو دامن ڇڏيو، تنهن سڀ ڪجهه هارايو. تنهنڪري توڪل ضروري آهي. اها توڪل جنهن جو واسطو الاهي هستي سان آهي. جنهن جو رب تنهن جو سڀ. جنهن انسان جو توڪل ۾ پختو عقيدو آهي، سندس ايمان کي ڪو لهر لوڏو ڪونهي. جنهن جي جدوجهد ۾ ڪمي ڪانهي، نه پوءِ اهو چاهي فرد هجي، گروهه هجي يا قوم، فتح ان جو مقدر آهي. پر جي خدانخواسته ڪن سببن جي ڪري ظاهري فتح مندي نه ٿي ٿئي ۽ موت واقع ٿئي ٿو پوءِ اهو به گدڙ جي سؤ ساله زندگي کان بهتر آهي، جيئن شير ميسور ٽيپو سلطان سرنگاپٽم ۾ پنهنجن جي غداري ۽ مخالفت سبب شهيد ٿي ويو. مگر ٽيپو سلطان مرڻ باوجود تاريخ ۾ زنده آهي، تابنده آهي ۽ سندس مخالفن ۽ غدارن کي تاريخ ڪڏهن به معاف نه ڪيو ۽ لعنت جو طوق هميشه لاءِ سندن گردن ۾ وجهي ڇڏيو. حافظ شيرازي چئي ٿو:

هرگز نه میرد آنکه دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جریده عالم دوام ما

(جنهن دل کي عشق زنده ڪيو سا هرگز نه ٿي مري، دنيا جي تاريخ ۾ ان جو نالو دائم قائم آهي.)

يا جيئن مؤلانا محمدعلي جوهر چيو آهي:

قتلِ حسین اصل میں مرگِ یزید ہے
اسلام زندہ ہوتا ہے ہر کربلا کے بعد

جڏهن طارق بن زياد سن 92 هجريءَ ۾ مختصر فوج سان اسپين تي ڪاهيو، ته هن ساموندي سفر ختم ڪندي ئي ڪناري تي پهچي پنهنجا ٻيڙا ساڙي ڇڏيا. پڇيائونس ته ٻيڙا

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

چو ٿا ساڙيو، ته طارق جواب ڏنو ته اسان کي واپس وڃڻو ئي نه آهي، تنهنڪري اسان کي ٻيڙن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ان کي چئبو آهي توڪل! جوان سال طارق پنهنجي مختصر فوج سان عيسائي حڪمرانن کي شڪست ڏني ۽ مسلمانن جي حڪومت قائم ڪئي. اهو هو طارق جو عزم ۽ توڪل. هيءَ فتح اقبال جي ان شعر جو زنده تفسير آهي.

مومن از عزم و توکل قاہر است

(مومن پنهنجي مضبوط ارادي ۽ توڪل سان فاتح آهي.)

ست سو سالن بعد مسلمانن جي حڪومت اسپين مان ختم ٿي وئي، چاڪاڻ ته هو عياشي، ڪاهلي، بي اتفاقي، بي عملي ۽ عقيدي جي ڪمزوريءَ جو شڪار ٿي ويا. علامه اقبال قومن جي ڪمال ۽ زوال لاءِ ڪيڏو نه درست چيو آهي:

میں تجھ کو بتاتا ہوں تقدیر امم کیا ہے
شمشیر و سناں اول طاؤس و رباب آخر

مصر جي غازي سلطان صلاح الدين ايوبي کي تاريخ سونهري لفظن ۾ ياد ٿي ڪري، پوءِ چاهي اها ڪنهن جي به لکيل هجي. اهڙا سپوت ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن جن جي تعريف مان پنهنجا ته ٺهيو پر پراوا به نه ڏاپجن. هو هڪ سخي مرد، بيحد فراخدل انسان ۽ انتهائي بهادر جرنيل هو. ساري يورپ جون طاقتون ۽ لشڪر فلسطين تي پلتجي پيا. صليبي جنگيون 1092ع ۾ شروع ٿي 1291ع ۾ پوريون ٿيون ۽ ان دؤران فرانس جي بادشاهه لوئي کي به قيد ڪيو ويو. مگر هنن ٻن سؤ سالن ۾ جنگين جو ناقابل فراموش هيرو غازي صلاح الدين هو. سلطان کان اڳ عيسائين بيت المقدس فتح ڪيو ۽ هڪ فرينچ جيڪو اکين ڏٺو شاهد هو تنهن جو چوڻ آهي ته عيسائين ايڏو ڪوس ڪيو هو جو بيت المقدس جي مسجد وٽ پنيءَ جيڏي رت هئي. تن تنها سلطان غازي صلاح الدين ئي بيت المقدس کي عيسائين کان آزاد ڪرايو هو. هو الله پاڪ آڏو سجده ريز ٿي رنو ۽ پنهنجي الله تي توڪل رکي عيسائين سان وڙهيو ۽

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪامياب ٿيو. پر پنهنجي مخالفن سان اهڙو سهڻو ۽ فراخدلانه برتاءُ ڪيائين جنهن ڪي وسارڻ ممڪن ناهي ۽ نه رڳو مسلمان بلڪه انسان ذات به ان تي فخر ڪري سگهي ٿي. ڪاش اڄ اسان پنهنجن پاڙن سان اهو برتاءُ ڪريون جو ڪالهه صلاح الدين پنهنجي قومي دشمنن سان روا رکيو هو. مگر هو ته انسان ذات جو دوست هو. علامه اقبال سپني حقيقتن کي ڏسندي ايئن چوڻ تي مجبور آهي:

هر کوئی مست مے ذوق تن آسانی ہے   تم مسلماں ہو یہ اندازِ مسلمانی ہے
حیدری فقر ہے نے دولتِ عثمانی ہے   تم کو اسلاف سے کیا نسبتِ روحانی ہے
وہ زمانے میں معزز تھے مسلماں ہو کر   اور تم خوار ہوئے تارکِ قرآں ہو کر

ان بعد يورپ ۾ صنعتي انقلاب آيو، يورپ ترقي ڪندو رهيو پر مسلمان ۽ ايشيا پوئتي پوندا ويا. مسلمان حڪمران هاڻي خداپرستيءَ بجاءِ عيش پرستيءَ ۾ مبتلا ۽ مست ٿي ويا. نه وطن جو نه عوام جو ۽ نه وري پنهنجو ئي پورو تحفظ ڪري پئي سگهيا. حق پرست علمائن جو به ڏڪار پئجي ويو ۽ علم ۽ فنون به موڪلائي ويا. هاڻي غيرمسلم قومون مسلمانن کي طعنا ڏيڻ لڳيون ته سندن زوال جو باعث توڪل ۽ تقدير جو عقيدو هو. 18 صديءَ جي آخر ۾ جڏهن نيپولين مصر تي چڙهائي ڪئي ته مراد بڪ جامع الازهر جي سپني عالمن کي گڏ ڪري ساڻن مشورو ڪيو ته هاڻي ڇا ڪجي. نيپولين سان مقابلو ڪرڻ به مشڪل هو، سپني عالمن اها راءِ ڏني ته جامع ازهر ۾ صحيح بخاري جو ختم ڪرائجي جو دشمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ هڪ تڪ نسخو آهي. مگر صحيح بخاري جي ختم پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مصر کي نيپولين فتح ڪري ورتو. اڻويهين صديءَ ۾ روسين جڏهن بخارا جو گهيرو ڪيو ته امير بخارا حڪم ڏنو ته مسجدن ۽ مدرسن ۾ صلواتن جا لک ڪڍايا وڃن. پر ٿوري ئي دير ۾ روسين بخارا فتح ڪري ورتو. ايئن چوڻ ته دشمن جي بمن کي عالم سڳورا جهپيندا ويندا ۽ لکن ڪڍائڻ سان دشمنن جا هٿيار بيڪار ٿي ويندا، هڪ وڏي خوشفهمي ۽ خود فريبي آهي. الله تعاليٰ سپني لاءِ هڪ جهڙا قدرت جا قانون ناهيا آهن، انهن قانونن تي جيڪو هلندو سو سرفراز ٿيندو،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪو انهن قانونن تي عمل نہ ڪندو ان کي ذلت ۽ خواري نصيب ٿيندي. توڪل ڪرڻ وارا صاحب عمل بہ هوندا آهن، انهن جو ايمان ۽ عقيدو پڻ ڪان زياده مضبوط هوندو آهي، پوءِ الله پاڪ انهن کي غيبي امداد بہ عطا ڪندو آهي. جتي حڪمران ظالم، بدانديش ۽ بدعنوان هجن، امير وزير ۽ مشير دولت جي نشي ۾ غرق هجن، حڪومت جا ڪارندا راشي ۽ عوام دشمن هجن، اتي مسلماني ۽ توڪل جو ڪهڙو سوال آهي! انهن جي شڪست، تباهي ۽ ذلت بہ نوشتئہ ديوار هوندا آهن. جڏهن ٻيڙيءَ جي ناکئي جي اهڙي حالت هوندي تہ ظاهر آهي تہ ان ٻيڙيءَ ۾ جيڪي سوار هوندا، انهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو.

اگر حقیقتِ اسلام در جہاں اینست

ہزار خندہ کفر است بر مسلمانی

(جيڪڏهن اسلام جي حقيقت دنيا ۾ اها آهي،
تہ پوءِ مسلمانيءَ مٿان ڪفر جون هزار ٽِلون ٿينديون.)

توڪل ۽ تقدير ڪڏهن مسلمانن جي خلاف ويا آهن؟ خاڪم بدهن، ڇا الله پاڪ مسلمانن جو مخالف آهي؟ نہ هرگز نہ؟ البتہ هن لاءِ هڪڙو شرط آهي.

﴿اِنَّ اللّٰهَ لَا یُغَیِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰی یُغَیِّرُوا مَا بِاَنۡفُسِهِمۡ﴾
(قرآن 13:11)

علامہ اقبال ان آيت جو منظوم اردو ترجمو هينئن ڪيو آهي:

خدا نے آج تک اس قوم کی حالت نہیں بدلی

نہ ہو جس کو خیال آپ اپنی حالت کے بدلنے کا

زندگي تحرڪ ۽ عمل جو نالو آهي. الله تعالىٰ ڪنهن جي محنت رائگان نہ ڪندو آهي ۽ جيڪو توڪل ڪندو ان جي فتح تہ يقيني آهي. جيڪڏهن سُتي ئي سيج گهرين تہ پوءِ سلطاني سهاڳ مشڪل بلڪہ ناممڪن آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪوشش ۽ جدوجهد جي اهميت اقبال اسان تي هينئن واضح ڪري ٿو:

جنبش سے ہے زندگی جہاں کی یہ رسمِ قدیم ہے یہاں کی
اس رہ میں مقامِ بے محل ہے پوشیدہ قرار میں اجل ہے

حضرت رومي فرمايو آهي:

بزیر کنگرۂ کبریاش مردانند
فرشتہ صید و پیمبر شکار و یزداں گیر

(خدا جي عظمت جي بلند عمارت جي چانوَ ۾ اهڙا به ماڻهو مرد آهن
جيڪي فرشتي کي قيد، پيغمبر کي شڪار ۽ خدا کي قابو ڪن ٿا.
مطلب آهي ته انهن جي رضا مندي تي هلي، الاهي خوشنودي حاصل ڪندا آهن.)

علامه اقبال به عارف روميءَ جي بيان ڪيل حقيقت کي هينئن دهرايو آهي:

در دشت جنونِ من جبریل زبوں صیدی
یزداں بکمند آور اے ہمتِ مردانہ

(منهنجي جنون جي بيابان ۾ جبريل به منهنجو شڪار آهي.
اي همت مردانه هاڻي مؤلا تي ڏوري اچلاءِ ۽ هن کي پنهنجو ڪر.)

يعني لفظن ۾ اهڙا مرد خدا به آهن جيڪي پنهنجي همت ۽ محنت سان بلند کان بلند تر درجي تي پهچن ٿا. الله تعالىٰ اسان کي طاقت عطا فرمائي جو اسان عارف رومي، شاهه ۽ علامه اقبال جي نقطهٔ نظر کي سمجهون ۽ ان تي عمل ڪريون.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

11

سماع، رقص ۽ شاعري

سماع ۽ رقص تي بندش نه صرف شريعت جي صاحبن طرفان عائد ڪيل آهي، مگر ان معاملي ۾ صوفي بزرگن جو به باهمي اختلاف آهي. عارف رومي، شاهه صاحب ۽ علامه اقبال سماع جا مخالف نه آهن، پر ان جون حدون مقرر ڪيون اٿن ۽ هنن جو رستو حقيقت پسندانه ۽ سلجهيل آهي.

مؤلانا روميءَ وٽ سماع ٻن قسمن جو آهي، هڪ آهي سماعِ راست جنهن کي هو جائز قرار ڏيئي ٿو ۽ ٻيو آهي سماع نا راست، يعني غلط راڳ جنهن کي هو ناجائز چوي ٿو. پر سماع راست به هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي، اهو راڳ انهن کي راس ايندو جيڪي حق جا طالب يا الاهي عارف آهن. اهو راڳ جيڪو حيواني ۽ سفلي جذبات کي برانگيخته ڪري انسان کي پستيءَ جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ٿو، اهو صوفي بزرگن وٽ ناجائز ۽ ممنوع آهي چو ته اهو نفسِ اماره کي پڙڪائي ٿو. ظاهر آهي ته صوفين جو جهاد ئي نفسِ اماره خلاف آهي، تنهنڪري مؤلانا فرمايو آهي:

بر سماعِ راست هرکس چیز نیست
طعمۂ هر مرغکی انجیر نیست

(صحيح سماع هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي، هر پکيءَ جي خوراڪ انجير نه آهي.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عارف رومي مثنويءَ جي ابتدا ۾ بنسريءَ جي وڇوڙي واري داستان سان ڪري ٿو. ان ساز جي آواز ۾ سوز آهي، غم آهي، جدائيءَ جو درد آهي، تنهنڪري ان جو انسان جي سفلي جذبات سان واسطو نه آهي. مثنويءَ ۾ بنسري پنهنجي ڏکن ڏاکڙن ۽ پنهنجي اصل کان جدائيءَ جو غم ۽ اندوه وارو احوال مؤثر انداز ۾ بيان ڪري ٿي. سندس سينو ان جدائي سبب چاڪ چاڪ آهي ۽ هو پنهنجي اصل سان ملڻ لاءِ بيتاب آهي.

بشنواز نے چوں حکایت می کند

وز جدائیہا شکایت می کند

(بنسري جي ڪهاڻي ٻڌو، جيڪا پنهنجي جدائيءَ جو ماتم ٿي ڪري.)

شاهه سائين ۾ بنسريءَ سان روح کي تشبيهه ٿو ڏئي، ته ويچاري پنهنجي اصل کان وڇڙجي دانهون ڪوڪون ڪندي رهي ٿي.

وڍيل ٿي واڍون ڪري، ڪنل ڪوڪاري؛

هن پڻ پنهنجا ساريا، هوءَ هنجون هڏن لئه هاري.

اهو درحقيقت عارف رومي ۽ شاهه صاحب جي روحن جو آواز آهي، اهي روح الاَرواح کان جدا ٿيڻ بعد ماتم ۽ اندوه ۾ مبتلا آهن. ان کي عام لفظن ۾ ته سماع ڪوٺيو ٿو وڃي، مگر عارف رومي ۽ شاهه صاحب ان سماع کي عالم اجسام کان عالم ارواح ڏانهن سفر ڪرڻ جو ذريعو قرار ڏين ٿا.

مؤلانا رومي پنهنجي وقت جو هڪ مڃيل وڏو عالم فاضل هو. بادشاهه ۽ امير، خاص ۽ عام کيس ٻڌڻ لاءِ منتظر هوندا هئا. اسلامي مسائل تي مؤلانا سند جي حيثيت رکندو هو. هزارين سندس معتقد، مريد ۽ شاگرد هئا ۽ وڏي دارالعلوم جو مهتمم هو. سندس زندگي وڏي آرام عزت ۽ شان مان سان بسر پئي ٿي، پر جڏهن اوچتو ئي اوچتو سندس ملاقات حضرت شمس تبريز سان ٿي ته هو يڪسر بدلجي ويو ۽ هن جي زندگيءَ ۾ غير متوقع انقلاب اچي ويو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شمس تبريز جي مريدي اختيار ڪرڻ بعد هو پيري مريدي، دارالعلوم جو درس تدريس، جبه و دستار، ظاهري سک ۽ آرام کي ترڪ ڪري، پنهنجي مرشد جي محبت ۾ ايڏو ته مستغرق ٿي ويو جو قونيه شهر جي گلي ڪوچن ۾ مستانن وانگر رقص ۽ سماع ڪرڻ لڳو. هو دنيا وارن جي ملامت کان بي نياز ٿي چڪو هو. سندس مرشد کيس الاهي محبت جو اهو پيالو پياريو، جنهن سندس قلب ۾ تڙپ پيدا ڪئي ۽ روح کي جاڳايو. مؤلانا جي رقص ۽ سماع ڏسي ماڻهو تعجب ۾ هئا ته عالم دين ڇا مان ڇا ٿي ويو آهي. پڙهندڙ ٻڌائيندا ته ڇا اهو رقص ۽ سماع مؤلانا جي وس جي ڳالهه هئي؟ ڇا اهڙي سماع جو سفلي جذبات سان ڪو واسطو هو؟ اهو ته درحقيقت الاهي ذڪر هو، يار جي پچار هئي. روح جي بيداري هئي، اصل سان ملڻ جي تڙپ هئي. عام راڳ ۽ رنگ ته ان جي بالڪل مختلف ۽ متضاد آهي. نالي ۾ ته ان کي راڳ چيو ويندو، مگر اها مؤلا سان ملڻ جي آهه ۽ پڪار هئي، جنهن کي مؤلانا ۽ سندس مرشد ئي سمجهي ٿي سگهيا. اها ته هڪ ذاتي واردات ۽ مشاهدو هو.

شاهه صاحب لاءِ سماع روحاني خوراڪ هو. هڪ دفعي فرمايائين، ”منهنجي دل ۾ الاهي محبت جو هڪ وڻ آهي جو سماع بنا سڪيو ٿو وڃي.“ جڏهن سلطان الاوليا مخدوم محمد زمانؒ ملاقات ۾ کيس سماع کان منع فرمائي ته شاهه صاحب ان لاءِ مجبوري ڏيکاري. شاهه سائين جي ڪهڙي دلي ۽ روحاني ڪيفيت هئي سا کيس ئي ڄاڻ هئي. ڏسجي ٿو ته سماع هن لاءِ روحاني سرور ۽ سوز جو ذريعو هو.

کهڙا ڳوٺ (ضلع خيرپور) جو مخدوم محمدي صاحب وڏو عالم ۽ صاحبِ شريعت انسان هو. سندس والد بزرگوار کي 1145هجريءَ ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي سنڌ جي حڪمران شهيد ڪرايو هو، جنهن جي تعزيت لاءِ شاهه صاحب مخدوم محمديءَ ڏانهن ويو ۽ رات جو اتي رهيو. شاهه صاحب سان راڳيندڙ فقير سازن سميت گڏ هئا. پر مخدوم محمدي صاحبِ شريعت هجڻ سبب سماع جي حق ۾ نه هوندو هو! شاهه صاحب پنهنجي مجبوري ڏيکاريندي فرمايو، ”سماع اسان جي مجبوري آهي ۽ اسان جي روحاني خوراڪ بڻجي چڪو آهي.“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مخدوم صاحب جواب ڏنو ته، ”سماع پل ڪرايو، پر اهو بنا سازن جي هجي.“ شاهه صاحب اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ سازن کي ڪمري ۾ بند ڪري رکيائون. سومهڻي جي نماز بعد جڏهن فقيرن سوز سان ڳائڻ شروع ڪيو ته ڪمري ۾ رکيل ساز پاڻمرادو وڄڻ لڳا. جنهن تي مخدوم صاحب چيو، ”شاهه صاحب تي ميار ڪانهي، هيءَ حالت ئي مختلف آهي.“

حضرت شاهه عبداللطيف جي وفات به اهڙين ئي حالتن هيٺ ٿي. 21 ڏينهن جي خلوت بعد پاڻ فقيرن کي سماع ۽ سرود جو حڪم ڏنائين ۽ مراقبي ۾ويهي رهيو. سندس پيا معتقد ۽ مريد سوز پريل راڳ ٻڌي رهيا هئا. هن ماحول ۾ جڏهن راڳ ختم ٿيو ته فقيرن شاهه صاحب جي پر سان وجي ڏٺو ته هو پنهنجي مؤلا سان ملي چڪو هو.

ٻين صوفي بزرگن جو نقطئه نظر

حضرت خواجه معين الدين چشتيءَ جي درگاهه اجمير شريف ۾ آهي ۽ گڏيل هندستان ۾ هيءَ درگاهه وڏي ۾ وڏي هئي ۽ اجان تائين آهي. چشتي طريقي ۾ راڳ جي ممانعت نه آهي. پاڻ سماع ٻڌاندا هئا ۽ سندن درگاهه تي صبوح شام قوال قواليون ڳائيندا رهندا هئا. مگر ظاهر آهي ته هن سماع جو به فسق ۽ فجور سان ڪو واسطو ڪونه هوندو آهي. اهي قواليون پاڪستان ۾ به عام جام ڳايون ويندون آهن. البته اصلي مقصد کان هٽي ان جو استعمال ڪرڻ ناجائز آهي.

حضرت شيخ بهاؤُالدين زڪريا ملتان واري بزرگ جو سهروردي طريقي سان واسطو هو. ونس سندس پير ۽ مرشد شيخ شهاب الدين سهروديءَ جو ڀاڻيجو فخرالدين عراقي ڪافي وقت کان ملتان ۾ رهيل هو جيڪو حضرت بهاؤُالدين جو وڏو معتقد پڻ هو. عراقي چوندو هو ته بهاؤُالدين مقناطيس آهي جو مون لوه کي چڪي پاڻ ۾ جذب ڪري رهيو آهي. عراقي خود به وڏو صوفي شاعر ۽ اهل دل هو جنهن بادشاهن جي خوشامد ۾ قصيدا ڪونه ويهي ٺاهيا. سندس خوبين کي ڏسندي حضرت بهاؤُالدين پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ساڻس ڪرائي. هڪ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

دفعي عراقي خانقاهه ۾ ويهي چله ڪشي شروع ڪئي. اجان اها پوري ئي ڪانه ٿي هئي ته مٿس وجد طاري ٿي ويو ۽ هيٺيون خوبصورت صوفيانو غزل ڳائڻ شروع ڪري ڏنائين.

نخستین بادہ کاندر جام کردند　زچشمِ مست ساقی وام کردند
برائے صید مرغِ جان عاشق　ز زلفِ ماہرویاں دام کردند
بعالم ہر کجا رنج و ملامت　بہم بردند و عشقش نام کردند
چو خود کردند رازِ خویشتن فاش　عراقی را چرا بدنام کردند

(ساقي جي مست اکڙين مان شراب ادارو ورتي، پهريائين ان کي پيالي ۾ وڌائون.
عاشقن کي شڪار ڪرڻ لاءِ، محبوبن جي زلفن مان دام ٺاهيائون.
دنيا ۾ جتي جتي تڪليفون ۽ ملامتون هٿ آيون، تن کي ميڙي انهن کي عشق جو نالو ڏنائون.
پنهنجا راز ته پاڻ ئي فاش ڪري ڇڏيائون، هاڻي عراقي کي اجايو ڪٿي بدنام ڪيو اٿائون؟)

خانقاهه ۾ نه صرف ذڪر ۽ مراقبو هلندو هو ۽ سهروردي سلسلي وارن جي رقص ۽ سماع سان ڪا به دلچسپي ڪانه هوندي هئي. خانقاه وارن وڃي حضرت بهاؤُالدين سان عراقيءَ جي شڪايت ڪئي، جنهن تي پاڻ اچي ڏنائون ۽ ٻڌائون. ڪين غزل ڏاڍو پسند آيو، خاص طور تي آخري مصرعو. خانقاه وارن کي حضرت چيو، ”سماع جي توهان کي منع آهي پر هن کي ڪانهي.“

اهڙي طرح خواجه غلام فريد جي جڏهن رسم بسم الله (پڙهائي) شروع ڪرائي وئي ته سندن والد بزرگوار خواجه خدابخش پنهنجي ننڍي ڀاءُ مؤلانا تاج محمود کي بسم الله پڙهائڻ لاءِ ارشاد ڪيو. پاڻ سرائيڪي ڳالهائيندا هئا. مؤلانا تاج محمود خواجه غلام فريد جي آڱر وٺي الف تي رکي ۽ چيائين، ”آک غلام فريد، الف.“ خواجه صاحب به ائين ئي چيو. ٻه چار دفعا جڏهن چاچي ”آک غلام فريد، الف“ دهرايو ته مٿس حال طاري ٿي ويو. حاضرين مجلس جڏهن ان تي غور ڪيو ته پتو پين ته اهي لفظ مصرع موزون آهن. ان تي خواجه خدابخش قوالن کي اشارو ڪيو، جن هيٺين مصرع سان قوالي شروع ڪئي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هکوالف ہم بس وے میاں جی

ان قوالي سان ساري محفل تي حال طاري ٿي ويو.

حجة الاسلام امام غزاليؒ فرمائي ٿو:

ستون ان کي ٻڌڻ جو قسم آهي. جيڪو خدا سان محبت ٿو ڪري، خدا جي واسطي خواهش ٿو ڪري، خدا سان ملڻ جي تمنا ٿو ڪري، هن جي ڪنن تائين سواءِ خدا جي آواز جي ٻيو ڪو به آواز ڪونه ٿو پهچي، اهو ٻيو ڪجهه نه ڏسي ٿو ۽ نه ٻڌي ٿو، سواءِ ان جي جيڪو خدا وٽان آهي.

پلاڪو ٻڌائي ته هن قسم جو سماع جيڪو صوفي بزرگن جي محفلن ۾ ڳايو ويندو هو، اهو ڪو گل ۽ بلبل، شمع ۽ پرواني، لب ۽ رخسار وارو راڳ هو، جو انسان کي غلط رستي تي وٺي وڃي ۽ سندس حيواني جذبات بيدار ٿين؟ بندش ته اهڙي راڳ تي آهي جو انسان کي الله جي ذات کان غافل ڪري ڇڏي ۽ هو مهوشن جي رنگينين ۾ گرفتار ٿي، پنهنجو اخلاق تباهه ڪري، پنهنجا ٻئي جهان چٽ ڪري ڇڏي. ان سفلي راڳ جي علامه اقبال هيٺين طرح نشاندهي ڪئي آهي.

میں تجھ کو بتاتا ہوں تقدیر امم کیا ہے
شمشیر و سناں اول طاؤس و رباب آخر

صوفي بزرگن وارو سماع اهڙو آهي، جو سماع ٻڌندڙ پنهنجو پاڻ وساري پنهنجي رب ڏانهن رجوع ٿين ٿا. هيءَ به هڪ قسم جي بندگي آهي جنهن جو عام راڳ سان ترجيترو واسطو به نه آهي. البته مشهور صوفي بزرگ شيخ علي عثمان هجويريؒ المعروف داتاگنج بخش لاهوري (1009ع-1072ع) فرمائي ٿو:

ڪرمان ۾ هڪ دفعو شيخ ابو احمد مظفر جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. منهنجا ڪپڙا سفر وارا هئا ۽ پريشان حال هئس. فرمايائون ته ابو الحسن توکي ڪنهن شئي جي خواهش

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آهي؟ مون چيو ته مون کي سماع جي ضرورت آهي. هنن هڪ قوال گهرايو ۽ هن سان گڏ فقيرن جي جماعت به جوش خروش سان آئي. مون کي سماع جي لفظن مضطرب ڪري ڇڏيو. جڏهن وقت گذريو ۽ منهنجو جوش گهٽيو ته شيخ ابو احمد پڇڻ لڳو ته سماع جوڪهڙو اثر ٿيو. مون چيو ته ڏاڍي مسرت ٿي. فرمايائون ته ڪو وقت ايندو جو تو لاءِ سماع ۽ ڪانوَ جي آواز ۾ ڪو فرق نه رهندو. ڇاڪاڻ ته سماع جي قوت تيستائين آهي، جيستائين مشاهدو حاصل نه ٿيو آهي. جڏهن مشاهدو حاصل ٿيو ته پوءِ سماع جي خواهش منجهي ويندي.

چون ٿا ته اڳتي هلي حضرت داتا گنج بخش سماع ٻڌڻ ترڪ ڪيو. ان مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته سماع تصوف جو لازم جُزوَ نه آهي پر صحيح حالتن ۾ ان جي ممانعت به ڪانهي. عرض آهي ته حضرت موصوف شاعر به هو ۽ تصوف تي مشهور صوفيانه ڪتاب ”ڪشف المحجوب“ نالي لکيائين جنهن جو ترجمو پروفيسر نڪلسن ڪيو آهي.

آخر ۾مشهور بزرگ خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي لاءِ عرض ڪندس ته هي بزرگ چشتيه سلسلي جا هُئا ۽ کين به سماع جو ڏاڍو ذوق هو. پاڻ حضرت خواجه غريب نواز جا مريد ۽ جانشين ۽ حضرت فريدالدين گنج شڪر جا مرشد هُئا. هڪ دفعي سماع جي محفل ۾ قوال حضرت احمد جام جي فارسي غزل ڳائيندي جڏهن هن مصرعي تي پهتا،

کشتگانِ خنجرِ تسلیم را

ہر زماں از غیب جانِ دیگر است

(الاهي تسليم ۽ رضا جي خنجر سان ڪُٺلن کي الله تعالىٰ وٽان هر گهڙي نئين زندگي عطا ٿي ٿئي.)

ته خواجه صاحب تي وجد جي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي ويا. جيئن هوش پئي آين ته پيهر ان بيت لاءِ قوالن کي فرمائش پئي ڪيائون، جنهن بعد وري ساڳي ڪيفيت پئي طاري ٿي وين. چون ٿا پهرين سِٽ ٻڌڻ سان سندن روح جسم ڪان ڌار پئي ٿيو، ته ٻي سٽ سان واپس پئي وريو. چار ڏينهن اها حالت رهي، ان بعد 27 نومبر 1235ع تي وفات ڪري وڃي خالقِ حقيقي سان مليا.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ان فارسي بيت واري خيال کي پنائيءَ تقريباً ملندڙ جلندڙ انداز ۾ هينئن بيان ڪيو آهي :

وحدهٗ جي وڍيا، ڪيا الا الله اڌ؛
سي ڏڙيسي سڌ، ڪنهن اپاڳي نہ ٿئي.

هر شعر ۽ سماع جي پنهنجي پنهنجي خصوصيت ۽ نوعيت ٿئي ٿي، مگر صوفي بزرگن وٽ جڏهن سماع ٿو ٿئي تہ اهي شعر ۽ سڻون سندن من کي وڃي پرينءَ سان ملائين ٿيون. البتہ هر ڪنهن بزرگ جي پنهنجي پنهنجي راهہ ۽ رستو آهي.

نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاعري

ڪنهن بہ ڳالهہ جي ظاهري وجود کان اڳ ان جو خيال ذهن ۽ دماغ ۾ پيدا ٿئي ٿو. ڪو بہ انقلاب، ڪا بہ تعمير يا اڏاوت، چاهي تاج محل هجي مثنوي، پهريائين ذهن ۾ صورت وٺن ٿا ۽ ان کان پوءِ ان انقلاب، تعمير يا تخليقي شاهپاري جو وجود زمين تي ظاهر ٿئي ٿو. ادب جي حوالي سان، ان لاءِ بہ ذريعا آهن: هڪ تحرير ۽ ٻيو تقرير. تحرير ديرپا آهي ۽ تقرير عارضي. صدين جا ڪتاب اڄان تائين موجود آهن، جن مان انسان ذات فائدو وٺي ٿي. ڪي اهڙا پُر اثر ڪتاب بہ آهن جن جي پڙهڻ سان انهن جا نقش دائمي طرح پٿر جي ليڪ وانگر دل ۽ دماغ تي قائم رهن ٿا. اسان جي ٽنهي شاعرن جي ڪتابن جو شمار انهن ۾ ئي آهي.

ڪيترا ماڻهو شاعريءَ کي وقت جو زيان ۽ بيڪار مغز ماري تصور ڪن ٿا. ڪنهن حد تائين اها ڳالهہ درست بہ هجي، پر رومي، شاهہ ۽ اقبال جي شاعريءَ جو حساب ئي ٻيو آهي. هو شاعريءَ جي لباس ۾ پيغام الاهي ۽ دائمي ۽ ازلي حقائق آشڪار ڪن ٿا ۽ حريت ۽ آزاديءَ جو سبق ڏين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ايران جي عظيم صوفي شاعر ۽ عاشق رسول پاڪ ﷺ مؤلانا جاميءَ عارف روميءَ جي شاعري کي فارسي جو قرآن ڪوٺيو آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مثنوی و مولوی و معنوی

هست قرآں در زبانِ پہلوی

عارف رومي پاڻ به شاعريءَ لاءِ چئي ويو آهي:

شاعری جزویست از پیغمبری

جاہلانش کفر دانند از خری

(شاعري پيغمبريءَ جو هڪ حصو آهي، ناداني سبب جاهل ان کي ڪفر ٿا سمجهن.)

هيءَ شاعري ڪا عام شاعري ڪانه هئي، جنهن ۾ بيهوده ۽ بي معنيٰ ڳالهيون هجن يا محض دل ۽ دماغ جي تفريح لاءِ طبع آزمائي ڪئي وڃي. هن شاعريءَ روحاني ۽ اخلاقي انقلاب آندو. اها شاعري جا قومن کي آفيمي بڻائي، انحطاط پيدا ڪري تنهن کي اسلام به سخت ناپسند ٿو ڪري. پر مؤلانا رومي، شاهه صاحب ۽ علامه اقبال جي شاعري ته قومن لاءِ آب حيات آهي. مشهور انگريز پروفيسر نڪلسن مؤلانا روميءَ جي مثنوي ۽ ديوان لاءِ لکي ٿو:

> مثنوي هڪ شاندار، گهرو ۽ خاموش درياهه آهي جو بيشمار مختلف نظارن مان رقص ڪندو وڃي هڪ بي پايان سمنڊ ۾ چوڙ ٿو ڪري. سندس ديوان هڪ اهو شوريده وهڪرو آهي جو جبلن مان چلانگون هڻندو زور شور سان وهندو رهي ٿو.

عارف رومي ۽ شاهه سائينءَ جي پيغام ۾ بنيادي طرح ڪو به فرق نه آهي. جي ڪو فرق آهي ته اهو زبان، انداز ۽ اظهار جو آهي. مؤلانا رومي وانگر شاهه صاحب جي شاعري به الهامي ۽ آفاقي آهي. زبان جي لحاظ کان خواه شاعرانه خوبين ۽ صوفيانه لحاظ کان شاهه صاحب سنڌيءَ جي شاعري جو شاهه آهي، پيو ڪو شاعر سندس مٽ ڪونهي. ادب ۽ احترام سان چوندس ته هر ڪنهن صوفي شاعر جي ڪلام کي بيشڪ پنهنجو حسن، جمال، خوبي ۽ خوشبو آهي، پر شاهه صاحب جو رنگ سڀني کان وڌيڪ يگانو ۽ يڪتا آهي.

ہر گلے را رنگ و بوئے دیگر است

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(هر ڪنهن گل کي پنهنجو رنگ ۽ پنهنجي خوشبو آهي.)

علامه اقبال تي اچجي ته لامحاله ائين چوڻو پوندو ته هندستان ۾ ويهين عيسوي صدي جو سڀ کان وڏو مفڪر شاعر هو. هن بيداري پيدا ڪئي، آزاديءَ جو درس ڏنو، سُتل قوم کي جاڳايو ۽ ٻڌايائين ته دنيا جي ڪنهن به فڪر ۽ تحريڪ کان اسلام وڌيڪ ترقي پسند ۽ عملي تحريڪ آهي. اقبال قوم کي آگاهه ٿو ڪري ته سندس شاعريءَ کي عام شاعري نه سمجهو ڇو ته هو حقيقت شناس ۽ ڪائنات جي راز سان آشنا آهي.

مری نوائے پریشاں کو شاعری نہ سمجھ

کہ میں ہوں محرمِ رازِ درونِ میخانہ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

12

مردِ خدا ۽ رياڪار رهبر

پاڻ ڪي رهبر سڏائڻ سولو آهي ۽ علم و عرفان جون باطل دعوائون به عام ۽ آسان آهن. شاهه صاحب هجي، عارف رومي هجي يا اقبال، اهي سرور ڪونين، سيدالمرسلين حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ کي ئي پنهنجو رهبر اعظم مڃين ٿا جو انسانِ ڪامل، شافع محشر ۽ رحمت اللعالمين آهي.

ايءُ آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.

مگر پاڻ نبي آخرالزمان هئا. سندن ذات پاڪ بعد هنن پندرهن سو سالن ۾ ڪيترا قلندر، اولياء، عالم، صوفياءِ ڪرام ۽ رهنما پيدا ٿيا جن اسلام، تصوف ۽ عوام جون خدمتون ڪيون ۽ سندن نالا اڄ ڏينهن تائين تاريخ ۾ روشن آهن. مگر جيئن پوءِ تيئن اهو نسل گهٽبو ٿو وڃي. جيتوڻيڪ دنيا نيڪ انسانن کان بالڪل خالي نه ٿي ويئي آهي، پر قحط الرجال وڌندو ٿو وڃي، انسانن جي ڪوت ٿيندي ٿي رهي. اناج جي ڏڪار کي ته منهن ڏيڻ ايڏو ڏکيو نه آهي پر انسانن جو خال پرڻ ڏادو ڏکيو آهي.

جتي هنج هئا، اتي ڪانون ڪانگيرا ڪيا،
ويچارا وليداد چئي، ولر ڪري ويا؛
اچي ال پيا، انهن اوطاقن ۾.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

عارف رومي جو نقطئہ نظر

عارف رومي، مردِ خدا جون خاصيتون ۽ خوبيون هيئنءَ ريت ٻڌائي ٿو.

مردِ خدا مست بود بے شراب — مردِ خدا سير بود بے کباب

مردِ خدا واله و حيراں بود — مردِ خدا را نبود خورد و خواب

مردِ خدا شاه بود زير دلق — مردِ خدا گنج بود در خراب

مردِ خدا نيست ز باد و ز خاک — مردِ خدا نيست ز نار و ز آب

مردِ خدا دارد صد ماه و چرخ — مردِ خدا دارد صد آفتاب

مردِ خدا بحر بود بے کراں — مردِ خدا بارد در بے حساب

مردِ خدا عالم از حق بود — مردِ خدا نيست فقيہہ از کتاب

(مردِ خدا بنا شراب جي مست آهي، مردِ خدا کي بنا ڪباب جي ڍؤ آهي.
مردِ خدا عاشق ۽ بي قرار آهي، مردِ خدا نہ کائي ٿو نہ ننڊ ٿو ڪري.
مردِ خدا گودڙيءَ ۾ بادشاهہ آهي، مردِ خدا بيابان ۾ خزانو آهي.
مردِ خدا هوا ۽ مٽيءَ مان ناهي، مردِ خدا باهہ ۽ پاڻيءَ مان ناهي.
مردِ خدا سؤ چنڊن ۽ آسمان جو مالڪ آهي، مردِ خدا سو سِجن جو مالڪ آهي.
مردِ خدا بي پايان سمنڊ آهي، مردِ خدا سدا ٿو وسي.
مردِ خدا الله جي طرفان عالم آهي، مرد خدا ڪتابن وارو فقيهہ ناهي.)

مؤلانا نوڳي ۽ مڪار پيرن جو مخالف آهي، انهن کي ”پير چنگي“ سڏي ٿو.

پير چنگی کہ بود مردِ خدا

عارف رومي ظاهرداريءَ کي خوب سڃاڻي ٿو، ”پيران پارسا“ کان بہ واقف آهي. الله تعاليٰ سان تہ ڪو بہ فريب هلي نہ سگھندو. جيڪڏهن ڪو ائين سمجھي ٿو تہ نادان آهي، پاڻ کي بيوقوف ٿو بنائي. الله تعاليٰ هر جاءِ حاضر آهي، دانا بينا آهي. انساني مڪر نہ صرف ساده لوح ماڻهن سان ڌوڪو آهي، پر خود فريبي بہ آهي. فرمائي ٿو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ما زباں را ننگریم و قال را

ما دروں را بنگریم و حال را

(اسان جي نگاھ ظاهرداري ۽ چرب زباني تي نہ، بلڪہ اندر تي ۽ حقيقت تي آهي.)

مؤلانا رومي اهڙن پيرن ۽ رهبرن کي شيطان سان مشابهت ڏئي، جيڪي خدا جي خلق کي گمراھ ڪري پنهنجو شڪار ٺاهين ٿا. انهن جي صورت تہ انسان واري آهي پر حقيقت ۾ شيطان آهن. انهن سان هٿ ملائڻ بہ جائز نہ آهي.

چوں بسے ابلیس آدم روئی ہست پس بہر دستی نباید دست داد

زانکہ صیاد آورد بانگِ صفیر تا فریبد مرغ را آں مرغ گیر

(گهڻا ئي شيطان انساني صورت ۾ آهن، تنهنڪري هر ڪنهن سان هٿ ملائڻ مناسب ناهي.
ماري پکيءَ وارو آواز ان لاءِ ڪڍندو آهي تہ جيئن اهو پکين کي ڌوکو ڏيئي ڦاسائي.)

مٿين قسم جا ماڻهو ڏاڍا خطرناڪ آهن، هدايت ڪرڻ بجاءِ ماڻهن کي هو تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿا. اهڙا گمراھ پوءِ ڪهڙي رهنمائي ڪندا؟ انهن تي اعتبار ڪرڻ وڏي ناداني آهي. مؤلانا خبردار ڪري ٿو.

نفس را تسبیح و مصحف در یمین خنجر و شمشیر اندر آستین

مصحفِ و سالوس او باور مکن خویش با او ہم سر و ہم سر مکن

سوئے حوضت آورد بہرِ وضو و اندر اندازد ترا در قعرِ اُو

(نفس جي سڄي هٿ ۾ تہ تسبيح ۽ قرآن آهن، پر ڪڇ ۾ خنجر ۽ تلوار لڪل اٿس.
هن جي قرآن واري مڪر تي ڀروسو نہ ڪجانءِ، متان ان جي ڳالهين ۾ ڦاٿو آن!
توکي حوض ڏي وضو بهاني ٿو ورتيون وڃي، تہ ان ۾ ڌڪو ڏيئي تري ۾ غرق ڪريئي.)

مؤلانا غلط قسم جي رهبرن جي پيٽ ان ڪتي جي مالڪ سان ڪري ٿو جيڪو ڪتي جي مرڻ تي زار زار روئي ٿو پر حقيقت ۾ اهو رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ آهي. ماڻهن جي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پڇڻ تي جواب ڏئي ٿو ته منهنجو ڪتو مون سان ڏاڍو وفادار هو، منهنجي گهر تي رات ڏينهن پهرو ڏيندو هو، تنهنڪري چورن کي چوري ڪرڻ جي مجال ڪا نه هوندي هئي. جيڪڏهن ڪو مون سان وڙهندو هو ته منهنجو ڪتو ان تي حملو ڪندو هو ۽ مون تي جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو. چيائونس ته تنهنجو ڪتو ڪيئن مري ويو، جواب ڏنائين ته بک وگهي مري ويو. ماڻهن چيس ته تنهنجي پرسان مانئن جي ڳنڍ پري پئي آهي، پوءِ تو ڇو نه ماني ڏنس؟ ڪتي جي مالڪ ڪاوڙ مان جواب ڏنو ته ڇا مان پاڻ بک مران ۽ ڪتي کي ماني کارايان! نگ مرشد ۽ رهبر کي به پنهنجي مريدن ۽ پيروڪارن لاءِ ايترو ئي پيار آهي جيترو ڪتي لاءِ سندس منافق مالڪ کي هو.

عارف روميءَ جو چوڻ آهي ته نمائشي ۽ شهرت پسند انسان دنيا ۾ غلط طريقي سان پنهنجو ڏاڪو ڄمائڻ چاهين ٿا، پراها جاه طلبي، شهرت پسندي، دنيا دولت جي فرواني انهن کي جلد ئي ختم ڪري ڇڏيندي ۽ هو پنهنجي مقصد ۾ ناڪام رهندا. اهڙن ماڻهن جي حالت ان گهوڙي سوار واري آهي جو پنهنجي گهوڙي جي ڪنڌ ۾ گهنڊڙيون ٻڌي، ان کي ڊوڙائڻ شروع ڪري ٿو پر نه ڪيس منزل جي ڪا ڄاڻ آ ۽ نه ئي اها سُڌ اٿس ته ڪيڏانهن ٿو وڃي. مگر گهنڊڙين جي شور ۾ خوش آهي ته سندس مشهوري ۽ مقبوليت ٿي رهي آهي. جڏهن گهوڙو ڊوڙي ٿو ته ان ۾ هو پنهنجي پذيرائي سمجهي ٿو، پر کيس خبر نه آهي ته اهو گهوڙو هيناهين طرف ڪنهن کڏ ڏانهن تيزيءَ سان ڊوڙي رهيو آهي، نتيجو اهو ٿو ٿئي جو اهو گهوڙي سوار وڃي کڏ ۾ ڪري ٿو ۽ پنهنجو انت ٿو آڻي.

او بسوئے اسفل می راندن فرس   گرچہ سوئے علو جنباند جرس

از علہائے گدایان ترس چیست   کان علہا لقمۂ نان راریست

(هو گهوڙي کي پستيءَ ڏانهن ڊوڙائيندو وڃي ٿو، گرچه گهنڊڙين جو آواز مٿي وڃي رهيو آهي. هن جي گداگرن واري جهندي مان ڪهڙو خوف، اهي گداگر ته مانيءَ جي پوري جا غلام آهن.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هو سمجهي ٿو ته جهنڊو سندس بادشاهيءَ جو نشان آهي، پر ائين نه آهي. هي ته اهي جهنڊيون آهن جي پنڻ وارا فقير گداگريءَ لاءِ کنيو وتندا آهن. مؤلانا جوَ فروش ۽ گندم نما رهنمائن کان بيزار آهي، جن کي نه دين آهي نه ايمان، جيڪي سون تي سيڻ قربان ڪن ٿا. جن کي هٿ ۾ چري ۽ ڪڇ ۾ قرآن آهي. هو انهن ڪاملن جي تلاش ۾ آهي، جن لاءِ مثنوي ۾ فرمايو اٿئين:

کاملی گر خاک گیرد زر شود ناقص ار زر برد خاکستر شود

جهل آید پیشِ دانش جهل شد علمی که در ناقص رود

(ڪامل انسان جي هٿ ۾ مٽي به سون ٿي ٿئي، ناقص وٽ سون به خاڪ ٿي ويندو.
جي جهل ڪامل وٽ آيو ته دانش ٿي پوندو، پر ناقص هٿين علم به جهل ۾ بدلجي ويندو.)

جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ڪامل وٽ پهچندو ته سندس ٻئي جهان جڙي پوندا. پر جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان جاهل جي ورچڙهي ويو ته تباهي آهي.

شاهه صاحب ۽ مردِ خدا

شاهه صاحب وٽ مردِ خدا اهو آهي جيڪو وحدت جو وڏيل آهي. هن وٽ شرڪ جو ڪو سوال ڪونهي. اهي سالڪ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جون منزلون طئي ڪندي پنهنجي زندگيءَ جو سفر ڪن ٿا. اهي عاشق سڪ سان سٽل ڪونه هوندا آهن، هنن پنهنجو سر حق جي راه ۾ صدقي ڪري ڇڏيو آهي.

وحدةً جي وڍيا، الاالله سي اورين؛
هنيون حقيقت ڳڏيو، طريقت تورين؛
معرفت جي ماٽ سين، ڏيساندر ڏورين؛
سڪ نه ستا ڪڏهين، ويهي نه ووڙين؛
ڪلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

مرد خدا جو اٿڻ ويهڻ ۽ طريقو اهو ئي آهي جو عارف رومي ٻڌايو آهي ۽ شاهه صاحب به ساڻس متفق آهي. هو عيش عشرت ۽ لذيذ طعامن کان دور آهن. هنن جو تڪيو پنهنجي رب تي آهي، ڪنهن جي آڏو پنڊ لاءِ هٿ ڪونه ٽنگيندا آهن.

وڃڻ وڻا رهن، سانجهيءَ رهن سمهي؛
بک مرندي بکيا، ڪنهن کان ڪين گهرن؛
پيٽ نه هيريائون پانهنجا، چوريءَ ساڻ چسن؛
ڦڪي فقيرن، ماڳيان پني ماٺ جي.

الله پاڪ جا اولياءَ پنهنجي خانقاهن ۾ مريدن، معتقدن ۽ عوام کي فيض رسائيندا هئا؛ هدايت ۽ صداقت جا سبق سيکاريندا هئا؛ صبر، سورن ۽ سچائيءَ جي تلقين ڪندا هئا. انهن جي هڪ گهڙي واري صحبت ورهين جي ڪتابي مطالع کان گهڻو بهتر ۽ برتر هوندي هئي، انهن جي نگاهن سان تقدير بدلجيو ويندي هئي، سي اڄ اڻلڀ آهن. بقول علامه اقبال:

نگاهِ مردِ مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

افسوس آهي جو انهن جي جاين تي، انهن خانقاهن ۾ هاڻي اهي پير صاحبان براجمان آهن جيڪي مريدن کان رڳو ڏن وٺي ڄاڻن. گهڻن هنڌن تي ته مڪاري ۽ بداخلاقيءَ جا اڏا آهن جتي پير صاحبان ڪتن ۽ سوئرن ويڙهائڻ جي ذوق ۽ شوق ۾ پورا آهن. ڇا جو دين، ڇا جي شريعت، ڇا جي رياضت، ڇا جو تصوف، هنن تان سڀ معاف آهي. بس وڏن جي هڏن جي دڪانداري ڪري رهيا آهن. شاهه صاحب هن صورت حال کان پوري طور آگاهه آهي.

ويا سي وڻجهار، هيرو لعل وندين جي؛
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نه سار؛
ڪتين ڪٿ لهار، هاڻي انهين پيٽين.

اهي رهبر عرفان الاهي جي سمنڊ جي گهراين ۾ گهڙي، ماهر ٽوٻن جيان وڃي ماڻڪ ۽ موتي ميڙي ايندا هئا. انساني قلب به سمنڊ آهي، جنهن جي اونهائيءَ جو پتو صرف عارفن کي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

آهي. هاڻي اهي غواص ۽ وينجهار موڪلائي ويا آهن. خير دنيا بالڪل خالي ته نه ٿي آهي پر شديد ڪمي آهي. ڀاڳ وارا آهن اهي انسان جيڪي هن دم ڪي غنيمت ڄاڻي انهن روحاني بزرگن وٽان فيض حاصل ڪن ٿا. ان ڪميءَ کي شاهه صاحب محسوس ڪندي فرمايو آهي.

اڄ نه اوطاقن ۾، ٿا طالب تنوارين؛
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين؛
جَي جِيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

هاڻي ته رياڪاري ۽ منافقيءَ جو دؤر آهي. زندگي جو ڪو به شعبو هن شعبده بازي کان محفوظ نه آهي. دين کي به هڪ دڪانداري ڪري هلايو ٿو وڃي ۽ ان چار ۾ ماڻهن کي ڦاسائي، قوم کي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن. شاهه صاحب ان خلاف گهڻو ڪجهه پنهنجي رسالي ۾ چيو آهي. مسلماني محض زبان سان ڪلمي پاڪ پڙهڻ جونالو نه آهي، جڏهن ته اندر ۾ سومنات کان به وڏا بتخانا نهيا پيا آهن.

ان پر نه ايمان، جيئن ڪلمه گو ڪوٺائين؛
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان؛
منهن ۾ مسلمان، اندر ۾ آذر آهين.

اڳيان استاد خود به ڪردار جا بلند هئا ته پين کي به اعليٰ اخلاق جو درس ڏيندا هئا. ڪردار جي بلنديءَ جو اثر شاگرد تي به ٿيندو هو مگر جڏهن ڪردار جو ڏيوالو نڪري ويو، دل سوز کان خالي ٿي وئي، نگاه ۾ پاڪيزگي نه رهي، پنهنجي الله ۽ ان جي رسول پاڪ ﷺ جي دامن کي ڇڏي، ماسوا الله کي پنهنجو خدا بڻايوسين، دنيوي مفاد خاطر حڪمرانن جي خوشامد شروع ڪئي سون ۽ سچ مظلوم ٿي ويو ته اسان جي ديني ۽ دنيوي تباهي به شروع ٿي وئي. چند سڪن عيوض ڪوڙيون فتوائون جاري ڪيون ويون، الله جي نيڪ بندن ۽ ملت جي سرفروشن خلاف ڪفر جون فتوائون ڏيئي انهن کي ظلم جو شڪار بڻايو ويو. شاهه صاحب اهڙن مولوين لاءِ فرمائي ٿو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ملان ملان مَ چئو، اهي آهيڙي آهين،
مرونءَ سندي ماس تي، ٿا ماٽڪ مٿائين،
اهڙا ئي آهين، لعنتي لطيف چئي.

هيءَ حالت ڇو ٿي وئي؟ علماءِ سُو ڪيئن پيدا ٿيا جن حق پرست عالمن ۽ مسلمانن خلاف ناحق ڪفر جون فتوائون ڏنيون، قيد ۽ بند جون صعوبتون ۽ مصيبتون ڪاٽرايون، بلڪه ڪيترن عظيم عالمن ۽ فرزندانِ اسلام کي تختهء دار تي به چاڙهائي ڇڏيائون؟ علماءِ حق ۽ مردانِ خدا ته سڀ ڪجهه سهندا رهيا، پنهنجي جان ۽ مال حق جي راه ۾ قربان ڪيائون. هوڏانهن درباري عالم دنيا دولت جمع ڪري پنهنجي لاءِ جهنم جو آڙاه تيار ڪندا رهيا. الله پاڪ ۽ رسول الله ﷺ جي نالي ۾ حيله سازي، بادشاهن جي خوشامد ۽ پنهنجي ايمان فروشي ڪندا رهيا ته جيئن دنيا جا ڍير ۽ انبار ميڙجن. اها خبر نه اٿن ته هن دنيا جا حڪمران خود به گداگر ۽ محتاج آهن. شيخ سعدي فرمايو آهي:

خبر ده به درويش سلطان پرست
که سلطان ز درويشِ مسکين تراست

(بادشاه جي پوڄاري درويشن کي خبر ڏيو ته سلطان پنڻي کان به وڌيڪ سڃو آهي.)

سبب اهو آهي جو انهن عالمن ۽ رهبرن جي دلين ۾ بره جي باه آهي ئي ڪانه: هو مٽيءَ جا ڍير ٻڄي چڪا آهن. نه هو اکين سان ڏسي سگهن ٿا، نه ڪنن سان ٻڌي سگهن ٿا، قدرت سندن قلبن کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي دلين مان لا اله الا الله جي صدا اچڻ بند ٿي وئي آهي. خود غرضي ۽ ٻزدليءَ سندن دماغ تي قبضو ڪيو آهي پر هي دل جي موت تي ماتم ڪرڻ بجاءِ شيطاني تڪبر ۾ پورا آهن، جنهن کين نهوڙي نيو آهي.

ڪٽيو تڪبر تڪيا، جيڪي ٿا هلن،
موڙها سي نه لهن، ملي راه لطيف چئي.

شاهه صاحب ظاهرداري، منافقي ۽ رياڪاري جو شديد مخالف آهي، پوءِ چاهي اها ڪٿي به هجي. هو سچن جو يار آهي:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ؛
هندو هڏ نه آهين، جٽيو تو نه جڳاءِ؛
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

هن موضوع تي علامه شبلي نعماني جو مشهور شعر آهي:

خجل ہستم زکفر خود کہ دارد بوئے ایماں ہم
(پنهنجي ڪفر تي شرمندو آهيان، جو اجان تائين منجهس ايمان جي بوءِ باقي آهي.)

اڄ علماءِ سُوءِ غلط قسم جا حڪمران مسلم دنيا تي حاوي آهن. سچا عالم ۽ سچا انسان نه منهن موڙن ۾ پايو وينا آهن: اهي غريب سچ آچيندي به لڄ ٿا مرن. هوڏانهن منافق مولوي ۽ ڪوڙا رهبر پنهنجي منافقيءَ ۽ ڪوڙ تي نازان آهن. هن ملت مظلوم کي انهن وڏيڪ ڏنپ ڏيئي ڏڪايو آهي ۽ حالتون هر روز بد کان بدتر ٿي رهيون آهن. ورنه جنهن قوم کي الله پاڪ قرآن ڪريم جي سوغات ڏني آهي ۽ سيد المرسلين ﷺ جهڙو رهبر ڏنو، اڄ اها ڇو ذليل ۽ خوار آهي؟ اها ڇو علم خواه عمل کان بي بهره آهي؟

ڪنيس ڪوبچن، تن طبيب نه گڏيا؛
ڏيئي ڏنپ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏڪوئيو.

جتي وطن ۾ نه انصاف هجي نه احساس، جتي نام نهاد عالم پاڻ کي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ وڪڻي رهيا هجن، اتي قوم جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ ڇا اسلام جي خالي نالي ۽ نعري مان ڪجهه ورڻو آهي؟ هيءَ دڪانداري ڪيستائين هلندي؟ يا الله تون اسان تي رحم ڪر. شاعر وطن جي مظلوميت تي ماتم ڪندي فرمائي ٿو:

ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو؛
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

شاهه جو رسالو اسان کي پڙهڻ، سوچڻ، سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي دعوت ٿو ڏئي. اچو ته پنهنجي فائدي لاءِ پنهنجي علاج لاءِ هيءَ دعوت قبول ڪريون، پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي مرضن مان شفاياب ٿيون.

توتي لج لطيف چئي، آهي سندي عام.

علامه اقبال ۽ مرد خدا

علامه وٽ مرد خدا جو درجو بلند آهي. انسان هن زمين تي الله تعالىٰ طرفان خليفة الارض آهي، بهترين مخلوق آهي ۽ سندس قلب الله پاڪ جو گهر آهي. عارف روميءَ وٽ مرد خدا بابت جيڪو نعره مستانه هو، اقبال وٽ به اهو ئي نغمو آهي، مومن جي صفات بابت فرمائي ٿو:

هر لحظه ہے مومن کی نئی شان نئی آن — گفتار میں کردار میں اللہ کی برہان
ہمسایۂ جبریل امیں ہے بندۂ خاکی — ہے اس کا نشیمن نہ بخارا نہ بدخشان
قدرت کے مقاصد کا عیار اس کے ارادے — دنیا میں بھی میزان قیامت میں بھی میزان

علامه اقبال ٻئي هنڌ مومن جون وصفون هينئن ريت بيان ڪري ٿو.

تجھ سے ہوا آشکار، بندۂ مومن کا راز — اس کی دنوں کی تپش، اس کی شبوں کا گداز
اس کا مقام ہے بلند، اس کا خیال ہے عظیم — اس کا سرور، اس کا شوق، اس کا نیاز، اس کا ناز
اس کی امیدیں قلیل، اس کے مقاصد جلیل — اس کی ادا دلفریب، اس کی نگہ دل نواز

جڏهن الاهي وصفون مسلمان ۾ پيدا ٿين ٿيون ته پوءِ هو مرد خدا آهي ۽ هن جي طاقت جو اندازو لڳائڻ به مشڪل آهي: هو ته پوءِ قومن جون تقديرون به بدلائي سگهي ٿو.

کوئی اندازہ کر سکتا ہے اس کے زورِ بازو کا
نگاہ مردِ مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

علامہ جي نظر ۾ سچو رهبر ﴿اَشِدَّاءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ﴾ جي آيت جو تفسير آهي. هو ڪافرن سان سخت ۽ مومنن سان نرم آهي. هتي ڪافرن مان مراد ظالم آهي ۽ نہ غيرمسلمان. اقبال جو چوڻ آهي تہ پنهنجن لاءِ هو شبنم جو قطرو آهي ۽ ظالمن لاءِ اهو طوفان، جنهن کان سمنڊ بہ ڏڪن ٿا.

جس سے جگر لالہ میں ٹھنڈک ہو وہ شبنم
دریاؤں کے دل جس سے دہل جائیں وہ طوفاں

قرآن پاڪ ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي ﴿اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ﴾ يعني توهان کي سرفراز ڪيو ويندو جيڪڏهن توهان مومن آهيو. اهو الله پاڪ جو واعدو آهي، انساني واعدو نہ آهي جو ان جي انحرافي ٿئي يا ڪا ڦيرڦار ٿي سگهي. رب المشرقين ۽ رب المغربين اهڙو تہ قادر آهي جو هن جي حڪم ڪانسواءِ هڪ پن بہ چري نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن اسان رسول پاڪ ﷺ جي اسوه حسنہ تي عمل پيرا ٿيون تہ ٻئي جهان ۽ لوح قلم اسان جا آهن. بلندي ۽ عظمت جا اسان تڏهن ئي حقدار ٿي سگهنداسون ۽ ان بعد ئي تقدير اسان جي تابع ٿيندي. اقبال ان حقيقت جو اظهار هينئين لفظن ۾ ڪري ٿو:

عالم ہے فقط مومنِ جانباز کی میراث
مومن نہیں جو صاحبِ لولاک نہیں ہے

موجوده دؤر ۽ اقبال

جيسيتائين مسلمان احڪام الاهي تي هليا، تيستائين سرخرو ۽ سربلند رهيا. مگر ان رستي کي ڇڏي مسلمانن ۾ جڏهن شهنشاهيت ۽ سلطاني آئي، خلافت جو خرقو اڇلائي ملوڪيت جا انداز اختيار ڪيائون تہ پوءِ تنزل ۽ تباهيءَ بہ سر ڪڍيو، تان جو اسفل السافلين (هيناهين کان هيناهين) واري درجي تي وڃي پهتا. پوءِ اسان وٽ وڃي اها سڪڻي ۽ بي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

معنىٰ دعوىٰ رهي ته "پدرم سلطان بود" (منهنجو ابو بادشاهه هو). قرآن کي ترڪ ڪرڻ سان مسلمانن کي جيڪا ذلت ۽ خواري نصيب ٿي، اقبال ان جو اظهار هينئين شعر ۾ ڪري ٿو:

وہ زمانے میں معزز تھے مسلماں ہو کر
اور تم خوار ہوئے تارکِ قرآں ہو کر

علامه اقبال جو واسطو ويهين صديءَ سان هو، جنهن صديءَ ۾ دنيوي علوم، سائنس ۽ فن وڏي ترقي ڪئي آهي ۽ ان جو علمبردار يورپ آهي. يورپ ان ڪري بيشڪ طاقتور رهيو ۽ سائنسي ايجادن دنيا جي شڪل صورت بدلائي ڇڏي. يورپ ظاهري طرح امن ۽ آزادي، جمهوريت ۽ مساوات جو سبق ڏيندو رهيو، پر ملت اسلاميه هنن جي ظلم ۽ تشدد جو خاص شڪار رهي ۽ اڄ ڏينهن تائين رهندي ٿي اچي. آفريقا جي مسلم ملڪن الجزائر، طرابلس، لبيا، مراڪش، مصر ۽ سوڊان تي يورپي طاقتن قبضو ڪيو. عربن ۽ ترڪن کي ويڙهائي مسلم خلافت جو خاتمو آندائون ۽ ترڪيءَ کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيائون. ذوڪيبازي سان عربن ۾ عرب قوميت جو ٻج ڇٽي مسلم قوميت جي جڙ ڪٽيائون. ان عرب قوميت جي سربراهي جو سهرو لارينس آف عريبيا تي هو. ترڪ خلافت ختم ڪرڻ بعد عراق، شام ۽ ٻين عرب ملڪن کي آزادي ته ملي، پر اهي يورپ جا غلام بڻجي ويا. ان بعد يورپ ۽ آمريڪا گڏجي يهودين جي حڪومت عرب ملڪن جي وچ ۾ قائم ڪئي ۽ بيت المقدس تي به يهودين جو قبضو ٿي ويو.

مناسب ٿيندو جو هتي علامه اقبال سان گڏ جسٽس سيد امير علي جو به ذڪر ڪجي. ٻئي صاحب يورپ جي يونيورسٽين جا اعلىٰ تعليم يافته هئا، پر يورپ جي ظاهري چمڪ دمڪ هنن جي نظر ۽ فڪر کي ڪمزور ڪرڻ بجاءِ هڪ نئين روشني پيدا ڪئي، ڇاڪاڻ ته ساڳي وقت هو اسلامي تعليم کان به بخوبي واقف هئا. اهي ٻئي شخصيتون ناقابلِ فروخت هيون ۽ ناقابل فراموش آهن. ملت اسلاميه لاءِ هنن جي دل ۾ جيڪو درد ۽ سوز هو، ان سان سندن دماغ به ساٿ ڏنو ۽ هنن پنهنجي قلم جي ذريعي جهاد ڪيو. علامه اقبال گهڻو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري اردو ۽ فارسي شاعري سان، ته سيد امير علي انگريزي نثر جي تصانيف ذريعي جهاد ڪيو. اڻويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ جڏهن مسلمانن تي غلط حڪمرانن ۽ علماءِ سُو سڀبان ڦهر جا پهاڙ ڪريا ته علامه اقبال ۽ سيد اميرعلي انهن سڀني کان واقف هئا ۽ هنن ملت اسلاميه کي بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امير علي ويهين صديءَ ۾ مغرب کي اسلام سان متعارف ڪرايو.

علامه اقبال علماءِ سُو جي خلاف زبردست نڪته چيني ڪئي آهي. مولوين به ڪيس معاف نه ڪيو: ڪفر جون فتوائون ڏنائون. اقبال حڪمرانن ۽ مولوي طبقي کي ئي مسلمانن جي روحاني، سياسي ۽ اخلاقي انحطاط لاءِ ذميوار سڏيو آهي:

کوئی کارواں سے ٹوٹا، کوئی بدگماں حرم سے
کہ امیرِ کارواں میں، نہیں خوئے دل نوازی

اسان وٽ نه اهي حق پرست ۽ نه وري اهي صوفي رهيا جيڪي عياش حاڪمن ۽ سلطان پرست عالمن خلاف، نتيجن جي پرواهه نه ڪندي، حق جو جهنڊو بلند ڪن. ويچارا عام مسلمان ڪيڏانهن وڃن؟ انهن لاءِ دين ته اهو آهي جو پير ۽ مولوي ٻڌائي رهيا آهن. انهن قرآن پاڪ کي پاڻ نه پڙهيو ڪونهي. نتيجو اهو ٿو ٿئي جو ڪيترا مسلمان مذهب کان بيزار ٿيو وڃن بلڪه نام نهاد تعليم يافته طبقي ۾ اسلام خلاف منظم مهم هلائي وڃي ٿي.

به بندِ صوفی و ملا اسیری
حیات از حکمت قرآں نگیری

(تون نام نهاد صوفي ۽ ملان جي قيد ۾ بند آهين،
تون زندگي قرآن جي حڪمت مان حاصل نه ٿو ڪرين.)

اقبال جي نظر ۾ اهي مولوي قوم جي رهنمائي ڪرڻ جا اهل ئي نه آهن، ڇو ته هو قومن جي عروج ۽ زوال جي تاريخ کان ناواقف، سياسي ۽ معاشي تحريڪن کان اڻڄاڻ، علمي گهراين

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪان محروم، سياست جي پيچيدگين ڪان ناآشنا. باهمي جنگ ۽ جهيڙي ۾ مصروف ۽ وڪائو مال آهن. نماز جي ٻن رڪعتن پاڙهڻ سان هو قوم جي امامت جا اهل ڪونه ٿا ٿي سگهن.

قوم کیا چیز ہے قوموں کی امامت کیا ہے
کیا جانیں یہ دو رکعت کے امام

اڪثر مولوي صاحب بقول علامه، قرآن پاڪ جي روح ڪان قطعاً ناآشنا آهن. هاڻي هنن جو ڪم ئي صرف اهو رهجي ويو آهي ته رڳو مسلمانن کي سڀ کو تعويذ لکي ڏين، مسلمانن کي قرآن پاڪ جي درس ڏيڻ بجاءِ سڪرات ۾ سندن ساهه آسانيءَ سان ڪڍڻ لاءِ سوره ياسين پاڪ جو ورد ڪن، باقي قرآن سان ٻيو ڪو واسطو مڙيوئي ڪو رهيو اٿن.

بآیاتش ترا کاری جزایں نیست
کہ از یاسین او آساں بمیری

(توکي قرآن پاڪ سان، سواءِ ان جي ٻيو ڪو غرض ڪونهي،
ته سڪرات ويل ياسين سڳوري جي تلاوت سان موت آسان ڪرين.)

اسان جي سياسي ۽ دنيوي زوال سان گڏوگڏ ديني اخلاقي ۽ روحاني زوال به اچي ويو آهي. اسان جي نمازن ۾، عبادتن ۾، واعظن ۾ اهو روح ۽ اها زندگي هاڻي رهي ڪانهي جا اڳي ڪنهن وقت هئي، ڇو ته دليون سوز ۽ محبت ڪان خالي آهن. اقبال هن زوال تي نالان آهي:

واعظِ قوم میں وہ پختہ خیالی نہ رہی   برق طبعی نہ رہی شعلہ مقالی نہ رہی
رہ گئی رسم اذاں روح بلالی نہ رہی   فلسفہ رہ گیا تلقین غزالی نہ رہی

آخر الله پاڪ جا ٻندا ڪيڏانهن وڃن، ڪٿي ڪو راهه ڏيکارڻ وارو ڪونهي، ڪٿي ڪو مرد مومن نظر ڪونه ٿو اچي. جيڏانهن نظر ڪر ته فريب ۽ دغا کانسواءِ ڪا شئي موجود ڪانهي. اقبال حق تعالىٰ وٽ فريادي آهي ته هو پنهنجي ساده دل ٻندن تي ڪرم فرمائي ڪري، اسان جي رهنمائن ته منافقيءَ جي حد ڪري ڇڏي آهي:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

خداوندا یہ تیرے سادہ دل بندے کدھر جائیں

ہے درویشی بھی عیاری، ہے سلطانی بھی عیاری

اقبال جو خيال آهي ته اهو سارو قصور اسان جي نظامِ تعليم جو آهي جتي انسان جي تربيت ٿئي ٿي. ڪچا ذهن اتي وڃن ٿا، پوءِ چاهي اهي اسڪول هجن، ڪاليج يا ديني دارالعلوم، اتي سندن ذهني تعمير ٿئي ٿي. انهن شاگردن جي انفرادي يا اجتماعي مستقبل جو دارومدار تعليم ۽ تربيت تي آهي. جيڪڏهن انهن جي صحيح تعمير ٿيندي ته وڃي آسمان تي پهچندا، قوم لاءِ رحمت هوندا ۽ پنهنجا ٻئي جهان سنواري سگهندا. پرجيڪڏهن تعليم ناقص آهي ته ڪين ڪا به نيڪي ۽ بلندي نصيب نه ٿيندي ۽ سندن ذهن تخريب ڏانهن مائل ٿيندو.

گلا تو گھونٹ دیا اہل مدرسہ نے تیرا

کہاں سے آئے صدا لاالہ الااللہ

ٻئي هنڌ ان جو اظهار هينئن لفظن ۾ ڪري ٿو.

شکایت ہے مجھے یارب خداوندانِ مکتب سے

سبق شاہیں بچوں کو دے رہے ہیں خاکبازی کا

اقبال مولوين تي شديد نڪته چيني ڪئي ته مولوين به ڪيس معاف نه ڪيو. چيائون ته هيءُ انگريزي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يورپ جي يونيورسٽين مان فارغ التحصيل ڪهڙو عالم ۽ مجدد پيدا ٿيو آهي جنهنکي عربيءَ جي ڪا ڄاڻ ڪانهي! هي يورپ زده ڪافر، قرآن پاڪ ۽ حديث مان اڻواقف، علماءِ دين جي شان ۾ گستاخي ٿو ڪري. اقبال سوال پڇين:

مجھ کو تو سکھا دی ہے افرنگ نے زندیقی

اس دور کے ملا ہیں کیوں ننگِ مسلمانی

بهر حال علامه موصوف انهن نڪته چينين کان بي نياز رهيو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حڪمرانن ۽ علماءِ سُو جا ظلم

اهو وقت به هو جڏهن مسلمان بادشاهن حق پرست عالمن کي لوڀ ۽ لالچون آڇيون جيڪي هنن نفرت سان ٺڪرائي ڇڏيون. اهڙن علماءِ حق جي جاءِ دنيا پرست عالمن ورتي. ان بعد ظالم حڪمرانن ۽ عبيدالدنيا عالمن جي هٿان عشاق الاهي سان جيڪي عقوبتون ٿيون، سي پڙهڻ سان لڱ ڪانڊارجيو وڃن. مختصراً چند مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا.

امام ابو حنيفه

امام ابو حنيفه کي خليفه ابوجعفر منصور عباسي، بغداد جي قاضيءَ جو تمام اهم عهدو آڇيو. اهو عهدو وڏي عزت وارو ليکيو ويندو هو ۽ هر وڏو عالم ان جي تمنا ڪندو هو ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ اثر هلائيندو هو. مگر امام صاحب اهو عهدو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ڇاڪاڻ ته قاضي ڪابه اهم فتويٰ، جنهن ۾ حڪمران جي دلچسپي هوندي هئي، آزادي سان ڏيئي نه سگهندو هو. ان انڪار تي خليفي جا ڪن پريا ويا ته امام موصوف سندس خلاف آهي. هاڻي امام صاحب تي سختيون شروع ڪيائون ته جيئن هو عهدو قبول ڪري. جڏهن ابو جعفر، قاضي بڻجڻ لاءِ امام کي حڪم ڪيو ته امام موصوف انڪار ڪندي چيو ته، ”مان ان عهدي جي لائق نه آهيان.“ ابوجعفر چيس، ”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“ ابو حنيفه فوراً جواب ڏنو، ”اميرالمومنين هاڻي نه توهان به تصديق ڪئي ته مان لائق نه آهيان.“ هن قسم کنيو ته ڪنهن به صورت ۾ هو عهدو ڪونه قبوليندو. نيٺ قيد ڪيائونس مگر امام پنهنجي موقف تي قائم رهيو. حڪم ڪيو ويو ته سندس خوراڪ بند ڪئي وڃي. ڪي چون ٿا ته کيس زهر ڏنو ويو. نتيجو اهو ٿيو جو هي همه گير عالم قيد ۾ پنجن ڏينهن بعد فوت ٿي ويو.

امام ابو حنيفه ؒ ذي الحج 80 هجري مطابق 28جنوري 700ع ۾ ڪوفي ۾ پيدا ٿيو 150هه مطابق 767ع ۾ فوت ٿي ويو. بغداد ۾ ملڪ شاهه سلجوقي سندس مزار جي شاندار عمارت ٺهرائي. مسلمانن جي وڏي اڪثريت جو واسطو سندس مسلڪ سان آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

امام احمد بن حنبل

امام احمد بن حنبلؒ بغداد ۾ ربيع الاول 164هه مطابق نومبر780ع ۾ پيدا ٿيو. مسلمانن جي اهل سنت جي چئن امامن مان هڪ آهي. عباسي خليفو مامون الرشيد معتزلن جي اثر هيٺ هو ۽ خلقِ قرآن جي مسئلي تي سخت موقف اختيار ڪيائين. حڪم ڪيائين ته سلطنت جا سڀ عالم ان موقف جي تصديق ۽ تائيد ڪن. پر امام صاحب ان کان صاف انڪار ڪيو ۽ چيائين ته جيڪا ڳالهه رسول پاڪ ﷺ نه چئي هجي، سا مان ڪڏهن به نه قبوليندس. پهريائين ته ساڍس گهڻن عالمن ساٿ ڏنو پر جڏهن طاقتور خليفي مامون جو مٿن دٻاءُ پيو ته سختيون سهي نه سگهيا ۽ وقت جي بادشاهه جي اطاعت ڪري پنهنجي جان بچايائون. امام صاحب ڪي ٻين عالمن ۽ عملدارن گهڻو سمجهايو مگر هن دين ۽ اصولن کي پنهنجي زندگي مٿان ترجيح ڏني. خليفي جي حڪم تي کيس قيد ۾ وڌو ويو ۽ مٿس ايذي سختي ڪئي وئي جهڙي قاتلن ۽ ڌاڙيلن تي به نه ڪندا هئا. قيد جي اندر به امام موصوف زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندو هو. نماز ويل به مٿس هنڌن جو وسڪارو هوندو هو ۽ ڪپڙا رت ۾ رڱجي ويندا هئن. سڪي مانيءَ تي روزو رکندو هو ۽ ڪارڪ سان کوليندو هو. ان تي سلطان پرست عالمن فتويٰ ڏني ته امام احمد بن حنبل جي نماز جائز نه آهي، ڇاڪاڻ ته سندس جسم ۽ ڪپڙا رت سان ناپاڪ آهن. پڙهندڙ سوچين ته جيڪڏهن اها نماز جائز نه هئي ته پوءِ ڪهڙي نماز جائز ٿي سگهي ٿي؟ مگر درٻاري عالم ڪٿي ٿا حق جو ساٿ ڏين! هو ٽن حڪمرانن، مامون، المعتصم ۽ الواثق جي دؤر حڪومت ۾ جيل اندر رهيو ۽ قيد و بند جون سختيون برداشت ڪندو رهيو. سندس استقلال ۾ ڪو فرق نه آيو، نيٺ چوٿين حڪمران آزاد ڪيس. امام موصوف 12ربيع الاول 241هه مطابق 31جولاءِ 855ع تي وفات ڪئي.

امام غزالي

هن عالم جو ذڪر اسين مٿي ڪري آيا آهيون. حڪمران ۽ علماءِ سُو جي ظلمن جي حوالي سان هن سان پڻ گهٽ عقوبتون نه ڪيون ويون. سندس مشهور ڪتاب "احياءَ

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

العلوم الدين“ اسلام ۽ تصوف تي سند آهي. هو دنياوي حڪمرانن کان بي نياز هو ۽ ڪائنن پري ئي رهندو هو. مگر علماءِ سُو اهڙي عالم کي ڪٿي ٿا برداشت ڪن. وقت جي عالمن مٿس به ڪفر جون فتوائون ڏنيون. اسپين جي قاضي ”احياءَ العلوم الدين“ تي بندش وڌي. چيائين ته جيڪو پڙهندو يا پاڻ وٽ رکندو اهو به ڪافر آهي. اسپين جي عالمن ساڻس ها ۾ ها ملائي ۽ حڪومت به قاضيءَ سان مڪمل اتفاق ڪيو. حڪومت طرفان سڀ ڪتاب ساڙايا ويا. امام موصوف حڪمرانن کان ڪناره ڪش رهي، پنهنجي زندگي خدا مست درويش وانگر بسر ڪئي.

شيخ علائي

هندستان جو وڏو حق پرست ۽ فصيح البيان عالمِ دين هو. سندس زندگي انتهائي سادي ۽ فقيراڻه هئي. مگر سندس سچائي جي آواز ۾ ايڏو اثر هو جو هزارين مسلمان سندس معتقد هئا. مگر شيخ الاسلام جهڙو دنيا پرست ۽ ضمير فروش عالم ڪٿي ٿو اسلام جي اهڙي سرفروش عالم کي برداشت ڪري. هن سليم شاهه سوريءَ کي پڙڪايو، جنهن شيخ علائي کي دربار ۾ گهرايو. هو درويشن جي جماعت سان اچي ڪنڌ ۾ ويهي رهيو ۽ ايڏي بي نيازيءَ سان ويٺو جو سيپي اميرن، وزيرن ۽ دنيا پرست عالمن کي ڇڙڪ حقارت سان ڏسي رهيو هجي. ان بعد دربار ۾ بحث مباحثو شروع ٿيو، مگر ڪنهن کي مجال هئي شيخ علائي سان ڳالهائي سگهي، جيتوڻيڪ سندس لئا ڦاٽل ۽ پراڻا هئا. شيخ پنهنجي واعظ ۾ علماءِ سُو جي خوب لاڪ لاٿي، بادشاهن ۽ اميرن جا فرائض بيان ڪيائين، سيپي ويٺلن جون اکيون اشڪبار هيون. رات جو جڏهن بادشاهه طعام موڪليس ته اهو نه کاڌائين ۽ چيائين ته، ”تنهنجو طعام مسلمانن جو حق آهي ڇو تون پنهنجي حق کان وڌيڪ ان تي متصرف ٿيو آهين؟“

آخرڪار شيخ الاسلام بادشاهه کي ايڏو مجبور ڪيو جو شيخ علائيؒ کي دکن جلاوطن ڪيو ويو، جنهن تي شيخ علائي قرآن پاڪ جا لفظ ”الله جو ملڪ وسيع آهي.“ چئي دکن هليو ويو. اتي به سندس فيض جو درياهه جاري رهيو. عوام ۾ سندس بيحد عزت ٿي ۽ مريدن جو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

حلقو به وسيع ٿي ويو. هن حالت کي ڏسي شيخ الاسلام جي انتقام جي باهه اجان وڌيڪ ڀڙڪي. هن پنهنجي طبيعت وارن ٻين عالمن کي گڏ ڪري سليم شاهه تي زور آندو ته شيخ علائي واجب القتل آهي. نيٺ کيس آگري گهرايو ويو. پر اجان تائين بادشاهه ايڏو وڏو قدم کڻڻ نه پئي چاهيو، تنهنڪري بهار جي مشهور عالم علامه بڌ ڏي فتويٰ لاءِ لکيو ويو. علامه پهريائين ته شيخ علائي جي حق ۾ فتويٰ لکي. بعد ۾ مصلحت پرستن سمجهايس ته شيخ الاسلام سان ڦٽائڻ ۾ جان جو جوکو آهي ۽ جان بچائڻ ته اسلام ۾ به فرض آهي. نيٺ علامه بڌ اقتدار عقل ۽ لالچ جي غلامي قبول ڪندي، پنهنجو فيصلو مٽائي، مخدوم الملڪ جي فتويٰ جي تصديق ڪئي ۽ هن حق پرست عالم کي موت جي سزا ڏني وئي. پر مخالف مولوين جي ڪدورت ته ڪافرن کان به ڪسر هئي. علائيءَ جي لاش کي هاٿيءَ جي پيرن ۾ ٻڌي گهلرايو ويو جو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. اهو هو ڪارنامو شيخ الاسلام ۽ سندس ساٿي مولوين جو.

شيخ عبدالله نيازي

سليم شاهه ان بعد جڏهن پنجاب ڏي شورش بند ڪرائڻ لاءِ لشڪر وٺي روانو ٿيو ته شيطان صفت شيخ الاسلام مخدوم الملڪ به ساڻس گڏ هو. شيخ عبدالله نيازي، جيڪو شيخ علائي جو مرشد هو، اتي رهندو هو. هاڻ مخدوم الملڪ کي موقعو ملي ويو ۽ چيائين، "شيخ علائي جي ننڍي فتني کان ته اڳين ڏينهن جان ڇڏائي سون پر فتنهٔ عظيم اجان تائين موجود آهي ۽ اهو آهي شيخ عبدالله جيڪو علائي جو پير ۽ مرشد آهي". سليم شاهه هڪدم شيخ موصوف کي گهرايو. جڏهن شيخ عبدالله اتي پهتو ته سنئون سڌو بيهي السلام عليڪم ڪيائين. نيٺ سندس خيرخواه سندس گردن جهڪائي چيو ته بادشاهن کي سلام هن طريقي ڪبو آهي. ان تي شيخ گرجدار آواز ۾ چيو "اهو سلام جيڪو سنت آهي ۽ جيڪو اصحاب الله جي رسول ﷺ کي ڪندا هئا سو اهو ئي آهي ۽ ان کانسواءِ مون کي ڪنهن ٻي سلام جي خبر ڪانهي." سليم شاهه کي ان تي سخت ڪاوڙ ۽ سندس اشاري سان سندس فوجين هن الله

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جي عاشق کي اچي لنين، مڪن ۽ لتن سان مارڻ شروع ڪيو، تان جو بيهوش ٿي ويو. جيستائين هوش هئس ته هيءَ آيت پئي پڙهيائين.

﴿رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا ذُنُوبَنَا وَإِسْرَافَنَا فِي أَمْرِنَا وَثَبِّتْ أَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكَافِرِينَ﴾
(اي اسان جا رب، اسان کي اسان جا گناه (بخش) ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان جي بيجا هلت کي بخش ۽ اسان کي ثابت قدم رک ۽ اسان کي ڪافرن جي ٽوليءَ تي فتح ڏي. قرآن 3:147)

سليم شاه مخدوم الملڪ کان پڇيو ته شيخ عبدالله ڇا ٿو چوي، جنهن تي جواب ڏنائين: شمارا و مارا کافر می گوید، يعني توهان کي ۽ اسان کي ڪافر ٿو ڪوني. اهو ٻڌي سليم شاه ننهن کان چوٽيءَ تائين غصي ۾ ونجي ويو ۽ پوءِ ته سندس ملازم تيستائين بزرگ کي ماريندا رهيا جيستائين هو وڃي پنهنجي خالق حقيقي سان نه مليو.

پتو نه آهي ته اهڙن حڪمرانن ۽ علماءِ سُو ڪيترن حق پرستن مٿان ظلم ڪيا ۽ ماراياٿون! جيستائين حق پرست زنده هئا ته هنن ظالمن کين هڪ گهڙي به آرام ڪرڻ نه ڏنو. اسلام کي جهڙو نقصان غلط ديني ۽ دنيوي رهبرن رسايو آهي، تهڙو ڪافرن به نه رسايو. مگر الاهي عاشقن کي، ظالمن جي اطاعت گذار ٿيڻ بجاءِ اهي مصيبتون ۽ موت منظور هو، ان ڪري سڀ ڪجهه صبر سان پئي سنيائون.

بجرمِ عشق اگر کشتی مرا ممنونِ احسانم
گناهِ زاهدِ بیچاره یا رب چیست حیرانم
(جيڪڏهن عشق جي ڏوهه ۾ مون کي قتل ڪيئه ته تنهجو احسانمند آهيان.
يا رب مان حيران آهيان، ان ۾ ويچاري زاهد جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟)

جنهن ظالمانه ۽ ڪڌن طريقن سان الله جي عاشقن کي جيڪي پيڙيو ويو، شهيد ڪيو ويو ۽ سندن خون ناحق وهايو ويو، تنهن جي حد آهي ۽ نه حساب. علامه اقبال هنن خون آشام درندن لاءِ ئي چوي ٿو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪسے خبر کہ سفینے ڈبو چکے کتنے
فقیہہ و صوفی و شاعر کی ناخوش اندیشی

شيخ الاسلام مخدوم الملڪ لاءِ چيو وڃي ٿو ته ايڏي دنيا دولت ۽ سون جمع ڪيو هئائين جو نه صرف گهر جي پيتين ۾ بند ڪرائي رکيو هئائين، بلڪ آبائي قبرن ۾ به لڪائي رکيو هئائين. مگر الله پاڪ طرفان جيڪا هن جي ذلت واري پڇاڙي ٿي سا به عبرتناڪ هئي. ڪيڏانهن ويئي سندس شيخ الاسلامي، ڪيڏانهن ويئي سندس عزت، ساري دنيا وٽ هن لاءِ نفرت ۽ ڦٽڪار ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونه هو.

دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا. (شاهه)

روحانيت جي جنس جيڪڏهن ناياب ناهي ته به ڪمياب ڏاڍي آهي. اڄوڪن پيرن ۾ روحانيت اڻلڀ آهي. ممڪن آهي ته سندن وڏا الله تعالي جا نيڪ ۽ متقي بندا هجن، پر اهي صفتون ته ذاتي آهن، ڪنهن کي ورثي ۾ ڪونه ملنديون آهن. هيءَ سعادت ڪا جائيداد ته ڪانهي جو ورثي ۾ ملي! تنهنڪري اڄوڪو پير ان کي ڪيئن ۽ ڪٿان آڻي سگهندو جا ڪاله الله وارن وٽ هئي؟ هو ته محض پنهنجو پرم رکيو ويٺو آهي. مگر اسان جا ساده لوح مسلمان ان آبائي عقيدت ۾ هلندا ۽ ڦٿڪندا ٿا اچن. اهڙي سادي مريد لاءِ علامه اقبال فرمائي ٿو:

مرید سادہ تو رو رو کے ہوگیا تائب
خدا کرے کہ ملے شیخ کو بھی یہ توفیق

اقبال مسلمانن کي ان ننڊ مان اٿاري کين پنهنجي اصل منصب ٿو ياد ڏياري.

معمار حرم باز بہ تعمیر جہاں خیز
از خوابِ گراں خوابِ گراں خوابِ گراں

(اي حرم جا معمار وري اٿ ۽ دنيا جي تعمير ڪر، گهري ننڊ، گهري ننڊ گهري جي ننڊ مان جاڳ.)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

13

وطن، وطنيت ۽ قوميت

وطن هر انسان کي پيارو آهي ۽ وطن جي عزت ۽ عظمت خاطر هو پنهنجي جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. هڪ پکيءَ کي پنهنجو آکيرو ۽ هڪ فرد کي پنهنجو گهر پيارو آهي ته وطن جي ته ڳالهه ئي نرالي آهي. جنهن سرزمين تي انسان پيدا ٿيو آهي، جتي ساري زندگي پنهنجي اولاد، دوستن ۽ هموطنن سان گذاري ٿو ۽ جنهن مٽيءَ ۾ هو دفن ٿيڻ جي دل ۾ تمنا رکي ٿو، ان لاءِ محبت هڪ قدرتي ڳالهه آهي. عربي ۾ قول آهي ”حب الوطن من الايمان“. يعني وطن جي حب به ايمان جو جزو آهي. فارسي ۾ به حب الوطنيءَ جو اظهار هيئنئن نموني ڪن ٿا:

خاکِ وطن از ملکِ سلیماں

خارِ وطن از سنبل و ریحاں

(وطن جي مٽيءَ حضرت سليمان جي ملڪ کان بهتر آهي،
وطن جو ڪنڊو به سنبل ۽ نازبوءِ جي گل کان بهتر آهي.)

وطن لاءِ حب ته فطري ۽ لازمي آهي، مگر وطنيت ۽ قوميت جا اصطلاح مغربي سياست جي ايجاد آهن ۽ ان سياست ئي دنيا کي جهنم زار بڻائي ڇڏيو آهي. مغربي سياست ۽ سياسي نظريئي مطابق جيڪڏهن هڪ طاقتور قوم ٻي هڪ ڪمزور قوم تي ظلم ڪري، ان جي باشندن کي ذليل ۽ تباهه ڪري، ان قوم جي وسيلن، ذريعن، معيشت ۽ سياست تي قبضو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري، بلڪه جي چاهي ته ان قوم جي سرزمين تي قبضو ڪري ته اهو سندن وطنيت ۽ قوميت جي تصور ۽ تقاضا مطابق جائز آهي ۽ اها وطن جي محبت تصور ڪئي ويجي ٿي.

جيڪڏهن انگريز هندستان تي غاصبانه قبضو ڪن، هندستان جي دولت ڪي لٽين، هندستانين کي جاهل ۽ غيرمهذب سمجهن، ملڪ جي باشندن کي غلام بڻائي رکن ۽ جيڪڏهن انگريزن خلاف ڪو آزاديءَ جو نعرو بلند ڪري ته ان کي ڦاهيءَ چاڙهين يا ڪم ازڪم جيل اماڻيو ته اها آهي مغربي قوميت جي عين تقاضا ۽ اعلىٰ تعليم يافته انگريز به ان تي فخر ڪن ٿا. جيڪڏهن فرانس، اٽلي، هالينڊ، يا پرتگال وارا ايشيا ۽ آفريقا جي ملڪن کي مفتوح بڻائي، پنهنجو بينڪون (colonies) ٺاهين ته اهو به عين وطن پرستي آهي. جيڪڏهن ڏکڻ آفريڪا تي سفيد فام قبضو ڪري، اتان جي باشندن کي مستقل غلام بڻائين ته اهو به قوميت جي تقاضا ۽ موجوده تهذيب ۽ تمدن لاءِ ضروري آهي.

جيڪڏهن آزاديءَ بعد هندستاني حڪومت اخلاق، انسانيت ۽ جمهوريت جا سڀ اصول پائمال ڪري، ليڪا لتاڙي، ڪشمير تي ظالمانه ۽ آمرانه قبضو ڪري؛ وطن پرستي جي نالي ۾ هر شهر، ڳوٺ، گلي، ڪوچي ۾ حريت پسندن، امن پسند شهرين، غريب عوام ۽ معصوم ٻارن جو قتل عام ڪيو وڃي، عورتن جي لڄ لُٽي وڃي، ته پوءِ به هندستان دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت آهي. جيڪڏهن اقوام متحده جي ٺهراءُ کي ڦاڙي ردي جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪري ته ان کان ڪو پڇڻ وارو ڪونهي. جيڪڏهن پنج صديون پراڻي بابري مسجد کي مسمار ڪري ٻن هزار مسلمانن جو ڪوس ڪيو وڃي ته اعلىٰ تعليم يافته هندستاني سياستدانن وٽ اها به عين قوم پرستي آهي ۽ ان تي تنقيد وطن سان غداري.

جيڪڏهن فلسطين تي يهودين کي زوريءَ قابض ڪرائي ۽ اتان جي باشندن کي دربدر خاڪ بسر ڪيو وڃي ته ان کي وطنيت جو جديد نظريو جائز قرار ڏئي ٿي. جيڪڏهن مها طاقتون (super powers) ڪمزور ملڪن مٿان حڪم هلائين ۽ انهن کي غلام ڪري ليڪين ته اهو به جائز آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اِهي آهن مغرب جي تصور مطابق وطنيت، قوميت ۽ نام نهاد جمهوريت جي نالي ۾ شيطاني ڪارروايون جن انسان ذات کي هر طرح سان تباهه ڪيو آهي ۽ تعجب آهي جو ان بعد به وطنيت ۽ قوميت جا ببانگ دهل نعرا هڻي ساده لوح عوام کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. قوميت جو تصور ئي اهو آهي ته صحيح يا غلط مگر منهنجو ملڪ سڀ کان اول. (Right or wrong, my country first.) اسلام حب الوطني جي تلقين ضرور ڪري ٿو پر اسلام هن قسم جي قوميت ۽ وطنيت جو سبق ڪو نه ٿو پاڙهي.

اقبال جو تصور

علامه اقبال کي به وطن سان ايتري ئي محبت هئي جيڪا ڪنهن وڏي ۾ وڏي محب وطن کي هئي. علامه هندستان خلاف سازش ڪندڙن بابت پنهنجي هموطنن کي خبردار ٿو ڪري:

وطن کی فکر کر ناداں، مصیبت آنے والی ہے

تری بربادیوں کے مشورے ہیں آسمانوں میں

هو مير جعفر کي غدار ٿو ڪوٺي، جنهن سراج الدوله سان غداري ڪري، انگريزن سان سازباز ڪري، سون تي سيڻ مٽايا. اهڙي طرح صادق به غدار آهي، جنهن هندستان جي عظيم فرزند ۽ آخري اميد ميسور جي شير ٽيپو سلطان سان غداري ڪري انگريزن کي هندستان جو مالڪ بڻايو. اقبال چوي ٿو ته وطن سان غداري اهڙو ته ناقابل معافي جرم ۽ گناهه آهي جو دوزخ به انهن غدارن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندو. اهڙا جعفر مري نه ويا آهن، مگر سندن بد روح هميشه زنده آهن ۽ وطن لاءِ وڏيڪ خطرو آهن.

که شب هندوستان آيد   مرد جعفر روح او زنده هنوز

الاماں از روح جعفر الاماں   الاماں از جعفران ایں زماں

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

جعفر ۽ صادق جهڙا غدار انسان ذات، دين ۽ وطن لاءِ شرم جو باعث آهن.

جعفر از بنگال صادق از دکن
ننگِ آدم، ننگِ دیں، ننگِ وطن

هندستان جو مشهور ترانو به اقبال ئي چيو هو، جنهن کي هندستاني اڄ ڏينهن تائين ڳائيندا به اچن ٿا ۽ گڏوگڏ اقبال کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا به رهن ٿا.

سارے جہاں سے اچھا ہندوستاں ہمارا
ہم بلبلیں ہیں اس کی وہ گلستاں ہمارا

ظاهر آهي ته اقبال جي رڳ رڳ ۾ وطن جي محبت رچيل آهي، پر وطنيت ۽ قوميت جا مغربي تصور حب الوطني جي هم معنىٰ نه آهن. انهن جو سياسي مفهوم انسان ذات جي محبت ۽ برادريءَ جي برعکس آهي. اسلام ۽ تصوف ته انساني ۽ بين الاقوامي برادري جا علمبردا رآهن. قوميت جو تصور اسلامي اخوت ۽ تصوف جي تعليم جي سراسر خلاف آهي. اقبال جو چوڻ آهي ته پنهنجو مقابلو مغرب جي قومن سان نه ڪريو، ڇاڪاڻ ته انهن جي جوڙجڪ ۽ سندن تصور رسول الله ﷺ واري نظريي جي متضاد آهي.

اپنی ملت پر قیاس اقوام مغرب سے نہ کر
خاص ہے ترکیب میں قومِ رسول ہاشمی

مغربي قوميت ۽ وطنيت جا علمبردار هاڻي حب الوطني جي آڙ وٺڻ لڳا. حالانڪه وطن جي محبت جو نيڪ جذبو ۽ اصول ته اصل کان حاوي هو، مگر هاڻي قوميت جي اهڙي تصور وطني محبت جي جذبي کي به بگاڙي ڇڏيو.

ملڪ جون حدون ڪڏهن گهٽيون آهن ته ڪڏهن گهٽيون. سنڌ ڪڏهن وڃي ڪشمير سان لڳندي هئي، ته هاڻي وڃي سکر جي پرپان پوري ٿي ٿئي. هندستان ڪڏهن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيترن حصن ۾ ورهايل هو، ان تي جدا جدا بادشاهه يا مهاراجا حڪومت ڪندا هئا ۽ اهي خودمختيار ملڪ هئا. جڏهن انگريز پهتا ته ساري هندستان کي فتح ڪري هڪ ملڪ ٺاهيائون، ان حد تائين جو سنڌ، برما ۽ سري لنڪا به ان جو حصو بڻجي ويا. ويهين صديءَ ۾ برما ۽ سري لنڪا الڳ الڳ ملڪ بڻجي ويا.

1947ع ۾ هندستان جي تقسيم ٿي ۽ اهو ٻن ملڪن ۾ ورهائجي ويو. اهڙي طرح دنيا ۾ ڪيترا نوان ۽ ننڍا ملڪ وجود ۾ اچي رهيا آهن ۽ انسان ذات تقسيم ٿيندي ٿي رهي. ان مان ظاهر آهي ته ملڪن جون حدون انسان ٺاهي ٿو ۽ اهي وقت بوقت پيون بدلجن. قوميت ۽ وطنيت جي مغربي فلسفي دنيا ۾ فتنو ۽ فساد ڦهلائي، انسان ذات کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو آهي. اقبال وطنيت جي مغربي مفهوم جي ڪلمه ڪلا مخالفت ڪندي مؤلانا حسين احمد مدني (هندستان جي وڏي ۾ وڏي ديني درسگاه دارالعلوم ديوبند جي مهتمم ۽ عالم) کي 1937ع ۾ هيئين طرح شديد تنبيهه ڪئي جڏهن هن قوميت ۽ وطنيت جي حق ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جي همنوائي ۾ بيان ڏنو:

عجم نداند رموز دیں ورنہ — ز دیوبند حسین احمد ایں چہ بوالعجبی ست
سرود بر سر منبر کہ ملت از وطن ست — چہ بیخبر ز مقام محمد عربی ست
بہ مصطفیٰ برساں خویش راکہ دیں ہمہ اوست — اگر باُو نرسیدی تمام بولہبی است

(عجم کي اڃان تائين دين جي رمزن جي خبر نه آهي، حيران آهيان ته ديوبند مان حسين احمد منبر تان واعظ ٿو ڪري ته قوم وطن مان ٺهي ٿي! ڪيترو نه محمد عربي ﷺ جي مقام کان اڻڄاڻ آهي. پاڻ کي مصطفیٰ ﷺ وٽ پهچاءِ جو اهو ئي ته دين آهي، جي اتي نه پهتين ته ٻي سڀ گمراهي آهي.)

انسان ذات سان پيار

صوفين کي پنهنجي دنيوي وطن سان پيار ضرور آهي، پر حقيقت اها آهي ته اهي الله پاڪ جي ساري جهان جا شهري آهن، ڇو ته ساري ڪائنات الله تعالیٰ جي خلقيل آهي. هو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

رب العالمين آهي، حضور پاڪ ﷺ جن کي رحمت اللعالمين ڪري انسان ذات ڏانهن موڪليو هئائين. الله تعالىٰ انسان کي سندس پيءُ ماءُ کان به گهڻو وڌيڪ پيار ٿو ڪري، پوءِ چاهي ڪهڙي به مذهب ۽ ملت سان واسطو رکندڙ هجي، ڪهڙو به سندس ايمان يا عقيدو هجي، ڪهڙي به سرزمين سان تعلق رکندڙ هجي، ڪهڙي به سندس ذات پات يا رنگ هجي. نه اتي عجمي ۽ عربي جو نه وري ڪاري ۽ گوري جو ڪو فرق آهي.

سچا صوفي خدا مست آهن، پوءِ اهو عارف رومي هجي يا شاهه صاحب، ٻنهي جو طريقو به الله وارو آهي ڇو ته هو الاهي محبت ۾ مستغرق آهن. مؤلانا روميؒ جو تصور هيٺين شعرن ۾ ايترو چٽو آهي، جو ان لاءِ ڪنهن شرح جي ضرورت ئي ڪانهي:

چه تدبیر اے مسلماناں کہ من خود رانمی دانم — نہ ترسا نہ یہودیم نہ گبرم نے مسلمانم
نہ شرقیم نہ غربیم نہ بریم نہ بحریم — نہ از کان طبیعم نہ از افلاک گردانم
نہ از ہندم نہ از چینم نہ از بلغار سقسینم — نہ از ملک عراقیم نہ از خاک خراسانم
مکانم لامکاں باشد، نشانم بے نشاں باشد — نہ تن باشد نہ جاں باشد کہ من از جان جانانم
دوئی از خود بدر کردم یکی دیدم دو عالم را — یکی جویم، یکی دانم، یکی بینم، یکی خوانم

(اي مسلمانو ڇا معاملو آهي جو مان پاڻ کي به نه ٿو سڃاڻان؛ نه آهيان عيسائي نه يهودي، نه گبر نه مسلمان!
نه اولهه جو نه اوڀر جو، نه بر جو نه بحر جو؛ نه ڪنهن جو پيدا ڪيل، نه وري آسمان مان ئي آيو آهيان.
نه هندستان جو، نه چين جو، نه بلغاريه جو نه سقسينا جو؛ نه عراق مان ۽ نه ئي خراسان جي خاڪ مان.
منهنجو مڪان لامڪان آهي، منهنجو نشان بي نشان؛
نه جسم اٿم نه جان، مان ان مان آهيان جو سڀني جي جان آهي.
جڏهن پاڻ مان دوئي ڪڍي ڇڏيم ٻئي جهان هڪ نظر آيا!
هڪ ڳوليان ٿو، هڪ ئي سڃاڻان ٿو، هڪ ئي ڏسان ٿو ۽ هڪ ئي کي سڏيان ٿو.)

عارف روميءَ جو نعرهءِ مستانه ته توهان پڙهيو؛ ڪير چوندو ته هن جو ڪنهن قوميت ۽ وطنيت سان ڪو واسطو يا وڙ آهي! بس انسانيت ئي سندس سڃاڻپ هئي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

اهڙي طرح شاهه سائين به جتي سنڌ ڙي کي ٿو دعائون ڪري ته ان سان گڏ سڄي عالم کي به! آخر ته هو به روميءَ جو معتقد آهي. هو به انهيءَ منزل جو راهي آهي. هنن جا رستا جدا آهن ئي ڪونه! پيٺائيءَ جي دل تعصب، ڪدورت، نفرت ۽ تنگ دليءَ کان ڪوهين دور آهي.

موٽي ماندائڻ جي، واري ڪيائين وار؛
وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ٿي چوڌار؛
ڪي اٿي ويئيون استنبول ڏي، ڪي مٽيون مغرب پار؛
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار؛
ڪي رمي ويئيون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار؛
ڪي دهلي ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار؛
ڪنهين جي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير ٻڪار؛
ڪنهين اڇي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهار؛
سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار؛
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

انسانيت جي آفاقي نظريي بدران مغرب جا قوميت ۽ وطنيت جا سياسي فلسفا ۽ فڪر ئي ته ساري دنيا ۾ فتني ۽ فساد، گوڙ ۽ گهمسان جي جڙ آهن.اهي دنيا ۽ انسانذات کي ٻجائي ڳنڍڻ جي، انهن ۾ ويڇو وجهڻ ۽ جدائي پيدا ڪرڻ جا سبب آهن. شاهه صاحب ساري عالم کي آباد ڏسڻ ٿو چاهي. شاهه صاحب شاعر به هو ته صوفي به. جڏهن تصوف خود آفاقي آهي ته سندس شاعري به آفاقي آهي. هو مهر ۽ محبت جو پيامبر آهي ۽ ساري جهان جو خير خواهه آهي. انسان ذات لاءِ سندس دل محبت سان ٽمٽار آهي سنڌ کي به دعائون ٿو ڪري ته شل آباد ۽ شاداب هجي پر ٻين ملڪن کي به خوشحال ڏسڻ ٿو چاهي. شاهه صاحب کي ڏک ٿو ٿئي جڏهن ڏسي ٿو ته هن اشرف المخلوقات کي پکين جيتري پروڙ به ڪانهي.

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾؛
پسو پکيئڙن، ماڻهان ميٺ گهڻو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

الله پاڪ جو درويش هميشه سچ ڳالهائيندو آهي، حق جي ڳالهه ڪندو آهي، چاهي ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي، انهيءَ ڪري ڪائنس پنهنجا خواه پراوا بيزار هوندا آهن. بقول اقبال:

درویش خدا مست نہ شرقی ہے نہ غربی   گھر اس کا نہ دلی نہ صفاہاں نہ سمرقند
اپنے بھی خفا مجھ سے ہیں بیگانے بھی ناخوش   میں زہر ہلاہل کو کبھی کہہ نہ سکا قند

انسان ذات مصيبتن ۾، مرضن ۾ ظلم ۽ جبر ۾ ۽ مختلف قسم جي مجبورين ۾ مبتلا آهي، تنهنڪري ان جي خدمت ڪرڻ عين عبادت آهي. جنهن کي انسان ذات لاءِ محبت ڪانهي سو جانور کان بدتر آهي. علامه اقبال کي انهن سان پيار آهي، جن کي خدا جي بندن سان پيار آهي. اسلام تعصب ۽ تنگ دليءَ جي تصور کان ڪوهين ڏور آهي.

خدا کے بندے تو ہیں ہزاروں   بنوں میں پھرتے ہیں مارے مارے
میں اس کا بندا بنوں گا جس کو   خدا کے بندوں سے پیار ہوگا

هنن وٽ انسان ذات جي ڪا تفريق ۽ تميز ڪانهي.

صوفين وٽ وطن جو تصور

الله تعاليٰ هيءَ جهان خلقيو آهي، ان ۾ رهڻو آهي ۽ هتان جي عارضي زندگي به هن جي حڪمن مطابق گذارڻي آهي. پر صوفين کي هن زندگيءَ سان دل بستگي ڪانهي. انسان جو اصل وطن اهو آهي جتان هو آيو آهي، تنهنڪري اتان لاءِ سامان سفر تيار ڪرڻو آهي. جسم ته فاني آهي مگر روح باقي آهي. جڏهن الله تعاليٰ روحن کان پڇيو، "ته ڇا مان توهان جو رب نه آهيان؟" ته روحن جواب ڏنو، "بيشڪ تون اسان جو رب آهين." صوفين جي عقيدي مطابق اسان جو روح پڪاري رهيو آهي ته هو جسماني قيد ۾ بند آهي ۽ هو واپس پنهنجي اصل ڏانهن موٽڻ چاهي ٿو مگر شاهه صاحب جن فرمائين ٿا ته هيءَ پڪار اسان جا ڳاڙها ڪن ٻڌي ڪونه ٿا سگهن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هي ڪن ڳاڙها وڪڻي، ڪن ڪي پيا ڳنيج؛
تنين ساڻ سٽيج، پريان سندي ڳالڙي.

سر مارئيءَ جي بيت جي حقيقت کي هڪڙي سطحي معنيٰ تائين محدود ڪري شاهه کي محدود قوميت ۽ وطنيت جو تنگ لباس پهرائي نه ٿو سگهجي. شاهه صاحب محب وطن ضرور هو پر وطن پرست ڪونه هو. سطحي معنيٰ منزل نه آهي، ڏاڪو آهي حقيقت تائين پهچڻ لاءِ. جيڪڏهن سوچ ۽ سمجهه ان تائين محدود رهندي ته حقيقت تائين رسائي نه ٿي سگهندي. هيءَ شاهه جي حب الوطني آهي نه وطن پرستي!

واجهائي وطن کي، جي ساري ڏيان ساهه؛
بت منهنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاه؛
پرڏيهياڻي پرينءَ ري، ڏار مَ ڏاريجاه؛
ٿذي وسائجانءِ ٿر جي، مٽي مئيءَ مٿاه؛
جي پويون ٿئي پساهه، ته نجاه مڙه ملير ڏي.

علم ادب جي ڄاڻن کي خبر آهي ته شاهه صاحب هڪ عظيم صوفي شاعر هو. فارسيءَ جي شاعر عارف روميءَ سان سندس روحاني لاڳاپو هو ۽ نه ايران جي فردوسيءَ سان جنهن رزميه شاعري ڪئي آهي. شاهه صاحب ته مهر ۽ محبت ۾ اعتبار ڪري ٿو جيئن حافظ شيرازي فرمايو آهي.

ماقصهٔ سکندر و دارا نخوانده ايم
از ما بجز حکايتِ مهر و وفا مپرس

(دارا ۽ سڪندر جو قصو ڪونه پڙهيو اٿسي، اسان کان پيار ۽ وفا کانسواءِ پيو ڪجهه نه پڇ.)

فردوسي ئي دارا ۽ سڪندر جي جنگين جا قصا ”شاهنامي“ ۾ بيان ڪيا آهن ۽ ايراني قوميت جا افسانوي گيت ڳايا اٿئين. پر نه رومي ۽ شاهه پٽائي ان قسم جي شاعري ڪئي آهي. درحقيقت اسان جا ٻئي عظيم صوفي شاعر ڪائنات جي رازن کي قصن ۽ تشبيهن جي ذريعي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

بيان ڪن ٿا. سندن مقصد عوام کي عشقيه داستان ۽ ڪهاڻيون ٻڌائڻ نه آهي. اردو ۽ فارسيءَ جي مشهور شاعر غالب به ائين ئي چيو آهي ته ڪيترو به ڪٿي الاهي مشاهدي جو ڳالهيون ڪجن، تاهم ان ۾ باده ۽ ساغر (يعني ظاهري تمثيلن) جو بيان به ضروري ٿيو پوي.

ہر چند ہو مشاہدہِ حق کی گفتگو
بنتی نہیں ہے بادہ و ساغر کہے بغیر

فردوسي جي جنگجويانه شاعري جو ته رنگ ئي نرالو آهي.

کنوں جنگِ سہراب و رستم
دگرہا شنیدستی ایں ہم شنو

(هاڻي سهراب ۽ رستم جي جنگ جي داستان ٻڌو، ٻيون به ٻڌيون اٿو، هيءَ به ٻڌو.)

بيشڪ رزميه شاعريءَ ۾ فردوسي جو مقابلو ڪو به نه ٿو ڪري سگهي. کيس بجا طور مشرق جو هومر چون ٿا. شايد هومر کان به وڌيڪ هجي، مگر گناهه سندس اهو هو جو مشرق جو هو. ٻي هنڌ چوي ٿو:

چوں خشم آورم شاہ کاؤس کیست   چرا دست یازد بہ من طوس کیست
چرا دارم از خشم کاؤس باک   چہ کاؤس پیشم چویک مشتِ خاک

(جڏهن مون کي ڪاوڙ آئي ته پوءِ شاهه ڪائوس ڇا آهي؟ طوس کي ڇا مجال جو منهنجا هٿ ٻڌي؟ جي ڪائوس ڪاوڙيو ته ڇا ٿيو؟ ڪائوس منهنجي آڏو آهي ڇا؟ رڳو مٽيءَ جي هڪ مٺ!)

ڪائوس بادشاهه هو، جنهن طوس کي موڪليو ته رستم جا هٿ ٻڌي کيس پيش ڪري. پر هن قسم جي شاعري صوفيانه شاعريءَ سان ڪو به واسطو نه ٿي رکي.

جيڪڏهن سڄي سر مان هڪ ٻه بيت ڪڍي پيش ڪبا ته پوءِ شاهه جي شاعريءَ جو مقصد ئي فوت ٿي ويندو. جيڪڏهن سڄو رسالو پڙهبو ته شاهه جي شاعريءَ جي خبر پوندي. يا ڪم از ڪم اهو سر پڙهڻ بعد پتو پوندو. شاهه صاحب نه صرف تصوف جو ڄاڻو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

هو، پر روشن ضمير درويش به هو ته بهترين صوفي شاعر به. روميءَ جي قول مطابق پرينءَ جي حقيقت ٻين جي قصن مان معلوم ڪجي.

خوشتر آں باشد که سرِ دلبراں
گفته آيد در حديثِ ديگراں
(بهتر اهو آهي جو دلبرن جي راز ۽ رمزن جو بيان ٻين جي قصن ذريعي ڪجي.)

شاهه صاحب به اهو ئي رستو اختيار ڪيو آهي. قصا ته عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، ليلان چنيسر، مومل راڻي جا آهن، پر انهن سڀني ۾ پرينءَ جي پچار آهي. ڪهاڻين ۾ ته اهو پرين مجازي آهي پر صوفياڻي حوالي سان اهو محبوب حقيقي آهي. رسالي جي بيتن جون به به معنائون آهي: هڪ ظاهري ٻي باطني. مگر باطني نه رڳو وڌيڪ خوبصورت آهي پر اُها ئي سندس شاعري جو اصل روح ۽ پيغام آهي. شاه صاحب سر مارئي ۾ فرمائي ٿو:

هي هند پيٽيون هاڻ، ساڙيان سپ ڏيهن ري؛
ڪل شيءِ يرجع الى اصله، ٿي جهجان جهانگين ڪاڻ؛
پري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ ملير جو.

مارئيءَ جي سُر ۾ جيڪڏهن ملير جي ڇڪ کي حُب الوطنيءَ جو حوالو بڻايو ويو آهي ته ان جي روحاني تشريح ۾ وري ملير روح جو اصل وطن آهي، عمر نفس آهي ۽ مارئي روح آهي. روح رڙي ٿو ته مان ته نفس جي قلعن ۽ ڪوٽن ۾ بند آهيان، مون کي ڇڏيو ته پنهنجي اصل سان ملان، ڇو ته انهي سان روز الست کان واعدو ڪيل آهي.

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم؛
قالو بلىٰ قلب سين، تڏهين تت چيوم؛
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

قرآن پاڪ ۾ آهي ته هر انسان پنهنجي اصل ڏانهن ورندو. ان اصل کي شاهه صاحب ظاهراً ته ملير جو روپ ڏنو آهي، مگر اهو حقيقتاً روح الاَرواح آهي، جيڏانهن جي روح کي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڇڪ آهي. هيءَ دنيوي زندگي ته چند ڏينهن جي آهي. شاهه صاحب ان اصل وطن جي حديث وري وري پئي دهرائي آهي.

سسئي واري داستان ۾ شاهه صاحب وطن جي وڌيڪ وضاحت ڪئي آهي. جڏهن پنهون ڪيچ مڪران ڇڏي اچي ڀنڀور ۾ رهي ٿو ۽ سسئيءَ سان شادي ٿو ڪري ته هو ڏاڍو خوش آهي ۽ ڪانئس پنهنجو پيءُ، ڀائر، مٽ مائٽ ۽ خود وطن به وسري ٿو وڃي. ڇو ته سندس پرين ڀنڀور ۾ آهي. پنهنجي ظاهري وطن ڪيچ مڪران تي حڪومت ڪرڻ کان وڌيڪ ڀنڀور ۾ ڪپڙا ڌوئڻ پسند ٿو ڪري جتي سندس محبوب آهي. وري جڏهن پنهونءَ کي سندس ڀائر ۽ جت ڀنڀور مان ڪڍي مڪران راهي ٿين ٿا ته سسئي به ڀنڀور ۽ پنهنجي وطن سنڌ کي الوداع چئي، سُکن واري دنيا ڇڏي، ڪيچ مڪران ڏانهن پنهنجي پرين پنهل جي ڳولا ۾ نڪري ٿي. ان عشق جي راه ۾ سب ڏک، اهنج ۽ مصيبتون اکين تي رکي پنهل کي هٿ ڪرڻ لاءِ برپٽ ۽ جبلن ڏانهن رواني ٿئي ٿي. هيءَ نازڪ، نفيس ۽ پاڪدامن عورت پنهنجي ساهيڙين کي چوي ٿي ته مون سان ڪا به نه هلي، ڇو ته رستي جو رڻ، رڃ ۽ مصيبتون ڏسي متان منهنجي پنهل کي ڪو پاراتو ڏئي. هوءَ پنهنجي محبوب خلاف هڪ لفظ به ٻڌڻ گوارا نه ٿي ڪري:

سرتيون! سڄي سڄ، متان ڪامون سين هلي؛
پاڙي ناهه، پند گهڻو، اڳيان رائو رڳي رڃ؛
متان مري اڄ، ڪا ڏئي پاراتو پرينءَ کي.

هاڻي سندس وطن ڀنڀور هن لاءِ زهر آهي. آخر پرينءَ کانپوءِ هن ڀنڀور ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ اتي ته دوزخ جي دونهي کان علاوه ٻيو ڪجهه به ڪونهي.

پينر هن ڀنڀور ۾، دوزخ جو دونهون؛
برو هو ڀنڀور، جو آرياڻي اجاريو؛
هيڏا ٿين هاڃا، ٻري هن ڀنڀور ۾.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

پينڊ پنهوران، پڇو تان ابهو؛
اڳي ان ماڳان، سرتين سور پرائيا.

مطلب ته اصل وطن ۽ ماڳ اهو آهي جتي پرين آهي. صوفين جو اهو عقيدو آهي ته الله سان قرب ئي جنت آهي ۽ دوري دوزخ ۽ اها ئي حقيقت رومي ۽ شاه سائين قصن، ڪهاڻين ۽ رمزن ذريعي بار بار ورجائي سالڪين حق کي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مثنوي ۽ شاهه جو رسالو ته بحر بي ڪنار آهن پر پاڻي جي مٿاڇري کي نگاهن جو مرڪز يا حد نه بڻايو، بلڪ ان ۾ غواصي ڪري تهه ۾ پهچندؤ ته پوءِ ئي حقيقت کلندي. عام مثال ئي ونو، سِپ ٻاهران ته ڪجهه به نه آهي، پر ان کي جيڪڏهن کولبو ته منجهانئس بي بها موتي ملندو. عارف روميءَ جو چوڻ آهي ته:

حرفِ قرآں را مداں کہ ظاہر است   زیر ظاہر باطنی ہم قاہر است
زیر آں باطن یکی بطنی دیگراست   خیرہ گردہ اندروں فکر و نظر

(قرآن پاڪ کي ائين نه سمجهو جيئن ظاهر آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي اندروني معنيٰ وڌيڪ غالب آهي. ان جي اندر هڪ ٻيو خزانو آهي، جنهن کي ڏسي سوچ ۽ سمجهه حيران ٿي وڃن ٿا.)

اسان نه سمجهون ته اها جدا ڳالهه آهي، مگر هي ٻئي بزرگ اسان کي اسان جي مجازي سوچ مطابق سمجهائين ٿا، جيئن استاد شاگرد کي. صوفين جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ اسان کي انهن جي گهراين ۾ وڃڻو پوندو، نه ته انهن جي اصل سوچ، فڪر، مقصد ۽ معنيٰ جي خبر نه پوندي.

عارف رومي هن جهان کي هڪ قيدخانو تصور ڪري ٿو ۽ بار بار چوي ٿو ته هن قيدخاني مان پاڻ کي آزاد ڪرايو:

ایں جہاں زندان و ما زندانیان
حضرہ کن زندان و خودرا وارہان

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com

(هيءَ دنيا هڪ قيدخانو آهي جنهن منجهه اسان بندي آهيون، پاڻ کي بچاءِ ۽ ان قيد مان آزاد ٿي.)

صوفين وٽ وطن جو مقصد ئي اهو وطن آهي جتان هو اصل آيو آهي. فارسي شاعر ڪهڙي نه خوبصورت انداز ۾ ان جو اظهار ڪيو آهي.

اين وطن مصر و عراق و شام نيست
اين وطن آنست او را نام نيست

(هيءَ وطن مصر عراق ۽ شام ناهي، هي وطن اهو آهي جنهن جو ڪو به نالو ڪونهي.)

حقيقت ۾ هيءَ سارو معاملو عشق جو آهي. عاشق رسول ﷺ حضرت سلمان فارسيءَ کان جڏهن سندس حسب نسب ۽ شجرو پڇيائون، تڏهن جواب ڏنائين، ”سلمان ابن اسلام ابن اسلام ابن اسلام!“ جڏهن عربي ۽ عجمي جو فرق ئي اسلام ڪڍي ڇڏيو، ته پوءِ هنن وٽ حسب نسب ۽ شجرا بي معنىٰ آهن. صوفين جي راهه ته عشق جي راهه آهي، ڪٿي به حسب نسب کي جاءِ ڪانهي. مشهور صوفي شاعر مؤلانا جاميءَ خوب فرمايو آهي:

بندهٔ عشق شدی ترک نسب کن جامی
کاندریں راه فلاں ابنِ فلاں چیزی نیست

(جڏهن عشق جو غلام ٿي وئين ته حسب نسب کي ترڪ ڪر جامي؛
هن راهه ۾ فلاڻو پٽ فلاڻي جو ڪا اهميت نه ٿو رکي.)

اتي خانداني ۽ قوميتي فخر کي پچندا ئي ڪونه، ڇو ته اهي به هڪ قسم جا بت آهن. اتي نيڪ عملن کي ڏسندا جيئن الله پاڪ فرمايو آهي:

﴿اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰكُمْ﴾

(الله وٽ سڀ کان عزت وارو اهو آهي جو تقوىٰ رکي ٿو. قرآن 49:13)

ڪونه پچندا ذات، جو وهي سو لهي. (شاهه)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



سنڌ ادبي اڪيڊمي

عبدالغفور ڀرڳڙي، جنوري 1921ع ۾ ڳوٺ غلام نبي ڀرڳڙي تعلقي شهدادڪوٽ ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم شهدادڪوٽ، ميٽرڪ مدرسہ اسڪول لاڙڪاڻو، گريجوئيشن سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور جي شاگرد جي حيثيت ۾ بمبئي يونيورسٽي مان ۽ ايم اي، ايل ايل بي مسلم يونيورسٽي عليگڙهه مان ڪيائون. 1947ع ۾ وڪالت شروع ڪيائون ۽ گڏوگڏ سماجي ڀلائي واري ڪمن ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺندا رهيا. ڪجهه عرصي بعد لاڙڪاڻي ۾ انصاف اخبار جاري ڪيائون، جنهن جو ايڊيٽر جمال الدين بخاري هو.

1953ع ۾ لاڙڪاڻي ميونسپالٽي جا صدر منتخب ٿيا، جنهن ذميواري کي پنج سال ساندهه خير خوبي سان نڀايائون. 1947ع ۽ 1956ع ۾ جمعيت شعراءَ طرفان سڏايل آل سنڌي ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنائون. 1966ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر منتخب ٿيا. 1977ع کان 1982ع تائين لاڙڪاڻي جي جناح سٽيزن ڪلب جي صدر جي حيثيت ۾ پڻ رهيا. يونيورسٽي ۾ پڙهائي واري زماني کان وٺي قائداعظم محمدعلي جناح جي رهبري ۾ پاڪستان تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن ٿي رهيا. 1977ع ۾ شهدادڪوٽ ميرو خان تڪ مان سنڌ اسيمبلي جا ميمبر منتخب ٿيا. 1978ع کان 1987ع تائين جمهوريت جي جدوجهد ۾ پنج ڀيرا جيل ياترا ڪيائون. 1983ع ڌاري اقوام متحده ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪيائون. جون 1984ع کان فيبروري 1985ع تائين سنڌ حڪومت ۾ روينيو ۽ ثقافت کاتن جا وزير ٿي رهيا.

ع غ ڀرڳڙي پنهنجي سياسي زندگي جو آغاز مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان شروع ڪيائون ۽ ان کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين PPP جا سرگرم اڳواڻ آهن. قائد اعظم ۽ قائد عوام سان محبت ۽ عقيدت جي نتيجي ۾ "سات ڏٺي سرواڻ" (قائد اعظم متعلق) ۽ "فالڪن آف پاڪستان" (قائد عوام متعلق) گران قدر علمي ۽ تحقيقي نوعيت جا ڪتاب لکيا اٿن. "زندگي جو سفر" سندن ٻيون اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ تصوف جي حوالي سان رومي، شاهه لطيف ۽ اقبال جي ڪلام جو مطالعو ڏنو ويو آهي. تصوف جي موضوع تي سنڌي ۾ هن ڪتاب جي بنيادي حيثيت آهي.

بعد از وفات تربتِ ما در زمیں مجو
در سینہ ہائے مردم عارف مزار ماست
رومی

اسان جي وفات بعد اسان جي قبر زمين اندر نہ ڳولجو
جيڪي الله تعاليٰ جا ولي آهن انهن جي سينن ۾ اسان جي تربت آهي